# چتر بولي چارڻان

پارومل امراٽي سوٿهڙ

سَتي جتي سُور وِير، سنپيو سُت ويچار،
چارڻ رڻ ڪلر نهين، چارڻ ويد اُچار!

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: چتر ٻولي چارڻان
ليکڪ: ڀارو مل امراڻي سوٿهڙ
ڇاپو پهريون: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2018
لي آئوٽ: امتياز علي انصاري
ٽائيٽل ڊزائن: نعيم ديسوالي
ڇپيندڙ: نيو انڊس پرنٽنگ پريس
ڇپرائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت: 300/- رپيا

ملڻ جو هنڌ
**ڪلچر ڪتاب گهر**
سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي، سنڌ. 77400
فون: 021-99206073

# چتر ٻولي چارڻان

(چارڻن جي ڈاهپ پري لوڪ شاعري)

ليکڪ
**ڀارُو مل اَمراڻِي سُوٿهڙ**

**ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ**

الله جي آس ڪري، هَليو هِٿائِين،
چارڻ ٻَڌا چنگ کي، جهُوڙا ۽ جهائين،
ڏولِي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
سڀاجها سائين، راءِ ريجهائج راڳ سين.
(شاه لطيف)

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، آرڻ جا اُڏما،
ڳُوپا، ڪنڌَ، ڪٽاريون، راتين جا راڙا،
ٻول ٻُريا چا چا، جاجڪ! تنهنجي جيءَ مان!

—

اهو چنگ چارڻ امانت اٿئي،
متان سر سوا ٻيون ڪرين ڪي صدائون
(شيخ اياز)

# ارپنا

جيجل امان
۽
بابا سائين ڪانجي
جي نانءُ!

# فهرست


پبلشر پاران ........ 12
مهاڳ ........ 14
لوڪ ادب جي سهيڙ ۽ پارومل امراڻي ........ 14
ليکڪ پاران ........ 18


## باب پهريون


’چارڻ‘ ذات جو بُڻ بنياد ........ 24
’چارڻ‘ لفظ جي معنيٰ: ........ 24
چارڻن جو شجرو ۽ تاريخ ........ 25
چارڻن جون ريتون رسمون ........ 33
چارڻن جي ڪجھ قبيلن جو اسلام قبول ڪرڻ ........ 35
چارڻن جي ڪِرت ۽ سماج ۾ اهميت ........ 36
ٿر ۽ عمرڪوٽ ۾ چارڻن جو ڳوٺ ........ 39


## باب ٻيو


چارڻ شڪتيون ۽ موتيسرا چارڻ ........ 42
پورن ۽ نيمتي شڪتي: ........ 42
آوڙ ديوي ........ 43
ڏيول ديوي ........ 48
وڙوڙي شڪتي ........ 49
ساهو ستي ........ 50
جومان ستي ........ 51
ڏيمان ستي ........ 52
چارڻن جا چارڻ موتيسرا ........ 53






## باب ٽيون


چارڻ ڪوِين جي شاعري (مختصر جائزو) ........ 56
چارڻن جي شاعريءَ جي ٻولي ........ 62
چارڻن جي مزاحمتي ڪوتا ........ 62
انگريزن خلاف پارڪرين جي بغاوت ۽ چارڻن جي رزميه ڪوتا ........ 66
چارڻ ڪوين جي رومانوي شاعري ........ 79
چارڻن جي مزاحيه شاعري ........ 100
چارڻن جي شاعري ۾ ’سچ گو‘ جا مثال ........ 101
چارڻن جي شاعريءَ ۾ دعا ۽ پِٽ جو ذڪر ........ 102
چارڻ، راڳ ۽ ساز جا ڄاڻو ........ 105
چارڻن جي شاعري جون صنفون ........ 106
سورٺيي جو مثال: ........ 107


## بابت چوٿون


مکيه چارڻ شاعرَ ........ 110
سمنگ چارڻ ........ 110
لال ٻارٺ ........ 121
اجلي چارڻياڻي: ........ 127
ڪوي پينگڙ ........ 133
جنف چارڻ ........ 134
جمن چارڻ: ........ 136
جمن چارڻ (ننڍو) ........ 138
ميان حسين چارڻ: ........ 138
ڪوي ڪلول چارڻ: ........ 139
سارنگ ڏر: ........ 155
سيٽل چارڻياڻي: ........ 156
شيو داس چارڻ: ........ 164

آشانند عرف آسو جي: ........ 165
ايسر داس: ........ 166
گرڌر: ........ 174
ڏونگري سِيِ: ........ 174
ڪوي پرڏان: ........ 174
ڪرپارام: ........ 174
سورج مل چارڻ: ........ 179
سروپ ڏان ........ 181
بانڪيداس آسيہ: ........ 182
مهوڙ جي چارڻ: ........ 183
آدو ڏراسوا وڏا: ........ 184
ڪرشن جي چارڻ: ........ 185
ڪيسري سنگهہ ٻارٺ: ........ 186
ٻُڌاجي: ........ 187
ڪوي رڻ چوڙ ڏان: ........ 187
چمن جي چارڻ: ........ 189
ريوت ڏان: ........ 192
شري ورجمل چارڻ: ........ 193
ڏرس ڏان چارڻ: ........ 194
سورو چارڻ: ........ 196
جڳاجي چارڻ: ........ 197
پريو ڏان چارڻ: ........ 198
جوجهاڏان چارڻ: ........ 200
ڪوي ڪمڏان چارڻ: ........ 204
ڪوي ستيڏان چارڻ: ........ 205
ڪوي روپ ڏان: ........ 206
ڪوي جوو ۽ جالم ڏان: ........ 208
ڪوي ڏيارام چارڻ: ........ 209





ڪيوانچل ڏان: ........ 210
ڪوي ڪيتي ڏان: ........ 212
صدر الدين چارڻ: ........ 214
سليمان چارڻ: ........ 215
ڪوي ڪيلاش ڏان لاس: ........ 216
ڪوي اجت ڏان چارڻ: ........ 218
پروفيسر شڪتيڏان ڪويا چارڻ: ........ 219
ڪوي هيمڏان چارڻ: ........ 221
عاشق دادوي: ........ 224
محمد اسماعيل چارڻ: ........ 224
عبدالشڪور چارڻ: ........ 224
ڪوي پور ڏان چارڻ: ........ 224

## باب پنجون

چارڻ ڪوين جي شاعريءَ جا لوڪ ڪردار ........ 226
رٹمل جا دوها: ........ 226
واگهجي جا دوها ۽ سورٺا: ........ 235
لاکي ڦلاڻي جي جنم ڏينهن جو دوهو: ........ 242
جيسي قادواٽي جا دوها ۽ سورٺا: ........ 243
چندر راڻ جا دوها ۽ سورٺا: ........ 244
ڏيسڙ جا ڙيجي جا سورٺا: ........ 244
لچي سوتهڙ جا دوها ۽ سورٺا: ........ 245
ڪاٺڙي خان ۽ جلال خان جا دوها: ........ 246
جوجهار سنگهہ جا دوها ۽ سورٺا: ........ 247
رامي ٻوچيئي جو سورٺيو ........ 248
جئهليو سمي جو دوهو ........ 248
لاڏو ۽ لکمڻ ڪولهي جو دوهو ........ 249
ڪيسر ڪولهڻ جو دوهو ........ 249
مدي ڪتاب ۽ ماٺهو: ........ 250

# پبلشر پاران

سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي پاران ٿر جي لوڪ ادب کي شايع ڪرڻ جو سلسلو صوبائي وزير ثقافت سيد سردار علي شاهه جي خصوصي هدايتن تي شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پارومل سوٿهڙ جو هڪ ڪتاب ڪوي بانيڪيداس جي ترجمو ڪيل شاعري جو ڪتاب، اڳي ڇپجي چڪو آهي. ان سان گڏوگڏ هي ٻيو ڪتاب "چتر ٻولي چارڻان"، اوهانجي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ وڏي محنت ڪري 'چارڻ' ذات جو بُڻ بنياد، 'چارڻ' لفظ جي معنيٰ، چارڻن جو شجرو ۽ تاريخ، چارڻن جون ريتون رسمون، چارڻن جي ڪجهه قبيلن جو اسلام قبول ڪرڻ، چارڻن جي ڪِرت ۽ سماج ۾ اهميت، ٿر ۽ عمر ڪوٽ ۾ چارڻن جو ڳوٺ، چارن شڪتيون ۽ موتيسرا چارڻ، پورن ۽ نيمتي شڪتي، آوڙ ديوي، ڏيول ديوي، ساهو ستي، جومان ستي، ڏيمان ستي، چارڻن جا چارڻ موتيسرا، چارڻ ڪوِين جي شاعري، چارڻن جي شاعريءَ جي ٻولي، چارڻن جي مزاحمتي ڪوتا، انگريزن خلاف پارڪرين جي بغاوت ۽ چارڻن جي رزميه ڪوتا، چارڻ ڪوين جي رومانوي ۽ سبق آميز شاعري، چارڻن جي مزاحيه شاعري ۽ چارڻن جي شاعري ۾ سچ گوئي جا مثال، چارڻن جي شاعريءَ ۾ دعا ۽ پِٽ جو ذڪر، چارڻ، راڳ ۽ ساز جا ڄاڻو چارڻ، جي شاعري جون صنفون، سورٺيي جو مثال وارن عنوانن کان سواءِ، مکيه چارڻ شاعرَ، سمنگ چارڻ، لال ٻارٺ، اجلي چارڻياڻي، ڪوي پينگڙ، جنف چارڻ، جمن چارڻ، جمن چارڻ (ننديو)، ميان حسين چارڻ، ڪوي ڪلول چارڻ، سارنگ ڏر، سيڻل چارڻياڻي، شيو داس چارڻ، آشانند عرف آسو جي، ايسرداس، گرڏر، ڏونگري سِي، ڪوي پرڏان، ڪرپارام، سروپ ڏان، بانڪيداس آسيه، مهوڙ جي چارڻ، آدو ڏراسو اوڏا، ڪرشن جي چارڻ، ڪيسري سنگهه بابت تفصيلات ڏيئي وڏو ادبي پورهيو ڪيو آهي.

هن ڪتاب ’چترٻوليچارڻان‘ جي اشاعت سان سنڌ جي لوڪ ادب جي تاريخ ۾ نهايت اهم اضافو ٿيندو. چاڪاڻ هن موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ۾ ڪو ٻه ڪتاب نه آيل آهي. هن ڪتاب ۾ چارڻن جي لوڪ شاعري سان گڏ چارڻن جي ريتن رسمن ۽ عقيدن بابت تفصيل سان لکيو ويو آهي. ساڳئي وقت چارڻن جي اهم رُخن کي هن ڪتاب ۾ سٺي نموني بحث هيٺ آندو ويو آهي. مشهور چارڻ ڪوي سمنگ چارڻ، جمن چارڻ بابت نهايت خوبصورت طريقي سان لکيو ويو آهي. موجوده وقت ۾ چارڻن جي لوڪ شاعري جي حوالي سان ڪوي هيمڏان چارڻ وڏو ڄاڻو آهي. ليکڪ هيمڏان سميت مختلف سگهڙن کان حال احوال ورتا آهن. انهيءَ سان پڙهندن کي نهايت اهم ۽ منفرد معلومات حاصل ٿئي ٿي. سچ پچ ته اهم موضوع وارو هي ڪتاب پڙهندڙن جي لاءِ لوڪ شاعري ۽ ثقافتي پهلو کي سمجهڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو.

يقينن اها هڪ حقيقت آهي ته چارڻ سنڌي ڪنڌ جي قصن ڪهاڻين ۽ داستانن جو اهم حصو رهيا آهن. ۽ لوڪ ادب جي صنف ۾ چارڻن جو ٻه وڏو حصو آهي. ٻيجل چارڻ کان وٺي سمنگ چارڻ تائين مختلف ڪردارن تي سنڌي ادب ۾ تذڪرو ته ٿيندو رهيو آهي. پر پارو مل هن ڪتاب ۾ انهن سمورن جو تفصيلات ڏيئي سنڌي ادب ۾ واڌارو آندو آهي.

مون کي اميد آهي ته سنڌ جا با شعور پڙهندڙ هن ڪتاب جي دل سان آجيان ڪندا، ته جيئن هن قسم جا مفيد سلسلا اڳتي وڌندا رهن.

**غلام اڪبر لغاري**
سيڪريٽري ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومت سنڌ، ڪراچي
اپريل 2018





# مهاڳ

## لوڪ ادب جي سهيڙڻ ۾ پارو مل امراڻي

لوڪ ادب”جيڪو اسان جي مٽيءَ جو ادب آهي اُن مان صدين جي ساهت جي سرهاڻ اچي ٿي، ثقافتي طور تي شاهوڪار خطن جي شاهدي ملي ٿي، مور پنکن جهڙي تهذيب جا رنگ نروار ٿين ٿا، مهذب خِطن جي ماڻهن جي سماجي زندگيءَ جي تصوير چِٽي ٿي سامهون بيهي ٿي. انهيءَ لوڪ ادب ۾ موجود من مرياده، محبت ۽ سچيتائي جو پيغام، ڌرتيءَ جو گيت ٻڌجي وقت جي پولارن ۾ گونج پيدا ڪندو رهيو آهي.

نئيدي ڪنڊ جي وڏي ريگستان جو سماجي، ثقافتي ۽ تهذيبي سنگم صدين کان رهيو آهي. پوري ريگستان جي مختلف علائقن جي رهواسين جي رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي سرشتو پاڻ ۾ گهڻو ميل کائي ٿو. لوڪ ادب، لوڪ رقص، لوڪ شاعري، ٻولي ۽ لباس هڪٻئي سان جُڙيل آهن.

ريگستان جي لوڪ ادب جي ڏيهان ڏيهه هاڪ رهي آهي. ڳالهه لوڪ ادب يعني فوڪ لور جي ڪبي ته، اُن ۾ چارڻ قبيلو سرِ فهرست نظر ايندو. جنهن پنهنجي ذات جي ڏانءُ سان هر دور جي اتهاس کي دوهن، گيتن ۽ چند وديا جي ٻين صنفن ۾ سمائي، آئيندي جو آئينو ٻڌائڻ جي جستجو ڪئي آهي.

ٿرپارڪر جي اتهاسڪ خطي ۾ ٻه چارڻ قبيلي سان تعلق رکندڙ اهڙا انيڪ ڪوي ٿي گذريا آهن. جن فطرت جي ڪمال آرٽ، ڏاهن جي ڏاهپ، بهادرن جي ٻيباڪي، اصول پرستن جي اصول پرستي، راجپوتي رس رهاڻين، املهه گُڻن ، سخي مردن جي سخاوت ۽ انساني سونهن جي

جلوه گريءَ کي بيان ڪري پنهنجو نانءُ تاريخ جي ڪئنواس تي هميشه هميشه لاءِ چٽي ڇڏيو آهي. چارڻن جي اها شاعري جيڪا اسان جي ماضي جي شاندار روايتن، اصولن، اخلاقن ، انساني خصلتن، سماجي سڀاڃن، حسن جي رنگن روپن، نازن ۽ اندازن جو داستان آهي، جيڪا ماضيءَ جي باوقار رعنايين سان گڏ مستقبل جو تعين ڪندڙ به آهي. اها شاعري جيڪڏهن ڪي مت جا موڙهيا نقاد درٻاري شاعريءَ جي اجائي الزام هيٺ رديءَ جو ڪاغذ سمجهي وقت جي ٻست بن حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته اهو ڪيڏو نه الميو ٿيندو.

انهن خوبصورت ڪوين جي ڪوتائن کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ۾ آڻي پڙهندڙن تائين پهچائڻ وارو انتهائي ساراه جوڳو ڪم، اسان جو پيارو دوست، ٿر جو ناميارو ليکڪ، شاعر ۽ محقق، پارو مل امراڻي سر انجام ڏئي رهيو آهي. سندس هيءُ ڪتاب 'چتر ٻولي چارڻا' هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ چارڻ قبيلي تي تحقيق سان گڏ مخلتف چارڻ ڪوين جي شاعريءَ کي سهيڙي، تشريح سان ڇپايو ويو آهي.

پارو مل امراڻي، پنهنجي سڀاءُ، سوچ ۽ ڳالهين ۾ هڪ آرٽسٽ آهي. هن فقيرتن ۽ دل جي درويش ماڻهو، چارڻن جي وکري شاعريءَ کي ڳولي، سُوڌي سنواري، معنيٰ ۽ مفهوم جو سُٺ سلجهائي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. چارڻن جي چتر ڪوتائن کي ڳوليندي سندس دل به چارڻ ٿي پئي آهي. هن لوڪ ادب سان عشق ڪيو آهي، ان ڪري ئي منجهس عميق احساس ڳَر ڪنيو آهي. هو گذريل ڪيتري عرصي کان ڏيهه کي ڏوري، لوڪ ادب جي پارکو ماڻهن سان ملندو ۽ ڪائنئن معلومات حاصل ڪندو رهيو آهي.

پارو بنيادي طور تي شاعر آهي. پر ڪيس لوڪ ادب جي پروڙ والدين کان ورثي ۾ مليل آهي. انهيءَ ڪري لوڪ ادب جي موتين کي گڏ ڪرڻ جي جستجو سندس اندر ۾ هميشه رهي آهي. ان ڪري هن ڍٺ جي





ڍاٽين، ڪاٺڙ جي ڏهرن، سامروٽيءَ جي سيمن، وٽ جي رڻ ڪنڌيءَ کان ويندي پائر ۽ پارڪر جي پُٽن تائين لوڪ ادب، خاص ڪري لوڪ شاعريءَ کي سهيڙڻ لاءِ پنڌ ڪيا آهن. تڏهن وڃي مخلتف ڪوين جي وکريل ذات کي سهيڙي سگهيو آهي ڳالهه جذبي ۽ عشق جي هوندي آهي. ڪيترائي ماڻهو شوقيه طور هن فيلڊ (لوڪ ادب جي تحقيق) ۾ ايندا ته آهن، پر ڪو خاطر خواه نتيجو ڏئي نه سگهندا آهن، پر پاروءَ پنهنجي شاعراڻه دل جي اسرار تي انهي املهه اثاثي کي گڏ ڪرڻ جو ڪم اورچائيءَ سان ڪيو آهي. پارو مل امراڻي جي لاءِ اها وڏي مڃتا آهي ته چارڻي ادب ۾ هن دور جو اهم نالو ڪوي هيمڏان چارڻ پارو مل جي هن پورهئي سان پيار ڪندو آهي. پارو مل 'چارڻن جو چارڻ موتيسرو' ٿي لکيو آهي.

پارو مل ذاتي زندگيءَ ۾ منهنجي تمام گهڻو ويجهو رهيو آهي. اسين سوين ڀيرا گڏجي ٿهڪن ۾ ٽڙيا آهيون ته گڏجي هڪ ٻئي جا اسان لڙڪ به اگهيا آهن. ناشاد سمون، ساگر خاصخيلي، اياز رضوي، دليپ ڪوٺاري ۽ گل گوماڻي سميت ڪيترائي دوست، اسان جي محبت جي مالها جا موتي رهيا آهن. اسين سڀ هڪ ٻي کان سواءِ اڌورا آهيون. پارو مل جي پيار ڀرئي ڪردار جي ڪري سڀ احترام ڪندا آهيون. منهنجي هن وڏي ڀاءُ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي منڙي ليکڪ ۽ شاعر وٽ سڀ ڪجهه محبت آهي. محبت جا املهه موتي جهان جي جواهرين وٽ هن وڏي اعتماد سان رکيا آهن.

**شهاب نهڙيو**

ڳوٺ گونگيو ٿرپارڪر

Blacnk page16



# ليکڪ پاران

چارڻ قبيلو اسان جي سماج جو اهم حصو رهيو آهي. انهي ڪري چارڻ ڪوين ۾ پلا پنور بہ پيدا ٿيا آهن تي ڍلا ڍول بہ جنميا آهن. پر مجموعي طور تي چارڻ ڪوين سچ جو ساٿ ڏنو آهي، انسان دوستيءَ جي ورتاءُ کي اپاريو آهي. وطن پرستيءَ جي ويچارن کي وڌايو آهي. پريت جي پڪارن کي گونجايو آهي رچناڪر جي روپ ۾ باغي آرٽس طور خاموش خودڪشي نہ ڪئي آهي. تخليقي تجلن سان جيون کي جرڪايو آهي. پر وقت جي ستم ظريفي ۾ چارڻي ادب جون ڪيتريون ئي سگهاريون تخليقون گم ٿي ويون جنهن جي ڪري روايتن جي روشني ۾ چارڻي فن ۽ فڪر جو صديون پراڻو ناتو جوڙڻ ۾ وڏي مشڪلات ٿئي ٿي. چارڻ ڪوي جو نالو ڪڍڻ /ياد رکڻ جي بدران عام طور اسان وٽ رڳو ذات کي ڳڻڻ واري روَش بہ وڏو نقصان ڏنو آهي. انهن سببن جي ڪري ڪٿي چارڻ ڪوي جو جيون خاڪو ملي ٿو پر نموني طو رتي هن جي شاعري ڏيڻ ۾ ڏکائي ٿئي ٿي تہ ڪٿي شاعري ملي ٿي پر ڪوي جو نالو نامعلوم آهي. چارڻي تخليقن تي تحقيق دوران مون اوجاڳن جون ڏکهيون راتيون ڪٽيون آهن. روح جي رقص ۾ رهندي جسم جي ورزش وساري پورو ڏينهن ذات ۽ ڏانءُ تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي گذاريو آهي. ڪتبخانن کان وڌيڪ مون کي اوطارن/اوتارن مان مواد مليو آهي. رڳو ڪنهن کي تنها تنها ڳولي ٿڪجڻ عذاب نہ آهي، پر تنها تنها لکي ٿڪجڻ بہ ماري وجهندو آهي. مون جڏهن بہ پاڻ کي لوڪ ادب تي لکندي ٿڪل ٽٽل

محسوس ڪيو آهي. تڏھن محبت جي گلابي ھٿن جي شفقت مون کي تازو توانو ڪيو آهي. پيار جي پاٻوھ ۾ عشق جي اجري مُک مان اتساھ وٺي وک اڳتي وڌائي آهي. مون ’چتر ٻولي چارڻا‘ تي ڪم 2004ع ۾ شروع ڪيو ھو. نوجواني جي عمر جا حسين ڏھاڙا مون ھن ڪتاب جي تحقيق کي ڏنا آھن ’چتر ٻولي چارڻان‘ ھڪ وڏو موضوع آهي. جنھن جو سنڌي ٻولي ۾ علمي ادبي جائزو وٺڻ جي مون ھڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي. آئون انھي سان ڪيترو نڀائي سگھيو آھيان!؟ ڪا وڏي دعويٰ نہ ٿو ڪريان پر ايترو ضرور چوان ٿو تہ ان موضوع جي حوالي سان تحقيق جي بنيادي تاريخ ۾ مون پنھنجي حصي جو پورھيو شامل ڪيو آهي. ھن ۾ فني ۽ فڪري حوالي سان ڪميون ڪوتاھيون ٿي سگھن ٿيون. پر منھنجي موضوع سان محبت جي حوالي سان ھڪ رتيءَ جي کوٽ نظر نہ ايندي ھي ڪتاب جو پھرين پاڱو آهي. ايترو ئي مواد ٻي پاڱي جو ٿيندو.

ھُو چارڻ ڪوي جن کي بسنت جي ھير ڳولي لھندي ھئي. ھو ڪلا جا ڏٽي جن ادب ۽ آرٽ جي لاءِ وھ پيئندي ٻہ ڪڏھن ڪوتا جون وٿيون اونڌيون نہ ڪيون. ھُو سڀاجھا شاعر جن جي لاءِ چنڊ آسمان تي اتاولو ھوندو ھو تہ ڪھڙي بادل کان انھن جو ڏس پڇجي!؟ جن واري جي ذرن تي گيتن جا گل اربي صدين کي سرھو ڪيو ھو اڄ تن جي ٻُنيءَ تي ڪير روھيڙي جا گل رکڻ وارو نہ آهي!! ڇا ھُو اسان جي ھن مٽي جي امانت نہ ھئا!؟ ڇا انھن جي خيالن ۽ خوابن صدين جي سر زمين کي ڪيڙيو نہ آهي!؟

آئون ھن ڪتاب جي اٽت دوران منھنجي لاءِ ھينئي ٽوٽيون تي بيھندڙ پنھنجن پيارن کي ڪٿي ٿو وساري سگھان جن جي ساٿ ھن تحقيق جي جستجو ۾ ھر ويلي آساني پيدا ڪئي. تن ۾ پروفيسر سائينداد ساند، شھاب نھڙيو، ساگر خاصخيلي، ناشاد سمون، محمد روات ڏوھٽ،





انيل ڪمار، پورو خان خاصخيلي، مشتاق قاسماڻي، شنڪر باغي، گوبند راءِ چيلاڻي، پرت نگاڻي، شوڪت تبسم ڪنڀر، پيارو شواڻي، سخي محمد نھڙي، نصرالله جروار، خليل ڪنڀار، خالد ڪنڀار، علي نواز چوھاڻ، اشوڪ مجروح سوٿھڙ، جھانگير ايوب ججھي، آفتاب جنجھي، اوگم وڪيل، غازي خان نھڙيو الماس نھڙيو نصير ڪنڀار، مرتضيٰ راھمون، اياز رضوي ايوب ڪوسو منگل سنگھ راٺوڙ، رائسنگھ سوڍو وڪيل، پريم سنگھ سوڍو اي بي آريسر، پرتاب شيواڻي، نور احمد جنجھي، امام جنجھي، نرسنگھ سوڍو فقير منور ساگر، مير حسن آريسر، ڊاڪٽر عبالعزيز رحماني، محمد عظيم ڪنڀار، شاھنواز ھنگورجو نفيس احمد ناشاد، حاجي ساند، دليپ ڪوٺاري، تولارام سوٿھڙ، زاھد اوٺو گل گوماڻي، نظام سمون، محمد صديق نھڙيو ڪرشن ڏان چارڻ، گٽيس ڏان چارڻ، پورڏان چارڻ، جڳت ڏان چارڻ، ڪشور ڪنول، ڀڳوان داس، قربان علي شاھ، ھرجي سوٿھڙ، مھراج پرديپ ڪمار اوجھا، دليپ دوشي لھاٽو علي اڪبر راھمون، جان محمد سمون، منوج گيناڻي، عثمان راھوڪڙو مقبول ھاليپوٽو دولت رام کتري، اتم مھراج، غلام رسول نھڙي، ڊاڪٽر جيوت ڪمار، ڪيپل ڪمار، ديودت امراڻي، سريش ڪمار، اشرف سمون، محمد ھنگورجو حاجي محمد ڪنڀار، احمد علي راھمون، نديم سرور پاڙھو سائل پيرزادو، ڄام جمالي، فياض لطيف، علي مراد ٽانوري، محمد علي ٻانيڻ، علي اڪبر ھنگورجو ڪلال، غلام حيدر شاھ، خالد چانڊيو رضا محمد ڪوري، علي بخش نظاماڻي، اسد الله نظاماڻي، مظھر علي شيخ، اقرار پيرزادو، پروفيسر محمد ھنگورجو علي حسن چانڊيو ٽائيم ڪمار ۽ ٻيا شامل آھن، ڪتاب تي ڪم ڪرڻ دوران منھنجي وڪريل پنن کي ڳولي ڏيڻ ۾ انھن کي وري سنڀالي رکڻ جو ڪم منھنجو ننڍڙو ڀاڻيج اميت ڪمار نہ ڪري ھا، تہ موضوع جي سلسلن کي جوڙڻ ۾ ڏکائي ٿئي ھا.

سائين تاج جويي جا اڳ جيان هن ڀيري بہ وڏا وڙ رهيا آهن. پياري خالد آزاد، ايوب گل ۽ منور هاليپوٽي جون مهربانيون مون تي موتي ڪٽين جيان وسيل آهن. پيارو شهاب مون کي پنهنجي وڏي ڀاءُ طور ڀائيندو آهي. هن جي راءِ پڙهي مون کي بي اختيار محسوس ٿيو تہ روح جي رشتي ۾ ائين مان ڏنو ويندو آهي. ڊاڪٽر عبدالعزيز شهاب نهڙي، مرتضيٰ راهمي مون سان گڏ مختلف ماڳن تي سگهڙ، سياڻن سان ڪچهرين ۾ اوجاڳا ڪيا آهن. هن ڪتاب جو پهرين مسودي جي ڪمپوزنگ پياري دليپ ڪوٺاري جي ٿورن سان تيرٿ مينگهواڙ ڪئي. پياري انور ابڙي مخلتف قسطن ۾ ڪاوش دنيا مئگزين ۾ ’چتر ٻولي چارٽان‘ جو ڪافي مواد ڇپيو. ان کان اڳ ۾ ڪجھ مواد امداد سومري ’روزاني عبرت‘ ۾ ڇپيو هو. منهنجي جڏي ڪمپوزنگ کي سڌارڻ ۽ پروف ڏسڻ ۾ پياري تولارام سوٿهڙ جون وڏيون محنتون آهن.

علم بشريات جي ڄاڻو ڊاڪٽر ذوالفقار ڪلهوڙي سدائين مون تي پيار پلايا. سنڌ ٻولي جي سگهاري شاعر، ليکڪ ۽ ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي وزير سائين سردار علي شاھ جي نوازش نظر کي آئون ڪڏهن وساري نہ ٿو سگهان. پڙهندڙن تائين هن ڪتاب جي پهچ جو وسيلو سائين شاھ صاحب بڻيو آهي.

سائين جي ذاتي ڪوشش سان هي ڪتاب پنهنجي پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

مينهان اُر موٽان گهران هنئيان مُر چوڙي آس
او برسي تو سرور پري، او نا چوڙي نراس

منهنجا جيءُ مينهن ۽ وڏن گهرن (خاندان وارن) مان ڪڏهين آس نہ پلجان، مينهن جڏهن وٺو تلاءِ ڀرندو ۽ هو (وڏو گهراڻو) ڪڏهين نراس نہ ڇڏيندو، خالي هٿين نہ روانو ڪندو.





آخر ۾ هي نندڙو عرض آهي تہ مون هي سارو پورهيو ”محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن“ واري ڪيفيت ۾ ڪيو آهي. اميد آهي تہ ٻنان توريو اگهايو ويندو. منهنجي ذاتي طور ڪنهن سان بہ ڪا رنجش ڪونهي، نہ ئي ڪنهن سان ڪنهن بہ قسم جي هوڏ آهي. مون منهنجي حصي جو ڪم خاموشي سان ويهي پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي آڌار ڪيو آهي. لوڪ ادب جي ميڙا چونڊي دوران ساٿ ڏيندڙ ڪنهن پياري جو نالو مون کان رهجي بہ ويو هوندو، آئون معافي جو طلبگار آهيان. آئون پنهنجن سمورن پيارن ۽ محسنن جي نالي هي لوڪ ڏوهو ارپڻ ڪرڻ چاهيان ٿو.

ساجن ايسا ڪريئي جيسا ڪنڪڻ خار،
آپ جلي پر ريجهائي ٿوٽا سنڌڻ هار.

(ساجن اهڙو ڪجي جهڙو ڪنڪڻ خار آهي، ڪنڪڻ خار پاڻ کي جلائي ٽٽل (برتن کي جوڙڻ/ قلعي جو ٽانڪو لڳائڻ ۾ ڪم اچي ٿو) کي سنڌڻ ۾ ڪم اچي ٿو)

**يارو مل امراڻي سوٿهڙ**
14 سيمپٽمبر 2017ع
ڇيلهار، ٿرپارڪر

باب پهريون

# ’چارڻ‘ ذات جو بُڻ بنياد

## ’چارڻ‘ لفظ جي معنيٰ:

لفظ ’چارڻ‘ جي لفظي معنيٰ ناميارو نقاد ۽ عالم پروفيسر هوتچند گربخشاڻي، پنهنجي ڪتاب ’روح رهاڻ‘ ۾ گهمندڙ ڦرندڙ (رولاڪ) ڄاڻائي ٿو. شاه سائين پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو ته:

چارڻ سي چئجن، جنهين سک ناهه ڪو،
رمي راهه پُڇن، مٿي ڳُلهن ڪينرا!

ٿري لهجي جو لفظ ’چَوَڪ‘ جنهن جي معنيٰ ڳالهه پيش ڪرڻ جو خاص انداز آهي. چارڻن جي عقل ۽ فهم جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته ’چارڻ‘ لفظ جو بُڻ بنياد اهو لفظ هجي، سنڌ جي سدا ملوڪ شاعر شاه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ چارڻ قبيلي کي ساراهيو آهي، سنڌ ۾ چارڻ، مڱڻهار، ڀٽ، ڀان ۽ ڀاٽ قبيلا، راڳ رنگ، موسيقيءَ، علم، ادب ۽ تاريخ جا سرچشما رهيا آهن.[1]

چارڻ ساهتيه ڪم تي ڪندڙ ڪجهه دانشورن، لفظ چارڻ جو بُڻ بنياد لفظ ’چارڻيا‘ ڄاڻايو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي’ بن ۾ مال چارڻ وارو.

انگريزي ڪتاب ’ان دي پِرَيز آف ڊيٿ‘[2] جي جرمن ليکڪا، جنيت ڪيمفرٽس پنهنجي ڪتاب ۾ لفظ ’چارڻ‘ جو بڻ بنياد بيان ڪندي ٿي رايا ڏنا آهن:

---

[1] ’روح رهاڻ‘:ص105

[2] 'In the prise of Death`, page no.224

1. لفظ ’چارڻاءُ‘، جنهن جو راجستاني ٻوليءَ ۾ مطلب ’ چوپايو مال چارڻ وارا‘ آهي
2. لفظ ’اچارڻ‘، جنهن جو مطلب ’ڳالهائڻ/ بيان ڪرڻ/ پڙهڻ‘ آهي.
3. لفظ’ چھر‘، جنهن جو مطلب ’انصاف چاهيندڙ‘ آهي.

عمر ڪوٽ جي ناليواري محقق ڊاڪٽر عبدالعزيز ٻـ مارو چارڻن متعلق پنهنجي هڪ مضمون ’مارو چارڻن جو ماڳ‘ ۾ بہ جنيٽ ڪيمفرنس جي راءِ حوالي طور آندي آهي. چارڻن ۾ اهي ٽئي ڳڻ موجود آهن. اهي چوپائي مال کي سنڀاليندڙ ياڳيا پڻ آهن؛ انهن وٽ ڳالهہ ڪرڻ يا شعر پڙهڻ جو مخصوص انداز بہ آهي، تہ چارڻ انصاف سان پيار ڪندڙ آهن.

ڪجهہ هندي ليکڪن لفظ ’چارڻ جو مطلب ’چار نہ‘ پڻ ڏنو آهي. مطلب ’چئن ورڻن منجهان نہ‘، بلڪ چارڻ ڌار پنهنجو ورڻ آهن. انهيءَ راءِ متعلق وڌيڪ تفصيل چارڻن جي تاريخ ۾ ڏنو ويو آهي.

## چارڻن جو شجرو ۽ تاريخ

چارڻن جو شجرو بيان ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول اردو ادب جي ناميارِي اديب باغ علي شوق جي راءِ جو ذڪر ڪجي ٿو. جنهن ۾ هن ۾ هن، چارڻن کي هندن جي ورڻ سرشتي جو ’پنجون ورڻ ‘ ڄاڻايو آهي. هي صاحب پنهنجي ڪتاب ’راجستاني زبان اور ادب‘[3] ۾ لکي ٿو تہ،’ چارڻ هندن جي چئن ورڻن جيان پنجون ورڻ آهن، جن جي ذمي تاريخ ۽ ادب کي تخليق ڪرڻ آهي.“

’چارڻي اتهاس‘ جي لوڪ ڪهاڻين مطابق دڪش پرجاپتيءَ جي ڌيءَ ’ستي، شِو شنڪر کي پرڻايل هئي. شِو ڪڏهن ساڌو سنياسيءَ جي ويس ۾ رهندو هو تہ ڪڏهن انگ ڀڀوت جوڳي ٻڄي پيو رمندو هو. راجا

[3] ’راجستاني زبان و ادب، ص:13





دڪش کي شِو جي اهڙي روِش نہ وڻندي هئي. هڪ دفعي راجا دڪش يڳيہ ڪرايو جنهن جي شو کي راجا دڪش دعوت نہ ڏني. دعوت نہ ملڻ جي ڪري شِو نہ ويو پر ’ ستي‘ مائٽاڻي گهر شُڀ ڪارج ۾ مصروفيت سبب پُل ٿي وڃڻ جو سمجهي هلي وئي. اتي ستيءَ کي اهو معلوم ڪري ڏاڍو ڏک ٿيو تہ راجا دڪش، سوچي سمجهي شو کي دعوت نہ ڏني آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ شِو جو اپمان ڪيو ويو. ستي انهيءَ صدمي ۾ گذاري وئي. ڪي چون ٿا تہ يڳيہ شروع ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو سنک وڄائڻو هو جيڪو ڪير وڄائي نہ سگهيو. نيٺ ستيءَ پنهنجي هڪ ننڍڙي پٽ کي چيو تہ: ”تون وڄاءِ. آءُ تنهنجي لاءِ دعا گهران ٿي.“ پوءِ هُن سنک وڄايو ۽ يڳيہ شروع ٿيو. يڳيہ جي منڊپ ۾ ستيءَ کي شِو جي ڪمي محسوس ٿي. صدمي ۾ پاڻ وڄائي ستيءَ يڳيہ جي آڳ ۾ ٽپو ڏنو. ڪيس بچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي وئي، پر ستيءَ پراڻ تياڳيا. سنک جي آواز تي شِو بہ اچي پهتو. هن ستيءَ جو لاش ڏسي ڪروڌ ۾ ورلاپ ڪندي، لاش ڪلهي تي رکي ’تانڊو ناچ‘ شروع ڪيو. شو جي ناچ، ڌرتيءَ کي لوڏي ڇڏيو. اهڙي حالت ڏسي، وشنو شو جي ’تانڊو ناچ‘ کي روڪڻ لاءِ تير هيٺي ستيءَ جي لاش کي 52 حصن ۾ پکيڙي ڇڏيو. ستيءَ جي جسم جي ٽڪرا جتي ڪريا اتي انهن ٽڪرن کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري يادگار طور ’ديوي مندر‘ جوڙيا ويا. هنگول واري جبل تي ستيءَ جو سِر ڪِريو جتي هنگلاج جو آستان آهي. سنک وڄائيندر اهو ننڍڙو ٻار ’ماتا ماتا‘ پڪاريندو رهيو. ستيءَ جي شڪتيءَ جي آڪاش واڻي ٿي تہ؛”پٽ تون ماٺ ڪر. پريشان نہ ٿي. آءُ تنهنجي ۽ تنهنجي اولاد جي سڏ تي گڏ هوندس. ‘چون ٿا تہ سنک وڄائيندڙاُن ٻالڪ جو اولاد ’چارڻ‘ آهن.

هڪ راءِ اها آهي تہ ستيءَ جا ستر نهن پٽ هئا، تن سمورن ماتا’ماتا‘ پڪاريو هو. انهن سمورن جو اولاد ’چارڻن‘ جون مختلف نکون آهن. ۽ ستيءَ

جو اولاد هئڻ ڪري ’چارڻ‘ کي ’ديوي پتر‘ بہ سڏيو ويندو آهي.

هڪ راءِ اها اهي تہ راجا دڪش جڏهن ستيءَ جي سامهون شِوِ جو ايمان (ٻُرو ڀلو چوڻ) شروع ڪيو تڏهن اتي موجود شِوِ جي هڪ ساٿي (جنهن کي گُڻ سڏيو ويو آهي) راجا دڪش سان مهاڏو اٽڪايو. ستي اهڙي مدد ڪرڻ تي شِوِ جي ساٿيءَ جا ٿورا مڃيا، هن کي وچن ڏنو تہ آءُ جنم جنم تنهنجو ساٿ ڏيندس شِوِ جو ساٿي مال چاريندو هو انهيءَ ڪري هن جي اولاد کي ’چارڻ‘ چيو ويو.

راجا دڪش کي انهيءَ واقعي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ ڪيس شِوِ جو غصو برداشت ڪان ٻاهر لڳو هن نانگ ونسي سمورن راجپوتن کي گڏ ڪيو ۽ منٿ ميڙ جو قافلو وٺي شو وٽ پهتو. پنهنجن ساهرن جي اهڙي منٿ ميڙ ڏسي، ڀولي شِوِ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ صلح جي نشانيءَ طور ڳلي ۾ نانگ جي نشاني پاتي.

چارڻ‘ نانگ ونسي خاندان جو پاٽيجو آهي. ان نسبت سان هڪ لوڪ شعر جي سٽ آهي تہ :

”پاٽيجو پوئنيگ ٽٺو چارڻ چوٿون ويد“

۽ هڪ لوڪ شعر بہ آهي. تہ:

سَتي جَتِي سُور وِير، سنيو سُت ويچار،
چار رڻ ڪلر نهين، چارڻ ويد اچار.

سنيوءَ (شو جو نالو) جو اولاد چارڻ رڻ جو ڪلر نہ. پر ست (سچُ) تي هلندڙ بهادر ۽ ويد اُچاريندڙ آهي.

سچ وکتا، سوامي، ڀڳت، پتو الوپي هوءِ،
اُپا شو شڪتي ڪا، سچا چارڻ سوءِ.[4]

[4] هي سٽ ائين بہ ملي ٿي تہ:
اپاسڪ شو شڪتي ڪا، سچا چارڻ سوءِ.
اپاسڪ لفظ جي معنيٰ شيوڪ، پوڄاري آهي.





(سچ ڳالهائيندڙ، سوامي ڀڳت، سخي ۽ ڪا لوڀ لالچ رکندڙ نہ هجي، اهو شو شڪتيءَ جو پيدا ڪيل سچو چارڻ آهي)

سرسوت جيان ري جيڀيان وسي، بانکي ڏرٽا ڀيد،
ديوا جگ رچيا ڪري، چارڻ مُک ڇهون ويد

(سرسوتي (علم جي ديوي) جن جي زبان تي وسي ٿي، جيڪي راز جون انوکيون ڳالهيون ڪن ٿا، جڳ ۾ ڏاهپ جي رچنا ڪندڙ چارڻ جي مُک ۾ چارئي ويد آهن)

ٽر جي نامياري تاريخدان رائيچند هريجن، چارڻن کي راجا ’شرڻ راءِ‘ جو اولاد سڏيو آهي[5] ’تحفتہ الڪرام‘ (جلد ٽئين) ۽ ’ڇڇ نامہ‘ (جلد ٻئي) ۾ چارڻن کي ايوڌيا جي راجا دسرت جي پٽ ’شترو گهن‘ جو اولاد ڏيکاريو ويو آهي. شترو گهن کي ’چترو گهن‘ پڻ چيو ويندو هو. راجا دسرت، سورج ونسي نسل جو هو. ظهور خان مهر جي ڪتاب ’ڏرمجلان ڏرڪوسان‘ ۾ چارڻن کي راجپوت لکيو ويو آهي.[6]

جديد تحقيق جي اڪثر راءِ بہ اها آهي تہ، ’چارڻ‘ راجپوت قبيلي سان تعلق رکن ٿا. پر حقيقت اها آهي تہ چارڻ راجپوتن وانگر ويڙهاڪ آهن، برهمڻن وانگر ويد اچاريندڙ بہ آهن. هنن ۾ ٻنهي قبيلن جا ڳڻ موجود آهن. ڪوي راجا مانسنگهہ رانوڙ چيو آهي تہ :

چارڻ راجپوتان سين، وڏتان واتان چار،
عقل، وِديا، چت چوگٽو اڏکو گهر آچار.

(چارڻ، راجپوتن کان چئن ڳالهين: عقل، تعليم، غور فڪر ۽ گهر جي سلڇڻائيءَ ۾ وڌيڪ آهن)

ڊاڪٽر موتي لال مناريہ مطابق، چارڻ ڪنهن وقت گنڌ ماڌن جبل

[5] تاريخ ريگستان: ص_204
[6] ڏرمجلان ڏرڪوسان: ظهور خان مهر، ص 81

تي رهندا هئا. جڏهن پرٿُو يگيه ڪرايو تڏهن اتان يگيه سمپورڻ ڪرڻ جي لاءِ وني آيو يگيه جي پڄاڻي تي دکن ۾ تيلنگ جو علائقو رهائش جي لاءِ ڏنو.

ڪوي هيمڏان چارڻ جو چوڻ آهي ته راجپوتن جو اسورن / اسرن جيئن جنجال ڪري ڇڏيو. مرٽي پرٽي، پوجا پاٺ جي رسم وغيره راجپوت اسورن/اسرن جي جهيڙن سبب آساني سان ادا نه ڪري سگهندا هئا. اسورن/اسرن وٽ جادو جنتر به هو. جنهن سان راجپوتن جي پرٽي مهل 'وير مٽ' هٽندا هئا راجا تپشيا ڪري شو جي دربار ۾ حاضر ٿيو. هن شو کي عرض ڪيو ته سائين اسان جي رکوالي ڪريو. شو پنهنجي پٽ ڪڏوپ کي چيو ته تون راجا پرٿو سان گڏ وڃ ۽ وڃي راجپوتن جو ساٿ ڏي. پر ڪڏوپ پهرين جواب ڏيئي ڇڏيو پوءِ پاروتي جي سمجهائڻ ۽ ماتا پاران سدائين ساٿ ڏيڻ جي وچن تي راجا پرٿو سان گڏ آيو. هن راجپوت جي پرٽي ۾ 'پروکڻ ' جي رسم دوران آکا (مٽ ۾ پيل اناج جا داڻا) اڇلي وير مٽ کي واپس هٽندڙ ڏانهن موڪلي. جنهن سان جادوگر پاڻ مري ويو. راجپوتن ۾ اڄ به چارڻ کي پرٽي جي ريت مهل تورڻ جي گهوڙي، گهوٽ جي پرٽي جو وڳو ۽ وقت جي رائج سڪي جي پيريل مٽ ڏني ويندي آهي. "وير مٽ" پرڻ جي رهاڻ ٿيندي آهي.[7]

هندي ڪتاب 'وير ونود' ۾ شيامداس لکي ٿو ته هماليه وارو علائقو جنهن کي ديو لوڪ سڏيو وڃي ٿو اهو ڇڏڻ کان پوءَ چارڻ چترين جو ئي ساٿي ڏنو. انهن جا ڳڻ ڳايا، چترين کي پنهنجي وقت به وقت فرض ياد ڏياريو. جڏهن ٻڌ ڌرم زور ورتو تڏهن راجپوتن سان گڏ راجپوتانا ۽ گجرات جي علائقن ڏانهن لڏي آيا. جتان پوءِ ٻين علائقن ڏانهن پکڙيا .

[7] ڪوي هيمڏان سان ڪچهري ۾ اظهار





چارڻ پنهنجي نالي پويان لفظ ڏان[8] جو واڌارو ڪندا آهن. ڪي 'سنگهه' پڻ لکندا آهن. رائچند هريجن چارڻن جون 12 نکون ڄاڻايون آهن، جڏهن ته باغ علي شوق مطابق چارڻن جون 120 نکون آهن. چارڻن جي نکن ۾ روهڙيا، آسيه، پروهت، ڏيتا ۽ ٻيون ذاتيون شامل آهن.

ڪڇ قبيلن تي تحقيق ڪندڙ سنڌي ماهرن، چارڻن کي ڇهن مکيه پاڙن ۾ ورهايو آهي: (گجر، (2) ڪاڇيلا، 3) مارو، 4) تمر (تمل به سڏيو ويو آهي، جيڪي ماهرن مطابق سنڌي چارڻ آهن)، (5) سورٺا (سوراشٽر کان آيل)، ۽ (6) سوچيا. (هندي ماهر سوچيا جي جاءِ تي گجر لکن ٿا)

سنڌ ۾ انهن سمورن پاڙن جا چارڻ موجود آهن. ٿر مارو چارڻن جو ماڳ رهيو آهي. سنڌي ماهرن مطابق مارو چارڻن جون 20 مکيه نياتون آهن. جيڪي اڳتي هلي 300 ننڍين ننڍين پاڙن ۾ ورهائجن ٿيون. ڪاڇيلن چارڻن جا ٽي مکيه پاڙا آهن. نارا، چورڙا، چونوا. چونوا چارڻن جون به نياتون آهن. جڏهن هندي ليکن ڪاڇيلن جا 8 پاڙا ڄاڻايا آهن. چانوا ( انهن جا ننڍيا 72 پاڙا آهن) چوراڙا (ننڍيا 52 پاڙا)نارا (ننڍيا 66 پاڙا) ڪيسريا. (ننڍيا 16) پاڙا، الگيا، پاڙيا، سوئا (ننڍيا پاڙا) ڪيڙيا. اهڙي طرح سنڌي چارڻن جون مکيه نکون ڏنل آهن: موڏڙا، سيڏا، ٻگيلوا، روڊچ (روڙچ) ۽ يان.

ڪتاب "جونجهڻو منڊل ڪا اتهاس" جي صفحي 447 ۽ 448 تي ڪتاب "راجستان ڪي جاتيون ڪي کوج" ۾ ليکڪ رميش چند گنارٿيءَ جي تحقيق جو حوالو ڏيئي مارو چارڻن جون مکيه نکون ۽ پاڙا هن ريت ڏنا آهن:-

[8] ڏان: تحفو پيٽا(شادي وغيره جو تحفو ڏنو ويندو آهي) اهڙي طرح لاک پساه چارڻن کي پيٽا ڏيڻ کي چئبو آهي.

| مکيه ذات | راجستان، مالوا ۾ رهندڙ پاڙا | کڇ ۽ گجرات ۾ رهندڙ پاڙا |
|---|---|---|
| نارا | نانڊو، هيمپا، جڳٽ، ديومل، ڏڏواڙيا، ٻگس | پايڪ، نيهچا، گوکرو |
| ماڏا | _ | ٺکوريا |
| اپسورا | ٻٽسورا، ساموڙ ڏوڏ، مهور، آسيه، سگڻ، لالس | ديوکا |
| چوراڙا | چاهُون، ڪويل، ڪويا، کريا، ٽيڙ | ڪوَل، ڪولو، پڙيا |
| ٻاچا | آڏا، ٻڙيال، سانڊو ميهيا، ميهياريا | _ |
| گنگاٽي | گنگاٽيان | روها، ٻرسورا |
| ميسما | ميسڻ، مينگو | ميسما، تانگڙ، لوگا |
| ماريوا | مارو سودا، سلگ، ڪوچر، ڪنيا، ڏيٿا، چاچڙا، سرتاٽيا | جهيل ٻا، ٻڊرا، ٻارٿ، ليگيڏا، ڪاپل |
| پانچليا | مادا، سنديائچ، پانچليا، چانچڙ | سوائچ |
| ميڙو | ميڙو ڪيسريا (ڪسريا) | _ |
| گاڏڻ | گاڏڻ، ٻاڍهي | _ |
| ٻيجل | _ | ٻيجل |
| رتنو | گاروا، چرائي، گاگل، پوجا، نالوُ ڪرڻ، ڪما، ڪما، گوپال، ٻيتال، ڏونگر، ناگ، چيچا، راگهو مانهڻ، پرما، لالا، هنگوڙ باکر، ڪوڏا، ٻاجا، لاڪا، ڪانيريا، ويڊڙا، روها، مالا، ديو ڪرڻ، گيگا، ٻيلا | |
| ٻارٿ | روهڙيا، ڪورٺيا، ٻيٺو سانول، ڪاليڙ مڪس، پيريا، هٽيا، ڏيرڻ، پاتڙي، هڙويچا، گونگا، آليچا، ڪٽسيا، آلا، جادوَ سوريا | |
| گانگوا | | گانگوا |





ڪوي هيمڏان چارڻ مطابق روهڙيا چارڻ شڪتي جوماديه چارڻياڻيءَ جو اولاد آهن جوماديه، مها ڪوي مهاول ڏان جي ڌيءَ هئي. شڪتي جوماديه ڪنهن ڳالهه تان قسم کنيو ته آءَ چارڻ ذات ۾ شادي نه ڪندس. اهڙي قسم کان پوءِ پنهنجي پيءُ مهاول کان اجازت وٺي پنهنجو ور ڳولڻ لاءِ انجار شهر مان نڪتي. چارڻ ۽ راجپوتن ۾ ان وقت رواج مطابق ڪنيا کي پنهنجو ور پاڻ ڳولڻ جو اختيار هو. جوما ديهه هلندي اچي عمر ڪوٽ جي راڻي ڪيئنري وٽ پهتي. هن پهچڻ سان شعر چيو ته:

ٽوهر ٽوهر دوگڙو، وڻ وڻ رسوڙو هوئي،
هُون ٻلهاري راڻي ڪيئنري ري، برڪيات جوئي.

(ٽو هر ٽوهر وٽ (چارڻن جو) جهوپڙو ۽ وڻ وڻ هيٺ رڌ پچاءُ آهي. آءُ راڻي ڪيئنري تان قربان وڃان. تون منهنجي پرڻي جو لکيو ڏسجان)

راڻي ڪيئنري جوماديه کي ڪيڪاري، ڌرم جي ڀيڻ ڪري گهر ۾ ويهاري، تسلي ڏيندي چيو ته، "تون منهنجي ڀيڻ آهي. توکي منهنجن آڏو سيڻن ( پراڻن رشتيدارن) ۾ پرڻائڻ منهنجي ذميواري آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ راڻي ڪيئنري، ڀاٽين ۾ رشتي جو ناريل موڪلي ٻڏا ڀاٽيءَ جي گهر جو ماديه جو مڱڻو ڪيو. ڀاٽي ميگهه کي جو ماديه پرڻائي وئي. جنهن جو پٽ چندا سنگهه ٿيو.

رانوڙ راجپوتن جو ڪوئي پروڙ (پروهت) چارڻ نه هو. ٻيا راجپوت رانوڙن تي ٺٺوليون ڪند اهئا ته" اوهان جو ڪوئي چارڻ پروهت نه آهي." راءِ رائپال رانوڙ چارڻياڻيءَ جي اولاد 'چندا سنگهه' کي زوري ڪٽايو. پوءِ راجپوتن ۽ چارڻن جي هڪ وڏي ميڙ ۾ چندا سنگهه کي چارڻ جاتيءَ ۾ ضم ڪري، رانوڙن جو پروهت چارڻ قرار ڏنو ويو. ريگستاني ٻوليءَ ۾ زوري ڪٽڻ کي "روڙي/روهڙي" ڪٽڻ چئبو آهي چندا کي زوري ڪٽڻ تان چندا جي نک جو نالو' روهڙيا' پيو. هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي ته:

چندا چارڻ ڪيم ڪيجئي، ٻڌ ونڪا ياٽي،
لونٹ لي ميواڙ مارواڙ آن ڪوس لي ٽر ونٽي.

(چندا ڪي چارڻ نہ ڪريو هي ٻڌ ( جو اولاد ) بهادر ياٽي آهي، (ياٽين) ميواڙ مارواڙ لٽي ٽر مان ڏاڙا هنيا آهن)

روهڙيا چارڻن ۾ ڪيترائي مشهور ڪوي ٿيا آهن. ڪوي ايسردس انهن مان هڪ آهي. ڪوي هيمڏان مطابق رتنو برهمڻ هو جنهن جي نالي پويان رتنو چارڻ آهن.

اهڙي طرح چارڻن جون ڪجھ ٻيون نکون ٻين ذاتين مان آيون آهن. گجراتي چارڻن م هڪ پاڙو 'ڪنيِر' چارڻ جو آهي جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ راجا سدراج (زمانو عيسوي سن 1134_1094) ڪنيار ڇوڪري جي شادي تي 16 روپيا ٽئڪس وصول ڪندو هو. ان زماني ۾ 16 روپيا وڏا هئا، غريب ڪنيار پريشان ٿي ويا. نيٺ هڪ ڏينهن ڪنيارن جو پاڙو گڏجي چارڻن وٽ مدد جي لاءِ ويو. چارڻن جي پنجائت ظلم کان ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪنيارن ڪي پنهنجا ياٿر قرار ڏيئي راجا سدراج سان ٽئڪس تان وڙهي پئي. چارڻن جي مزاحمت تي ٽئڪس لٿو. وقت گذرڻ سان ڪنيارن جو اهو پارو چارڻن ۾ ضم ٿي ويو.

چارڻن جون مختلف نکون مختلف راجپوتن جون پروڙ/ پروهت رهيون آهن هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي تہ:

سودان سسوڏيان، روهڙيا رانوڙ،
ڏرساوت ڏيوڙا، جُون جادم رتنو جوڙ.

( سسو ڏين جا سودان، رانوڙن جا روهڙيا، ڏيوڙا چوهاڻن جا ڏرساوت ۽ جادو ونس جا رتنو پروهت چارڻ آهن

## چارڻن جون ريتون رسمون

چارڻن جون ريتون ۽ سوَڻ ساڻ ٻين راجپوت قبيلن وارا ساڳيا آهن. 'هندو چارڻ' لباس ۾ پٽڪو ڦينٽو ڪيسريو ۽ لانگوٽو راجپوتن





وانگر ٻڌن، پر ڪاري لوئوڙي (ڪٽي) چارڻن جي خاص نشاني آهي. ڪٽيءَ کي پنهنجي ديويءَ جو ويس قرار ڏين ٿا. ڪٽيءَ جو ڏاڳو سندن ڳچيءَ ۾ پڻ ٻڌل هوندو آهي ويس ۾ ٽري چارڻ، شلوار قميص بہ پائين ٿا ۽ مٿي تي ٽوپي بہ وجهن ٿا.

عام روايت ۽ عقيدي مطابق آڳاٽن رشين جيان چارڻن تي "سرسوتي" ( علم جي ديوي) مهربان رهندي آهي. ان ڪري چارڻن ۾ "ديوي پوڄا" اهم آهي. هندو چارڻ خوش خير عافيت جي ابتدا "جئہ ماتاجي" سان ڪندا آهن. چارڻي سماج ۾ عورت جي وڏي عزت ڪئي ويندي آهي، گهر ۾ موجود وڏي عورت کي سڀ ماءُ سڏيندا آهن. عورت جي پرسان مرد جتي پائي نہ گذرندو آهي، گهر ۾ جتي اتارڻ جي لاءِ ڏار جاءِ مخصوص ڪيل هوندي آهي، چارڻن ۾ ٻالڪ جي ڄمڻ تي ڇهن ڏينهن تي 'ڇٺيءَ جي رسم' ڪري نالو رکيو ويندو آهي. شادي مُرادي وغيره جي خوشيءَ وارن موقعن تي رهاڻ رس ۾ 'رجپوتي رهاڻ' وانگر سورمن کي رنگ ڏئي آفيم جي منوار ڪئي ويندي آهي.

هر ڪهٽا، حق ٻولٽا، ڪوڙا نا قول،
ٿانرو ڪڏي نہ اُتري، آنو پهر امل.

(هريءَ جو نالو وٺي حق جي ڳالھ ڪري، ڪڏهن ڪوڙو قول نہ ڪندين تہ تنهنجو نشو نہ لهندو، اٺئي پهر (آفيم جي نشي ۾) مست رهندين.)

'چارڻي سماج جي سماج سڌارڪن، آفيم سميت مخلتف نشن کي گهٽائڻ/ روڪڻ جي لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون آهن.

چارڻ ويجهن رشتيدارن ۾ شادي نہ ڪن. ٿر ۾ هاڻي گهٽ آبادي هئڻ جي ڪري سڱ ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ ڪين ڏاڍي تڪليف پيش اچي رهي آهي.

چارڻن کي وهانءُ وڏاڻي پينٽ (شادي جو تحفو) ۽ ڏان ڏنو ويندو هو. پراهو رواج هاڻي ڪافي گهٽجي رهيو آهي تبديل ٿيندڙ حالتن لاءِ چارڻ ڪوي چوي ٿو تہ:

ڪويان ڪرو قطار، هڻ ڪيڙيو سجسي هوي،
لاڪان بخشٽهار، لڏي گيو لاڏوو.

(اي ڪوي ( چارڻو) ! هاڻي _( انن تي اناج ڪٽڻ جون) قطارون ڪريو. بني ڪيڙڻ سان وقت گذرندو. لکن جو ڏان ڏيڻ وارو لاڏوو (راجا مان سنگهہ جو گرو لاڏو ناٿ سوامي) لڏي ويو[9].

چارڻ شو راتڙي جو ڏهاڙو وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. نوراتڙي جا ورت وڏي عقيدت سان رکندا آهن. دسهڙي جو پوجا پاٺ ڪري دعائون گهرندا آهن. ديوين جي آستانن تي خيراتون ڪندا آهن.

## چارڻن جي ڪجهہ قبيلن جو اسلام قبول ڪرڻ

چارڻن جي جن قبيلن اسلام قبول ڪيو انهن مان مشهور چارڻ، جمن چارڻ، سهراب چارڻ ۽ حسين چارڻ ٿيا، مسلمان چارڻن جا "عالياڻي" ،"وتڻاڻي" ۽ ٻيا پاڙا مشهور آهن. سنڌ ۾ انهن مان ڪيترا ساڳيءَ "چارڻ" ذات سان اڄ بہ مشهور آهن. صدر الدين چارڻ، عبدالغفور چارڻ عرف عاشق دادوي، محمد اسماعيل چارڻ، عبدالشڪور چارڻ ۽ دادو شهر جو ناميارو مزاح نگار رشيد چارڻ ۽ مشهور ليکڪ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر نظير چارڻ بہ هن ذات سان واسطو رکن ٿا.

خيرپور ناٿن شاهہ تعلقي ۾ مسلمان چارڻن جا ڳوٺ آهن سليمان چارڻ ۽ غلام مصطفيٰ چارڻ نالي استاد بہ هن نڪ سان واسطو رکن ٿا.

---

[9] هيءَ سٽ هن ريت بہ ملي ٿي:
لاڪان بخشٽهار، منگڙو جاني مارگ پگو





## چارڻن جي ڪِرت ۽ سماج ۾ اهميت

ڪرنل جيمسن ٽاڊ، تاريخ راجستان جي ٻئي جلد ۾ لکي ٿو تہ، چارڻن جو پيشو شعر چوڻ آهي. چارڻن کي فطري طور تي ڏات ۽ ڏانءُ ٻئي مليل آهن. چارڻن جي ڪرت جي ڪابہ سٽ فن ۽ فڪر کان وانجهيل نہ هوندي آهي. چارڻن مٿيءَ جي مهڪار کي پنهنجي تخليقي سگهہ سان مهڪائي ڇڏيو آهي، ادائگيءَ جو انداز دنيا جي مڃيل شاعرن جهڙو ملي ٿو.

ڪيترائي چارڻ، صلاحڪار، عالم فاضل ۽ استاد بہ رهيا آهن هند سنڌ جا ڪيترائي باذوق حڪمران، چارڻن جي وڏي قدرداني ڪندا هئا. مڃيل تاريخدارن ۾ راوت سر جي اڳوڻي راڻيءَ[10] لڪشمي ڪماري چونڊوات" پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي تہ "بوندي جو مهاراجا ستيہ راءِ پال ديو جي نالي چارڻ کي جُتي هٿ سان ڪڍي پارائيندو هو. چتور گڍ جي عالمي شهرت يافتہ راڻي سانگها پنهنجو سارو راڄ، هري راڄ نالي چارڻ کي ڏئي ڇڏيو هو. هنديءَ جي مشهور ڪتاب سوڌائڻ جي مصنف پروفيسر شڪتي ڏان مطابق" سنڌ جي سماٽ حڪمران ڄام انڙ سانٻل نالي روهڙيا چارڻ کي سپت سنڌوءَ جو راڄ ڏئي ڇڏيو هو." ساڳئي قبيلي جي راجا ڇپر چوتواڻي، پنگلا چارڻ جي چڙهيءَ لاءِ راجائي پالڪين جو بندوبست ڪيو هو. راجا ٻيڪا پنواڻي، چارڻن کي ڪيترا هاٿي دان ڪيا هئا. بونديءَ جو مهاراجا ستيہ راءِ سيو سنگهہ ٻڌن نالي چارڻ کي پنهنجي ڪلهن تي چاڙهي هاٿيءَ تي سوار ڪندو هو.

شاهہ لطيف جي سورمي راءِ ڏياچ بہ "ٻيجل چارڻ" جي سُر عيوض

---

[10] (لڪشمي ڪماري 1913ع ۾ ميواڙ رياست جي ڳوٺ ديوگڙ ۾ جنم ورتو لڪشمي ڪماري راجستاني ٻوليءَ ۾ 50 ڪتاب تاريخ ۽ لوڪ ادب جي موضوع تي لکيا آهن. سندس ادارت ۾ مارواڙي ۾ جاڳتي جوت جي نالي سان رسالو نڪرندو آهي.

سِرُ ڏئي ڇڏيو هو. ساڳئي نموني پارڪر جي مينگهه سينڌل جي فرزند پنراج سينڌل، "سوري"نالي چارڻ جي زندگي بچائڻ لاءِ پنهنجو سِروڍِي، گجرات جي حاڪم احمد شاه کي ڏنو هو. ڄام راول، ايسرداس چارڻ کي پنهنجي جاگير ڏئي ڇڏي هئي.

چارڻن جي فن ۽ فڪر جي حوالي سان سنڌ جي نامياري اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: 'چارڻ' جنهن جي جيتري عزت هوندي هئي، اوتري بيان ڪندا هئا.[11] انهن (چارڻن) جو گهڻو ڪم علم ادب ۽ تاريخ جي لاءِ آهي.

عقل ۽ چترائيءَ تي ٻڌل چارڻن جي ڪوتا جي سٽن تي روشن خيال سوچ سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي چارڻن لاءِ رڳو "درٻاري" ۽ رڳو "قصيداگو" جا لفظ ڪم آڻڻ ادبي انصاف نہ آهي. اهو روَيو چارڻن جي ادبي حيثيت کان انڪار برابر آهي.

ڪانئر ني لانت ڏيوي، سوارن نا ساباش،
رڻ آريان نا تراش ڏي، چارڻ گڻ ري راس.

(ڪانئر کي لعنت ڏيئي سورهيہ کي شاباش ڏئي ٿو رڻ کيتر ۾ لڙندڙ بهادر کي جوش ڏياريندڙ چارڻ (جي ذات) گڻ پري راس آهي.)

چارڻ، راجپوتن جي تربيت پڻ ڪندا هئا. ڪين اخلاق قدرن سان گڏ سياسي ۽ سماجي اصولن جي بہ سکيا ڏيندا هئا. چارڻن جي تربيت جي ڪري راجپوتن ۾ سدائين حق ۽ سچ جي لاءِ مرڻ ۽ مارڻ جو جذبو جرڪندو هو. هڪ لوڪ شعر ۾ آهي تہ:

رجوت رو چارڻ گرو، چارڻ مرڻ سکائي،
ٻلهاري گرو چارڻان، ڪٽپت ۾ سرگ ملائي.

---

[11] ماهوار: پيغام 2008ع





(راجپوت جو چارڻ گرو (استاد) آهي، راجپوت کي (حق ۽ سچ جي لاءِ) مرڻ سيکاري ٿو آءٌ قربان وڃان چارڻن تان، جيڪي ڪن پل ۾ سرڳ پهچائين ٿا)

ٺاڪر نار سنگهہ جسول پنهنجي ڪتاب 'چارڻون ري واتان' ۾ چارڻ ڪوي جا بہ دوها ڏيئي لکيو آهي تہ هاڻي اهي چارڻ رهيا آهن نہ راجپوت:

وي رڻ ۾ ٻڙداوتا، وي جهڙيا ڪگ هونت،
وي چارڻ ڪڻ ڏس گيا، ڪڻ ڏس گيا رجپوت.

(هُو چارڻ (جيڪي) جنگ جي ميدان لهي شعرن ۾ بهادرن جا گُڻ ڳائيندا هئا ۽ هُو راجپوت جيڪي تلوارن جو جهيڙي ۾ تجلو ڏيکاريندا هئا. ڪهڙي طرف هُو چارڻ ويا ۽ ڪهڙي ڏس جوجهار راجپوتن ورتي.

ڪوڻ تو ڪهوي اور ڪوڻ سٽي، دونون پوت ڪپوت،
مانهہ جيسڙا چارڻ رهيا، ٺانهہ جيسڙا رهيا راجپوت.

(ڪير چوي ٿو ۽ ڪير ٻڌي ٿو؟ ٻئي پٽ ڪپوٽ آهن. مون جهڙا چارڻ رهيا آهن ۽ تو جهڙا راجپوت رهن ٿا.)

چارڻ، راجپوتن جا ذاتي زندگيءَ کان وٺي سماجي، معاشي سرگرمين تائين صلاحڪار هوندا هئا. موروثي حق يا ملڪيت جي وارثيت جي مسئلن ۾، چارڻ جي راءِ کي اهميت ڏني ويندي هئي، جنگي حالت ۾ چارڻن جا ڳوٺ، بهترين پناه گاه سمجهيا ويندا هئا. چارڻ وٽ پناهہ لاءِ آيل ماڻهوءَ سان ڪير بہ جهيڙيندو نہ هو.

زيور چند ميگهاڻيءَ لکيو آهي تہ :لفظ گڍوي جو مطلب گڍ (قلعي) جي چاٻين جو رکوالو آهي[12] چارڻن پاران رکوالي ڪرڻ سان قلعا محفوظ

---

[12] Asian Folklore studies, volume 59,200:p 43

سمجهيا ويندا هئا. چاڪاڻ ته چارڻن تي ڪير چڙهائي نه ڪندو هو. انهيءَ ڪري چارڻن کي گڏوي سڏيو ويندو هو.

عام طور تي چارڻ کي منگتو جاچڪ ۽ ايدوو به چيو ويندو آهي پر هڪ سچي چارڻ جي ڳڻن ۾ سخاوت به شامل آهي.

چارڻ کي وڏائي، کهي نهين پائي،
ليوان نا لاک، تو ڏيوان نا سوا لاک.

(چارڻ جي وڏائي ڪنهن نه پاتي، وٺڻ ۾ (گهرڻ تي) هُن کي لک روپيا ملن ٿا ته ڏيڻ مهل ٻي گهر جائو کي سوا لک ڏي ٿو.)

چارڻ رشتي ناتي ۽ دوستي ۾ نڀاهيندڙ رهيا آهن هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي ته:

متر چارڻ ڪيجئي، ٻيجا سهي آرپمپ پار
جيو ٽٽو جس گاوسي، مئي لوڏاوڻ هار

(دوست چارڻ ڪجي، ٻيا سڀ ايترو نڀائيندڙ نه آهن. چارڻ جيئري جا جس ڳائيندو، پر موت کان پوءِ پيچولي( هڪ شعر جو نمونو) ۾ پيو هُلرائيندو)

## ٿر ۽ عمرڪوٽ ۾ چارڻن جو ڳوٺ

عمر ڪوٽ لڳ ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ چارڻن جو مکيه ڳوٺ آهي، جتي اڄ به چارڻ رهن ٿا. ڪاروڙي جي پرسان چور ۾ چارڻ رهن ٿا.

پروفيسر شڪتيڏان جي هڪ شعر مطابق، ٿرپارڪر جي تعلقي ڇاڇري ۾ چارڻن جا ٻارنهن ڳوٺ منريو چارڻ، رٽملاڻ، پريمي ويري، ويداٽي، ڪانهاٽو " ڇهو ڪيسراڙ روهڙ، ناڪرايو ٻگهنو ٻوڙاٻو رهيا آهن."

منڙيو رٽملاڻ مهه، پريما ويري پاس،
ويداٽي چارنور وچ ڪانهاٽو ڇهو خاص،





ڪيسراڙ روهڙ، ڪنڻا ناڪرايو نام،
ٻگنو ٻوڙاٻو وڙي گڏوان ٻارهي گام.

ڇاڇري لڳ ڳوٺ ڪاڳيا مينگهواڙ جو اصل نالو ڄڳتو چارڻ آهي. چيلهار جو نالو "چيلي چارڻ، جي نالي پويان پيل آهي. صديون اڳ هن ڳوٺ کي چيلي چارڻ وسايو هو. پر هن وقت چارڻن جو هڪ گهر به نه آهي، چيلهار ۾ چارڻن جو ڪوٺايل کوهه ۽ پڏر موجود آهي.

هن وقت ڳوٺ شوو چارڻ ۾ چارڻ رهن ٿا. تعلقي مٺيءَ ۾ صرف پاٻوهر ۾ چارڻن جا ڪجهه گهر آهن. تعلقي ننگر پارڪر ۾ واڌڙئي، مئو ڪاسٻو، لاڪڙ ڪڏيو، سُڪپور، گونگڙي، گڊڙو چارڻ، ڏيٽسي، ڏيڏرائي، ويڪاسر، راڻي ۽ پيما ويري ڳوٺ. چارڻن جي راڄ ۾ شامل رهيا آهن. هن وقت راڻي، گڊڙو چارڻ، پيماويري، لاڪڙ ڪڏيو ميهن جي ڍاٽي، ڏيٽسي، اونهير ۽ ڏيڏرائيءَ ۾ ٿوري تعداد ۾ چارڻ رهن ٿا.

باب پيو

# چارڻ شڪتيون ۽ موتيسرا چارڻ

## پورن ۽ نيمتي شڪتي:

چارڻ بنيادي طور تي ديوي کي مڃيندڙ قبيلو آهي. چارڻ قبيلي جو وجود لوڪ روايتن موجب ستيءَ جي شڪتيءَ کان شروع ٿئي ٿو. هن وقت تائين چارڻي اتهاس موجب ننڍي کنڊ جي چارڻن ۾ نوَ لکن کان مٿي ‘چارڻ شڪتيون’ پيدا ٿيون آهن.

چارڻ عقيدي موجب ديوين کي شڪتي ‘درگا ديوي’ کان ملي ٿي. چارڻي سماج ۾ هنگلاج ديويءَ کي صف اول جو درجو حاصل آهي. هنگلاج کان پوءِ آوڙ ديوي، پهو چرا ديوي، ڪوڙيار ديوي، ڪاراني ديوي، ڪوڏيار ديوي، وڙوڙي ديوي، ڪميهي ديوي، ڪرٽي ديوي، سونل ديوي، ڏيول ديوي ۽ ٻيون ڪيتريون شامل آهن.

چارڻي عقيدي موجب پورن شڪتيءَ واري ديويءَ جا اختيار وسيع هوندا آهن، جڏهن تہ نيمتي شڪتيءَ واري ديويءَ جا اختيار محدود هوندا آهن. هنگلاج ديوي ۽ آوڙ ديوي، پورن شڪتيءَ وارين ديوين ۾ ڳڻتيون ويندييون آهن. راجپوتن جي ڏارڏار ونس جي ڏار ڏار ديوي آهي. هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي:

آوڙ تونی پاٽيان، ڪميهي گوڙان[13]
شري وڙوڙي سسوڏيان، ڪرٽي راٺوڙان.

---

[13] آوڙ توني پاٽيان، گائني گوڙان

( آوڙ ديوي ڀاٽين تي مهربان ۽ ڪميهي گوڙان، راجپوتن تي آهي، شري وڙوڙي، سسوڏين جي ۽ ڪرٽي، راٺوڙن جي ديوي آهي.)

چارڻي سماج ۾ مختلف واقعن تي عورتون ستي چڙهيون آهن. جن جي بہ مانائتي حيثيت آهي. ساهو ستي، جومان ستي، ڏيما ستي، لڇان ستي ۽ ٻيون ستيون قابل ذڪر آهن.

## آوڙ ديوي

هنديءَ ۾ لکيل ڪتابن ۾ سنڌ جي حاڪم ’عمر سومري‘ (ڀهرين) ۽ ’آوڙ ‘جو عشقيہ داستان مشهور ملي ٿو ڪتاب ’سوڍائڻ‘ جو مصنف پروفيسر شڪتيڏان لکي ٿو تہ وِلا جي مامڙ چارڻ جون ست ڌيئريون ٿيون، جن جا نالا آڇر (اڇا)، چاچا (چرچڪا)، هول (هُلا)، ريپلي، گهلي (گلم) ، لانگي (ڪوڙيار) ۽ آوڙ( اويٺ) ملن ٿا.

مامڙ ڪوڙيار کي ڳوٺ ۾ ڇڏي باقي ڇهن ڌيئرن سان اچي سنڌ جي ’چالڪنا‘ نالي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو. مامڙ جي ڌيئرن جي سندرتا سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور ٿي وئي. سنڌ جو ان وقت جو بادشاه عمر سومرو پڻ موهت ٿي پيو ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين. هن طرح جا وسيلا اپنايا ۽ هيلا هلايا، پر ڪيس ڪجهہ نہ وريو. آوڙ ۽ سندس ڀيڻن پنهنجو ست زنده رکيو. عمر جون ارڏائون ۽ آچون انهن جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهيون. پوءِ مامڙ چارڻ چالڪنا مان لڏي ڳوٺ رٻاريو ۾ اچي رهيو. جتي ڪجهہ راين مطابق سومرا ڇڄ وٺي ويا هئا آوڙ ڇڄ ڏسي پنهنجين ڀيڻن سميت ٻڙ جي وڻ تي چڙهي ويئي. وڻ تان پنهنجي پُورن شڪتيءَ سان نانگ اڇليا ڇاڇين ۾ ڀاڄ پئي، پوءِ ٻاڪلي نالي راجپوت کان ڀاڏو وٺي ڀاڏي جي ٻَڪ ( خيرات) ڪئي.

ان واقعي بابت هڪ ڇند ۾ چيل آهي تہ:





آوڙ ٻوليا آپ ٻل ڪر، شينهن گونجاري،
تم اوسر، امي سڪت، ڪيا سمجهہ ڏاري،
ڀهر سرونڪيون تپسيا، چت بات چتاري،
قاضي راڪو جينمل، ڪنت منت وڏاري

آوڙ جو قافلو ڳوٺ رٻاريو مان نڪري ڳوٺ ڪاروڙي جي ڀرسان هاڪڙي نهر تي پهتو ڇهن ڀيڻن ڀاڄي مان هڪ هڪ چرون ڀري ڏنگ ڪيو تہ هاڪڙو درياهہ سُڪي ويو.

چرون ڀريا چارڻيان شڪت ٻنهان سات،
هاڪڙو سوسيو سمندر آوڙ تين مات،

(ستن ئي شڪتين (ڀيڻن) هڪڙو هڪڙو چرون ڀاڄي جو ڀريو، چرون ڀرڻ سان هاڪڙي جو سمندر سڪي ويو اي آوڙ ماءُ!هاڪڙي کي سڪائڻ واري تون ڀاڻ آهين.)

لوڪ دوهي ۾ ست ڀيڻن جو ذڪر آهي. جڏهن تہ هتي ڇهہ ڀيڻون آهن. چون ٿا تہ ڀرپاسي جي ماڻهن اچي ديويءَ کي منٿ ڪئي تہ سراپ سان سُڪايل ست سئو ڪوس هاڪڙو ٻيهر ڪڏهن وهندو؟ ورندي ۾ آوڙ ديويءَ چيو تہ :

هاڪي واهسي هاڪڙو، نڏيان واهسي نير،
سنڌ ۾ هيڪ جنميو ٻيجو جنمسي راڻ همير.

(سنڌ ۾ هڪ همير پيدا ٿيو آهي، جڏهن ٻيو راڻو همير جنم وٺندو تڏهن هاڪڙو پنهنجي هاڪ سان وهندو، ندين ۾ پاڻي وهندو.)

پوءِ شو مندر ۾ پهچي پنهنجي عقيدي موجب پوڄا پاٺ ڪئي. رات گذارڻ جي لاءِ شو مندر وٽ آوڙ جو قافلو ترسي پيو. جتي آوڙ جي پائر پاڻجي کي پيئڻ بلا ڦوڪي ويئي/ ڏنگ هڻي ويئي.پيئڻ بلا جي ڦڪيل/ ڪکيل جو رات جي اونداهي ۾ علاج ڪيو ويندو آهي. سڄ جي روشني

مريض جي اکين تي پوڻ سان زهر بدن ۾ ڦهلجي ويندو آهي. هڪ چارڻي دوهي ۾ آهي ته آوڙ سج کي قسم ڏيندو چيو ته جيستائين آءُ پنهنجي ڀاءُ ڀاٽجي جو علاج ڪري نه اُٿاريان تيستائين نه اڀرجان:

آوڙ ڏني آڻ، لاجاڙا لوپي مت،
پڙ هڙ اوگو ڀاڻ، هون ڀائي اُناٽا ڀاٽجي.

(آوڙ سج کي قسم ڏيندي چيو ته اي لڄيارا! تون منهنجي قسم کي نه ٽورجان. جيستائين آءُ پنهجي ڀاءُ ڀاٽجي کي صحتمند ڪريان پوءِ پلين روشني ڦهلائجان.)

ڳالهين جي گوهرن جو چوڻ آهي ته، شو مندر کان پوءِ ولهار ڍنڍ جو پتڻ ٽپڻ لاءِ پهچي آوڙ ۽ سندس ڀيڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته سومرن جي سڱ گهرڻ ساڻ پاڻ کي ٽڪو لڳي ويو. هاڻي ٽڪي سان واپس هلي ڳوٺ کهڙو منهن ڏيکاريندا سين؟ متان ڳوٺ جا ماڻهو ويڻ ڏين! باهه جو وڏو اوڙاهه تيار ڪرائي ڀائر ڀاٽجي سميت ستي چڙهيون. ممڪن آهي ته ڀاٽجي ڀيڻ بلا جي زهر ۾ وفات ڪري ويو هجي. ڇهه ڀيڻون يا ڪا هڪ ڀيڻ ڀاٽجي جو لاش گود ۾ وٺي ستي چڙهي هجي. ٿي سگهي ٿو ته صرف هتي ڀاٽجي جون آخري رسمون ادا ڪيون ويون هجن. تاريخ جي ڪنهن به ڪتاب ۾ آوڙ جي ستي چڙهڻ جو ذڪر نه ٿو ملي هڪ لوڪ دوهي ۾ آوڙ ۽ سندس ڀيڻن جو هاڪڙي کي سڪائڻ جو ذڪر آيل آهي، ٿي سگهي ٿو ته هاڪڙي جي سڪڻ وارو واقعو پوءِ ٿيو هجي، آخر ۾ ست ئي ڀيڻون سارو ڪارج ساري گڏجي آيون هجن پوءِ هتي ستي چڙهيون هجن.

عمر ڪوٽ جي محقق ڊاڪٽر عبدالعزيز پنهنجي مقالي مارُو چارڻن جو ماڳ ڪاروڙو چارڻ" ۾ لکيو آهي ته" آوڙ جي داستان سان لاڳاپيل عمر سومرو ڀهريون نه، پر سومرا دور جي آخري حڪمران همير سومري جو پاڻيٽيو عمر سومرو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي ته آوڙ





ديوي ئي شاه لطيف جو ڪردار مارئي آهي." جڏهن ته لوڪ روايتن ۽ چارڻي عقيدي موجب چارڻ قبيلي جا ماڻهو آوڙ کي هنگلاج جو روپ قرار ڏين ٿا.

واضع رهي ته عمر سومري ٻئي لاءِ رائچند هريجن "تاريخ ريگستان جلد پهرئين ۾ لکيو آهي ته، "عمر سومرو ٻيو 1355ع ۾ عمر ڪوٽ کي سوڍن راڻن کان وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن اتي 1390ع تائين راڄ ڪيو." رائيچند هريجن، مارئيءَ جو داستان هن عمر سومري ٻئي لاءِ ڄاڻايو آهي.

گجراتي ليکڪ زيورچند ميگهاڻيءَ لکيو آهي ته، همير سومري پاڻ آوڙ تي بري نظر رکي هئي.[14] جرمن ليکڪا جنيٽ ڪيمفرٽس به پنهنجي ڪتاب اِن دي پريز آف ڊيٽ جي صفحي نمبر 242 تي لکيو آهي ته ، آوڙ کي ڏسي همير سومرو پاڻ مٿس موهت ٿي پيوهو. هن چارڻن کان آوڙ جو سڱ گهريو هو. آوڙ ڪاوڙ ۾ جيسلمير جي ڀاٽين ڏانهن لڏي وئي هئي. پر ڀيل شيوڪ جي ذريعي همير ڏي نياپو اماڻيو ته هاڻي تنهنجي سِر جو خير نه آهي. مامڙ چارڻ ۽ آوڙ جي فرياد تي ڀاٽين ۽ سمن، همير جي حڪومت جو خاتمو آندو.

جرمن ليکڪا جنيٽ ڪيمفرٽس پنهنجي ڪتاب "ان دي پريز آف ڊيٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو لکيو آهي ته چارڻ عقيدي ۾ آوڙ ديويءَ کي هنگلاج ديويءَ ڪانپوءِ پُورن اوتار ديوي ڪري مڃيو وڃي ٿو.

چارڻن جي ماڏو يا ساواني پاڙي سان تعلق رکندڙ آوڙ ديويءَ جو جنم تاريخ جي ڪتابن ۾ 813ع ڄاڻايو ويو آهي جڏهن ته آوڙ جي جنم سال جي حوالي سان چارڻي شاعري ۾ به رايا ملن ٿا. هڪ راءِ شريمان ڏانجي ڪويءَ جي آهي، جنهن جي دوهي موجب وڪرمي سنبت 888 ۾ آوڙ جو جنم ٿيو هو.

---

[14] Asian folkore Studies, volume 59,200:p42

سال انياسي مين سُٽي آٺو سنبت انوپ،
آوڙ جڳ ۾ اُتري شري هنگلاج سروپ.

(سنبت 888 ۾ آوڙ ديوي هن جهان ۾ هنگلاج جي اوتار طور جنم ورتو)

ٻي راءِ هڪ پراچين دوهي مان ملي ٿي، جنهن موجب سنبت 838 وڪرمي چيٽ جي نائين تاريخ چنڇر جي ڏينهن مامڙ چارڻ جي گهر ۾ جنم ورتو.

آٺي اڙتيسي سنبت مڌو سد نام شني وار،
مهامايا مامڙ گهري آوڙ ليا اوتار.

(سنبت 838 وڪرمي ۾ چيٽ جي نائين تاريخ چنڇر ڏينهن مامر چارڻ جي گهر ۾ آوڙ ديوي اوتار ورتو.)

آوڙ ديويءَ جو تاريخي قصو مختلف ڪهاڻيون ۽ روايتون ملڻ جي ڪري ديو مالائي بڻجي وڃي ٿو. ڳوٺ چالڪنا ۾ چالڪنائو ديويءَ جي نالي سان سڏجندڙ آوڙ ديوي مخلتف هنڌن تي مختلف نالن جهڙوڪ: نانگ نيچي"،" ناٺ يوگني"،" پدريائي ديوي"،" تمرائي ديوي سان پڪاري وڃي ٿي، اتي مندر نهيل آهن.

ٿرپارڪر جي شهر چيلهار جا چارڻ، آوڙ جا عقيدتمند هئا. چيلهار ۾ آوڙ جو مندر نهيل آهي، جتي هر سال آوڙ جو ڏهاڙو ملهايو وڃي ٿو. آوڙ جي عقيدت ۾ چارڻ ڪوين جا ڪيترائي چند، دوها ۽ گيت چيل آهن.

نائين صديءَ ۾ جنم وٺندڙ آوڙ ديويءَ جي ڪهاڻي ٻارهين صديءَ جي عمر سومري پهرئين ۽ چوڏهين صديءَ جي همير سومري سان ڪيئن ملي ٿي!؟ وڏو گمان آهي ته، ٻارهين صدي يا چوڏهين صديءَ جي آوڙ ديوي ٻي هجي! ان ڪري تاريخ جي شاگردن کي تحقيق ڪرڻ ۽ ڪنهن حتمي راءِ تي پهچڻ ۾ ڏاڍي مشڪلات ٿئي ٿي.





## ڏيول ديوي

چارڻي سماجي ۾ ’ڏيول ديوي‘ جو نالو به وڏي احترام سان ورتو ويندو آهي. عقيدمند ڏيول کي هنگلاج جو روپ سروپ قرار ڏين ٿا. چيو وڃي ٿو ته، ڪاروڙي چارڻ جي پوپت ڏان کي ڪنهن شڀ موقعي تي چارڻ جاتيءَ جي شخص وِيڻ ڏنو ته: ”تون چارڻ سڏائڻ جي لائق نه آهين. اوهان جي خاندان ۾ ڪا ديوي نه آهي“ ويڻ ملڻ سان پوپت جو جيءُ جهري پيو. هن هنگلاج ڏي پنڌ شروع ڪيو. واپسيءَ ۾ هنگلاج ڏانهن پُٺ ڪرڻ جي بداران هنگلاج ڏانهن مهاڙ ڪري پوئين پير واپس ايندو هو. ٿينءَ ياترا تي هن هنگلاج جي آستان تي سوال ڪيو ته، “ ماتا! مون کي ماڻهو مهڻا ڏين ٿا ته تنهنجي خاندان ۾ ديوي نه آهي.“

پوپت ڏان جي عرض تي آڪاش واڻي ٿي ته” تون الڪو نه ڪر، تنهنجي ٽين پيڙهيءَ ۾ ديويءَ جو واسو ٿيندو.“ ان وچن تحت ماڙوَي ڳوٺ جي سنڍائچ چارڻن ۾ پلو ڄِي چارڻ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڏيول ديويءَ ڪاروڙي، چارڻ جي ٻاپن ڄِيءَ سان پرڻجي آئي.

ڏيول جو جنم سنبت 1535 ٻڌايو ته وڃي ٿو. ڏيول ديويءَ جا چار پٽ ڏوڏو، ورٽو، ڏيوپداس، مهپو ڪينڏو ٿيا سندس اولاد مان اڄ به پونير ڪاروڙي ۾ وسن ٿا. سگهڙ ڪيسوڏان، انهن چارڻن مان آهي. ڪيسوڏان جو پاءُ ديوپداس ڪوي هو. ڊاڪٽر ذوالفقار ڪلهوڙي پنهنجي هڪ مضمون ۾ ديوپداس جو ذڪر ڪيو آهي . ديوپداس، ڏيول ديويءَ جي مان ۾ چند چيو آهي، ٻين چاڻ ڪوين پنهنجي ڪوتا ۾ ڏيول جي مهانتا تي چند، دوها، سورٺا ۽ گيت چيا آهن، تن ۾ ڪوي جوجها ڏان، شنڪر ڏان، پروفيسر شڪتيڏان ۽ ٻيا شامل آهن. ڪاروڙي ۾ ڏيول جو آستان آهي، جتي هر سال ميلو لڳندو آهي.

تاريخ جي ورقن ۾ ڏيول ديويءَ جو ڪرادر اهم ڏسجي ٿو. خاص طور”سوڍن جي صاحبي“ ۾ راڻي همير جي صغير پٽ راڻي ويسي کان دوڏا

پاران دوکي سان راڄ کسڻ واري واقعي ۾ راڻي ويسي جي مدد ۾ ڏيول ديويءَ اهم ڪردار ادا ڪيو. جرمن ليکڪا جنيٽ ڪيمفرٽس پنهنجي ڪتاب”اِن دي پريز آف ڊيٽ“ ۾ پڻ ڏيول ديويءَ جو مانائتو ذڪر ڪيو آهي. ڏيول جي حوالي سان پروفيسر شڪتيڏان ڪوتا جا ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ديول پليائي ڏپي، سگت وڙي سوڍاڻ،
ٽانڪ ڪاروڙي ٿپي، پرچا جگت پرماڻ

پلو جي گهر جنم وٺندڙ ديول سوڍاڻ ۾ (ٻاپن جي گهر) پرڻجي آئي، جنهن جو ڪاروڙي ۾ ٿان ٿپيو(رکيو) ويو جنهن جڳ کي پنهنجي شڪتي سان فيض ڏنو.]

گوئيل درجي وڙ گٽي، سه پرمار سنسار،
ڳُلريا سوٿار ڪهي، پڻ نائي پڙهيار،
جوگو ڪاگيا جات را، ميگهوال ڏن مان،
ڏيڌر منگهڻار دت، ديول رو وردان.

[پرما جي ونس مان گوئيل، درجي (درزي) ڳُلريا سوٿهڙ، نائي پڙهيار، ميگهواڙ جاتي جوڳُو ڪاگيا، مڱڻهارن جي جاتي مان ”ڏيڌر“ ڏيول جي وردان سان (راءِ گڙسي جي راڄ مان) ڪاروڙي آيا.

آهو ۾ توتي ورت، اوئي ۾ مُنجهه پينانهه،
اٽندي ڪاتي نا تاريو ماءُ ڪاروڙي پينانهه،

[ڪوهه ۾ ورت تني، جيڪا اٽندي ڪاتي (سوٿهڙ) پاسڙ طور ٻڌي هئي، ڪاتي پريشان ٿي پيو تہ ڪاروڙي ۾ رهندڙ ڏيول هُن جي مدد ڪئي.]

## وڙوڙي شڪتي

لوڪ روايتن جي روشني ۾ ٿر ۽ عمرڪوٽ جي تاريخ جي حوالي سان وڙوڙي جي خاص اهميت رهي آهي. جڏهن همير سومري راءِ نوگهڻ





جي ڏرم جي پيٽ جاسل کي سنڌ ۾ روڪي هئي. تڏهن راءِ نوگهڻ جهونا ڳڙهه مان همير سومري تي ڪاهيو هو رستي ۾ راءِ نوگهڻ جي لشڪر جي لاءِ کاڌي جو بندوبست وڙوڙي ڪيو هو.[15] چارڻي اتهاس ۾ آهي تہ وڙوڙي شڪتي جي سراپ سان سمنڊ جو پاڻي هيٺ لهي ويو ۽ ڪڇ جي رڻ پڌرو ٿيو. جتان راءِ نوگهڻ سنڌ پهتو هو.

## ساهو ستي

چارڻن جي روهڙيا نُک سان واسطو رکندڙ”ساهو ستي“ ڳوٺ هڙويچا جي ڏيئاري هئي. ڪاروڙي جي ڏيتا چارڻن ۾ پرڻايل هئي، جڏهن ڪاروڙي جو ڳوٺ وڏي هڪ شهر جي صورت اختيار ڪري ويو. تڏهن عمرڪوٽ جي راڻي، ڪاروڙي جي غريب عوام تي ٽئڪس (ڍل) مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن عام لوڪ جي پلي لاءِ عمرڪوٽ ۾ دربار اڳيان چارڻن ڌرڻو هنيو. مسلسل ٽي ڏينهن ڌرڻو رهيو. آخري ڏينهن تي”ساهو چارڻياڻي“ راڻي خلاف احتجاج طور ستي چڙهي. عام عقيدي مطابق ساهو چکيا تي چڙهڻ کان اڳ ۾ راڻي کي سراپ ڏنو. ساهوءَ جي ستي چڙهڻ جي واقعي سان چارڻ ”ڪاروڙو“ جو ڳوٺ خالي ڪري ويا. ڪاروڙي جي چارڻن اُن واقعي سبب عمرڪوٽ جي سوڍن جو ”اپيو“[16] وٺي ڪاروڙو خالي ڪيو. راڻو ٽئڪس ملڻ بدران هڪ نئين مصيبت ۾ ڦاسي ويو. عام لوڪ ۾ بہ راڻي جي نندا ٿيڻ لڳي. روايتن مطابق ساهو ستي جي سراپ سان سوڍن ۾ راڻپ واري گهر روڳ ۽ راڙ جو اچي واسو ٿيو جنهن سان سوڍن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو. آڻند سوڍي منٿ ميڙ سان منڙيو چارڻ جي چارڻن کي راضي ڪري آڻي سوڍن سان”اپيو“ ختم ڪرايو. آڻند سوڍي جي محنتن سان ڪاروڙي جا رُسي ويل چارڻ واپس ڳوٺ آيا.

---

[15] وڙوڙي جي عقيدت ۾ آڪا ٿيج ملهائي ويندي آهي.

[16] اپيو: بنيادي طور سماجي بائيڪاٽ جو نالو آهي، جنهن ۾ ان گهر/ڪڙم/قبيلي جو کائڻ پيئڻ بند ڪيو ويندو آهي.

ساهو ستيءَ جو ڪردار اڄ بہ لوڪ ۾ زندھ جاويد آهي ۽ نالو انتهائي احترام سان پڪاري”چارڻي ڪوتا“ ۾ هن ريت ڳايو ويندو آهي:

هڙويچي سنيڙي حيلو ساڏ سنيڙي ساهُو
شيوڪان نا شرڻي راڪي، تون وهلي آئي ماءُ

[هڙ ويچار ڳوٺ جي جائي امان ساهو! تون پنهنجي عقيدتمندن جو سڏ سڻي، پنهنجي شيوڪن کي شرڻ ۾ رکڻ لاءِ تُرت اچ.]

## جومان ستي

جومان ستي ڳوٺ هڙوي جي رهواسي، سُڏرو جِي چارڻ جي جائي هئي. سندس ور جو نالو امرو جِي هو. هُوءَ منڙيو چارڻ ۾ پرڻايل هئي. ڪوي”جوجهان ڏان“ جا ڪيترائي ڇند جومان ستيءَ جي مان ۾ چيل آهن. چاچري جا اڪيراج سوڍا ۽ ڪوي هيمڏان چارڻ وارا جومان جا عقيدتمند آهن.

جومان، ڳوٺ ڪيتاريءَ پرسان چارڻن جي کوهہ تي رند قبيلي جي ڪجھ ماڻهن پاران قبضو ڪرڻ خلاف احتجاج طور ستي چڙهي. چارڻي ٻوليءَ ۾ اهڙي احتجاجي چڪيا چڙهڻ واري عمل کي ”جهمر ٻرڻ“ چيو ويندو آهي. چون ٿا تہ جومان ستي چڙهڻ کان اڳ ۾ قبضاگير خلاف سراپ ڏنو تہ، تنهنجي پيڙهي ناس ٿي ويندي ۽ هي کوهہ چارڻن جو هلندو رهندو. اڄ بہ چارڻن جو اهو کوهہ آباد آهي ۽ ڪيترا ماڻهو پاڻي پي اڄ اجهائين ٿا.

جومان جي ستي چڙهڻ وارو زمانو ٽالپرن جي دور جي پڇاڙي وارو آهي. جومان جي ستي چڙهڻ واري جاءِ تي يادگار ٺهيل آهي، جنهن کي”ستيءَ جو پاڙيو“ چئبو آهي. جتي هر سال چارڻ ۽ ٻيا عقيدتمند گڏ ٿي مارچ ۾ ميلو لڳائيندا آهن.





## ڏيمان ستي

“ڏيمان ستيءَ” جي بہ وڏي ناماچاري رهي آهي. گُوڙهي جي راڻي باڪرا جي درٻار ۾ مکيہ حيثيت رکندڙ سميجي پنهنجي جاتيءَ جي هڪ غريب ڳوناڻي کان سڱ گهريو. غريب سميجي جي انڪار ڪرڻ تي هن وجي راڻي باڪرجِي سان ڳالهہ ڪئي ۽ راڻو ڏمرجي اُٿيو تہ اهو سميجو ڪير ٿيندو آهي، جو منهنجي درٻار جي سميجي کي انڪار ٿو ڪري. غريب سميجو اڳيان، راڻو پٺيان...غريب سميجو پاڻي راجپوتن سميت مختلف قبيلن وٽ پناهہ لاءِ ويو پر ڪٿي بہ ڪيس پناهہ نہ ملي، آخر ۾ جهرڪلي جي چارڻ وٽ پهتو. جتي “ڏيمان چارڻياڻي” هن کي پناهہ ڏني. جڏهن راڻو جهرڪلي پهتو تہ”ڏيمان“ پناهہ ۾ آيل سميجو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. راڻي چارڻن کي ڌمڪيون ڏنيون، پرچارڻن وٽ نہ ڪي نوَ ڪوٽ، آڏا رهيا. آخر ۾ ڏيمان، راڻي جي خلاف “جهمر ٻرڻ” جو اعلان ڪيو. ستي چڙهندي، ڏيمان راڻي کي پاراتو ڏنو تہ:”اي راڻا ! منهنجي ٻارهين ڏينهن تي خيراتي ماني ٿيندي ۽ تنهنجي تيرهين ڏينهن تي“چون ٿا تہ ائين ئي ٿيو. ڏيمان جي ستي چڙهڻ مهل سندس پوٽي لڇان بہ مچ ۾ ڪاهي پئي ۽ هوءَ بہ ستي چڙهي وئي. اڄ بہ لوڪ ڪٿائن ۾ ڏيما ۽ لڇان امر آهن. واهر ۾ آيل هڪ سميجي عثمان جي گهوڙيءَ کي داڻا ڏنا ويا تہ عثمان گهوڙي سان مخاطب ٿي چيو تہ: ” گهوڙي! چارڻن جي گهر جا مفت ۾ مليل داڻا نہ کائجانءِ !“ چون ٿا تہ: گهوڙي مفت ۾ مليل چارڻ جا داڻا نہ کاڌا. پوءِ هن ناڻي جا دانا خريد ڪري گهوڙيءَ کي کارايا. جهرڪلي جي چارڻ ڪوي”انوپ ڏان“ جي والد ڪوي هيمڏان، 120رنگ جي دوهن ۾ 60هين دوهي ۾ عثمان کي رنگ(جس) ڏيندي چيو آهي تہ:

سڙست رنگ سميجا، اُس نہ چري اَن،
اکر رهيا عثمان را، ڏيمان ٻڙي اُڻ ڏن.

[60 رنگ (شاٻسون) سميجي کي، جنهن جي منع ڪرڻ تي گهوڙيءَ چارڻن جي گهر جو داڻو نہ کاڌو، عثمان جا هي اکر سچا ٿيا. ان ڏينهن ڏيمان ستي چڙهي.]

انهيءَ واقعي تي چارڻن، گوڙهي جي راڻي باکر جي 80 ڳوٺن” جو اپيو” ورتو(بائيڪاٽ ڪيو). اڄ بہ آسپاس جا چارڻ انهن ڳوٺن جو پاڻي نہ پيئندا آهن. هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي تہ:

مارڻ گيو تو مار، چارڻ وهنتا چونٽيا،
اي واتان اوناڙ پلي نهين ڪي ٿي باکرا.

[ تون مارڻ ڪنهن کي نکتو هئين، پر هلندي چارڻن کي چيپاٽيو. اي باکرجي ! اهي ڳالهيون بيوقوفن جون آهن، تو پلي نہ ڪئي آهي.]

## چارڻن جا چارڻ موتيسرا

موتيسرا، چارڻن جا چارڻ آهن، جن جي ذمي چارڻن کي پنهنجو فرض ياد ڏيارڻ، چارڻن جي تاريخ لکڻ ۾ سنڀالي رکڻ، چارڻي سماج ۾ وقت بہ وقت سڌاري آڻڻ وغيره جا ڪم شامل آهن.

چون ٿا تہ سڌاجيءَ جو پٽ ماڻڪ راءِ، انجار جي پرسان 600 ڳوٺن جو ڌڻي ۽ جهالار جي ٺاڪر سڌرائو سولنڪيءَ جون پاڻيجو هو. ماڻڪ راءِ جي چترائيءَ جي راڄن ۾ هاڪ ٻڌي”آوڙ ديوي” هڪ پيري هن کي پاڻ وٽ گهرايو. پرک ونڻ کان پوءِ آوڙ ديويءَ ماڻڪ کي راءِ کي چيو تہ، تون پنهنجي صحبت جا ڏاها دوست وٺي اچ. ديويءَ جي چوڻ تي ماڻڪ راءِ ويو ۽ ڏاها راجپوت دوست وٺي آيو. آوڙ ديويءَ ماڻڪ راءِ سميت انن





ڇٽن، هر هڪ: (1) پالڻ، (2) ڪيلا، (3) پڙهيار، (4) چاندڻ، (5) وجيملان، (6) منگڙيا ۽ (7) راميهيا-کي موتين جون ملهائون پارائي چيو تہ، اوهين هاڻ راجپوت نہ، پر چارڻن جا چارڻ آهيو. اوهان کي، چارڻن کي پنهنجو فرض ياد ڏيارڻو آهي. چارڻ جاتيءَ ۾ سڌارا آڻڻا آهن. آءٌ اوهان لاءِ دعا گهُران ٿي، اوهان انهيءَ مقصد ۾ ڪامياب رهندا.

انهيءَ ڏينهن کان وٺي چارڻن جي موتيسرا ڪڙم جو بنياد پيو. هڪ لوڪ دوهي ۾ ماڻڪ راءِ ۽ سندس ساٿين جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي.

پالڻ، ڪيلا، وجيملان منگڙيا، پڙهيار،
رامهيا ني چاندڻ، مکواٽا سردار

انهن جو اولاد، ان وقت کان وٺي پنهنجون ذميواريون نڀائيندو پيو اچي. موتيسرا چارڻن جي ڳلي ۾ موتين جا مالها يا سِر تي موتيءَ جي نشاني اڄ بہ ٻڌل هوندي آهي.

باب ٽيون

# چارڻ ڪوِين جي شاعري

(مختصر جائزو)

ٿرپارڪر جي ڌرتي، تاريخ اعتبار کان قديم زماني کان وٺي عظيم ثقافتي ورثي جي مالڪ رهي آهي. چارڻن جي چتر ٻولي، راجپوتن جي ريتن رسمن ۽ آدي واسين جي رمت(ناچ) ۾ رَتل هتان جو منفرد ماحول، سماج، رنگين نظارا، راڳ، موسيقي ۽ ڪوتا جا مڌر آلاپ، چانڊوڪيءَ جهڙو حسن رکن ٿا. ان سڄي پسمنظر بابت هزارين لوڪ دوها ۽ گيت جُڙيا، صدين جي سونهن بڻيا آهن. پرياڻ جو ڳائجندڙ گيت"لاکو ڦلاڻي " ٻه پهر ڏينهن چڙهڻ تي ڳائجندڙ "واگهو ڪونڙيو ٽپهريءَ جو آلاپجندڙ گيت " سومرو ۽ رڻمل" ۽ رات جي مڌر گيتن: "ميهان جل ڄايو "۽ " راڻي مهندري "کان وٺي ‘جهالريي’ ناگوڌر ۽ چرميءَ جي ٻولن جون ڪٿائون پنهنجو مٿ پاڻ آهن، جن تي هيٺلن هرڻن جيان هرِڪجي، گلابي بدن وارين گورين سدائين ائين پئي چاهيو آهي تہ :

ماءِ، ماڻسيا مِلائي، جُوني ڍاٺ را!

(اي منهنجي جيجل!مون کي جهوني ڍٽ جو ڍاٽي وَرُ ڏجانءِ.)

اهڙيءَ ريت لوڪ گيتن، ڪامڻين جي هار سينگار، سنگيت جي سُرن، پريم ڀاونائن ۽ واريءَ جي ڀِٽن جو پسمنظر رکندڙ هن ٿر کي "نندن بَن" جهڙو سرڳ_ باغ بڻايو آهي. تڏهن تہ ڪنهن ڪويءَ چيو آهي تہ:

آءُ نانگوڌر سومرا، ڏاٽ ٽٽي ڏَوري،
رهو اجوڻي راتڙي، سَيڻان ري ٽوري!

(اي نانگوڌر جا سومرا! ڏاٽ جي دڙن ڏي اچو. اڄوڪي رات سڄڻن جي ٽوري سان اسان وٽ رهي پئو.)

ان ئي پسمنظر ۾ ٿر ۾ ان ڪهاوت جنم ورتو آهي ته:

ناوڻ ڏووڻ ناگران، آسڻ ٻيسڻ آڏوتان،
چتر ٻولي چارڻان، ريتي رجپوتان!

جهڙيءَ ريت صفائي سترائي رکڻ، وڻجارن (واپارين) جو ۽ آسڻ تي ويهڻ انگ ڀيوتين/ آڏوتين جو ڪم آهي. اهڙيءَ ريت ڏاهپ ۽ فهم واري ٻولي چارڻن جِي ۽ ريت نڀائڻ راجپوتن جو وڙ آهي.)

چارڻن جي انهيءَ چتر ٻوليءَ ۾، ٿر جي تاريخ تهذيب ۽ تمدن جو عڪس سمايو پيو آهي. ريگستاني پٽيءَ جي تاريخ لکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ، چارڻن جي شاعري وڏو ذريعو ۽ ماخذ آهي. اُن شاعريءَ ۾ نه رڳو اُن دور جون حالتن بيان ٿيل آهن، پر انساني سياءُ موجب مرد ۽ عورت جي حُسن ۽ پيار جو اظهار به ملي ٿو. چارڻن جو ڪويه ٻول تصوير ڪشيءَ جي جمال کان وانجهيل نه هوندو آهي. چارڻن، زمان ۽ مڪان جا مامرا، تصوف ۽ ويدانت جا ڳُوڙها نڪتا، انساني آزاديءَ جا جذبا، تهذيب ۽ تاريخ جا نازڪ ۽ حسين رُخ، بيحد حسناڪيءَ سان بيان ڪيان آهن. اهڙن شاعرن جي شاهڪار تخليق ۾ اعلي درجي جو آدرشي سنيهو سمايل آهي ۽ اهڙي شاعري مستقل قدرن جي عظمت سان پرپور آهي. ان جي اظهار جو نمونو ڪجهه هن ريت آهي:

سادُولو آپي سُومو، ڀيجو وکڻ ڪرنت،
هاڪ ٻٽياري ڪم سَهي، گهن گاجي مرنت!

(ايسرداس)





(شينهن پاڻ ئي سورمو آهي، جيڪو مقابلي وقت ٻئي کي ليکيندو ئي ناهي. اهو ٻئي جي للڪار ڪيئن برداشت ڪري سگهي ٿو؟ جيڪو ڪڪرن جي گهن گرج تي مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي!)

چند تون ڪڻ ڪانڌيو مين ڪانڌي ڪرتار،
پونم پُورو آوسَي، هون اوتي اوتار .

(ڪلول)

(چنڊ توکي ڪنهن گهايو آهي، جو اڌ ٿيو پيو آهين، مون کي ته ڪرتار ٽوڙيو آهي. تون ته پونم رات ۾ مڪمل ٿيندين، پر آءٌ اياڻو (شايد) ڪنهن ايندڙ جنم ۾ ئي مڪمل ٿيندس.)

سروَر لانٻي سنچري، پڳگهَٽ پدمڻيان،
ڪَرَ گُٽوان ڪُماريان، وَيو سوياوٽيان!

(بانڪيداس)

(امرڪوٽ جون پدمڻيون لانٻي تلاءِ جي پڳگهٽ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ اچن ٿيون گُٽوان ڪمارين جا هٿَ ۽ ويس ڪيڏا نه سوڀياوان آهن.)

باپي! ديور نيند بس، ٻولِيجَي نه اُتال،
جَوتان گهاوان چونڪسَي، جَي سُٽي ٿُرتبال.

(سورج مل)

(ياپي! تنهنجي ساجن (منهنجي ڏير) جي اک لڳي ويئي آهي، وڏي آواز نه ڳالهاءِ، هو جنگ تان گهائجي موٽيو آهي، هن جي ننڊ ڦِٽي پئي ۽ جنگ جي طبل جو آواز سندس ڪَن تي پيو ته گهاوَن جي پرواهه نه ڪندي اُٿي پوندو. ڪيس ننڊ ڪرڻ ڏي.)

رَي بندا، چيت منڪان چيتن رو جمانو آويو!
اِڻ ماٽي مين سوَ سوَ پيڙهي، مر گئي بوکي پياسي،
پاڳ پروسو رئيو بابلا، پريت ڪِري آڪاسي،

ڪڏي تہ پڙ گيو ڪال اياگو گڻ گڻ ڪاڍيو ڏور
ڪڏي تہ ناڪر لاڏو لاڏيو ڪڏي لاٺ گيو چور
ڪڏي بيري داو پڪڙ گيو ڪڏي آئي گئي رولي،
ڪترا ڏن تڪ صبر ڪريلا، ماتي هنس ڪر بولي..

(ريوَت ڏان چارڻ جي ڪوتا)

( اي بندا احساس پيدا ڪر، انسان جي پاڻ سڃاڻڻ جو دور اچي ويو آهي. هن مٽيءَ ۾ ڪيئي پيڙهيون ٻڪ ۽ اُڃ ۾ مري ويون. (تقدير تي ڀروسو ڪندي ڪڏهن آڪاش رسي ٿو ڏڪار جا ڏينهن آڱرين تي ڳڻي ڪاٽيا آهن، ڪڏهن جاگيردار اُن ڪٽي وڃي ٿو ڪڏهن چور ڦري وڃن ٿا. ڪڏهن دشمن جي گهيري ۾ آيا آهيون، ڪڏهن ٻيءَ ڪنهن مشڪلات روليو آهي، مٽي مسڪرائيندو پڇي ٿي تہ ائين ڪيترا ڏينهن سور سهندي خاموش رهندين؟)

هيءَ لوڪ ڪوتا ڪيڏي نہ ترقي پسند سوچ جو اظهار آهي، شاعر جي فطرت ۾ آهي، تہ مظلومن جو ساٿ ڏي. ڀٽائيءَ مظلومن جو ساٿ ڏيندي چيو هو تہ:

متو آهين مڇ، ٽُلها تو ٿونها هٽين،
تو جا پاڻئين اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهنڙا.

"آدرشي پيغام" ان ڪان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ هي عالم انسانيءَ جو بي بدل فڪر آهي. هر سٽ ۾ تخليقي حسن جي وسعت، هم گيريءَ ۽ جادوگريءَ سان ٽمٽار سرمايو سمايل آهي، جنهن ۾ ويررس ۽ شرنگار رس ڪان وٺي اديت ( اچرج) رس ۽ ٻيڀتس (ڪراهت) رس تائين نوَ (9) ئي رس موجود آهن. ساڳئي وقت هن شاعري ۾ ٻوليءَ جي ويجنا بہ قائم آهي. هي شاعري پڙهڻ سان انساني وجود کي عجيب سُڪون ملي ٿو. رڻ گجي راڙو ٿئي يا امن جي ڪبوترن جون اُڏارون هجن، ٻنهي رخن ۾





چارڻن دلين کي تراشيو آهي. چارڻن جي شاعريءَ ۾ سهپ، ايثار، محبت، ياٽپي، اتحاد، امن، ۽ حب الوطنيءَ جا عظيم قدر موجود آهن. هن ڪوتا ۾ مذهبي تعصب ۽ نظرياتي ڪٽرپڻي جو ذرو بہ نہ ٿو ملي. ان صورتگريءَ کي داد ڏيڻ لاءِ دل بي چين ٿيو پوي، چارڻ شاعرن کي ستارا ڪڏهن پوڙها نہ لڳا آهن، نہ ڪڏهن چارڻ ڪوين چنڊ کي رڻ ڪيتر ۾ لاوارث جوڏي جي پيل ڪوپڙيءَ وانگر ڏٺو آهي، پوهہ جي ٿڌيءَ رات ۾ چارڻ شاعرن ڪوتائون ۽ دوها سرجي ريگستان جي روح ۾ محبت جا شعلا ٻاريا آهن. جڏهن سندرتا چڳن مان چيڙه ڪيدي، پريتم لاءِ تيل قليل ڪيو آهي، تڏهن چارڻن جي ڪوتا سونهن جي ساکي ٻڻي آهي. چارڻن چيٽ جي چاندوڪيءَ ۾ چڪور جو پرواز بيان ڪري زندگيءَ جي اٿاهہ حسن جو تصور ڏنو آهي. ڪارونجهر جي ڪور تي ڪڪرن جي ڇانءُ ۾ مورن جو ناچ شاعريءَ جي حسين سٽن ۾ سمايو آهي.

چارڻن جي ڪوتا جي هر سِٽ، وقت جي ڪاري ٻاٽ ۾ چٽنگ وانگر چمڪي رهي آهي. سندن هر سٽ چٽي ۽ بيخوف آهي. هر دور جي چارڻ جي شاعريءَ ۾ فڪري ارتقا، وسيع مطالعي ۽ مشاهدي سان گڏ تخيل ۽ تصور ۾ جذبن ۽ امنگن جي اوچائي نظر اچي ٿي چارڻ پنهنجي ثقافت، پنهنجين روايتن ۽ قدرن جا ترجمان رهيا آهن. چارڻن جي شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ جون چار اهم سڃاڻپون: عقل، آزادي، پيار ۽ کهلَ واضع نموني سان چٽيل آهن. انساني معاشري ۽ نفسيات بابت وسيع ۽ گهرا ويچار ڏنل آهن. ناٿ پنٿي، بجراڻي سڌن جي اثر سان گڏ ڀڳتي تحريڪ پريم مارگ ۽ ريتي ڪال جي سوچ بہ چارڻي ادب تي پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. چارڻن ۾ مجذوب شاعر بہ ٿيا آهن. چارڻ شاعر ڪڏهن بہ نئين دور ڪان لاتعلق نہ رهيا آهن هنن ادب جا اپرنڌ لاڙا سمجهي، شاعريءَ جا نوان محرڪ هٿ ڪيا آهن. چارڻن جي شاعري،

ڪلاسيڪل سان گڏ جديد فڪر سان هن آهنگ آهي.ريگستاني لوڪ ادب تي ڪم ڪندڙ زيور چند ميگهاڻيءَ پنهنجي ڪتاب " چارڻ ۽ چارڻي ساهتيہ" ۾ چارڻي ادب جو اڀياس ڪندي، چارڻن جي شاعريءَ کي موضوع جي لحاظ کان هن ريت ورهايو آهي:

1. ديوي ۽ ديوتائن جي تعريف ۾ چيل شعر (ستوان)
2. اهي شعر جيڪي سورمن، بزرگن، ۽ سرپرستن جي شان ۾ چيا وڃن (برداولو)
3. جنگ ۾ سورمن جي سورهيائي تي چيل (ويراٽو وراٽو)
4. راجا يا راجا جي ماڻهن طرفان ڪنهن کي بدگماني ڏيکارڻ يا ترڙي ڏيڻ وارا شعر (اپلاميو)
5. سورمن تي دغا سان ٺٺولين وارا شعر تخليق ڪرڻ (ٺڪاڏي)
6. پنهنجن پيارن، سرپرستن ۽ دوستن جي مرتيئي تي چيل شعر (مرثيو يا ورلاپ ڪوتا)
7. فطري حسناڪي، موسمياتي خوبصورتي، ۽ تهوارن تي لکيل شعر
8. هٿيارن کي بيان ڪرڻ وارا شعر
9. شينهن گهوڙي، اٺ، هاٿي ۽ مينهن وغيره جي اهميت/واکاڻ ۾ چيل شعر
10. نصيحت، بهادريءَ ۽ هوشياريءَ جي باري ۾ چيل شعر
11. ڏڪار، ڏک ۽ تڪليف جي حالت بيان ڪرڻ وارا شعر (ڏولاوا ڪوتا)

زيور چند جي هن جائزي جي آڌار تي چارڻي شاعريءَ جو نئين سر اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪيترائي نوان رخ، رنگ ۽ موضوع چارڻي ادب ۾ ملي سگهن ٿا.

چارڻي شاعريءَ جي موضوعن ۾ مالڪ حقيقيءَ جي ساراهہ پڻ





ملي ٿي. ان سلسلي ۾ ڪوي چمن چارڻ، ڪوي جمن چارڻ، ڪوي ايسر داس، ڪوي جو جهاڙان ۽ ٻين جي ڪوتا قابل ذڪر آهي.

## چارڻن جي شاعريءَ جي ٻولي

سمنگ چارڻ، جمن چارڻ حسين چارڻ، سهراب چارڻ، سليمان چارن ۽ صدرالدين چارڻ جي شاعريءَ جي ٻولي نج سنڌيءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جڏهن تہ ريگستاني پٽيءَ جي شاعرن جي شاعري، ڍاٽڪي، مارواڙي، ميواتي، مالوي، ڍونڍاري ۽ پارڪري لهجن ۾ موجود آهي، ۽ ان تي هندي پنگل ۽ راجستاني ڏنگل جو چٽو اثر آهي.

هيٺ، چارڻ جي ڪوتا کي مزاحمت، بغاوت ، رزم، رومان، سبق آميزي وغيره جي موضوعن ۾ ورهائي، تفصيل سان بيان ڪريان ٿو.

## چارڻن جي مزاحمتي ڪوتا

چارڻن جي ادب ۾ انقلابي ۽ مزاحمتي شاعريءَ جو اهم حصو شامل آهي، چارڻ ڪوين ننڍي ڪنڊ جا ڪيترائي جنگي داستان "رزميہ شاعري" ۾ سرجي مزاحمتي شاعريءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي ذات جي امٽ ڇاپ ڇڏي آهي لفظ "رزم" جي معنيٰ "جنگ جي ميدان جو نقشو چٽڻ" آهي. چارڻن رزميہ شاعريءَ ۾ نہ صرف جنگ جا چٽا نقشا چٽيا آهن، پر خود جنگ جي ميدان ۾ تلوارون کڻي لٿا آهن. چارڻن جي مزاحمتي ۽ رزميہ شاعريءَ جو ايترو اثر رهيو آهي. جو نوجوان ليکڪ ۽ علم بشريات جي ڄاڻو ذوالفقار ڪلهوڙي، پنهنجي هڪ انگريزي ۾ لکيل مضمون[17] ۾ لکيو آهي تہ ڪنهن بہ بهادر لاءِ اهو ممڪن ئي ڪو نہ هو تہ چارڻ شاعر جي تعريفي نظم کان سواءِ هُو پنهنجو ڏاڪو ڄمائي سگهي." هي چارڻن

[17] Singing praises Daily Dawan February 25, 2007

جي شاعري جي ڪماليت آهي ته ويڙهه جي ميدان ۾ هاريندڙ کي به هيرو ڪري پيش ڪيو آهي.

چارڻ ڪوين، انساني آزاديءَ جي حسن، صداقت ۽ نيڪيءَ جي حمايت ۾ جان جي بازي لڳائي، ڪوي ۽ ڪلاڪار لاءِ سماج ۾ حقيقي مان مرتبو حاصل ڪيو. تاريخ ۾ اهڙا چارڻ ڪوي پيدا ٿيا آهن، جن انسان ذات جي پيڙا رڳ رڳ ۾ محسوس ڪندي، حاڪمن جون آڇيل جاگيرون ۽ انعام "ٺوڪتا" ڪري ڇڏيا. هنن عام ماڻهوءَ جي ڏکن جي صليب سان ڳل لائي گونگن ڳوڙهن کي گيتن جي گونج ڏني. انڌير ۾ انياءُ جا ايماني ڳاٽ اڏائڻ لاءِ عام ماڻهوءَ ۾ اتساهه پيدا ڪيو. هو ڌرتي ديول جا پروهت چارڻ ڪوي هئا، جن جي زبان تي پهرو لڳو، قلم تي بندش پئي. پر هنن پنهنجي شاعري کي ڏڪار جي نعري ۾ سوڙهي ڪرڻ بدران پنهنجي مٽيءَ ۽ ماڻهن سان پيار ۾ وسعت ڏيئي ۽ فن تي مهارت حاصل ڪري، آرٽ کي اوليت ڏني.

اچو ته چارڻن جي مزاحمتي ڪوتا جي دوهن جو لطف وٺون:

ڀاڳي مت ري صائبا، تين ڀاڳان "مو"[18] ڪوڙ[19]
ساهيڙين هاسا ڪرين ڏي تاڙي مُک موڙ

هڪ جنگجُو جي زال جنگ جي ميدان ڏانهن ويندڙ پنهنجي مڙس کي چوي ٿي ته "اي منهنجا صاحب! تون (جنگ جي ميدان مان) واپس ڀڄي نه اچجانءِ، تنهنجي ڀڄڻ سان منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويندو. منهنجون ساهيڙيون مون کي طعنا ڏئي تاڙيون وڄائي کلنديون)

ڪنتا رڻ جاءِ ڪي، ڀاڳي ني مت آءِ،
ڀاڳيو تو مون بٽي ڀهنڙي، تو مارو ڀاءِ.

[18] مون:مون
[19] ڪوڙ: ڪوٽ ٽڪو/داغ





(منهنجا بالم! رڻ کيتر ۾ وڃي واپس ڀڄي نه اچجان، جيڪڏهن تون ڀڄي آئين ته تون منهنجو ڀاءُ، آءُ تنهنجي ڀيڻ جي برابر آهيان)[20]

ڍول وڄتا اي سکي! پتي آيو مهه ليڻ،
واڳا ڍول مين چلي، پتي ڪو بدلو ڏيڻ.

(اي سکي! منهنجو ور شاديءَ وقت دهل وڄائي (ريت رسم موجب) مون کي ڪونڻ آيو هو. اڄ آءُ رڻ کيتر ۾ ويرگتي پائيندڙ پنهنجي ور جو مڙهه وصول ڪرڻ لاءِ دهل جي وڄت ۾ وڃي رهي آهيان ۽ سندس مڙهه وصول ڪري ستي چڙهندس.)

ٻالا چالا ۾ بسارئي، مُو ٽڻ[21] جهر سماڻ
ريت مرتا ڏيل رکي، اُٿ ٿميو گهمساڻ

(اي منهنجا پٽ پنهنجيءَ روايت کي نه وسار، پنهنجو ٻالپڻ ياد ڪر، منهنجي ٿڃ (تو لاءِ اڄ) وِههَ برابر آهي، اُٿ گهمسان جي جنگ شروع ٿي چڪي آهي. تون مرڻ مارڻ جي ريت ۾ دير نه ڪر.)

نه پڙوس[22] ڪانئر ڪران، هيلي واس سون آئي
ٻيلهاڙي اُن ڏيس ري، ماٿا مُول بڪائي

(هڪ بهادر عورت پنهنجي سهيليءَ کي چوي ٿي ته، اي سکي! مون کي ڪانئرن جو پاڙو به سنو نه ٿو لڳي، آءُ انهيءَ ديس تان ٻلهار وڃان، جتي جا متوالا پنهنجي سرن جو سودو ڪن ٿا.)

باپي هون ڏيوڙي ڪڙي، ليوان ڪيوٽ روڪ،
ٿهين پڏارو پاوٽان، نيڙي جهال بندوڪ.

[20] هن دوهي جو ترجمو يا وسعت ( Extension ) سنڌي ۽ ڍاٽڪي ٻوليءَ تي هڪجهڙي مهارت رکندڙ خليفي نبي بخش "قاسم" ڪهڙي نه خوبصورت ٻوليءَ ۾ ڪئي اهي:
جي ڀڄي آئين ڀڄڻا، ته آءُ تنهنجي ڀيڻ،
نٿ تنهنجي نڪ ۾، وجهان ڏيئي ويڻ.

[21] ٽڻ: ٿڃ
[22] پڙوس: پاڙيسري

(اي پاپي! اوتي (گهر جي اڱڻ) جي پيپل تي ويٺي آهيان ته جيئن دشمن کي روڪي سگهان، تون مورچي وٽ هلي بندوق سنڀالي ويهه)

گهوڙو چڙهڻو سيکيو پاپي ڪسڙي ڪام،
تنب سٽي ٻيجي پار رو، ليجي هاٿ لگام.

(اي پاپي! گهوڙي سواري ڪهڙي ڏينهن جي لاءِ سکي هئي؟ ويري جي پار ڪان (دشمن جا) نغارا ٻڌي، گهوڙي جو لغام هٿ ۾ ونڻ گهرجي)

پنڇي هيڪ سنديسرو،[23] بلبل ني ڪهيا هو
جنمال ٿال نه باجيا، آج ڍول بجيا هو.

(اي پنڇي (پکي) منهنجو هي نياپو بابي کي پهچائجان ته منهنجي جنم ڏينهن تي ٿالهي نه وڳي هئي (راجپوتن ۾ ٻين قبيلن ۾ رواج آهي ته جڏهن ڇوڪرو ڄمندو آهي ته ٿالهي وڄائي ويندي آهي پر ڇوڪريءَ جي جنم تي نه وڄندي آهي) پر آءُ اڄ ور جي ويرگتي پائڻ ڪان پوءِ سَتي[24] ٿيڻ لاءِ وڃي رهي آهيان، ته منهنجي اڳيان دهل وڄي رهيا آهن.)

ويرا ليوڻ آويو، پيو رڻ هوا اوهير،
اب تو بلَوا جاون سيان، اب نهين آؤ پير

(منهنجو پاءُ مون کي ونڻ آيو آهي ، پر منهنجو ور ميدان جنگ ڏانهن وڃي رهيو آهي، منهنجون جيڏيون! آءُ ته هاڻي ستي چڙهڻ لاءِ ويندس، ماڻتن ڪٽي تي اچي سگهان)

---

[23] سنديسرو: نياپو

[24] (ستي راجپوتن جو مشهور رواج آهي مڙس جي ويرگتي پائڻ تي ناري لاش کي پنهنجي گوڏي تي سمهاري چکيا تي چڙهندي هئي، بهادري ۽ سخاوت وارن ڪارنامن واري مرد پويان سندس پاڃائي، ماءُ ۽ پيٽون به ستيون چڙهيون آهن، چکيا چڙهندڙ عورت پنهنجي هٿن سان تياري ڪندي هئي . ستي ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ٻوٽ جي ماڻهن کي سيرو رڌي کارئيندي هئي، تپندڙ ديڳ ۾ روايت موجب ڪٽڇي (ڏوهي) طور هٿ استعمال ڪندي هئي، انگريز دور ۾ انهيءَ رواج تي پابندي وڌي وئي، ٿر ۾ به ڪيتريون ئي ناريون چکيا چڙهي ستيون ٿيون آهن جن جي قبرن کي ٿلهو ۽ پائوڙيو سڏيو وڃي ٿو)





اري نيڙو پرين ونڪڙو سائيڏڻ وچن سڏ،
هالو ٽڏل هيڙوان هالان ٻالڪ اجيا ڏڏ

(دشمن ويجهو آهي، پرين اڙٻنگ آهي، آئون وچن پالينڌڙ (پتي ورتا ناري) آهيان، (پتي جي ويرگتي پائڻ تي آئون ستي چڙهندس) اي منهنجي ٽڏل! هل هلي (هن وقت ئي) منهنجي ننڍڙي ٻالڪ کي ٻڪري جي کير تي هيرايان

سنگ مر جاوسين ناريان، نر مر جاوسين رٽوٽ،
سوني گهر ٻالڪ روئي، او گهر جاڃو ري رجوٽ.

(مردن جي رڻ کيتر ۾ ويرگتي پائڻ سان ناريون گڏ ستي چڙهنديون، سڃي گهر ۾ ٻالڪ روئي اهو گهر (پڪ) جاڃو (ڪنهن) راجپوت جو آهي)

اهڙا ڪيترائي مزاحمتي، جنگي ۽ وطن تان قربان ٿيڻ واري سوچ جا دوها ملن ٿا، جيڪي جونجهارن جي جنگ ۾ سندسن مٿيءَ سان محبت جي ڪارنامن سان معمور آهن. "پاڳي" مت ري صائبا" واري روايت کي سنڌ جي آفاقي شاعر شاهه لطيف هيئن بيان ڪيو آهي:

پڳو آءُ نه چوان، ماريو ته وِسهان،
ڪانڌ مُنهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سُونهان،
ته پڻ لڄ مران، جي هونس پُٺ ۾!

هي سڀ دوها عورت جي واتان چيا ويا آهن، چارڻي ادب ۾ عورت جو ڪردار هميشه عظيم ڏيکاريو ويو آهي.

## انگريزن خلاف پارڪرين جي بغاوت ۽ چارڻن جي رزميه ڪوتا

ٿرپارڪر ۾ رزميه شاعريءَ جي حوالي سان ”ننگر جو معرڪو اهم رهيو آهي. چارڻ ڪوين، پارڪرين جي بغاوت کي صدين جو ساز ۾ آواز بنائي گونجايو آهي. ڪارونجهر جي ڪور لاءِ مري جي ماهو ٿيا، تن جا ڪنڌ نه صرف تاريخ ۾ تڙقي رهيا آهن، پر وطن جي سورمن لاءِ مقدس رت ڦڙن جي مهانتا سان نئين ڏينهن نئون ويساهه اُٿي رهيا آهن. چارڻ ڪوين ڪارونجهر جي ڪوپن جي واکاڻ جون ڳالهيون ڪندي نيٽن مان نير وهائي جو جهار سوڍن ۽ ڪولهين کي سرخ سلام پيش ڪيو آهي.

ٿر جي ناليواري تاريخدان منگهارام اوجها، پنهنجي ڪتاب پراڻو پارڪر ۽ ليکڪ پارومل پارڪريءَ پنهنجي ڪتاب ”لوڪ ساگر جا موتي“ ۾ چارڻ ڪوين جا ڪجهه دوها ڏنا آهن. پر ٿر جي ناليواري ڪهاڻيڪار حاجي محمد ڪنڀر، هفتيوار مئگزين ”ڪاوش دنيا“ ۾ مختلف قسمن ۾ چارڻن جي شاعريءَ جي آڌار پارڪر جي بغاوت تي ڀرپور مضمون لکيو آهي.پر ان باوجود پارڪر جي رزميه شاعريءَ جي، تخليقڪار چارڻ ڪوين جي نالن تي پردو پيل رهيو آهي. لوڪ روايتن مطابق چارڻ ڪوين ۾ ستيڏان ۽ نارائڻ ڏان جا نالا ملن ٿا پر اجان انهن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

سنڌ جي پهاڙي سلسلي ۾ ڪارونجهر جي ٽڪري، پٿرن جي وجود کان وڌيڪ اڏولتا جو اهڃاڻ، جستجو ۽ جدوجهد جي علامت رهي آهي، جنهن کي پارڪر جي سوڍن ۽ ڪولهين پنهنجي رت سان رنگي امر ڪري ڇڏيو آهي. تاريخ جي ورقن توڙي لوڪ ڪٿائن ۾ سوڍن جي صاحبيءَ دوران ڪارونجهر جي ڪونڌرن: امر راڻي ڪرٽجي، امر لاڌو سنگهه ، امر اُڏيسنگهه، امر روپلي ڪولهي، امر ڏجي ڪولهيءَ ۽ امر مَڏي ڪولهيءَ جا نالا مٿانهان نظر اچن ٿا. امر راڻي ڪرٽجي ۽ امر روپلي ڪولهيءَ جو نالو ونڻ سان چندن گڏ جي چاوي ٽيڻ جي پوري تحريڪ





اکين اڳيان ڦري اچي ٿي. تصور جي اکين آڏو سرڪش سوڍن جي تلوارن جو تجلو اُڀري اچي ٿو. ڪولهين جي ڪاترن جا سوساٽ ڪنن ۾ گونجن ٿا. پارڪر جي پٽ کان هزارين ڪلوميٽر پري دفن ٿيل گوري تروٽ ۽ سندس ساٿين جون هڏيون، قبرن ۾ ڪڙڪاٽ ڪندي ٻڌجن ٿيون.

انگريز سامراج نندي ڪنڌ تي غلاميءَ جا ڄار وڇائيندي، 1843ع ۾ سنڌ جو وڏو حصو مياڻيءَ ۽ ڏبي جي معرڪن ۾ ميرن کي شڪست ڏيئي، کسي ورتو پر سنڌ جي ڏکڻ ۽ اوڀر ڪنڌ تي عمر ڪوٽ ۽ پارڪر جي پٽ کي مڪمل طور هٿ وس ڪرڻ لاءِ کين 16 سال رُڪ جا چڻا چٻاڻا پيا. عمرڪوٽ واري علائقي ۾ رتن سنگهه سرطاڻ ۽ ڀڳو سنگراسيءَ، ڍل جي اوڳاڙيءَ جي بهاني انگريزن خلاف ڀڙڪ مچايو. اهڙيءَ طرح راجپوتن جا ننڍا ننڍا رجواڙا به وقفي وقفي سان بغاوت جي باهه ٻڌجي گوري کي ڳوڙن مان تڙيندا رهيا، بغاوت جو وڏو ڀنيٺ 15 اپريل 1869ع تي ڪارونجهر جي اوٽ ۾ ڀڙڪيو جنهن جي شعلن جو تاءُ صدين تائين وطن جا ويري محسوس ڪندا رهندا.

ان وچ ۾ انگريز سامراج ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“، ”خريديو ۽ ڪارايو“، ”لقب ڏيو ۽ لاچار بڻايو“ جي پاليسيءَ هيٺ هزارين حربا هلايا، پر مارئيءَ جي مٽيءَ جي ماڻهن“ ايءُ نه مارن ريت، جو سَيڻ مَٽائين سونَ تي“ واري روايت تي رهندي، وطن ۽ ويڙهيچن سان مرڻ جيئڻ جو وچن ڪري ورتو هو. جنهن جي موٽ ۾ ويري سامراج نئين حڪمت عملي جوڙي، ننگر جي راڻي ڪرٽجي ۽ سندس پرڏان ويرا واهه جي سوڍي لاڌو سنگهه سميت پارڪر جي مکيه ڪوٽڙين جي ڌڻين کي ڌرتي ڌڪاڻا ڪرڻ لاءِ روينيو جو پورو سرشتو بدلائي، ٿر ۽ پارڪر جا ٻئي پاڳا حيدرآباد جي ڪشمنر جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. سوڍن جي مختلف معاشي ذريعن تي انڪوائري ڪاميٽيون ويهاري، سڌو سنئون للڪارڻ

شروع ڪيو هو. ان وقت راجپوتي رت جي ٽهڪڻ ۾ شدت اچي ويئي. ڪارونجهر ۾ ڪوڪرا پئجي ويا. رڻ گجي راڙو ٿيو. راجپوت گهر ويهي رهي، اهو مهڻو سهڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ هو ڪارونجهر جي آسپاس سوڍن جا ڳوٺ گڏ ٿيڻ لڳا. اوچتو هڪ ڏينهن ننگر شهر ۾ ٽيليگراف ڪاتي جي ڪن ڪارندن جي ڪول سنٿال قبيلي سان اڻ وڻندڙ حرڪت تي سوڍن ۽ ڪولهين جي اندر جي ڪروڌ ”وڏي ويڙهہ“ جي صورت اختيار ڪري ورتي، راڻي ڪرٽجيءَ جي هڪل تي سندس پاءُ پوپت سنگهہ، ويرا واهہ جو راڻو لاڏو سنگهہ، ڀهراڻي جو راڻو ڪلجي، ناڪر مانسنگهہ، ناڪر پونجو ۽ ٻيا اچي راڻي جي ڪئمپ ۾ گڏ ٿيا. ڪونياريءَ جو گوئيل روپلو ڪولهي پنهنجن بهادر ساٿين ڏجي ۽ مڏيجي اڳواڻيءَ ۾ پنج هزار ساٿين سميت اچي شامل ٿيو.

پارڪر ۾ ڪونياري ڳوٺ لاءِ مشهور آهي تہ:

اونچو ڊورو ڪونياري رو، هينئون نہ پري هام،
ڪري مانرو رام ڪام نا پڙي ڪونياري ۾.

(ڪنياري جو ڳوٺ اونچي پٽ تي آهي. جنهن ڏي وڃڻ جي لاءِ ڪڏهن هينئون هام نہ پريندو آهي. منهنجو مالڪ ڪري ڪڏهن ڪنياري ۾ ڪم نہ پوي)

پارڪر جي رڻ کيتر ۾ ڪجهہ راين مطابق ٻين قبيلن جا بہ ماڻهو شامل هئا، جن تي اجان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت تائين ننگر پارڪر جي معرڪي تي جيڪو ڪم ٿيو آهي. انهيءَ ۾ صرف راجپوتن ۽ ڪولهين جو ئي تذڪرو آيو آهي. پارڪر جي سيني جوڌن گڏجي انگريز سامراج خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪندي 15 اپريل 1859 تي ننگر پارڪر جي پوليس ٿاڻي تي حملو ڪيو. ڪاردار جي ڪچهريءَ کي باهہ ڏني وئي. مواصلاتي نظام جون تارون ڪٽڻ سان





گڏ زميني رستن جا لنگهہ بند ڪيا ويا. خزانو لٽي جشن ملهايو ويو پر اُن وقت جو مختيارڪار مُنشي ڏيئو مل ڪنهن طريقي انهيءَ معرڪي ۾ پاڻ بچائڻ سان گڏ ويڙهہ جي اها خبر حيدرآباد موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڪرنل ايونس حيدرآباد جو اسٽيشن ڪمانڊر هو. تنهن 18 اپريل تي بغاوت جي اهڙي خبر ملڻ سان ترت ”ٿرڊ بلوچ رجمينٽ“ جي هڪ ونگ کي ننگر پارڪر وڃڻ جو حڪم ڏنو. ڪجهہ توبخانو ڪراچيءَ مان گهرائي روانو ڪيو ويو. ساڳئي هفتي ۾ ڪرنل ايونس کي حڪم مليو تہ هو پاڻ ننگر پارڪر وڃي حيدرآباد ۽ ڪڇ کان ايندڙ مختلف فوجن جي ڪمانڊ سنڀالي. انهيءَ حڪم نامي جي پوئواري ڪندي ڪرنل ايونس پنهنجن سپاهين سان گڏ 30 اپريل تي اسلام ڪوٽ ويجهو اچي رسيو. ٿرپارڪر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ بہ اچي ڪرنل ايونس سان مليا، جن کان ضروري معلومات وٺن کان پوءِ ڪرنل ايونس جو قافلو اڳتي وڌيو. سوڍن اهڙا سماچار سڻندي، وطن جي ويرين کي تڙپائي تڙپائي مارڻ لاءِ رستي جي کوهن ۾ زهر وجهرائي ڇڏيو. ڏيسا کان ايندڙ فوج ميجر ڪُٺلي جي اڳواڻيءَ ۾ سڀ کان پهرين اچي ننگر پارڪر پهتي. جنهن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ سوڍن جي هٿن ۾ تلوارون ۽ ڪولهين وٽ ڪاترون ۽ گوڦڻيون ( ڪانياٽيون) تيار هيون. رڳو راڻي جي حڪم جي دير هئي. راڻي پنهنجن ساٿين سان گڏجي ڏيسا جي فوج تي مئي 1859 تي حملو ڪيو. سوڍن جي حملي جي جواب ۾ گورن جي فوج گولن جا جيڪي ٺڪاءُ ڪيا، تن جو آواز ڪرنل ايونس 50 ميلن جي مفاصلي تي ٻڌو. ڪارونجهر جي محب وطن سپاهين انهن جي پرواهہ ڪرڻ بدران پڙ ۾ پهلوان ٿي ويڙهہ ڪئي. 2 مئي تي ڪرنل ايونس کي ويراواهہ شهر ۾ فقط هڪ سامي نظر آيو. سڄو شهر سنسان هو. پوڏيسر جا ٽڪر، سمتجي ۽ هبجي، پنهنجي وڏڙن جي ريت روايت کي پنئي ڏئي “ مون پڪ سجاتا

پنهنجا هئا ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾ ” واري ڪلچٽائيءَ ۾ ڪردار جا ڪنا ٿي، پنهنجن چند ٻ ماڻهن سان گڏجي، ٻئي ڏينهن تي رستي ڪرنل ايونس سان وڃي مليا ۽ گوري سان وفاداري ڪندي، ڪين راٺي ڪرڻجيءَ جي ساٿين پاران کوهن ۾ زهر وجهرائڻ جي عمل کان آگاهه ڪيو. ڪرنل ايونس کي اهڙن غدارن جي ضرورت هئي. هن مختصر لفظن ۾ مهرباني مڃيندي، سمٿجي ۽ ساٿين کي ننگر پارڪر پهچڻ جو حڪم ڏنو 3 مئي تي وطن جي سورمن سان ننگر پارڪر ۾ انگريز فوج جو سخت مُقابلو ٿيو. ننگر پارڪر ۾ سوڍن ۽ ڪولهين جي ويڙهه جي ڪئمپ جو مرڪز ڪارونجهر جي پهاڙيءَ تي راٺي چندن سنگهه جو اڏايل ‘چندن گڊ’ هو چارڻ ڪوي هلندي، ويڙهه ۾ سر ترِيءَ تي رکي مٿيءَ جي مهانتا وڏائيندي چندن گڊ جي چاوي کي ٻڳائڻ ۽ ڏرتيءَ جي ڪونڌر پٽن کي جس ڏيڻ ۽ ويڙهه جو اتساهه وڌائڻ لاءِ وڏي اڳتي آيا. جنگ جي نغاري تي ديس جا دوها گونجڻ لڳا ته:

ڪارونجهر اوراٺو مت ڪر، ڏيکي فرنگي فوجاڻ،
جب لگ اوپو ڪرڻجي تب لگ ڪر اونچو تاڻ.

(اي ڪارونجهر! انگريز فوجن جي لشڪرن کي ڏسي پريشان نه ٿيءُ، جيستائين راٺو ڪرڻجي بيٺو آهي، تيسين تون فخر سان پنهنجي ڳَر (ڳاٽ) کي اوچو رک)

چندن گڊ چاوو ڪيو، جوڌي مچائي جنگ،
لڙِيو ساٿ ڪرڻ رو، اوئان رجپوتان نان رنگ

(چندن گڊ چاوو (گوڙ) ڪيو، جوڌن جنگ مچائي، راٺي ڪرڻجي جي ساٿ ۾ جيڪي راجپوت هئا، تن سورمن کي جس آهي)

وجو ڏاڍو وير ور، پوجل نندو پوپ،
ڪٽڪا سان رتڪا ڪريا، رنگ ڪلا ڪل روپ





(وجو وڏو بهادر ۽ نندو پوجل ٻه سورهيائي جو شهزادو آهي (انگريز سامراج جي) ڪٽڪن سان رتڪن ۾ وجي ۽ پوجل سان گڏ سوروير ڪلي جو روپ جوجهارڪي جهيڙي ۾ ساراهه لائق آهي.)

ڪلو چڙهي هوڪو ڪري، باجي هاڪ ويراڻ،
گلي ئي پر تروٽ گيو، ميل رنگي ماڻ

(گهوڙي تي چڙهي ڪلو دشمن کي للڪاري رهيو آهي. سورهيه جي هاڪ وڄي رهي آهي، تروٽ هن بهادر سان وڙهڻ بدران ڀڄي ويو. هر پاسي کان چوٻول اٿيو اي فرنگي تون پنهنجي شڪست قبول ڪر.)

ڪولهي ڪلياڻ سنگهه ري، ڪٽرڻ آيا ڪام،
رنگ وڏا ڏڻ رانگڙ، نج سر ڏي ڪرنام

(سور وير ڪولهي ڏکي وقت ۾ ڪلياڻ سنگهه جا ساٿي ٻڻجي بيٺا، رڻ کيتر ۾ جوجهارڪي ويڙهه ۾ ڪم آيا، جس آهي انهن ڪولهين کي جن سر ڏئي، مٿيءَ لاءِ مهل ملهائي.)

ڪارونجهر ري ڪونگري گهرا واجي ڍول،
راوتان ۾ ڪوڙي روپلو، ونڪا ٻولي تو ٻول.

(ڪارونجهر جي ڪونگرن ( ٽڪرين) تي ڏاڍيان دهل وڄي رهيا آهن، بهادرن ۾ ڪولهي روپلو ويرين کي للڪاري رهيو آهي.)

چڙهو چڙهو موري ٻيليان، چرهتا مُ لگائو وار،
ايئي پوري نا پجاوتي آپان نا ڪي لاگسي وار.

(روپلو پنهنجن ساٿين کي چوڻ لڳو ته ساٿيو! جلد جلد گهوڙي سوار ٿيو، گهوڙڻ تي چڙهڻ ( سوار ٿيڻ) ۾ دير نه ڪريو، هن گوري کي پڄائڻ ۾ پاڻ کي ڪيترو وقت لڳندو.)

روپو ٻوليا ٻيليان پاچا ميهلو مُ پاءِ،

هالي هافيسون اوبرا، ڏوڍا ڏيشون گهاءِ

(روپلي پنهنجن ساٿين کي چيو ته: دوستو! ويڙهه ۾ پويان پير نه رکو آفيسن تي حملو ڪري گوري کي گهاءُ ڏينداسين)

وڏي ويڙهاند ۾ سامراجي لشڪر نيٺ چندن گڊ جو گهيرو ڪري ورتو. توبن جي گولاباريءَ ۾ گڊ کي اُڏايو ويو. پر ڪارونجهر پنهنجي سپاهين لاءِ ٻانهون کولي ڇڏيون. مقامي جوڌن جي وڏي حصي ڪارونجهر جي ڪوچن (غارن) ۾ پناهه ورتي. راڻو ڪرڻ جي، لاڌو سنگهه ۽ ڪجهه ٻيا سوڍا ۽ ڪولهي گرفتار ٿي ويا. انگريز سامراج، ماحول ۾ ائين ٿاپر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجهه باغي سوڍن جون ڪارروايون رڪيون، پر ڪرنل ايوانس کي چين نه آيو. هو پوڏيسر جي ٽڪرن جي ساٺ سان باغي سوڍن جي هڪ ٻئي ٽڪاڻي ڪيجراڙليءَ جي ڪئمپ تي 18 مئي جو ڪٽڪ سان ڪڙڪي پيو. سامراج جي انهيءَ حملي ۾ ڪيترن ئي مقامي ماڻهن جو قتلام ڪيو ويو. جيڪي گرفتار ٿيا تن کي قيد ڪري سزائن لاءِ 'ڪاري پاڻيءَ'[25] لاءِ موڪليو ويو ۽ ڪي جوان روپوش ٿي ويا. جن کي ڳولڻ ۾ سامراجي ٽولي وڏي ڪوشش ڪئي، پر هٿ نه اچي سگهيا. ڪرنل ايوانس وڏي وٺ پڪڙ کان پوءِ نيٺ واپس ننگر موٽيو.

ننگرپارڪر جي انهيءَ سچي جنگي مانداڻ دوران ويراواهه جي وير لاڌو سنگهه جو پُٽ اُڏيسنگهه ٻاهر ويل هو. واپس ماڳ اچي رهيو هو ته رستي ۾ جڏهن "راڻي واڙي" ڳوٺ وٽ پهتو ته ڳوٺ ۾ ڪنهن شپ موقعي جي مناسبت سان وڄندڙ دهل جي ٿاپ تي سندس پلوڙ گهوڙو نچڻ لڳو. انهيءَ مهل ننگر پارڪر کان ايندڙ هڪ ڪولهيءَ ڪيس طعنو ڏيندي چيو ته: ' اُتيسنگهه هتي پيو گهوڙو نچائي سندس پيءُ ويراواهه جو ٺاڪر جيل ۾ پيو آهي، اهِي لفظ اڏيسنگهه جي ڪنن تي چا پيا! جوش ۾ اچي، ٽپي باهه

[25] انڊمان جي ٻيٽن ڏانهن





ٿي ويو. گهوڙي کي مينهن واءُ ڪري اچي ننگر پارڪر پهتو ۽ هڪل تي پنهنجا ساٿي گڏ ڪري، ترم جا در دريون ٽوڙي، وطن جي سمورن قيدين کي آزاد ڪرايائين، ۽ پوءِ انهيءَ ساڳي جوش سان بندوق ڀري تروٽ جي تنبوءَ ڏانهن ڪاهي ويو. اڃا تنبوءَ جي ويجهو ئي مس پهتو ته ڪاوڙ جي جوش مان بندوق جو ٽڪاءُ ڪيائين، تنهن تي تروٽ تنبوءَ مان ڦاٽ ڪائي ڀڄي وڃي لاڌو ميگهواڙ جي گهر ۾ چم جي چوڙن ۾ لڪو. ڊپ وچان تروٽ جو سارو بدن چم جي هيٺان ڏڪي رهيو هو. تنهن تي چارڻ ڪويءَ چيو ته:

آويو اُتيسنگهه اوچتو پورو پڇايو
کر پوري را ڪنپيا، موچي بچايو.

ايک نا اڏيسنگهه جيسا، پارکر جڻيا پوت لاک،
کر پوري را جڏ کنپيا، سورج اگتي پري ساک.

(پارڪر لکين پٽ جڻيا، پر اڏيسنگهه جهڙو هڪ نه ٿيو اڏيسنگهه جي حملي تي) پوري جو جڏهن بدن ڏڪيو تڏهن بهادر اڏيسنگهه جي سورهيائيءَ جي اڀرندڙ سج شاهدي پري)

تاريخ جي ڪتابن ۽ لوڪ ڪٿائن ۾ اڏيسنگهه جي بندوق جو احوال اچي ٿو جڏهن ته چارڻ ڪوين جي شاعري ۾ اڏيسنگهه جي تلوار جو ذڪر ملي ٿو:

تلوار اڏيسنگهه ري، ٿابڪ وبج سڙاڪ،
ڀگتر وار وادي ٻيوڙا، ڏاڪڻ ٻڙڪي ڏڙاڪ.

(اڏيسنگهه جي تلوار جا تجلا هوبهو وڄ وراڪن جهڙا آهن. هر وار تي ٻيٽا وڍي ڏائڻ جيان ويرين کي ڪپائي رهي آهي.)

ڪارونجهر ري ڪارٽي، آيو اڏيسنگهه آپ،

سوڍي آڳڙ ڪوڻ لڙي، ويري ڪيڏا ورلاپ.

(ڪارونجهر جي ڪارڻ اڏيسنگهه پاڻ جنگ جي ميدان ۾ آيو ويرين اڳي ورلاپ ڪيو ته هن سوروير سوڍي سامهون ڪير وڙهي!؟)

ننگراڻ پالي نيم، ويري ڪوئي وسي ناهين،
ڏونگران ڏيکي ايم، پاراٺي پت اڏي راکي.

(ننگر پارڪر سدائين اهو اصول پاليو آهي ته هتي ڪنهن ويري کي وسڻ نه ڏنو ويو آهي، (اڄ) ڪارونجهر جو ٽڪريون ڏسي رهيون آهن ته پاراٺي جي پت ائين ( ويڙهي ) اڏي رکي .)

مقامي سورمن، اڏيسنگهه جي اڳواٽيءَ ۾ تروٽ کي ڳوليو پر نه ملڻ تي مارجي ويل سمجهي وري بقايا گورن ۽ انهن جي ساٿين جي لاءِ ننگر پارڪر ۾ ٻڙڏڪ مچائي ڏنو تروٽ جا سپاهي ماريا ويا، تروٽ جي ڪچهريءَ (دربار) تي حملو ڪيو ويو. پارڪر جا سورما هر پاسي جيت جا جلوا پائي رهيا هئا. وطن واسين جي اندر ۾ اتساه پيدا ٿيو ڪارونجهر جي مايوس مورن کي حوصلو ملي ويو. جين مندرن ۾ ڏيئا ۽ ڏياٽيون ٻرڻ لڳيون. ڳوٺن جا ماٺهو ننگر پارڪر جي راٺي ڪرڻ جي، ويرا واهه جي ٺاڪر لاڏو سنگهه، اُسنگهه، ڪلجي، پونجو مهانسنگهه، رامجي ورڻ، روپلو ڪولهي، ڏجو ڪولهي، مڏو ڪولهيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ گڏجي وڏي دليريءَ سان ڌرتيءَ جي رکواليءَ لاءِ ويڙهه ۾ جنبي ويا. رڻ گجيو راڙو ٿيو. انهيءَ ويڙهه جو اطلاع ڪرنل ايوانس کي ڳوٺ ڏيٽسيءَ وٽ مليو. اهڙو اطلاع ملندي ئي فوج موٽي آئي، انگريز جي سامراجي فوج 18 جولاءِ 1859 تي ننگر پارڪر شهر جو گهيرو ڪيو. اميدن جي فصل جي موريل سلن کي ساڙڻ شروع ڪيو. مشڪل حالتن ۾ راٺي ڪرٽجي ۽ سندس پرڌان وغيره جو وري ڪارونجهر جو پهاڙ پناهه گاهه ٿيو. راٺي جا تي انتهائي با اعتماد ۽ ويجها ساٿي سيٺ مهاوجي لهاڻو هنس پوري ٻاوو ۽ روپلو





ڪولهي جبل ۾ راٺي کي رسد وغيره پهچائڻ سان گڏ شهر جا سماچار پڻ ڏيندا هئا. انهيءَ ڳالهه جو پتو ڪنهن مقامي ڪريل انسان ذريعي تروٽ کي جيئن ئي پيو هن چڪاس شروع ڪئي. مهاوجي لهاڻي ۽ هنس پُري ٻاوي 'زور اڳيان زاريءَ' واري اصول تي غداري ڪئي. لهاڻي ۽ پُري جي ڏس تي هڪ ڏينهن روپلو ڪارونجهر ۾ راٺي ڏانهن ويندي ساڙڏري جي رستي وٽ پڪڙجي پيو. هن ڪاورنجهر جي قيدي کي تروٽ هر طرح جي لالچ ڏني، وڏيون آڇون ڪيون ته تون رڳو راٺي جو اسان کي ڏس ڏي، اسان جو مددگار ٿي، پر روپلو نه کي 'نو' ڪوٺ آڏا ڏئي ويهي رهيو. روپلي جي ماءُ ڪيسر چوهاڻ کي گهرايو ويو ته هو روپلي کي سمجهائي، پر هن ڪولهڻ جيجل روپلي کي پنهنجي ٿڃ جو واسطي ڏئي پڪو ڪيو ته، "روپلا! وطن جي لاءِ ويڙهه ۾ منهنجي ٿڃ نه لڃائجان! راٺي جو ڪڏهن ڏس نه ڏج" پوءِ روپلي جي گهر واري ميٺاوتيءَ کي به گهرايو ويو هُن روپلي جي نرڙ کي چمي ڏيندي چيو ته:

"روپلا! تنهنجو نئون روپلو منهنجي پيٽ ۾ پلجي رهيو آهي. تون گهبرائجان نه! هيءُ هڪ سِر آهي، اهڙا سؤ سِر ڪارونجهر تان قربان، تون منهنجوءِ ڪارونجهر جو ڪنڌ ڪڏهن نه جهڪائجان!"

گوري ڏنو ته هي سڀ روپلي کي سرڪار جو ساٿ ڏيڻ لاءِ سمجهائڻ بدران راٺي جي وفاداريءَ لاءِ سندرو ٻڌرائي رهيا آهن. گورو اهڙين ڳالهين تي ڪاوڙجي پيو ۽ روپلي کي طرح طرح جي سزا ڏيڻ تي لهي آيو. روپلي جي هٿ ترين ۾ تيل وجهي وٽين کي ڏيئا بنائي جلايا ويا، پر روپلي وطن سان وفا جي ريت ۾ ڪسي نه ڪئي. تمام گهٽي تشدد کان پوءِ هن سورمي کي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو.

هٿاڙيان ۾ ڏيولا ڪيا، انگڙيان ني واٽ
ڦاسي ٽڱو حڪم آپيو توئي روپلو نه ٻوليو ساچ.

(آڱرين ڪي وٽ ٻڌائي روپلي جي هٿ ترين ڪي ڏيئا ڪري جلائي قاسي جو حڪم ٻڌايو پر تڏهن بہ هن گوري سان سچ نہ ٻوليو ۽ پنهنجن ساٿين جو ڏس نہ ڏنو.)

سوڍا وتاڙون لاج جائي، مارو لاجي پاراٽو ديش،
ڪارونجهر ري ڪاراٽي هون سو سو ڪپائون سيس،
جان جان پران پنجري، تان تان اوپاڙون ڏنيش،
تروٽ ڏاڪي ديس وديش، ڪوڙي مڙياتا ڪارونجهر نون

(پارومل پريمي)

(اي تروٽ! آءُ سوڍن جو ڏس ڏيان تہ منهنجي پت وڃي، منهنجو پاراٽو ديس لڄيارو ٿئي، ڪارونجهر جي لاءِ هي هڪ سر آهي، پر اهڙا سوَ سر ڪپائي سگهان ٿو. جان جان جسم ۾ ساهہ موجود آهي تان تان ڳرا ڏنٽ ڪٽندس (امتحان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان،) تون ديس پرديس وڃي، اها ڳالهہ ڪجان تہ مون کي ڪارونجهر جو ڪولهي مليو هو.)

سامتاٽي سمت ونڪو سوراٽي سورو،
جواب ڏيڌو گوئيل روپي، تلواري پورو.

(گوئيل ڪولهين جي سوراٽي پاڙي جو سامتي ڪولهيءَ جو ڄايل روپلو ڪولهي، تمام گهڻو بهادر هو، جنهن اپين تلوارن جي وچان (تروٽ کي) ڪُتو جواب ڏنو.)

جوت آگول جلاوا هويا، ڏن ڏن چڙي نا دير،
رنگ اڏڪا ڏون روپلا، سوامي ڌرم سڌير،

(روپلي جي هٿ ترين ۽ آڱرين کي ڏيئن جيان جلايو ويو پر هن هڪ گهڙي بہ صبر جو دامن نہ ڇڏيو. جس آهي اي سوروير روپلا! ڌرم (عشق جي اصول) کي سنڀالي امر ٿي وئين)





غصي ۾ ڀريل ڪارونجهر غمگين ٿيو. پر روپلي جي ماءُ ۽ گهر واري فخر ۾ ڪنڌ اوچو ڪري اٿيون. روپلي جي پيءُ سامتي ڪولهيءَ پنهنجي امر پٽ روپلي جي آخري آرامگاهہ گهر جي اڱڻ جي پر سان ٺاهي سوروير چاپ جي لورڻي لڳائي.

گڊان سريکو گام، راهسي ڪونياري راج ۾،
امر روپي ٽٿو نام، ڪوڙيا ڪُڙ اجواڙي گيو.

(گڊين (قلعن) جي برابر ڪونياري جو ڳوٺ راڄ ۾ رهندو. روپلي جو نالو امر آهي (روپلو پنهنجي قرباني سان) ڪولهي قبيلي کي اجاري ويو.)

تروٽ جي حرفتي ٽولي سيٺ مهارجيءَ ۽ ٻاوي هنس پوريءَ کي لالچن ۾ ڪچو ڪري وڌو هو. وطن جي ويرين وٽ هي ٻئي جٽا چغلخور ٿي پيا هئا. دوستن جي دغا تي راڻو ڪرڻجي پنهنجي ساٿين سميت گرفتار ٿيو راڻي ڪرڻ جي ۽ ان جي پرڏان لاڌو سنگهہ اڙينگ سوڍي اڏيسنگهہ تي بغاوت جو ڪيس هلايو ويو. جنهن تحت 1860 ۾ راڻي ڪرڻجي کي انڊمان جي ٻيٽ واري پاسي 14 سال ‘ڪاري پاڻي’ جي سزا ۽ سندس وزير کي 10 سال قيد ڏنو ويو. ڪارونجهر جي غدارن سان گڏ آڻ مڃيندڙ ماڻهن کي انگريز سامراج پاران انعام ۾ جاگيرون ڏنيون ويون. مزاحمت جي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ سوڍن ۽ پارڪر جي ڪولهين جو خون وطن جي ويڙهہ وڙهندي مٽيءَ ۾ ملي خوشبوءِ ٿيو هو تن کي ڌرتي جي شاعرن ۽ انقلابي اديبن جي هر نسل پنهنجو معشوق ٻڌائي ڇڏيو. لوڪ جي رهاڻ رس ۾ ڀرين وطن جي سورمن کي شاعريءَ جي سٽن ۾ جس ڏيئي، پوءِ ريت رسم ادا ڪرڻ جو رواج وڌو ويو.

رنگ ڪلا، رنگ مهاسينگا، رنگ سگهلي رهاڻ،

رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا، رنگ سوڍا راڻ،

(جس ڪلي ڪي هجي، جس مهاسينگي ڪي هجي، جس سوپاويڪ رهاڻ ڪي هجي، جس ڪارونجهر جي ڪونگرن ڪي هجي، جس سوڍن راڻن ڪي هجي.)

ٻورا ڏر پانجي، گانجي پرتشٽا جيت،
مهيتپ ڪڙنگ مانجهي، پارڪر رڻ پريت،

(گورن جي سمورن ٽڪاڻن ڪي ٽوڙي جوڌن جنگ جي ميدان ۾ جس پاتو مانجهي مڙسن جي لاءِ پارڪر جي رڻ ڀومي پريت جو پڻ آهي.)

گوري گرور گجيو جهيڪ مچائي رڻ جنگ،
لڙيو ساٽ ڪلياڻ رو اوئان راجپوتان رنگ،

(گورا آڪڙ سان اچي ميدان جنگ ۾ لٿا، تن جي غرور کي ٽوڙڻ جي لاءِ ڪلياڻ سوڍي سان گڏجي جيڪي وڙهيا، انهن راجپوتن کي جس آهي.)

ڪارونجهر انجس ڪري، انجسي گيڊ امراڻ،
آپ ٽٽي ڏرا اوجلي، ڪيڏي تين ڪلياڻ

(ڪارونجهر جي انجس کي گيڊ امراڻ بہ سلام ڪندو، اي سوڍا ڪلياڻ! تو پنهنجي مٿيءَ جو مان مٿانهون ڪيو آهي)

جو نجهاران جگ جيوٽو پرٿوي ڪري پرنام،
رڻ ڪيتر ۾ سوڍان راکيو پارڪرٽو نام،

(جونجهار جگ جيوٽا (امر) آهن، پرٿوي تن کي پرڻام ڪري ٿي، رڻ ڪيتر ۾ سوڍن پارڪر جو نالو قائم رکيو.)

## چارڻ ڪوين جي رومانوي شاعري





ٿر جي چارڻن جي رومانوي شاعري بہ ڏاڍي دل لڀائيندڙ پئي رهي آهي. رومانوي شاعريءَ ۾ چارڻ شاعرن پيار، محبت جي تصور کي سگهہ ڏيئي من جي معصوميت سان امن جو هٿ پڪڙيو آهي. ڪويتا جي ڪنٺي تي ٻيهي، سرسوتيءَ ديويءَ کي سرچائي، چاهتن جي چانڊوڪيءَ ۾ انساني عشق جو امرت پيتو آهي. چارڻ ڪوين، ڪوتا ۾ ڪاڪ محل جا رنگ رچايا بہ آهن تہ ڪاڪ محل کي ڪاڙهيو بہ آهي. ڪوتا ۾ مومل ڏاگهہ تان موٽائي بہ آهي تہ مومل کي ڏاگهہ تي چاڙهيو بہ آهي.

رومانوي شاعريءَ ۾ چارڻ شاعرن جو ذاتي عشق ڪائناتي عشق ٿي وڃي ٿو. هنن عاشقيءَ جو تاج پائي هلندڙ سندر نار جي ڳهٽي جهڙي حسين شاعري جي تصوراتي ڳلين ۾ احساسن ۽ جذبن جي تنبوري جون تارون عشق جي آڱرين ۾ الجهايون نہ آهن، سدائين پريت جو پٽو پاڀوهہ سان پڃائي ٻاجهہ ڀريل ٻولن سان سڪ کي سُلجهائي. جيوَن جو سشيل ۽ سريلو گيت گونجايو آهي. جنهن جي گونج تي قرب جون ڪتيون ڪر موڙي اُٿيون آهن، روح رقصان ٿيو آهي. اهڙا ڪجهہ دوها هيٺ ڏجن ٿا:

هون ٻلهاري سجڻان، سجڻ مين ٻلهار،
هون سجڻ پگ ڏوڙ، سجڻ مين گڙءِ هار.

(آءُ سجڻ تان ٻلهار وڃان، سجڻ مون تان گهور وڃي ٿو. آءُ سجڻ جي پير جي ڌوڙ آهيان، سجڻ منهنجي ڳلي جو هار آهي.)

نالا نديان سون مڙي، نديان سرور جاءِ،
بڇڙي سون بڇري مڙي، ايسي سهي نہ جاءِ،

(ننڍا ننڍا وهڪرا (برساتي پاڻيءَ جا) نئن سان ملي رهيا آهن، ۽ نئيون ڍنڍن ۽ سمنڊن طرف روان دوران آهن. ڏسو تہ وڇڙيلن سان وڇڙيل ڪيئن ملي رهيا آهن، اي منهنجا محبوب توين مون کان هي (مينهوڳيءَ جا) نظارا سَنا نہ ٿا ٿين.)

نہ مڙوا پلو نہ بڇروا پلو تج دونو ڪو سنگ،
بڇڙتي مئي مڇلي، ملتي مريو پتنگ.

(نہ ملڻ پلو آهي نہ وڇڙڻ، ٻئي ڪم ڏکيا آهن. وڇڙڻ سان مڇي مري ويندي آهي، شمع سان ملندي پتنگ پساهہ پورو ڪريو ڇڏن.)

انگ انگ منجهہ اوڦٽي، جوون آٿون جام،
توين ڍاتي تصوير رو، قلم هوي نهين ڪام.

(ڪامڻين جي انگ انگ مان جوڀن جو جام (شراب) ڏينهن رات جهلڪا ڪائي رهيو آهي، انهيءَ ڍاتيءَ حسن جي تصوير نگاري ڪرڻ لاءِ قلم ڪي سگهہ ئي نہ آهي.)

جاتان سمهو مت جو جين جوئيس تين جاسين گهٽو
پر پر نيڻ مت رو، جي گڻ هوسين تو آوسين وڙي

(ويندڙن ڏي نہ نهار، جيئن نهاريندين تيئن گهٽو پري ويندا. انهن جي لاءِ پر پر نيڻ نہ روءِ، جي ڳڻ هوندو تہ ڀيهر موٽي ايندا.)

اديتا هُون اوجلو ماروئل مُک ڀران،
جهيٽا ڪپڙا پهرٽا، جُون جهاڪي شوبران

(جهڙو سج ايرڻ وقت اجرو هوندو آهي، اهڙو ماروئل جو مک چمڪندڙ اجرو آهي، ماروئل جهيڻو ڪپڙو پائي ٿي تہ ان مان سارو بدن صبح جي پلن وانگر چمڪي ٿو.)

ڪنڪ ڪهاڻي پريم، ري، ڪهي سون ڪهي نہ جاءِ،
گونگي ڪا سپنا ڀيا، سمر سمر پڇتاءِ

(محبت جي ڪهاڻي ڏاڍي ڏکي آهي، چوڻ سان چئي نہ ٿي سگهجي، اها ڄڻ تہ گونگي جو سپنو آهي، جنهن تي سوچي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو پر چئي نہ ٿو سگهجي.)





جل ٿوڙو نيهہ گهڻو لگا پريم را باڻ،
تون پي تون پي ڪر رهيا، نڪل گيا پراڻ.

(هرڻن جي اُڃايل جوڙي ڪي پلر جو پاڻي هٿ چڙهيو جيڪو ٿورو هو. جوڙي جي پاڻ ۾ محبت وڏيڪ هئي هڪ ٻئي ڪي پاڻي پيئڻ جون آڇون ڪندا رهيا، پاڻي ڪنهن بہ نہ پيتو تان جو اڃ ۾ سندس ساهہ نڪري ويو.)

چوٿ آوي ري سهليان، چمڪڻ لاڳي ڪاٺ،
آوسي گوري رو بالمو، ڏيئي چاڙسي واٺ

(چوٿينءَ جو چند اُڀريو آهي، منهنجي ڪٺ چمڪڻ لڳي آهي، اڄ مون گوريءَ جو بالم ايندو ۽ اچي منهنجي من جي اُجهامندڙ ڏيئي جي وٺ روشن ڪندو)

پريتم پريت لگا ڪي، ڏيسان ڏُور نہ جاءِ،
رهو ماري ننگري، مين مانگون، تم ڪاءِ.

(پريتم! مون سان پريت ڪري دور ديس نہ وڃ، ڪمائيءَ جو بهانو نہ ڏي، تون منهنجي ڳوٺ ۾ مون سان گڏ رهہ، آءٌ پني ايندس ۽ تون ڪائجانءِ)

تيرس آوي ري سهليان، تريا مانڊي هيس،
نر بنان، ناري ڪيسي، اُرلي ڀاڳي ايس.

(تيرهينءَ جو چنڊ چا اڀريو!؟ هر ناريءَ جي اندر ۾ آنڊ مانڊ جاڳي پئي آهي، پنهجي پريتم بنا ناري ڪيئن ٿي رهي سگهي، جوڀن جي سگهہ جسم مان ڇلڪي ٿي پوي، ارهہ سان ڪٺ جي ايس ٽُٽي ٿي پوي،)

ڪونجان رات ڪريڙيو، ٽولي ٽولي بيس،
مين ستي ساجن ساريو، اُرلي ڀاڳي ايس.

(رات ڪونجون ڪرلائينديون ويون، ٽوليءَ ٽوليءَ ۾ ويهہ هيون،

ڪونجن جي آواز تي مون سان ساجن کي ساريو ۽ ارهہ سان ڪٺ جي ايس پڇي پئي.)

راتي سارس ٻوليا، دريا پيهلي دنگ،
مين ستي ساجن ساريو، ارگت بهہ گئي انگ.

(رات سارس پکي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي اچي ٻوليو، سارس جي مٺي ٻولي تي مون کي ستي ساجن ياد پيو، جسم تي چڙ تہ ارگت (ڪارائي) وهي وئي.)

آنکڙيان چائين پڙي، پنٿ نهار نهار،
جيبلڙي ڇالا پڙيا، پيا تجهہ پڪار پڪار.

(پريتم ! تنهنجي واٽ نهاري نهاري اکين ۾ ڇائيون پئجي ويون آهن، توکي پڪاري پڪاري زبان تي ڇالا (ڦلوڪڙا) ٿي پيا آهن.)

باٽڙيان ٿانري جووتي، مانري انکڙيان دن رات،
آئون مانرا صاحبا، تو هي ڪرليان منڙي ري بات،

(منهنجون اکيون ڏينهن رات تنهنجون واٽون نهارين ٿيون، اي منهنجا صاحب، اچ تہ تو سان من جون ڳالهيون ڪري وٺان.)

ساجن ساجن ڪر رهي، ساجن مانري جي ري جڙي،
ساجن لکاوان ڪانچوڙي، او باچان گهڙي گهڙي،

(آءُ ساجن ساجن ڪري رهي آهيان، ساجن منهنجي جيءُ سان جڙيل آهي، آءُ ساجن جو نالو پنهنجي ڪانچوري تي لکايان ۽ پل پل ان کي ويٺي پڙهان.)

ساجن ايسا ڪريئي جيسا، اڪان مهيلان ڏڌ،
اوگڻ سين گڻ ڪري او ساجن اهين سڏ





(ساجن اهڙو ڪجي جهڙو اڪ[26] جو ڪير آهي، ٻي ڳٽي سان ڳڻ ڪري (ڀلائي ڪري)، اهو ساجن سهڻو (۽ لائق) آهي.)

انکيان لال ڀئي، نور گمايا روءِ،
ڍول پرديس ۾، پرايا ٻنڌن هوءِ.

(مون تنهنجي وڇوڙي ۾ روئي روئي اکيون لال ڪري ڇڏيون آهن، ڍولا! تون پرديس ۾ پرايو ٻنڌن ٿيو ويٺو آهين.)

ڏُجڻ ويڻ نان سانيڙيئي، منان مَ وساريهہ،
ڪونجان لال ٻچان جون، ڪڻ ڪڻ چيتاريهہ

(اي ڍولا ! برن ماڻهن جون ڳالهيون ڪن ڪري، مون کي نہ وسارجان، (ان ڪري انهن جون ڳالهيون نہ ٻڌ) ڪونجن جي ننڍڙن لال ٻچڙن جيان گهڙي گهڙيءَ مون کي چت ۾ رکجاءِ!)

ساجن ايسا ڪريئي جيسا، ڪنوي مهلان ڪوس،
پگ ڏي پڇو مهلان، تو پڻ رتي نا آڻي روس.

(ساجن اهڙو ڪجي، جهڙو کوهہ جو ڪوس آهي، جيئن ڪوس کي کوهہ ۾ وجهڻ (وارڻ) مهل پير سان ٺڏو ڏئي ورابو آهي، پر هو رتيءَ برابر بہ ناراض نہ ٿيندو آهي، تئين ساجن سهپ وارو هجڻ گهرجي.)

ساجن ايسا ڪيجئي، جيسا سارس هوءِ،
ايڪلڙا جيوي نهين، ساٿ مرتا دوءِ

(ساجن اهڙو ڪجي، جهڙو سارس (پکي) آهي، هو هيڪلو ڪڏهن جي نہ ٿو سگهي، پنهنجي جوڙي سان گڏ مرندو آهي.)

[26] اڪ جو کير چمار چمڙي کي استعمال لائق بنائڻ ۾ ڪم آڻيندا هئا. چوپائي مال جي لٿل کل رنگائيءَ جي مرحلي دوران جڏهن بدبوءَ ڪري ويندي هئي، تڏهن اڪ جو کير لڳائڻ سان بدبوءِ ختم ٿي ويندي هئي

ساڄن ايسا ڪريئي، جيسا ريشم رنگ،
سر سوري ساس پنجري، تو ٻي نا ڇوڙي سنگ

(ساڄن اهڙو ڪجي جهڙو ريشم جو رنگ آهي، اهڙي ساڄن جو سر سوريءَ تي هجي يا ساھ پنجري ۾ قيد هجي، تڏهن ٻه ساٿ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿئي.)

ساڄن ايسا ڪريئي، جس ڪا، گهر سمها گهر هوءِ،
انگ ميڙاپو مقدر ڪرسي، ميٽ ميلاپو تو هوءِ.

(ساڄن اهو ڪجي، جنهن جو گهر سامهون گهر هجي، جسمن جو ميلاپ مقدر جو لکيو آهي، پر نيڻن جو ميلاپ تي سگهي ٿو.)

ساڄن هون ٿانري ٽڪي، وسان سمهلي واس،
ڪم ڪران گهر آپري، جيءُ تمهاري پاس

(ساڄن آءُ تنهنجي نالي ٿيل (ٽڪي مخصوص ٽري لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نالي ٿيل) سامهين ڏس ۾ رهان ٿي، ڪم ڪار پنهنجي گهر ڪندي آهيان، پر منهنجو جيءُ تو وٽ ئي هوندو آهي.)

اتر ڏس اوجيس پيو چمڪي ويجڙيان،
ماروئل پاسو ڦوريو چمڪين پاسڙيان.

(اتر طرف روشنيءَ جو اهاءُ ٿيو مون پانيو ٽر تي مينهن وٺو آهي، وڄ جا وارڪا آهن، پر پڇا ڪرڻ تي پتو پيو تہ ماروئل سُتي پاسو ڦيريو تہ هُن جون پاسڙيون (پاسرائيون) چمڪيون هيون.)

اکر سڀ سکر هي، ڪڇ کهٽي ڪا بيڻ،
اوئي ڪاجل ٽڪري، اوئي ڪاجل نيڻ،

(لفظ سڀ سهڻا آهن، پر ڪجھ چوڻ جو فرق آهي. جيڪو ڪجل (ٽڪريءَ) تي ڪم اچي ٿو (ڪنير مٽيءَ برتن تي ڪجل کي مس





ٿاهي چٽ ڪيندو آهي.) اهو ئي ڪجل سهڻين اکين جي حسن جو حصو ٻہ ٿئي ٿو.

پلا پيو نہ وسرين، نگڻ نہ آوي چت،
اوگڻ مٿي گڻ ڪري، او ساڄن ڪٿ!

(پلا ماڻهو ڪڏهن نہ وسرندا آهن، ٻي گٽا ڪڏهن چت تي نہ ايندا آهن، ٻي گٽي (ڪردار جي ڪچي) سان گڻ ڪن منهنجا اهڙا ساڄن ڪٿي آهن.!؟)

پلا پيو نہ وسرين، نگڻ نہ آوي چِت،
اڻ لوڀي نينهن گهٽو او ساڄن اه ڪِٿ!

(پلا ماڻهو ڪڏهن نہ وسرندا آهن، ٻي گڻ ڪڏهن چت تي نہ ايندا آهن، بنا جن وٽ لوڀ لالچ ڪان سواءِ نينهن گهڻو آهي منهنجا ساڄن ڪٿي آهن؟)

پلا پيو نہ وسرين، نگڻ نہ آوي چت،
جن ڏني جيءُ نري او ساڄن ڪٿ!

(پلا ماڻهو ڪڏهن نہ وسرندا آهن، ٻي گڻ ڪڏهن چت تي نہ ايندا آهن، جن ڪي ڏسي جيءُ ٺري، اُهي منهنجا ساڄن ڪٿي آهن.)

پلا پيو نہ وسرين نگڻ نہ آوي چيت،
هاڏي هنس نا جنمي، ڳُڙ ري نہ ڇڏي ريت.

(پلا ماڻهو ڪڏهن نہ وسرندا آهن، ٻي گڻ ڪڏهن چت تي نہ ايندا آهن، ڪانگ ڪڏهن هنج ڪي جنم نہ ڏيندو آهي، هُو نسل جي ريت نہ ڇڏيندو آهي ڪانگ جو ڄاول ڪانگ ئي رهندو.)

پلا پيو نہ وسرين، نگڻ نہ آوي چت،
ٽانٽي ٽوٽي جاسي، يار جهلسي پت.

(ٻلا ماڻهو ڪڏهن نہ وسرندا آهن، ٻي ڳڻ ڪڏهن چت تي نہ ايندا آهن. ٽانٽي (ڪپ جي ڪکن/ ڪندن جي ديوار /لوڙهو وغيره جنهن تي اڪ / ڄار وغيره جي سنهين ڪاٺين سان نوڙي جي سلائي ڪئي ويندي آهي ) وزن اچڻ سان ٽٽي ويندي آهي، پر پت وزن جهليندي آهي.)

جوڙي ڏوئي هاٿ، تريا، آگڙ انمي ڪيسو؟
نميا ترلوڪي رو ناٿ، راڌا آگڙ راجيا

(اهو مرد ڪهڙو جيڪو ٻئي هٿ جوڙي ناري جي اڳيان نميو (جهڪيو) نہ هجي!؟ (ديو مالائي ڪهاڻين موجب) ٽن لوڪن جو ناٿ شري ڪرشن راڌا جي اڳيان نميو هو.)

راگان مينِي سورٺي، چوپڙ مينِي سار،
سيجان مينِي سندري، رڻ مينِي تلوار.

(راڳڻين ۾ سورٺ مني راڳڻي آهي، چوپڙ راند ۾ رانديگر ڪي ساري مني لڳندي آهي. سيج تي سُندري مني (وڻندڙ) لڳندي آهي، رڻ کيتر ( ويڙه) ۾ تلوار مني (ڀلي) لڳندي آهي.)

فوج گهٽا ڪگ دامني، ٻوند لاگي سُر جيم،
پاوس پيو بنا اٻلا، ڪيتي جيو جي ڪيم.

(بادلن جي فوج، تلوارن جي تجلي جهڙي وڄ، تير وانگر بوندون سر تي لڳي رهيون آهن. مينهن وسڻ جي اهڙي منظر ۾ اي سکي! بالم کان سواءِ اٻلاء ڪيئن جيئي سگهي ٿي.)

جُون سالوران سروران، جُون ڏرتي سون ميهہ،
چمپڪ ورڻ، بالهئہ، چند مکي سون نيهہ

(جنهن نموني ڍيڏر جو پريم تلاءُ سان، مينهن جو پريم ڌرتي سان هوندو آهي، اهڙي نموني چنبيلي جي رنگ واري پريتم (ڍولا ڪمار) جي





چنڊ جهڙي ماروئڙ سان آهي)

هيم ورڻ، ٻالڪ بدن، جيهڙ لنڪ مرگهہ اڪ
او سوندر گم وسري، جي روهيڪ گڻ جُون لک

(سونو رنگ، ٻار جي ڪومل بدن جهڙو بدن، سنهڙي چيلهہ ۾ مرگهہ نيڻي اها سوندري ڪيئن وسري سگهندي، جنهن جو هڪ گڻ لک جهڙو آهي)

## چارڻ ڪوين جي سبق آميز شاعري

چارڻن جي شاعريءَ ۾ سمجهاڻين جو وڏو مواد ملي ٿو جن سماجي قدرن کي هٿي ڏئي سماجي سڌاري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڌرمي رهنمائن ۽ سماجي مفڪرن جي تعليمات وانگر چارڻن جي شاعري جي سرهاڻ هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي دلين کي مهڪايو آهي، ٿر جي صحرا ۾ گلاب جا گل نہ ٿيندا آهن، پر لوڪ شاعريءَ جي سرجڻهار چارڻ شاعرن جي دل تازي تواني گلاب جي گل جيان رهي آهي، جنهن جي ون ۽ واس ۾ رچيل سٽون سوين سڳنڌيون ٿي، لوڪن جي روح ۾ لٿيون آهن:

گِر موران، بن ڪونجران ،آنبا رَس سُوئان،
سيڻَ ڪُوچن، جنم ڀوم، وِسرسين موئان.

(جهڙيءَ ريت مورن کي پهاڙ هاٿين کي بن، طوطن کي انب جو رس نہ ٿا وسرن، ائين ماڻهوءَ کي سڄڻ جا ويڻ (ڪُو وچن/اڻ وڻندڙ ڳالهہ /طعنو) ۽ جنم ڀومي مرڻ کان پوءِ ٿي وسرندا.)

ڪيهر مڇ، ڀوئينگ مڻ، سرڻا گت سوران،
ڪرپڻ ڌن، ستي پنور، هاٿ ڏيوڻ ڏي موئان.

(شينهن مڇ تي، نانگ مڻ[27] تي، ڪنجوس ماڻهو ڌن تي ۽ ستي ناري پنهنجي ارهن تي جيئري هٿ ڏيڻ ڪڏهن نہ ڏيندا آهن.)

راجا ڪس ڪو گونيو جوگي ڪسڪو ميت"
پاتر ڪس ڪي استري، تينو ميت ڳميت.

(راجا ۽ جوڳي ڪنهن جا بہ ميت نہ ٿيندا آهن. اهڙيءَ ريت وئشيا (ڪيري) ڪنهن جي زال ناهي ٿيندي، هي ٿئي ڪنهن جا ميت (دوست) ناهن ٿيندا.)

مينهان سڏارڻ ٻيجيلي، سرور سڏارڻ پار،
ٻاپ سڏارڻ ڏيڪرو، گهر سڏارڻ نار.

(مينهن جي سونهن کنوڻ آهي، سَر (تلاء) جي خوبصورتي چوڌس ڏنل ديوار آهي، اهڙي ريت پيءُ جي وڏائي جو ڪارڻ سپوٽ پٽ هوندو آهي ۽ گهر جو سُونهن ناري هوندي آهي.)

ٻڙا پرس ري ٻاڻ، اناڙي نا آڏر ڪري،
اوڇٽوئان رو اپلاڻ، ڇٻتا ٻولي ڇڪريا.

(وڏي ماڻهوءَ جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو اجنبي يا عام شخص سان بہ عزت سان پيش ايندو پر ڪم ظرف جو رويو ان جي ابتڙ هوندو آهي. اي ڇڪريا! هُو ٻولڻ وقت هميشہ چڀندڙ لفظ چوندو آهي.)

دولت سون ڌن ٻڙي، دولت آوي ٻوڙ،
پئسو هوئي جڳت ۾ جوبن آوي جور.

(روپي) کي روپيو چڪيندو آهي. دولت سان مال ملڪيت ۾ اضافو ٿيندو آهي. دنيا ۾ پئسو هٿ ۾ آهي تہ ماڻهوءَ ۾ جوبن جو رنگ روپ

[27] لوڪ روايت آهي تہ نانگ جي مڻ بلور وانگر سندس مٿي ۾ هوندي آهي نانگ وات ذريعي ٻاهر ڪڍندو آهي، مڻ روشني ڪندي آهي، جنهن جي روشني ۾ رات جو نانگ شڪار ڪندو آهي. اها مڻ ڏنگيل ماڻهوءَ جي ڏنگ واريءَ جاءِ تي رکڻ سان زهر ختم ٿي ويندو آهي.





ڏيکاريندو آهي.)

ڪوري بن قيمت نهين، سگاني راکي سات،
هاجر ناٽو هاٿ ۾، ويري پوجي هاٿ.

(ڪوريءَ (پئسي) کان سواءِ هن مطلبي دنيا ۾ ماڻهوءَ جي اهميت نہ آهي، پنهنجا عزيز بہ رشتو ٽوڙي ويندا آهن. جيڪڏهن هٿ ۾ ناڻو آهي تہ ويري بہ هٿ پيو چمندو آهي.)

ڌن سيڌو جگ جس ڏي، ڌن ڦر دوس ڏهنت،
سدا سُڌي ماڻسان، ڪٻڌ لوڪ ڪهنت.

(مقدر جا ڏينهن ڀلا آهن تہ سڄو جڳ جس (واکاڻ) پيو ڪندو آهي، پر جي ڀاڳ ۾ ڦيرو آهي تہ الزام تراشين تيرن وانگر وسنديون آهن، هن مطلبي دنيا ۾ سياڻي ماڻهوءَ تي فسادي ماڻهن جي الزامن جي بوڇاڙ هوندي آهي.)

نگڻ پوت، ناري نلهہ، ڪونبي ڪارو نير
نگر ميت جسراج ڪهي، چارون ڏهت سرير.

(نافرمانبردار پٽ، بي حيا ناري، ڪوٽيل کوهہ جو ڪارو پاڻي، نہ گڻ دوست، ڪوي جسراج چوي ٿو تہ اهي چارئي ڏيل ڏکوئيندڙ آهن.)

سونو سيسو سگهڙ نر، گُڻ ڏيرا بولنت،
ڪونسي ڪُتي، ڪُبران، ڪر لاگان ڪوڪنت.

(سون ۽ شيشي کي هٿ هڻبو تہ هلڪو آواز ٿيندو، ائين سگهڙ مرد پنهنجي ڳالهہ ڌيرج سان ڪندو آهي. تنهي جو گڻ ڏيمو ٻولڻ آهي. پر ڪانسيءَ جي برتن، ڪُتي ۽ گهٽيا ذهن واري ماڻهوءَ جي ريت الٽي آهي. ٿورو هٿ لڳڻ تي ڪانسي جو ٿانوَ ۽ ڪُتي گونجي پوندا آهن، نيچ سياءُ وارو ماڻهو بہ ٿوري ڳالهہ تي وڏو آواز ڪندو.)

آئي نا آڌار ڏيجئي، مينا ٻولجين وڻ،
اونچا اس ڪو جاڻيئي، لاج پريا جس ڪا نيڻ.

(ايندڙ جو آڌرياءُ ڪجي، هر ڪنهن سان منو ڳالهائجي، پر وڏو ماڻهو (مها پُرش) اهو آهي، جنهن جي نيڻن ۾ ديد هجي، جنهن جا لڄيارا نيڻ هجن.

سڪاڙي پلا سيڻ، ڏڪاڙي پلا ڏاڻيان،
ڏونگر تو ڏور پلا، نيڙان نا تو پهاڻيان

(وسڪاري ۾ دوست/ عزيز پلا لڳندا آهن. پر ڏڪار ۾ داڻا پلا لڳندا آهن(لپ پچائي تاڻي کي تارجي) ڏونگرن جو ڏيک پري کان پيارو لڳندو آهي، ويجهو وڃ تہ ڏونگر سخت پٿرن جو ميڙ آهي.)

چارڻ ڪوين جي نصيحت واري شاعريءَ ۾ ڪرپارام (جنهن جي شاعري راجيا نالي سان ملي ٿي،) "چڪريا"، "ڪرشنا" جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا. ٿر جي سگهڙ مرحوم ممون فقير کي چڪريا جي ڪيتري ئي شاعري ياد هوندي هئي.

چارڻن جي ان قسم جي شاعريءَ دوها چند. بہ اکريا، چو اکريا، سورٺا وغيره مطالعي هيٺ آڻجن ٿا.

ٻداپڻ انت برو، نرپٽ برو نري،
نہ ڪو مان ڪوٽڙي، نہ ڪو مان گهري.

(پوڙهپڻ! تمام خراب آهي، خاص طور مرد لاءِ پوڙهڻ ۾ ڏکيائيون آهن. سندن پوڙهو ٿيڻ کان پوءِ سندس لاءِ مانُ نہ ڪوٽري ( اوطاق) ۾ رهندو آهي، نہ گهر ۾.)[28]

[28] ڪوٽڙي (اوطاق) ۾ ويٺل نوجوان چوندا آهن تہ چاچا، هتي ڇوڪرا ڪچهري ڪن پيا، توهان گهر وڃو. گهر ۾ وري ٻار چوندا آهن تہ چاچا! توهان ڪوٽري ( اوطاق) وڃو.





ٻدا ٿيا ٻڙ هتيا، ڪوڙي لاڳي ڪوڙ
مڻ مڻ لوه موڙتي، تڻو نہ سگها توڙ.

(پوڙهپڻ ڇا آيو سگهہ گهٽجي ويئي، جنهن سان ڏيل ۾ ڪڙو عيب اچي پيو. آءُ مڻ مڻ لوهہ موڙي وٺندي هئس، ( هاڻي) هڪ ڌاڳو بہ نہ ٽو ٽتي.)

ٻدا ٿيا ٻڙ هتيا، نيٽي نير جهرنت،
شينهان آڳڙ مرگهلا، ٻوڙي ڍُوڙي چرنت.

(پوڙهپڻ سان طاقت گهٽجي وئي، نيٽن مان نير (پاڻي) جهري رهيو آهي. تڏهن تہ پوڙهي شينهن آڏو هرڻ ٽوليون ڪري چري رهيا آهن.)

انکيان سمان رتن نهين، پتر سمان نهين پيار،
مهلي سمان متر نهين، گهوڙي سمان نهين يار.

(اکين جي برابر ڪو رتن نہ آهي. پٽ جهڙو ڪو پيار نہ آهي، زال جهڙو ڪوئي رازدان دوست نہ آهي، (رڻ جي راهيءَ لاءِ) گهوڙي جهڙو ڪو ساٿي نہ آهي.)

ڪڙهي مت ڪر ڪامڻي، گهوڙان گيهہ ڏيتي،
ڪبوئي آڏو اوسي، رڻ واٽڙيان وهنتي،

(اي ڪامڻي گهوڙن کي گيهہ پيارڻ تي ڪروڌ نہ ڪر، هي گيهہ رڻ واٽڙين تي هلندي ڪڏهن ڪم ايندو. سفر ۾ گهوڙا ٿڪجڻ بدران منزل تي پهچائيندا يا رڻ کيتر ۾ تلوارن جي گهاءُ کان بچائيندا.)

ڏاني ڏن ٻنتيو، ساحير ٻانتيو نير،
ساپرس ري کتي ۾ جگ ٻانڌي سير.

(شاهوڪار سخي ڏن ورهائيندو آهي، جيئن نديون، سمنڊ پاڻي ورهائيندا آهن، داناءُ شخص جي عقل جي آڌر جڳ سمنڊ تي پُل ٻڌندو

آهي.)

مينهان ساکي واڻين، سيان ساکي اڪ،
ڏاتاران ساکي منگتان، سورمان ساکي ڏڪ.

(مينهن جو ساکي واڻون هونديون آهن. ( جتي پلر هوندو آهي) سيءَ جا شاهد اڪ هوندا آهن. (سيءُ ۾ اڪ جا پن سڙي ويندا آهن)، سخين جا ساکي مڱتا هوندا آهن، سورمن جي سورهيائيءَ جا ساکي زخم / ڏڪ هوندا آهن.)

سر سورمي نا واهيو، سامهون جهولتو آئي،
ڪائر ڪي واهسي، جڪي مئي مهاتم جائي.

(ويڙه سورهيہ ڪي سونهي ٿي، جيڪو تيرن سامهون نچندو ايندو آهي. ڪائر ڪي هٽي ڇا ڪندين، جو تير ڪي پٺ ڏيندو آهي ۽ جنهن جي مرڻ سان گلائون شروع ٿينديون آهن.)

اپ بنٽڻ، سام جهلڻ، سوارن نران ڪا سان.
گاڏر جايو هڙ وهي، تو پڙڏي ڪيسو مانَ.

(بهادريءَ جو ڀرم رکڻ، سام جهلڻ اهو سورهيہ مردن جو ڪم آهي جيئن هر ۾ وهڻ ڍڳن جو ڪم آهي، جيڪڏهن رڍ جو ڦر (گهيٽو) هرن ۾ وهيو تہ ڍڳن جو ڪهڙو مان رهندو.)

بنيادي چڪت نهين، ڏک پڙنت انيڪ،
شينهان ڪي چال گدڙ چلي، ڪيا راکي ٽيڪ

(ٻٽياٽتو (خانداني) ڪڏهن بہ ڪردار جو ڪچو نہ ٿيندو آهي. ( ويساهہ گهاتي نہ ڪندو آهي)، ڀوءِ مٿس ڪٽي ڪيترا بہ ڏک اچن. گدڙ شينهن جي چال هلي، پر ٽيڪ (هلٽيءَ جو ڀرم) رکي نہ سگهندو.)

شينها موتي اکري، پرماري مت ڪائي،





ٽيجهي لاهہ نہ آپڙي، تو ڀاگان پنيان نهين جائي.[29]

(شينهن اصول وارا ٿيندا آهن. هو پَرماري (ٻئي جو شڪار کيل) نہ کائيندا آهن. شينهن شڪار لاءِ ٽي ڇلان ڏيندو آهي. ٽن ڇلانگن ۾ ڪيس شڪار هٿ نہ آيو تہ پڇندڙ پويان نہ ويندو آهي.)

همٽ بن قيمت نهين، قيمت بنا نهين ڪاج،
ڏوئي پنجا سرڻ ڪا، ڏوئي پنجا باج

(همت کان سواءِ ڪا بہ ئي قيمت نہ آهي، همت کان سواءِ ڪو ڪارج سڌ نہ ٿو ٿئي، بہ ڇنبا سرن ڪي ٿين ٿا، (ساڱيءَ ريت) بہ ڇنبا باز ڪي ٿيندا آهن، پر باز جي همت سرڻ کان وڌيڪ آهي.)

تو ڪِيا جاٽي ڪيسري، آڏو ڪُڙ ڪي ريت،
مان جنميو گهڙي هوئي، انيو چالڻ هاٿي جيت [30]

( تون ڇا ڄاڻين تہ ڪيهر شينهن ڪهڙا ٿيندا آهن؟ (اُن جي بنياد جي نشاني اها آهي تہ ) ماءُ پيٽان ڄمندي ئي ننڍڙي ٻچي ڪي گهڙي بہ نہ گذرندي آهي تہ وڏي هاٿيءَ جو شڪار ڪرڻ لاءِ اُٿي هلندو آهي.)

شينهٽي شينهن جنميو جي ري ڪُڙ ڪو اي سياو
گٿ مروڙيو گينڊ ٽڪو ٽٽو لنڪ پساو

(شينهڻ شينهن ڪي جنم ڏنو جنهن جي خاندان ( نسل ) جو هي سياو آهي تہ (جنم سان ماءُ جي پرسان اجنبي جانور گينڊ ڪي ڏسي) گينڊ جي ڳٽ ڪي مروڙ ڏني، پاڻ ڇيلهہ ۾ ٽٽي پيو پر پنهنجو سياءُ نہ ڇڏيو.)

ناناٽو جيرو ابڏو پيو، ڏاڏاٽو راڏو راڻ،

---

[29] هن دوهي جي ٻي سٽ ٽر ۾ هينئن بہ ملندي آهي.
ٽيجي لاهہ نہ آپڙي، تو پگ ڏي پڇو آئي.

[30] (شينهن جيڪڏهن ٽن ڇلانگن ۾ شڪار هٿ نہ ڪيو تہ پوئين پيرن واپس ايندو آهي.)
آدو مان ڪي اُڏر ۾، آڏو هاٿي ڪي سيس

او گهر سدا سوهاڻو ٿئي پڪ پوراڻ

(جنهن شخص جا ناناڻ ٻهادر ۽ ڏاڏاڻا رهاڻن جا راڻا (سگهڙ سياڻا) آهن، ان جو گهر سدائين سکيو ۽ سهڻو هوندو آهي، ڇو ته سندس ٻئي رشتا مڪمل ( سندر) هوندا آهن

جاڻي نهين اجاڻ، سيڻ، دشمن سريکا،
پڙهيا نهين ويد پراڻ، رڙي مڙي رهيو راجيا

(جيڪو شخص دوست، دشمن جي پرک نه ٿو رکي. اهو مورک، اڻ ڄاڻ دوست دشمن کي برابر سمجهي ٿو. اڻ ڄاڻ ماڻهو ڪڏهن ويد پراڻ نه پڙهيو آهي، راجيا اهڙو ماڻهو جهالت ۾ عمر گذاري ٿو.)

جڻڻي تو ايسا جڻيئي، ڪا ڏاتار، ڪا سور،
نه تو ري واجهڻي، مت گماوي نور،

(امان تنهنجي پيٽان جيڪو ٻار پيدا ٿئي، سو ڏاتار(سخي) ٿئي يا سورهيه، (ٻيءَ صورت ۾) اي جيجل سنڍ رهجان ۽ پنهنجو نور نه وڃائجان.)

ڏو مت ماري ڏوجهڻا، هيڪ سورهيه ٻيجو ڏاتار،
او بانڪا ڇيڙ ڀاجي نهين، او نرڏن رو آڌار.

(اي مالڪ! ٻه ماڻهو ڪڏهن (ٻي موت وقت کان اڳ ۾) نه مارجان، هڪ سورهيه، ٻيو ڏاتار، سورهيه شينهن کي ڇيڙڻي پڇندو نه آهي ۽ ڏاتار بيواهن محتاجن جو آڌار ٿيندو آهي.)

جس آوي چانڊڻو ٻٽي، اُنئي تو انڌاري هو،
او نر ڪيوئي نا جهانڪيو ٻيجاجهانڪيو سو.

(جنهن (شخص) جي اچڻ سان روشني ٿئي ۽ اُٿي وڃڻ سان اونداهه ٿئي، اهڙي شخص کي ٻولڻ کان روڪڻ جو روبو اختيار نه ڪجي، اهڙي شخص کي سدائين مان مريادا ڏيڻ کپي. ڪچهري ۾ ٻيا سَوَ ماٺ





ڪرائجن، پر هُن کي ڳالهائڻ لاءِ موقعو ڏجي.)

گايان جوين گاس هي، تريان جوين ان،
ماهيلي جوين مرد هي، مردي جوين ڌن.

(ڍڳين جي جواني جي خوشي گاهه آهي، گهوڙين جي خوشي ان آهي. ناري جو جوڀن مرد سان آهي، پتي ورتا ناري جو مرد حياتي آهي ته سدائين خوش هوندي آهي، مرد جي جواني ملڪيت سان آهي، ڌن ڪانسواءِ ڳڻتين ۾ هوندو آهي.)

لاجي ڪپڙ پهريئي، لاجي ليجيئي مان،
لاجي رڻ ۾ جوجهيئي، لاجي ڏيجيئي ڏان.

(هر ڪم جو وقت هوندو آهي، مهل موقعي سان سنو لڳندو آهي . من ۾ مرم رکي ڪپڙا پائجن، پنهنجي آپي ۾ رهي مان مرتبو وٺجي. (ڪڏهن غرور نه ڪجي). اهڙي ريت رڻ ۾ وڙهڻ توڙي ڪنهن کي ڏان ڏيڻ وقت ۽ مريادا کي نه ڇڏجي.)

ڀنور جي ڀلا بانگي ٻڙي نا باهه،
سپوتر هيڪ هوتي، ڍڪ پوري آکه.

(ڀنور ڀلو آهي ته سني ڳالهه آهي پر باهه جو مچ ڀانگهن (ڪکن ڪانن) وجهڻ سان نه ٿيندو آهي. هڪ سپوٽ پوري ڪٽب (جي ڪچائين) کي ڍڪي ڇڏيندو آهي.)[31]

ايڪا ڀلي ٻيسلڙي، ايڪا ٿي ڀلو سپوت،
ڪا گهڻيرا ڪانگيرا، ڪا گهڻا ٿي ڪپوت

(هڪ ئي ڀلي مينهن سني آهي، هڪ ئي ڀلو سپوت پٽ آهي، گهڻا ڪانگيرا هوندا آهن يا گهڻائي ڪپوت هوندا آهن.)

---

[31] راڻي يا راجا جي پٽ کي ڪنور۽ ڪنور جي پٽ کي ڀنور چئبو آهي

پاڻي پتر پاهڻ، پيجي تو پيڏي نهين،
مورک مت اجاڻ، سڻي تو سمجهي نهين،

(پاڻيءَ ۾ پٿر، پهڻ تہ پُسي ويندو آهي، پورو رجندو نہ آهي. اهڙيءَ ريت مورک ڳالهہ ٻڌندو آهي، پر سمجهندو نہ آهي.)

مجهہ سي جل مانگ ڪر، اوپر سکر چڙهنت،
لاج نہ آئي تو هي شاه پرش، مجهہ پر هي گاجنت

(سمنڊ تي بادل جڏهن گجگوڙ ڪري وسڻ لڳو (تڏهن ڪوي سمنڊ جي واتان بادل کي ميار ڏيندي چوي ٿو تہ ) مون کان پاڻي گهُري اُپ تي چڙهيو آهين. اي چڱا مڙس ( بادل )! توکي ديد نٿي پوي، (لڄ نہ ٿي اچي) جو مون تي ئي گوڙيون ٿو ڪرين.)

تو جل سمندر کارو مدهم پيو پنڇي نهين پيونت،
امرت ڪري ورکا ڪران، جي را گڻ پريا گرجنت،

(ڪوي بادل جي واتان سمنڊ کي جواب ڏيندي چيو ٿو تہ: (اي سمنڊ! تنهنجو پاڻي اهڙو تہ کارو آهي، جو ان مان پکي بہ چهنب نہ ٿو ٻوڙي، آءُ ان کي امرت کي وسايان ٿو منهنجي گجگوڙ گڻن پري آهي.)

هيڪ متر، ٻيجا مترولِيا، تاڙ متر انيڪ،
جن ڏني نيڻ ٺرين، او لاکان ۾ هيڪ [32]

( سچو دوست هڪ هوندو آهي، ٻيا مڙئي دوست هوندا آهن. تاڙي ملائڻ وارا ساٿي انيڪ ملي ويندا، پر جنهن کي ڏسي نيڻ ٺرن، اهڙو دوست لکن ۾ هڪ هوندو آهي.)

سک اپجي، ڏک گڙي، نڪنلڪ پيو نماڻ،

[32] ايس متر سوئيس متر تاڙي انيڪ،
وپت پڙي ڏک وانٽي او لاکان ۾ هيڪ





انگ انگ آنند پيو، پرگهٽ راڳ ڪلياڻ

(جڏهن ڪلياڻ راڳ پڌرو ٿيو تڏهن سک پيدا ٿيو ڏک ختم ٿيا، ۽ ڪنهن بہ قسم جي من ۾ تلخي نہ رهي، انگ انگ ۾ راحت اچي وئي.)

ڪوئل ڪيا دينت هي، ڪانگا ڪس ڪا هيرنت،
چپا رس ري ڪارٽي، جگ اپنا ڪرنت،

(ڪوئل ڪنهن کي ڇا ڏي ٿي، ڪانگ ڪنهن جو ڇا وڃائي ٿو؟ چپن جي مٺي رس (ٻوليءَ) سان ڪوئل جڳ کي پنهنجو ڪري ٿي.)

ٻارهي گائوئي ٻولي بدلي، ورک بدلي ساکا[33]
ٻداپڻ ۾ ڪيس بدليا لکڻ نہ بدليا لاکا.

(ٻارنهن ڪوهن تي ٻولي (لهجو) تبديل ٿيندي آهي. وڻ ٽارين ۾ بدلجندو آهي. پوڙهپڻ ۾ مٿي جا وار مٽجي ويا، پر اي لاکا! ماڻهو جا لڇڻ ڪڏهن نہ بدليا.)

ڪڙه واٽي سون ڪام، هر ڪوئي ڏوهرو ڪري،
ڪام هوئي بن دام، جهٽ نرمي چڪريا،

(رعب تاب سان (پئسا ڏيندي بہ) ڪم وٺڻ ڏکيو آهي. چڪريا! نوڙت سان بنا پئسن جي آسانيءَ سان ٿي ويندو.)

ٻولي مينا ويڻ، مطلب ري ڪارڻ مڙي،
سمجهو ڪڏي نا سيڻ، ڪپتي نر ڪاليا.

(جيڪو پنهنجي مطلب ( غرض) سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ٿو اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ دوست ٿي نہ ٿو سگهي، اي ڪاليا! اهو ماڻهو ڪُپتيو آهي.)

مڏ وديا مان، اچو سو اکڙي اوس

[33] ٻارهي گائوئي ٻولي بدلي سرور بدلي ساکا

آڏن ري ان مان، ريوي ورلا راجيا

(مڙ، علم ۾ ڏن اوڇي (هلڪي) ماڻهوءَ ڪي جلد ئي آڪڙ ۾ وجهي چڙهيندا آهن، پر سپوت انسان مان اي راجيا! ڪو ورلي ٽڙندو آهي.)

ڪرٽو هي سو ڪر جائو بکت وهاتي جو مڙي
بيتا بکت پڇتائو، چت ۾ رهسي چڪريا.

(اي چڪريا! جيڪو ڪرٽو اٿئي، اهو مهل سان ڪري وٺ. وقت گذري وڃڻ کان پوءِ پڇتاءُ ئي دل ۾ رهجي ويندو.)

لاوان تتريان لار، هر ڪوئي هاڪا ڪري،
پڻ سنگهان تٽي سڪار، ڪرٽو مسڪل ڪشنيا!

(جهنگ ۾ تترن پويان هر ڪوئي 'هاڪا' (آواز ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، پر جڏهن شينهن جي شڪار جي ڳالهه ايندي آهي ته اي ڪشنيا! تمام گهٽ ماڻهو سنپرندا آهن.)

جس ڪي سوپا جڳ ۾، اوئي جيوڻ نا ڏن،
ايڪ جيوڻ موت سريکو، ڪسوپا سٽي ڪن.

(جنهن جي جڳ ۾ سوڀيا آهي. ان جي جيئڻ کي جس آهي، اهڙو جيئڻ موت برابر آهي، جنهن جون ڪچايون ڪن سٽن.)

مردان مرڻ حق هي، اُبرسي گلان،
ساپُر را جيوٽا، ٽوڙان هي پلان.

مردن جو (بهاديءَ سان وڙهي) مرڻ حق آهي، (انهن جي سورهيائيءَ جون) ڳالهيون رهنديون. سپوتن جو ٽوروئي جيئڻ پلو آهي.)

سپوتر سخن سهي، جوُن وڍ سهي وٽڪار،
ڏرٽي ڪني ڏپ سهي، جوُن دريا سهي آر.

(سپوٽ ماڻهن ماڻهن جا ڪڙا ٻول ٻه سهندا آهن. جيئن وَڏَ





(ڪهاڙي جا) وٽڪار سهندي آهي. ڌرتي هر ڪني ڏپ ائين سهندي آهي، جيئن درياهہ پاڻيءَ جو آر سهندو آهي.)

سدا نہ سنگ سهليان، سدا نہ راجا ديس،
سدا نہ جگ جيوڻو سدا نہ ٻالڪ ويس.[34]

(سدائين سهلين سرتين جو ساٿ نہ رهندو آهي، سدائين ملڪ جو راجا ساڳيو نہ هوندو آهي، سدائين جڳ ۾ جيئڻو نہ آهي. (نيٺ تہ موت بہ ايندو) سدائين ماڻهو ٻالڪ ويس ۾ نہ رهندو آهي.)

رڻ بن ۾ رونڪڙو، ڪوڻ ڪري سنپار،
ڪا جوئي ڳُڙ آپ رو، ڪا راکي ڪلتار.

(جهنگل ۾ هڪ ٻوٽو اپريو جنهن جي ڪير سنڀال ڪري !؟ ان کي پنهنجو نسل (خاندان) تاري (سنڀال ڪري) يا ڪلتار پار پهچائي.)

## چارڻن جي مزاحيہ شاعري

چارڻ ڪوين جي شاعريءَ ۾ مزاحيہ رنگ بہ ملي ٿو. هتي ڪجھ مثال پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

پيو سمر ۾ جاوتا، پاچا گيا پرهار،
مانڏيو ڏيٺ پيت پر، پالا سهت سوار

( هڪ ڊڄڻي ( بزدل) جي زال چوي ٿي تہ منهنجو مڙس وڙهڻ جو سوچي، ۾ جنگ جي ميدان ڏانهن ويو پر موٽي آيو آهي. هن واٽ ۾ ديوار تي پالو ڪنيل هڪ جنگجوءَ جي تصوير ڏٺي تہ ڊڄي ويو.)

پيو اَسارَڻ چڙهيا، هاٿ ليڏي تلوار
ڏيٺي تن ري چانهلي، اُويا او پاڙي پار

[34] سدا نہ سنگ سهليان سدا نہ ڪاڙا ڪيس

( منهنجي مڙس تلوار هٿ ۾ کڻي ميدان جنگ جي راهه اختيار ڪئي، پر وچ رستي ۾ پنهنجو پاڇو ڏسي (ٻڇي) رڙيون ڪرڻ لڳو)

ٻي به ڪيتري مزاحيه شاعري موجود آهي، ۽ زماني ۾ سڀ ختم ٿي وئي آهي ۽ مزاح سهڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. انڪري مزاحيه دوهن جو سرجڻ گهٽجي ويو آهي. چارڻن جي ڪو همت افزائي ڪرڻ وارو نه آهي

## چارڻن جي شاعري ۾ 'سچ گو' جا مثال

چارڻ مزاجاً بي ٻپا ۽ سچ گو رهيا آهن، اُهي چڱن ڀلن کي منهن تي سچ چئي ڏيندا آهن.

وهه هي بکتا، وهه هي بکت، وهه هي بکت کي تلوار،
ٻاپ ني ماريو ڏيکرو، لڳي ڪي پاڏي رو پار.

(اي بختا! تون اهو ئي بختو اهائي (تنهنجي) بخت جي تلوار اهو ئي وقت (ٽاٽو) جنهن ٽاٽي (تو) پنهنجي پيءُ کي ماريو (پيءُ کي ماريندي تو کي احساس نه ٿيو ته پوءِ) تنهنجي تلوار کي پاڏي جي ڪنڌ جو پار چا ڪندو!؟)

چارڻي ساهتيه ۾ پونڌا (برائي/نندڻ جا) شعر اڪثر طور واهڻ (سواري) ۾ آهن:

مين جاٽيو پواني کو واهڻ سيتل واهڻ مين ڏساريو
سنيا پئي شو واهڻ کي، شني کي واهڻ سيس هلايو
آساري وڏڪو شبڏ کهيو، جاچڪ کو پگ توڙڪايو
جي ڪوئي جاچڪ جاچڻ آوي پيرو کو واهڻ پيڪايو

(مون پانيو پواني جي سواري شينهن آهين پر تون سيتل ديوتا جي سواري گڏهه جهڙو نڪتين، تنهنجي ڪچهري جا ساٿي شو جي سواري ڍڳي جهڙا جن مون کي ايندو ڏسي شني جي سواري پاڏي جيان ڪنڌ هلايو





مون آس اميد سان سلام ڪري ٻول چيو ته سڀ منهنجي پوٻان چئجي ويا. جيڪڏهن وري به مون جهڙو جاچڪ (سوالي) اچي تنهن کي ڀيرو ديوتا جي سواري ڪتا بچ ڪجان)

چارڻي سماجي ۾ ڪوئي ڪوي به جڏهن ڪردار جو ڪچو ٿيو آهي، تڏهن ان جي ڪردار کي سچن چارڻ ڪوين هميشه ننديو آهي.

پارڪر جي راج ڏٽي ٻريل مکواٽي کي مارڻ لاءِ جڏهن سينڌل سوڍا وس ڪري رهيا هئا، تڏهن ذاتي مفاد لاءِ گونگڙي جي ڏنراج ڪويءَ، ٻريل سان دوکو ڪري، سينڌل جو ساٿ ڏنو ته هُن جي اهڙي ڪچائيءَ جي نندا ڪندي، ڪنهن سچي چارڻ چئي ڏنو:

ڪارونجهر تنَان ڪَ جَس ڪجسي ميڙيو ڪاج،
ٻريل مکواٽو مارواتان، ڏوڙ ڪاڏي ڏنراج.

(اي ڪارونجهر ! توتي ميار آهي، جو ڪُجسو ڪاج ڪٽي گڏ ڪيو اٿئي.(راج ڏٽي) ٻريل مکواٽي کي (دوکي سان)ماريو ويو آهي، ڏنراج جي منهن ۾ ڏوڙ پئي آهي.)

ٻاوليان ٻارٽيئي، تون رتنو مت راکي،
چڪوڙي چارٽيئي، مارايو گر مان ٽٽو

(اي ساميڙا! تون ڪڏهن رتنو(چارڻن جي نک جو نالو) ڪڏهن در تي نه رکجان، چڪيل چارڻ (لالچ ۾ اچي) راجا مان جي گرو (مشهور سخي ڪردار سوامي لاڏوناٿ) کي ماريو.)

## چارڻن جي شاعريءَ ۾ دعا ۽ پِٽ جو ذڪر

تاريخ جي ڪتابن ۽ لوڪ ڪٿائن ۾ چارڻن جي دعا ۽ پٽ جا ڪيترائي واقعاملن ٿا، چارڻن جو شمار فقير قبيلن ۾ ٿئي ٿو. ان ڪري

عام عقيدو آهي تہ:

چارڻ تارڻ راجپوتان، ڳچتان تارڻ رام،
هيڪ تاري سرگاپُري، ٻيجو راکي نو ڪنڌ نام.

ڪتاب”پراڻي پارڪر“ ۾ منگهارام اوجها، جهونا ڳڙهہ جي راءِ منڊلڪ کي هڪ چارڻياڻيءَ پاران ڏنل وچنن جي وارتا کي خاص اهميت سان بيان ڪيو آهي.

ڪتاب ”سوڍائڻ“(هندي) ۾ پروفيسر شڪتيڏان، راڻي همير جي صغير پٽ ويسي کان راڄ دوکي سان کسيندڙ ڏوڏا کي ديول چارڻياڻيءَ جي ڏنل بد دعا ۽ راڻي ويسي کي ڏنل دعا کي هيٺين سٽن ۾ درج ڪيو آهي تہ:

ڪروڌ ڪييو مها مايا ڪڙڪي
ٻوجي ٻوم گهٽي ٻوم دڙڪي،
ڪهيو ديول راڄ نہ ڪرسي،
مورک گهر پهونچتو مرسي.

ڪر استوتي پرڻام ڪر، ويسي ليئو وردان،
ديول ريجهي ديت هئہ، امر ڪوٽ انعام،
لاڳي پڳي ور شڌ لي امر نا آسيس،
قائم راجس ڪري، سڌ گت ڪرپا سيس.

(معنيٰ: مها شڪتي ڏيول ڏوڏا تي ايتري غصي ۾ اچي ڪڙڪي، جو ڌرتي ڏٻندي محسوس ٿي، ديوي ڪاوڙ ۾ چيو تہ ڏوڏو هاڻي راڄ نہ ڪندو، موڪ گهر پهچندي مري ويندو. ديوي جي استوتي پرڻام ڪري ويسي وردان ورتو. ديول راضي ٿي ويسي کي امرڪوٽ انعام طور ڏنو. ويسي ديوي جو شڪرانو ادا ڪندي پيرن تي هٿ رکي دعا ورتي. ديوي دعا ڏيندي چيو تہ تون پنهنجو راڄ قائم ڪري سک سان وسندين.)





ٿر جي عام لوڪ وٽ ٻيا اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. ڪلهوڙن جي ديوان خاص ٽيڪراءِ سان ٿيل جهيڙي ۾ نهڙي قبيلي کي مليل دعا کان وٺي، چيلهار جي آچپي جي لاءِ چيلي چارڻ جي جهليل جهولي”آيل جڳ چار، چيلهاڻو اپو رکي“[35] تائين دعا ۽ بد دعا جو وڏو سفر آهي. ٿر جي ناماياري ڪهاڻيڪار ۽ محقق حاجي محمد ڪنير موجب پاڻ ٻائي چارڻياڻي جي دعا سان ويرو ٻائي مالهڻ جو کوهہ پارڪر ۾ وسيو. پاڻ ٻائي جي بد دعا سان هڙٻنگ راجپوت ۽ سندس ساٿين جا 104 کوهہ کارا ٿي غير آباد ٿي ويا. هڙٻنگ جي ڪوٽڙي وٽ مساڻ نهيو. ويرو ٻائي جي نالي پويان اڄ بہ ويراهہ واهہ شهر سڏجي ٿو. ونگي جي نهڙين ۽ چام تماچيءَ جي حوالي سان دعائي دوهن جو رنگ هن ريت آهي:

تر آنبو تماچي، ونگو ٻاون وير،
چڻ مُک نا نہ اُچري، سياڙو سمير.[36]

(چام تماچي نياز نوڙت ۾ انب (وڻ) وانگر جهُڪيل نهنو نماڻو ۽ عقل جو وير آهي، جنهن جي منهن ۾ ”نہ“ لفظ ڪڏهن بہ نہ اچي ٿو ڪهڙي بہ حالت هجي، هو سخاوت ۾ اٽل آهي، ايئن جيئن سمير جبل تي سورج سياري ۾ پنهنجو طرف نہ بدلائيندو آهي.)

ونگو چڱو سدا سخي، سُرونگو ڏيس،
پڙ ونڪا تاتا تري، نهڙي ايئہ نريش.

(ونگي جو علائقو واڪاڻ لائق سدا سرهو سخين جو پٽ آهي جتي بهادر گهوڙي سوار نهڙي رهن ٿا.)

ساموئي نہ سنجهورو، پليج ٿانري پيت،

---

[35] آيل جُڳ چار، چيلهاڻو اُپو رکي،
آوڙ تانهنجي آڌار، سک وسين سانگيڙا

[36] سمير: جبل جو نالو، سرونگو: خوشبودار، تاتاتري: گهوڙي سوار. ايڊوٺان: چارڻ جاچڪ فقير ۽ ٻيا

ايوو ڏي جام تماچي، چڙهي راڄ اجيت.

(جام تماچي تنهنجي واڪاڻ ڪھڙي ڪجي، تنهنجو خاندان نسل در نسل اعليٰ رهيو آهي. ساموئي ۾ سنجهوري جي رڳي ڳالھ نہ آهي. اي جام تماچي مونکي اهڙو گهوڙو ڏي جنهن تي راجا اجيت چڙهي)

توڳل سين ميگهل تلي، جاونگي جا ڏيتاڻ،
اُنت سيمپي ايدوئان، ڪرهيا ڏي ڪيڪاڻ

(ونگي جو توڳل خاندان(ارباب توڳاچي جو خاندان) ۽ ڏيتاڻ جو ميگهل خاندان پنهنجي ڪردار ۾ برابر آهن، اهي چارڻن جاچڪن ۽ ٻين فقير خاندان کي سخاوت ۾ روزانو اُٺ ۽ گهوڙا ارپن ٿا.)

## چارڻ؛ راڳ ۽ ساز جا ڄاڻو

چارڻ راڳ ۽ ساز جا ڄاڻو رهيا آهن. ٻيجل چارڻ چنگ، سُرندي، ڪماچ ۽ ڪينرو جو شهنشاھ وڄتڪار هو. پوري نئدي ڪنڌ ۾ ٻيجل جي چنگ، ڪماچ، ڪينري ۽ سُرندي جي وڄت جو ڪير مقابلو نہ ڪري سگهيو آهي. هن چارڻ جي تند تي سخي ڏياچ پنهنجو سِر ڪوري ڏنو هو. شاھ لطيف ٻيجل جي سازن ۽ موسيقيءَ جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي.

محلين آيو مڱڻو ساز ڪڇي سُرندو،
سِر جي صدا سُر ۾، گهور هٽي گهُرندو،
مٿي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نہ چُرندو،
جهوناڳڙھ جهُرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾
چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهم هيءُ
هٽي آيو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ريءَ ڪاٽيو تو ڪماچ سين.





سمنگ چارڻ سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪِيرت جو بنياد وڌو جنهن مان سُر آسا ۽ پرڀاتي جنم ورتو.

سيٺل جي پريم ڪهاڻي سان لاڳاپيل وينجهو چارڻ جنتر وڄائڻ جو ماهر هو. چارڻ شاعر، سگھڙ ۽ ڳائڪ سخي ۽ سور وير ڪردارن جو ڪهاڻيون شعرن ۾ سرجي اسر ويل ڳائيندا آهن. چارڻن جي شعر پڙهڻ توڙي ڳائڻ جو منفرد انداز آهي.

چارڻ ٻيا ساز بہ وڄائيندا آهن. جن ۾ تنبورو، يڪتارو، جانجھ، ڪڙتال، هارمونيم، سُرتال ۽ ٻيا شامل آهن. چارڻي شاعري ۾ مختلف راڳن ۽ راڳڻين جو ذڪر ملي ٿو.

راڳان ميني سورٺي، چوپڙ ميني سار،
سيجان ميني سندري، رڻ ميني تلوار.

(راڳڻين ۾ سورٺ مٺي راڳڻي آهي، چوپڙ راند ۾ رانديگر کي ساري مٺي لڳندي آهي. سيج تي سُندري مٺي(وڻندڙ) لڳندي آهي، رڻ کيتر(ويڙھ جي ميدان) ۾ تلوار مٺي(پلي) لڳندي آهي.)

سک اپجي، ڏک گڙي، نڪلنڪ پيو نماڻ،
انگ انگ آنند پيو، پرگهٽ راڳ ڪلياڻ.

(جڏهن ڪلياڻ راڳ پڌرو ٿيو تڏهن سک پيدا ٿيو ڏک ختم ٿيا، ۽ ڪنهن بہ قسم جي من ۾ تلخي نہ رهي، انگ انگ ۾ راحت اچي وئي.)

## چارڻن جي شاعري جون صنفون

چارڻ شاعرن مختلف صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. خاص طور تي چارڻي شاعريءَ ۾ ڇند، ڇند پدري، ڇند پجنگ، ڇند تروٽڪ، ڇند ڀجنگي، ڇند بہ اکري، ڇند چوپئي، ڇند موتيرام، ڇند پاون، ڇند مڪرند، ڇند رومر ڪند، ڇند ريڻڪي، ڇند سارسي، ڇند ماترڪ، ترينگي ڇند،

سارسو ڇند، سندر ڇند، گاٿا، گورو گاٿا، سُک پنکرو گيت، اڏارڻ، ورڻ گيت، ڪوَت، پريات، ڇاپيا، وسرام، ڀڳت، ويل، واڇ، نيٽاٽي، دوهو سورٺو سورٺا، ويلاس، راسُو پرڪاس، روپڪ، ٻڙو، ڀيڇولي، گيت تون وري، ڪوڙو، جهولڻا، ڀڇن وغيره شامل آهن.

ننڍي ڪنڌ ۾ چارڻن جي شاعريءَ جي صنفن ۾ راسو ڇند ۽ دوها تمام گهڻا مشهور آهن. راسو جيڪي پنگل ۽ ڊنگل جي اثر ۾ ليکل آهن. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ راسوءَ کي راسوڙا سڏيو ويندو آهي. چارڻي راسو صنف ۾ ڪمان راسو، همير راسو مشهور رهيا آهن. رزميه شاعريءَ جو وڏو حصو ڊنگل ۾ سرجيل آهي.

دوهن کي ڏوها پڻ ڇيو ويندو آهي. دوهي جا پنج قسم ملن ٿا. دوهو، سورٺيو ٻڙو، تون وري، ڪوڙو شامل آهن. لوڪ ڏهپ[37] ۾ ڏوهي کي ڏهون ويد سڏيو ويندو آهي.

## سورٺيي جو مثال:

گهڻي بري هي بات، سدا ستاوڻو سيڻ نون،
انت اگن اُٿ جات، چندن رگڙيا چڪريا.

(سدائين پنهنجي دوست/واسطي واري کي ستائڻ (تڪليف ڏيڻ/ستائڻ) تمام بري ڳالهه آهي. چڪريا ڪوي چوي ٿو ته گهڻو چندن کي رگڙڻ سان نيٺ انهي ۾ باهه پيدا ٿي پوندي آهي.)

**تُون وري:**

تينو ري مت ايڪ، مکي، مڇر، ڏشت نر،
آپ ري جيٹو ڪو تياگ ڪر، اوران ڪو دک ديت.

---

[37] ڏوهو ڏسمو ويد، سگهڙ نا سالي گهڻو
(دوهو ڏهون ويد آهي، سگهڙ ماڻهو کي گهڻو سيکاريندو آهي)





(مکي، مڇر ۽ فسادي ماڻهو ٽئي هڪ سوچ جا آهن پنهنجي جيئڻ کي تياڳ ڪري ٻين کي ڏک ڏيندا آهن)

**ڪوڙو:**

ناري ڀريو نير، ٽاٻريو جهولڻ گيو
تري نه پوگو تير، او ڏوٻو

(ناري پاڻي ڀريو ٻارڙو جهُولڻ ويو تري واپس نه پهتو پريشاني ٿيڻ لڳي.)

ڪوت جي لفظي معنيٰ پرک يا اندازو آهي. ان جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

نپت گهُلاوري نيڻ” انگ واسينگ جُون موڙي
ٻولي ٻڙڪا ٻول، پريت پريتم سُون توڙي
سرور ڏوئي پاوءِ نير ٻپارا لاوي
چالي اڏکي چال، گيت رسيالو گاوي
نر ڏيکي نخرو ڪري گهر گهر ۾ ڏولي گهڻي
ڪوگد ڪهي نڪران، او نپچي نار ڪلچڻي،

(جيڪا هر تاڻي جسم کي نانگ جيان موڙي، وڏي آواز سان ڳالهه ڪري ۽ پنهنجي بالم ( محبوب) سان محبت توڙي تلاءُ تي پنهنجن پيرن کي ڌوئي، ٻنپهرن جو پاڻي پرڻ وڃي، هلڻي ۾ نرالا انداز اختيار ڪري، محبت جاڳيت ڳائي، مرد ڏسي نخرا ڪري، ٻي مطلب گهر گهر وڃي، ڪوي ڪوگد چوي ٿو ته اي ناڪرو اهڙي نار جا لڇڻ سنا ناهن هوندا.)

چارڻي شاعريءَ جي سمورين صنفن ۾ تشبيهون ۽ استعارا روز مره جي زندگيءَ مان کنيا ويا آهن. انهن کي مقامي زمين، رنگ روپ ۽ سندرتا آهي.

## بابت چوٿون

# مکيہ چارڻ شاعرَ

### سمنگ چارڻ

سنڌ جي ناليواري محقق الياس عشقي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

سمن ۽ سومرن جو دور ڏکهن بيانہ داستانن جو دور هو. اهي داستان چارڻ، ڀٽ ۽ ڀان نظم ۾ چوندا هئا. انهي عرصي ۾ سمنگ چارڻ ٿيو. جنهن کي پرٿويراج راسوجي مصنف[38]چندر بردائي سان ڀيٽيو ويجي ٿو.

سنڌي ادب ۾ سمنگ چارڻ جو نالو مشهور آهي. سمنگ چارڻ ڄام لاکي جو چارڻ ۽ کيراکوٽ جو رهواسي هو. سنڌ جي دنگ سان لڳندڙ پاڙيسري علائقي ککرالي جا کهر سما کنهن بہ چارڻ کي دان نہ ڏيندا هئا. کيترن ئي چارڻن وڏا وس کيا پر ککرالي جا کهر سما نہ ريجهيا. کيراکوٽ ۾ هڪ دفعو چارڻڻ جي وڏي پنچات ٿي، جنهن ۾ اعلان کيو ويو تہ جيکو ککرالي جي کيهر سمن کان ڏان وٺي ايندو، ان کي کڇ جي چارڻن جو اڳواڻ تسليم کيو ويندو نامياري محقق

38 (چندر بردائي پرٿوي راج جو صلاحڪار هو هن جي جنم هنڌ تي اختلاف ملن ٿا کن لاهور ۽ کن راجستان لکيو آهي، چندر جي پئدائش سال ۽ پرٿويراج جي سال ساڳي آهي پرٿويراج راسو راجستاني ادب جو شاهکار آهي، کجھ تحيقين ۾ عربي ۽ فارسي جي لفظن جي موجودگي جي بنياد تي چندر بردائي جي تخليق کان انکاري جا رايا اچي رهيا آهن اردو اديب حافظ محمود شيراني ۽ کجھ هندي جا اديب انهن راين جا حامي آهن. پر انهن کي رد کرڻ وارن وٽ بہ پنهنجا دليل آهن انهن مان هڪ اهو آهي تہ سيد سليمان ندوي پنهنجي کتاب عرب وهند کي تعلقات ۾ لکيو آهي تہ جوئي جو کوٽ جلڻ وقت شهديو پانڊو عربي ۾ ڳالهايو هو" انهيءَ کي رد نہ ٿو کري سگهجي. مهاڀارت جي زماني کان عربي ۽ فارسي جو ننڍي کنڊ ۾ واهپو رهيو آهي، پرٿويراج راسو ۾ کمال جي رومانس سمايل آهي:

رين سين رتي مين سم، پرٿم سماگم وال نهادو دوا ريک هوا، پري پريتم رس جال

(کام ديو (عشق جي ديوتا) ٻن جسمن کي هڪ کري ڇڏيو ۽ هو محبت جي ڄار ۾ ڦاسي پيا)

محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب “ڪڇ جو رڻ”[39] ۾ ڄاڻايو آهي ته: ‘ ڪڪرالي جي علائقي تي ان وقت اوڍو ۽ ٻيو پائر راڄ ڪندا هئا. سمنگ چارڻ ڪڪرالي وڃي سمن جي محل اڳيان ڏان جي صدا هڻڻ لڳو. سمن طرفان روايتي طور تي انڪار جو جواب ٻڌي، چارڻ جو چِٽ چري پيو ۽ ڳائڻ لڳو ته:

مينهون موتا ٿام، ڏيڻ گهٽيون ڏهليون،
ڪڪرالي جا ڄام، ڪ پائين ڪڪيون.

انهي بيت سمن جي نوجوانن ڪي چيڙائي وڌو پر اوڍي نوجوانن ڪي روڪي ڇڏيو. پاڻ اچي چارڻ کي چيائين ته اهو بيت واپس وٺ! پر راڄا ئي هٺ اڳيان چارڻ جو هٺ به هار قبول ڪرڻ جهڙو نه هو. چارڻ چيو ته سما سائين ڏان ڏني ڪانسواءِ شعر واپس نه ٿيندو/ ان ۾ تبديلي نه ايندي. نيٺ مجبور ٿي اوڍي چيو ته چارڻ گهُر ڇا ڪپي؟ سمنگ وراڻيو ته سائين منهنجي صدا مينهون آهن. اوڍي 50 مينهون ڪيس ڏان طور ڏنيون. ڏان ملڻ تي چارڻ شعر ۾ تبديلي آڻيندي چيو ته:

مينهون موتا ٿام، ڏيڻ گهٽيون ڏهليون،
پر ڪڪرالي ڄام، ڪ پائين ڪوڏيون

سمنگ چارڻ ان ريت پنچائت جو شرط ڪٽي آيو. شرط ڪٽي اچڻ تي سمنگ چارڻ کي ڪڇ جي چارڻن جو اڳواڻ تسليم ڪيو ويو.’ چارڻن جي اڳواڻي ملڻ تي سمنگ جي ذميواري اڃان وڌيڪ وڌي ويئي. ڪڇ توڙي آسپاس جا سماٽ قبيلا سمنگ جي وڌيڪ عزت ڪرڻ لڳا. سمنگ ذميواري جو احساس رکندي ڌرتي جي دادلن ۽ دلاور ڪردارن مان “ڏهه ڏاتار ۽ ست سورمن جا داستان پنهنجي انوکي ڏات جي ڏانءَ سان منظوم سرجي لوڪ جي زبان ۾ عوامي امنگن جا آدرش بڻائي ڇڏيا. ننڍي ڪنڊ ۾

[39] ڪڇ جو رڻ ۽ محمد سومار شيخ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2006ع ص 249





سخاوت ۽ سورهيائي جي ڪارنامن جو جڏهن به ذڪر نڪتو ته عوامي اڪير ۽ اڪنڊ ۾ اٽيل سمنگ جي ڪردان جون ڪٿائون مانائتي روپ ۾ پيش ڪيون ويون. سمن جي راڄ مان سمنگ جي متعارف ڪرايل ڪردان ۾ پروفيسر محرم خان وگهامل ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار ڪلهوڙي مطابق (1) سخي سپڙ ڄام چوٽاڻي، (2) راءِ ڏياچ چاوڙو (3) جکرو اوڍاڻي، (4) اوڍو جکراڻي ،(5) لاکو ڦلاڻي، (6) ڄام ڪرن، (7) ڄام هٽند (هوند) ٽڏاڻي، (8) جسوڏڻ آڳڙو،(9) وکيو ڏاتار جاڙيجو (10) سخي ساهڙ رونجهو آهن. اهڙيءَ ريت سورمن ۾ (1) ڄام انڙ وير، (2) ابڙو اڙٻنگ، (3) پونئرو پاونگ، (4) بانڪو بداماڻي، (5) ڪاراڙو ڪونڊر، (6) هوٿي وريام ۽ (7) لاکو ڦلاڻي شامل آهن.[40]

سمنگ چارڻ جي شعرن ريگستان جي دڙن تي تارن جي رم جهم ۾ واريءَ جي ڪڻ ڪڻ کي مهڪائي جهنگل ۾ منگل پيدا ڪيو.

نه صرف سگهڙ سياڻن رهاڻ رس جي شروعات سمنگ جي ڪوتا سان ڪئي آهي، پر ڏنارن بانسرين ۽ چنگ جي سُرن تي پگهر جي واس ۾ دل کي گرم گوڙهن جو سيڪ ڏيئي ڳايو آهي ته:

لاکي ڄام پڇايا، ميڙي مڱڻهار،
ٻيلڙا ٻيو ڏنو ڏيهه ۾ ڪو ڏاتار.

--

مٿو مڱج مڱڻار ڪا پيرون مڱج وات،
اڄ اسان جي راڄ ۾ چارڻ مَ رهج رات.

--

ڦلاڻي لاکي وٽ، مون وڌو ڪيو تي وات،
گهيتن پٽيون جو ٻڌي، سو ڏيندو کهڙي ڏات.

[40] روزاني ڊان 25 فيبروري 2007ع ، سنڌي لوڪ ادب مضمون ۾ مقالا ص 75

--

انبن لڳي ڪيري، ڄارين لڳي ڇٽ،
ويهہ چارڻ ماٺ ڪر، جيسين اچي وٽ.

--

وٽ اچي تيسين ويهان، تنهن کي لڳي دير،
جيءَ چارڻ جو وڃي، سو واري ڏيندو ڪير.

--

پورا ڏيان پنج سو ٻيا ان جا اُٺ پراءِ،
چارڻ چترائي سان مرتري پڇائي ڪاءِ.

--

ان کي اوڏي نہ ٿئي، پڪو ماس نہ کاءِ،
چارڻ چترائي سان پيرون ويني پڇاءِ.

--

وڪيي جا ڏات ڪئي، تنهن سان ڏند جهرن،
چارڻ پيرون او مڱي جي ڄارين منجهہ پڇن.

--

مينهن ڇُٽي هئي ماڻڪي، ستن سمونڊين پار،
پائي آندا ها پور ۾ ، ڪچا پڪا تار.

--

ٻيٽو ويرم راءِ، پوٽو رانگڙ جکري،
ڏنو راءِ ڏياچ، مٽو مڱڻهار کي.

--

مٽو ڏوئي ميٽ، اُپي سورج سامهين،
سمو اچريو پيٽ، سونل ڦل سونگهيو.





--

هٿن هٿيريون، لاکي کن لورئيان،
اندر اپسريون، لاکو لوڏڻ آيون

--

در آئي مڱٽي، دان سيڪو ڏي،
سپڙ سو ساري، جو جهوپڙين ۾ جهپڪيو.

--

اڄ گهرجين هٿ، ٻداماٽي پنرا،
مٿان پڳي پٽ، ويرين واٽون لائيون.

لوڪ ڪهاڻين مطابق وڪيي ڏاتار اڻ مندائتا/ ڪمندا پيرون گهرڻ تي سمنگ کي پاراتي ۾ ڪوڙهيو ڇيو هو. هن جي پيشانيءَ تي ڪوڙهہ جو ٽڪو ٿي پيو. اهو ٽڪي جو نشان، سمنگ جي اولاد ۾ ٿيندو آيو.

روايتن موجب سمنگ چارڻ راڄ گهمندو همير سومري جي صاحبيءَ ۾ پهتو. سمنگ سان راڄن مان ڏان ۾ مليل مال متاع گڏ هو. سومرن کي سمنگ چارڻ جي سما پرستي معلوم هئي، ان ڪري سومرن سمنگ کي تنگ ڪرڻ جو اهڙو نادر موقعو وڃائڻ نٿي گهريو. سمنگ جي مهماني ڪرڻ بدران سومرن ساڙ وچان سندس مال ڦرائي ورتو. سمنگ فريادي ٿي، ڦورو سومرن خلاف همير کي دانهن ڏني، همير ڪيس شعر ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو تہ سمنگ سمن جي ڪردارن تي شعر سڻائڻ شروع ڪيو. همير کان پنهنجن حريفن جي ساراه وارو شعر هضم نہ ٿيو. هن شعر تي چڙي، سمنگ سان انصاف ڪرڻ بدران ڪيس ترم ۾ بند ڪرائي ڇڏيو. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ چٽن چگن جي وچ ۾ پوڻ سان سمنگ آزاد ٿيو. پرترم مان نڪرڻ سان هن جي اندر جي آڳ شعرن ۾ ٻري پئي ۽ چارڻ

چوڻ لڳو ته:

همير کان پيئي، سومرن کان ويئي،
هميراڻان پوراهه، راڄ نه ڪندا سومرا.[41]

--

ستينءَ هو سوجهرو، اٺينءَ ٿي اونداهه،
هميراڻي باهه، وسائي ورهين ڪي.

--

ستاويهين سهاءُ، ڪئي اٺٽيهين اونداهه،
هميراڻي باهه، ٻري نه ٻري جهڙي

--

ڏري ڏوري راءُ، جنهين چارڻ سان ڪاهُ،
پترڻ پتي جو ٿيو سيج وتايو ساهُ،
هميران پو راهُ، راڄ نه ڪندا سومرا.

--

سڄو ڦسي پيا سومرا، اڌ ڦسي پيو لوڪ،
جهيڻي ٻارڻ جهوڪ، نه ته پيئي ليڙپيائي لاٽون ڪري.

--

سڀ ٿيا سومرا، ڏٻر تن پرجا،
همير جس ماتا، چارڻ چوندو ايترو.

سومرن جي صاحبيءَ ۾ رعيت کي بادشاهه خلاف مُٺ مُٺ سور هئا، پر اظهارڻ جو حوصلو نه هو. "پٽر پرايو سور پنهنجا" واري ڪار چارڻ جي انهن شعرن سان، راڄن ۾ همير جي نندا ڪر موڙي اٿي. همير جي

41 سگهڙ سياڻڻ کان هي شعر ائين به مليو آهي:
الا ائين هوءِ، سومرن وڃي صاحبي،
همير کان پوءِ راڄ نه ماڻن سومرا





ساٿين ۾ به اوچتو گهوٽالو پيو. راڻي مينڌري جي رُسڻ سان سوڍن جو ساٿ همير کان ويو ته، چام هالي جا پُٽَ به ڪنهن ڳالهه تان ڏمرجي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بينا. چارڻ انهن کي چتاريندو چوڻ لڳو ته:

پلي پاڻي نه پيءُ، علي ان نه کاءِ،
هميراڻي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نه ڪياءِ

--

ويڻن جهليو نه رهي، هوٿي سندو گهاءُ،
ڪو نه پرائيندو پاءُ، تنهن سان وجهي مامرو.

--

ڪڳمار ڪلندي جهليا، نو سو ۽ نو گهاءُ،
پلي به پلٽيو پڙ ۾، پيڙو هوٿي پاءُ.

--

هوٿيءَ سنديءَ ڦٽيءَ کي هو گيور گُل،
سڀ مرن سومرا، تو ڪونهي ڦٽي مُل.

محقق احمد سومرو پنهنجي ليک "سومرا دور ۾ سنڌي شاعريءَ"[42] ۾ لکيو آهي ته، "سمنگ چارڻ جي دور ۽ واقعن بابت لکيل ڳاهن ۾ تضاد نظر اچي ٿو سڀ کان وڏو تضاد اهو آهي ته چارڻ کي لاکي ڦلاڻيءَ جي دور جو ٻڌايو وڃي ٿو. حالانڪ لاکي ڦلاڻي جي وقت ۾ همير حاڪم نه هو. همير سومرن جو آخري حاڪم ٿي گذريو آهي، جنهن کي چام انڙ شڪست ڏني." مهتا نيڻسي[43] موجب چام انڙ لاکي ڦلاڻي جو همعصر هو. محقق معمور يوسفاڻيءَ پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي، " تاريخ ۾ سمنگ نالي به شاعر ٿي گذريا آهن."

42 ڇهه ماهي تحقيقي جرنل ڪارونجهر جلد 8، شمارو 15 ڊسمبر 2016ع، ص97
43 سنڌ جي سوڍن راجپوتن جي اتهاس جي هڪ جهلڪ ص17

اهي سڀ ڳالهيون تحقيق طلب آهن. جيستائين تحقيق جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ ڇٽي سامهون اچن، تيستائين حتمي طو رتي ڪجھ چئي نہ ٿو سگهجي. هڪ ڳالھ ڪرڻ ضروري آهي تہ چيو وڃي ٿو تہ سمنگ وڏي ڄمار ماڻي هئي. همير سومري جي حڪومت جي خاتمي سان سمن جي صاحبي قائم ٿي. سمنگ چارڻ عمر جي آخري ڏهاڪي ۾ سمانگر جي رهاڻ جو رتن بڻيو هو. سمو حاڪم انڑ ڄام سمنگ کي دربار اچڻ جي لاءِ ڏولي موڪليندو هو. پٽ ڏٽي جي لفظن ۾:

چارڻ چاڙهي چوڏول ۾، تهان پوءِ نيو،
اچي رات ڪيو سرفراز سيد چئي.

سمنگ جي شاعريءَ ۾ بيت، سورٺا ۽ دوها شامل آهن، جن کي "سمنگ جون ڳاهون" سڏيو وڃي ٿو لفظ ڳاھ بابت پروفيسر محرم خان پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ، " ڳاھ اصل ۾ اپڀرنش (پراڪرت) لفظ ڳاٿا آهي. ان جي معنيٰ آهي "ڳائڻ" (اسم) يعني جيڪو ڳايو وڃي "يا" جو سُر سان چئجي.[44]

ڳاھ ڳائڻ يا چوڻ جو هڪ مخصوص نمونو آهي. ڪنهن ڪٿا/ڪهاڻي/ آکاڻي ۽ قصي ۾ ايندڙ شعر کي داستان گو ڳائيندو آهي. سمنگ جي ڳاهن جا ڳيرا ٻڌندڙ جي دلين ۾ آکيرا جوڙن ٿا.

سمنگ جي ڳاهن لاءِ چيو وڃي ٿو اهي ڇند وڏيا جي ماترائن بدران موسيقيت جي لئي ۾ رچيل آهن، پر سمنگ جي شاعري پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو تہ" سمنگ جا سورٺا ۽ بيت، ڪردار نگاري ۽ منظر ڪشيءَ جي ڪماليت توڙي ڇند وديا جي فن جي سانچي ۾ پرکڻ جهڙا آهن.

تڏي تڄ ڏنياس، سمون ساهڙ پٽ ۾،
پڏرو پرڪنداس، هٽند تڏياڻي ٿيو.

44 سنڌي لوڪ ادب مضمون ۽ مقالا ص 75





--

اوني جي ڏانن، ڪيهون ابر لڳيون،
رج پئي راڻن، ڏاتار ڏتجي ويا.

--

جا مٿو مڱڻن ناھ ڪو تان سمي نہ سوڙ،
ڪرن ڄام ڪرور، ڇتي ڦلن مُٺ جيئن

--

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سڀ نهاريان.
پينگهي پائي لوڏ، سر سمي ڄام جو.

سمنگ راڳ جو ڄاڻو هو. سنڌي موسيقي ۾ سمنگ ڪيرت جو موجد آهي. سورمن ۽ سخي ڏاتارن جي ساراھ ۾ رچيل شعر کي پرياتي ٽاٽي مخصوص انداز ۾ ڳائڻ کي ڪيرت چئبو آهي.

وقت گذرڻ سان ڪيرت جي نموني مان وهاڳ ۽ پرياتي راڳ پيدا ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي موسيقي جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ،" سومنگ هن چارڻ جو لقب هو. سومنگ معنيٰ پوري سو جي صدا هڻندڙ. "هتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن هي چارڻ جو لقب آهي تہ پوءِ نالو ڪهڙو؟ سمنگ جي والدين جي نالن تي تاريخ جا ورق خاموش آهن.

منهنجي نظر ۾ سمنگ لقب نہ اصلي نالو آهي. سمنگ سنڌ ۾ ذات بہ آهي، جيئن سومرو نالو بہ آهي، ۽ ذات يا قبيلو بہ آهي سنڌي زبان جو مشهور شاعر، خيرپور جو شاهنگ سمنگ ان ڳالھ جو شاهد آهي تہ سمنگ نالي سان گڏ هاڻي ذات جو نالو بہ آهي.

سمنگ کي مينهون ڏان ڏيندڙ اهو ئي اوڍو هوٿل پري جي مشهور عشقيہ داستان جو ڪردار آهي هوٿل پري ۽ ڪيهر اوڍي جي عشقيہ

داستان جون ڳاهون بہ ٻولي ۽ سٽاءُ جي بنياد تي چئي سگهجن ٿيون تہ مشهور ڳاهن ۾ ڪجهہ ڳاهون سمنگ جون تخليق ڪيل آهن.

اتر سيڙهون ڪڍيون، ڏونگر ڏمريا،
هينئڙو تڙڦي مڇ جان ساجن سنڀريا.

--

چڙهي چڪاسر پار، اوڍو هوٽل آهوڙي،
وڃائي ويٺي وار، پاٽي مٽي پدمڻي.

--

چرهي چڪاسر پار، هوٽل نهارئي هيڪلي،
سينڌ ڪيلي وار، تري ۾ تڙڳون ڏي.

--

چاهي مار جيار، مرڻ چڱو محبوب سان.
جيو جيوارڻهار، نيڻان تنهنجي نگامري.

--

ججها ڏج جهار، ويسلڏي واگهيلي ڪي،
جت جوان اُپيار، اُت اوڍو اوٺليو

--

رڻ ۾ ڪريو مانڏورو وڃائي ڏاڙهون ڊاڪ،
اوڍو هوٽل پرٽيان، سورج پرجاڻ ساک

--

ماريس تو ڪي مور، سڄڻ جا وڙاوا ڪري،
آهين چت جو چور، اوڍو تو اداس ڪيو.

--

اسين گر جا مورلا ڪانڪر پيٺ پران،
رت آئي نہ ٻولان، هينئون ڦاٽ مران.





--

ريل مڇيلا ڏونگرا، چارو لڳي چڪور،
وساريا سنڀاري ڏئي اي نہ مارجي مور.

--

چنيون لکيون چار، هوٽل جي هٿڙي،
اوڍا وانچي نهار، اسان اچڻ ايترو.

هن ڳاهن/ بيتن مان ڪيترا سمنگ چاڻ جا چيل آهن. هوٽل پري ۽ ڪيهر اوڍي جي داستان تي ٻين شاعرن بہ شاعري ڪئي آهي. ننگر پارڪر جي ڪوي چنديرام ڀاٽ بہ هن قصي کي ڪوتا ۾ سرجيو آهي. داستان گو سگهڙن مخلتف شاعرن جي شاعري ملائي ڇڏي آهي. جنهن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. ناميارو نقاد ۽ ڏاهو رسول بخش پليجو سمنگ چارڻ جي ڳاهن سان ڳالهين واري شاعريءَ کي ابتدائي سنڌي شاعريءَ جي خوبصورتي سڏي ٿو.

سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن، سمنگ جي شاعريءَ جي شخص ۽ سوروير ڪردارن کي ڳائڻ سان گڏ چارڻن جي ڪِرت ۾ سمنگ کي بہ ساريو آهي. مختصر لفطن ۾ ائين چئجي تہ سمنگ پنهنجو پاڻ شاعريءَ جو ڪردار بڻجي ويو. لطيف سائين چوي ٿو تہ:

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٽي، ٻجهان ٻاجهہ پئي،
سپڙ سا سئي، جيڪا چارڻ چت ۾،
(سُر پرڀاتي)

سپ سوالي سُمنگيا، داتا ڏيئي دان،
ٻاجهہ ٻيلاتي ڀانيان!
(وائي :سر سريراگ)

شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري سپڙ جي ساراه ڪندي سمنگ جو

ذڪر ڪيو آهي:

جهوڙيرا جهٽڪن، متي ميين مڱڻا،
سپڙ رات سُمنگيا، ڏکيا ڏان ڏسن،
گهر ٿا گهوٽ اچن، چنتا لٿي چارڻين.

هتي معلوم ٿئي ٿو ته سمنگ چارڻ اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن، شاه عبدالڪريم ۽ شاه لطيف وٽ اهڃاڻ جي صورت اختيار ڪري ويو سمنگيا!“ لفط اُن جو ساڪي آهي.

## لال ٻارٽ

چيو وڃي ٿو ته ڪوي لال ٻارٽ پاري نگر جي مشهور عشقيه داستان سڏونت سارنگا جو سرجڻهار آهي. لوڪ روايتن ۾ رنگيل سڏونت سارنگ جي قصي ۾ به لال ٻارٽ جو ذڪر ملي ٿو پر ادبي تاريخن جا ڪتاب ” لال ٻارٽ جي جيون خاڪي جي حوالي سان خاموش آهن.

نندي ڪند جي وڏي ريگستان جي ٻين ٻولين ۾ هن قصي جو تذڪرو گهٽ ملي ٿو سڏونت سارنگا جو قصو نج ٿري داستان آهي.[45]

پاري نگر جي عروج واري زماني ۾ پارڪر جي پٽن ۾ ٻيا به شهر وسيل هوندا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته سڏونت سارنگا جي ڪهاڻي ۾ آيل اجين/ اجيڻ ٿرپارڪر جي ڪنهن ماڳ (شهر ڳوٺ جو نالو هجي. اسان تحقيق جي گهاڙو تي هلي سڏونت سانگا جي داستان، اجيڻ ۽ هن سهڻي سرجڻهار جي جيون خاڪي بابت پتو پائي سگهنداسين. چاچري جي ڪوي رڻڇوڙ جي هڪ دوهي ۾ به اجيڻ/ اجين جو ذڪر آهي. هڪڙي راءِ آهي ته سڏونت سارنگا جي داستان جي شعرن جي بناوٽ سورمن جي دور جي شعرن جهڙي آهي. هڪ شعر ۾ سوڍن جي صاحبي جو ذڪر ملي

[45] ٿر جي ليکڪ عثمان اديب جو سڏونت سارنگا جي قصي تي ڪتاب ڇپيل آهي.





ٿو[46] جڏهن ته پاري نگر جي عروج وارو دور سوڍي جي جنم کان اڳ ۾ هو. سڏونت سارنگا جي قصي کي ٻين شاعرن به ڳايو آهي. لال ٻارٽ جي شاعري ڪارونجهر جي پهاڙي سلسلي ۽ واري جي ڍڙن تي گونجندي رهي آهي. هن پنهنجي شاعري جي ڳوٺڙي ۾ محبت کي مجبوري ۽ عشق کي عيب قرار نه ڏنو آهي. اچو ته ڪجهه شعرن جي حسناڪي روح ۾ اتاريندا هلون:

آگ لگي بن ڪو، جل رهيو وڻراهه،
هم جلي پنک بنا، پنڇي تون اڙ جاءِ [47]

(جهنگل کي باهه لڳي جنهن ۾ وڻ ٽڻ ٻرڻ لڳا آهن. اسان جا ته پر نه آهن انهيءَ ڪري جلي رهيا آهيون. اي پکي تون ته اڏري وڃ)

پان مروڙيا رس چکيا، ٻينا ٿانري ڏال ڏال،
تون جلي مين اڏ چلون، هي جيڻو ڪتڪ ڪال.

(اي وڻ تنهنجي ٿاري ٿاري تي ويهي مون تنهنجا پن مروڙيا،تنهنجو رس چکيو (ڦل فروٽ کاڌو) هاڻي تون باهه ۾ ٻري رهيو آهين، ته آءٌ اڏري وڃان!؟ اهو جيئڻ ڪهڙي ڪم جو...!)

ڪڙو ڏيکان نا پاڙڏي، لاگو ڏيکان نا تير،
مين پوڇان راجوي، ڪس وڌ تجيا سرير.

(پاسي ۾ نه ڪو ڪڙو (گهوپاتو وغيره) نه ڪٿي تير لڳل ڏسان ٿي، اي راجوي! مون کي ٻڌا ته هرڻن جي جوڙي) ڪيئن پراڻ ڏنو...‘)

جل ٿورو نيهه گهڻو لگا پريم را ٻاڻ،
تون پي تون پي ڪر رهيا نکل گيا پراڻ.

[46] پراڻو پارڪر، ليکڪ منگهارام اوجها، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص40
[47] آگ لگي بن ڪو جل رهي ساري پات،
پونڌا پکي تم ڪيون نا اڏي، پنک ٿانري ساٿ

(هرڻن جي اُجايل جوڙي کي پلر جو پاڻي هٿ چڙهيو، جيڪو ٿورو هو. جوڙي جي پاڻ ۾ محبت وڌيڪ هئي هڪ ٻئي کي پاڻي پيئڻ جو آڇون ڪندا رهيا، پاڻي ڪنهن ٻہ نہ پيتو. تان جو اڃ ۾ سندن ساهہ نڪري ويو.)

هيم ورڻ، ٻالڪ بدن، جهيڻ لنڪ مرگهہ اک،
او سوندر ڳم وسري، جي روهيڪ ڳڻ جيو لک.

(سونو رنگ، ٻار جي ڪومل بدن جهڙو بدن، سنهڙي چيلهہ ۽ مرگهہ نيڻي اها سوندري ڪيئن وسري سگهندي، جنهن جو هڪ ڳڻ لک جهڙو آهي)

تو ني ماريا همين سندري نجر ڪيرا ٻاڻ،
ڪڻ ڪبو ئي نہ ليجئي، ٻاوو مانگي جوين ڏاڻ.

(اي سندري! تو مون کي نظرن جو اهڙو ٻاڻ هنيو آهي، جو هاڻي ڪڻ (اناج) جي دان ( خيرات) ڪڏهن نہ وٺبي، سامي تون کان جوڀن جو دان گهري رهيو آهي”

ٿان پوڄيان ڏيو آن، ٿان پوڄي ڏيوي،
تون اتيت جوڳي ٿانري لي نار ڪيوي.

(اي سامي !تو سدائين ديوي ۽ ديوتائين کي پوڄيو، تون اتيت (انگ ڀڀوت) جوڳي آهين، تنهن جي نار ڪهڙي ڇا آهي، ڪهڙي اهميت رکي ٿي!!؟)

ٻاوا ري مانرا ٻاوليا، نظر راک آپري نيڪ
ڦوڙي ناکيس ٿانرا تارا ڪي مانگيس ڀيک

(اي سامي! منهنجا ساميڙا! تون پنهنجي نظر بهتر رک، آءُ تنهنجي اکين جا تارا ڦوري وجهندس تون ڪيئن ڀيک گهرندين)

مين ماريو تو هون مران، نا تو مري ٿانرو وير،
مانري ڏاوي آنک ڦڙوڪي تڏ ڦڙ ڦڙ پڙيو فقير.





(اي منهنجي ٻاپي!(تون مون تي ڪوڙا الزام نہ هڻ) جيڪڏهن فقير کي مون ماريو آهي تہ آءُ مران نہ تہ تنهنجو ڀاءُ مري. منهنجي ڏائي اک ڦرڪي ، جنهن کي ڏسندي فقير پاڻهي تڙپي تڙپي مري ويو.)

سکي هيڪ اچبو ڏيکيو، هون کي جاڻا شپ،
وچ آن وڇيو وهہ گيا، تون ڏوهين پئي اُپ.

(اي سکي !آءُ هڪ اچرج جهڙي ڳالهہ ڏسي رهي آهيان، آءُ انهيءَ مان ڪيئن خير سمجهان؟ ڳئون ۽ ڳابو هليا ويا تون اڃان تائين هٿ ڏوهڻ جيان هلائي ڄڻ اپ ڏوهي رهي آهي.)

سکي هيڪ اچبو ڀيو، نر ڪيان سيس ڦيرنت،
ڪا املان رو چانڪيو، ڪا مڏ گهٽي ڀيونت.

(اي سکي! مون کي هڪ حيرت ٿي تہ (ناري سان نيڻ ملائيندي) نر ڪيئن ڪنڌ ڦيرايو!؟ يا آفيم جو موالي هو( آفيم گهٽ پيتل هو) يا دارون گهٽو پيتل هو)

نيڻ پدارٿ، نيڻ رس، نيڻا نيڻ ملنت،
اڻ مليا ري پريتڙي سيس ڌوڻي ڦيرنت،

(نيڻ نيڻن سان مليا، نيڻن نيڻن جو رس چکيو، پر اڳ ۾ نہ مليل/اجنبي نيڻن جي پريتڙي جي ڪري حجاب ۾ ڪنڌ ڌوڻي ڦيريو)

نيڻ پدارٿ نيڻ رس ايوو جاڻي جي ڪوءِ،
نيڻان مينو ڦل نهين، واتيان منو نہ هوءِ.

(نيڻن جو نيڻن سان ملڻ، نيڻن جو رس چکڻ وڏي وٿ آهي، ائين جيڪڏهن ڪوئي ڄاڻي تہ نيڻن جهڙو منو ڦل (ميوو) نہ آهي، پر نينهن ۾ ڳاليهن/ قرب جي ڪچهري جهڙي ڪا مني شيءِ نہ آهي)

اجين نگري اڏبو ڀيو، مين نگر جوبو اڃ،
ناکو ڏيول ۾ پوتلي، نہ ڪو تميٽي رج.

(اجين جي نگري حيرت جهڙي لڳي، اڄ مون پورو نگر نهاريو نہ ڪوئي ڏيول ۾ اهڙي ( تو جهڙي) مورتي آهي، نہ ڪا تنهنجي راڄ ۾ اهڙو روپ آهي)

ڪاتڪ نيڻ تمهين وار جو، آن هينئڙو راکو هاٿ،
چنچل نيڻ اي تو سوان گتي، نفٿ بکاري ني ذات،

(پنهجن قاتلن نيڻن کي روڪي هانءُ کي پنهنجي هٿ وس رک، چنچل نيڻ سوين گهاٽ نهاريندا آهن ، جيئن بکاري جي ذات پٽڪندي آهي)

پاري نگر پڌارجو والما، ڪر جو پگوئا ويس،
جس گهر ناريل رونکڙو، اسن گهر ڏيجو آديس

(اي منهنجا بالم! ڳيڙو ويس ڪري پاري نگر اچجان جنهن گهر ۾ ناريل بيٺل ڏسين انهي گهر جي در تي الک جو هوڪو ڏجان)

تن پر تو پسم لگايا، هاٿ ۾ ليا ڪير،
سارنگا ٿانري ڪارٽي، ڪريو ويس فقير.

(تن تي ڦلهيار لڳائي هٿ ۾ مرلي ورتي آهي، اي سارنگا! تنهنجي لاءِ مون فقير جو ويس ڪيو آهي.)

پاراٽي را رائيڪا، ٿانرو ڏوڌ ڍوڙاٽو جائي،
سڏونت آئي تو ايم کهي، سارنگا روتي جائي.

(اي پارڪر جا ڏوجهارا! (مون کي ايترو نہ ڏس ماٺ ڪري ڍڳي جي ڏُهائي ڪر) تنهنجي هٿن مان کير هارجي رهيو آهي، (پاڻ سنڀال) سڏونت هتان لنگهي تہ چئجان تہ سارنگا هتان روئندي پئي وڃي)

آنبو جهري آنبلي، پجي نو سريو هار،
رس چس تو سپ چکيا ڪيون روئين گينوار





(انب جي وڻ هيٺ انب جو رس ٽمي رهيو آهي، جنهن سان منهنجو نو سر (نو لڙين وارو )هار پسي رهيو آهي، اي ڳهيلا! تو رس چس چکيا سپ پوءِ ڇو روئي رهيو آهين.)

ڪانچوئو ڪس پيو، سارو پراٽو سري،
ويرا مين تنا برجيئو، باپي ناهہ ڪسري

(ڪانچوئي (پولڪي) ۾ ڪس پئجي ويا آهن، ڇُني سرن سان پرجي ويئي آهي، اي ياءُ! مون توکي اڳ بہ چيو تہ باپي جي چلت ۾ ڦيرو آهي)

ٻودو ڪپڙو ٻهو رنگو، سيٽڻ واڙو اڍنگ
ٽڙ ٽڙ ٽانڪا تت گيا، آرس موڙتي انگ.

(پراٽو سڙيل ڪپڙو بدرنگو آهي ، جنهن کي اڍنگ درزي سبيو آهي، مون جيئن آرس موڙيو، ٽانڪا ٽڙ ٽڙ جو آواز ڪندي ٽُٽي پيا.)

اس ننگري ۾ مورک وسي، چتر وسي نا ڪو،
ڪانگا موتي چگ گيا، ڪوڪ نہ ڪري ڪو.

(انهي ننگري ۾ مورک وسن ٿا، ڪوئي ڏاهو نہ ٿو رهي، ڪانگ موتي چڳي رهيا آهن پر ڪوئي آواز ڏيئي اُڏاري نہ ٿو)

اس ننگري ۾ چتري وسي، مورک وسي نا ڪو،
ٻالاپڻ ري پريتڙي آج ميٺ ميلاپو هو.

(انهيءَ ننگري ۾ چتر وسن ٿا، ڪوئي مورک نہ ٿو رهي، ننڍپڻ جي پريتڙي آهي. اڄ ميل ميلاپو ٿيو آهي)

پاري ننگر پنٿ گهٽو، سوڍانڪي رو ڏيس
وهيلو وڙجو والما، جوگيان سندي ويس.

(پاري ننگر سوڍي جو ڏيهہ پنڌ گهڻو آهي، اي منهنجا بالم! تون جوڳي جي ويس جلد اچجان)

## اجلي چارڻياڻي:

ريگستان جي ريت تي اجلي جي پريم ڪهاڻي ۾ ڪوتا لوڪ ڪهاڻي جو حصو ٿي نسل در نسل سفر ڪري رهي آهي. سونهن جي سورج مکي تي ڪڏهن شام جا پاڇا لڙي نہ آيا اهن. هن جي شاعري ۾ شصيت سدائين اڇي اجري ٿي سامهون آئي آهي.

ڳالهين جا ڳوهر چون ٿا تہ يارنهن ٻارنهن صدي ۾ هالا جي راجا ياڻ جي نگري ۾ امارا نالي چارڻ رهندو هو جنهن جي اجلي نالي هڪ نياڻي هئي. هڪ ڏينهن ياڻ جيئنوا جو پٽ ميها جيئنوا شڪار جي لاءِ نڪتو رستي ۾ ڏومالي ڳوٺ وٽ نوجوان ناري اجلي تي نگاهہ پئي. حسن جي سراپا مجسمي اجلي جي نيڻن جو ٻاڻ ڪپي ويو. اجلي کي بہ ميها جي مورت موهي ڇڏيو. محبت جي مايا روپي ندي ۾ ڪنول جيان ترڻ جي تمنا ڪر موڙي اٿي. پريم واس ۾ اجلي ميران ٻائي کان گهٽ وقت اڳ ۾ جيئنوا کي سانوريي جي صورت ڏني پر هن عقيدت جا گل ارپڻ ڪرڻ جي بدارن الفت جا گل پيش ڪيا.

وقت گذرڻ سان شادي جو ڳالهيون هليون پر ريت جي راڻي نوجوان جيئنوا اهو چئي جواب ڏيئي ڇڏيو تہ راجپوت ۾ چارڻ گهراڻن جو تعلق ڀائرن جهرو آهي. آءُ انهي مرياده کي ڪڏهن ٽوڙي نہ ٿو سگهان. جيئنوا جي انهي جواب سان اجلي جو جيءُ جهوري پيو. روايتن جو پوئلڳ راجپوت بہ ٻاڻ سنيالي نہ سگهيو. جرمني جي مفڪر فريدرڪ نٽشي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:" هڪ عورت جي سچي محبت اهڙي وحشت پري باهہ آهي جنهن کي ڪو بہ مرد برداشت نہ ٿو ڪري سگهي."

من جي مرم ۾ محبت جي لڳل ٻاڻ جي درد ۾ جيئنوا ڪجهہ ڏينهن اندر تڙپي تڙپي پراڻ تياڳي ويو. پريتم جي پر لوڪ پڌارڻ تي ڪليل اکين سان جيون جو خواب ڏسڻ جي اجلي جي تمنا جلي رک ٿي ويئي. جيئنوا





جي وڇوري ۾ وياڪل اجلي ننڊ ستل ٻوپٽن جي اکين جي سپني ۾ بہ سمائجي نہ سگهي هن شاعري جي ٻيلي ۾ گهايل پکي جيان پناهہ ورتي، پوري زندگي ميها جيئنوا جي لاءِ ورلاپ ڪري شاعري جي روپ ۾ ڏکاري جيون جو ڪرب ڪونج جيان ڪرلائيندي رهي. هن جي شاعري ۾ وڇوڙي جا وڍ ۾ پريت جي پيڙا آهي تہ من جون محروميون ۾ زندگي جون شڪستون بہ شامل آهن. هن عشق جي ساز تي لوڪ لڇا کان بلند ٿي هر لفظ لهو ۾ ريتو ڪري ڳايو آهي. هن جي شاعري ڪنهن ديوي ديوتا جي مورتي ۾ گم نہ ٿي ٿئي. هن جي شاعري انساني عشق جو آئينو آهي. جنهن ۾ الفت جا جذبا جرڪن ٿا. هن پيار جون ڳالهيون رڳو چپن سان نہ چيون آهن پر اکين جي اپڪار سان ڪيون آهن. ڳوڙهن جي پاڻي ۾ چاهت جو چند ڳوليو آهي. مون کي اجلي جي شاعري پڙهندي فيض احمد فيض ياد آيو تہ:

وہ تو وہ هي، تجهي مجهہ سي هو جائيگي الفت،
تم ايڪ نظر ميرا محبوب نظر تو ديکو

هن جيڪي سورٺا شعر ڇپيا آهن تن کي ريگستاني ادب ۾ "پيچولي" جو نمونو سڏيو ويو آهي. اجلي جي پيچوليءَ ۾ جذبي جي انوکي ڏارا سان گڏ فني پختگي بہ موجود آهي. لوڪ گيتن جي ردم جهڙي روانيءَ ۾ ترنم جو تاثر بي اختياريءَ سان ٻولن کي جهونگارڻ جي لاءِ من کي اتساهي ٿو هن جون تشبيهون، استعارا ۾ ترڪيبون سادگي سان ٿمتار ۾ منفرد آهن. هن جو ڪو بہ لفظ اجائي پرتي نہ آهي.

لوڪ ادب جي ميڙڻ دوران مون ڪافي ڪوشش ڪئي تہ پيچولي جي شعرن کان سواءِ اجلي جي ٻي شاعري ملي؟ اجلي جي جيون چريترن بابت حتمي راءِ ملي وڃي پر ريگستاني ادب جون تاريخون اجلي جهڙي سگهاري شاعره جي باري ۾ خاموش آهن. جيستائين ڪا نئين

تحقيق سامهون اچي تيستائين حاصل ۽ لاحاصل جي وچ ۾ اداس ٿي ويهڻ جي بدران پيچولي جي شعرن کي پڙهي اجلي جي شاعراڻي سگهه کي پرڻام پيش ڪريون ته ڪيئن هن درد جي موتين جي پوچ ڪوتا ۾ ڪئي آهي.

جيٺ گهڙي نا جائي، (مانرو) جمارو ڪانڪر جاوسي،
(مو) بلاڪتڙي گهائي، (تون) جوڳڻ ڪرگيو جيڻوا!

(جنهن کان سواءِ هڪ گهڙي نه گذري، ان بن منهنجي زندگي ڪيئن گذريندي!؟ مون نماڻي ناري کي وڇوري جا وڍ ڏيئي جيڻوا تو جوڳڻ ڪري وئين....!)

"جوڳڻ ڪر گيو جيڻوا" واري پڪار ۾ ڪيڏي پيڙا آهي! هڪ نماڻي نار انهيءَ کان وڌ ڪهڙي ميار ڏيئي سگهي ٿي:

جيڻا ٿانري لار، (مهي) ڍولا وستر پهريا
(لي) مالا چنري هاٿ، جپتي ڦرون ري جيڻوا.

(جيڻا منهنجا رنگ برنگي ڪپڙا ۽ هار سينگار سڀ تو سان هئا تنهنجي پويان گيڙو ويس پائي چنري هٿ ۾ ڪٽي چندن جي مالها جو جاپ ڪندي ڦري رهي آهيان.)

جوڳڻ جي ويس ۾ اجلي پوري سرشٽي کي جيڻوا جي جدائيءَ ۾ روئندي محسوس ڪيو. رات جا ستارا آسمان جي اکين جا ڳوڙها لڳا، چنڊ جي روشني ۾ اجلي جي من جا گهاوَ گل وانگر ٽڙيا، اجلي جو من دنيا جي رنگن روپن کان چا رٺو!؟ سچ به ڪڏهن هن کي پرچائي نه سگهيو..! هرڻي جهڙو هن جو هانءُ رڃ ۾ رلندو رهيو:

ٽولي سوُن ٽلتانهه، هرڻ من مانو هوئي،
بالم بڇڙتانهه، جيوي ڪِن وڌ جيڻوا!





(ٽُولي مان ٽرڻ کان پوءِ هرڻ جو من گهايل ٿي پوندو آهي. ان جي ڪهڙي حالت هوندي آهي. ائين منهنجا محبوب جيڻوا تنهنجي وڇوڙي ۾ آءُ وياڪل آهيان. سڄڻ جي جدائي ۾ ڪيئن جي سگهجي ٿو.)

اجلي کي يقين هو ته سنسار ۾ چڪوي ۽ سارس کان پوءِ ٽي جوڙي جيڻوا ۽ هن جي ٿيڻي آهي. پر ائين نه ٿيڻ تي درد اجلي جي دل جي درين جا سمورا تاڪ ٽوڙي داخل ٿي ويا، جيون ۾ ڪو دم دلاسو نه رهيو هن جو سارو وجود وهم ٿي پيو ته:

جگ ۾ جوڙي دوئي، چڪوي ني سارس ٽڻي،
تيجي ملي نه ڪوئي جوتي هاري جيڻوا .

(جڳ ۾ چڪور ۽ سارس جون ٻه جوڙيون مشهور رهيون آهن، هڪ ٻي کان ڌار ٿڙپي ٿڙپي مري ويندا آهن، هن سنسار ۾ ٽي جوڙي اهڙي ڪنهن جي به نه ملي، جيڻوا ! آءُ ٽي جوري جي تلاش ڪندي ڪندي هارجي ويس.)

چڪوا، سارس واڻ، ناري نيهه تينون نرک،
جيوڻو مسڪل جاڻ، جوڙي بڇڙيان جيڻوا!

(چڪور، سارس ۽ ناري ٽنهي جو نيهن ڏاڍو ڏکيو آهي. جيڻوا جوڙي جي وڇوڙي سان ٽنهي جو جيئڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو.)

پنهنجي پريت کان وڇڙي پريمي جو جيئڻ موت کان به بدتر هوندو آهي. اجلي "جيوَڻو مشڪل جاڻ" چئي پنهنجي دکي جيون جي عڪاسي ڪئي آهي. جيڻوا کانسواءِ اجلي جو سنسار سڃو ٿي پيو. جيڻوا بن جڳ هن کي ٻگهن جو ميڙ لڳي ٿو جهنگ جي ڪٽيا ۾ رهي اجلي چوي ٿي ته :

پاٻاسر پيسهه، هنسا پيڙا نا هُويا،
ٻگلا سنگ پيسهه، جوڻ گماوي جيڻوا.

(سنسار روپي مانسرور ۾ رهڻ باوجود جينوا جهڙن هنجن جو ساٿ پراپت ٿي نہ سگهيو. بگلن ( بگهن) سان گڏ رهي جينوا مون پنهنجو جيون وڃائي ڇڏيو.)

جن جي دل ٽٽي ويندي آهي تن جي لاءِ آباد دنيا ويران نظر ايندي آهي. گهوڙي سوار تہ ڪيئي اچن وڃن ٿا پر اجلي جون اکيون جينوا جي لاءِ تڙپن ٿيون.

وڏيسي اسوار، گهوڙلان ري گهومر ڪرين،
اٻلا رو آڌار، جڪو نا ڏيڪان ري جينوا

(گهوڙن کي گهمائيندي ڪيئي پرديسي سوار نظر اچن ٿا، پر مون نماڻي نار جو آڌار جينوا تون نظر نہ ٿو اچين).

آنگوڻي ري آگ، لوپي لگوائي گيو
رني ساري رات، جمپ نا پري ري جنيوا.

(اي لوپي تون آگوڻي جي آڳ لڳائي هليو وئين، آءُ ساري رات رني آهيان جينوا هڪ پل بہ ننڊ نہ آئي آهي.)

هينئي وهائي هڙ، ڪيڙي گيو ڪيتر جُون،
پريتم پاڇو وڙ، جمپ نا پڙي ري جينوا.

(هينئين تي هر هلائي ٻني جيان ڪيڙي ويو آهين، اي پريتم جينوا! تون واپس موٽي اچ، توبن چين نہ ٿو اچي.)

اجلي پنهنجي سلجهيل سار ۾ انهن ڏينهن کي بہ ساري ٿي، جڏهن موسم سان مشورو ڪري پيار جي مانسرور جو نرمل جل پيتو هو پر هاڻي هن جي الجهيل اکڙين آڏو ننڍڙا ننڍڙا ٽوپا آهن. جتي هن جي اندر جي اڄ اڃهي نہ ٿي، هڪ شعر ۾ ماضي ۽ حال ٻنهي جي ڪيفيتن جا رنگ ميڙي چوي ٿي تہ:





جل پيڏو جاڏيھہ، پاٻاسري ري پاوٽ
نَنِڪيئي ناڏيھہ، جي نا ڏاپي جينوا!

(مون پاٻاسر ( مانسرور) جي ڪونگرن / گهاٽن تي سڪون سان ويهي نرمل پاڻي پيتو هوهاڻي ننڍين ننڍين / ٽوين جو پاڻي پيئڻ سان من جي اڄ ختم نہ ٿي ٿئي.)

اجلي جينوا کان وڇڙي پاڻ تنها پکي ۽ اداس آکيرو ٿي ميارن جي ٻولي ۾ چوي ٿي تہ:

اينڌا انل ٽٽانهہ، وڻ مالَي ( ماڙيھہ) موڪِي (ناکي) گيو
اُر اَن پانک وِٽانهہ، پاکي ڪِن وڌ جينوا

(جينوا (آءُ جڻ پکي جو آنو هوس) تون آني وانگر (جهنگل) جي آکيرن ۾ اڇلائي هليو وئين (پر اهو سوچ) آنو سيني ۽ پکن جي گرميءَ کان سواءِ واڌ ويجهہ ڪري سگهي ٿو!؟

چا ماڻهو محبت جو ائين انڪاري ٿيندو؟ جيئن جينوا ٿيو! وڻ مالي موکي گيو”واري سٽ ۾ ڪيڏي تڙپ آهي!! انهي تڙپ ۾ اجلي جيون جي انڌاري رات ۾ جلندڙ جاڳ ٿي پوي ٿي.

جَنجر جڙيا جائي، آڏي جائي ار مانهين،
ڪونچي ڪوڻ لڳائي، جڙيا جاتي جينوا.

(جينوا تو منهنجي اندر پيهي منهنجي دل کي زنجيرن سان ويڙهي امنگن جي دروازي تي تالو لڳائي ويو آهين! ( تنهنجي پريت جي چاٻي ڪٿان آڻيان) جنهن کي تون ويندي ويندي ڪلف ڏيئي ويو آهين ان کي کولڻ لاءِ چاٻي ڪير لڳائيندو!؟

اجلي ڄاڻي ٿي تہ جينوا ڪيڏانهن ويو آهي، پر پوءِ بہ من جي اداس ڏهري ۾ يادن جو ڏيئو ٻاري چوي ٿي تہ دل جي تالي جي چاٻي ڪٿي

تون ڪيڏانهن هليو ويو آهين!؟

تالا سجڻ جڙي، ڪونچي لي ڪيٽي گيو.
ڪُلسي تو آئي، (نا) جڙيا رهاسي جينوا.

(وڏو (ءِ مضبوط) تالو لڳائي چاٻي ڪٽي تون ڪيڏانهن هليو ويو آهين؟ هي جينوا تنهنجي آئي ڪلندو نه ته اُتي ئي بند رهندو.)

"ڪيڻ گيو" ۾ ڪيڏو درد آهي!

آوين اور انيڪ، جڻ پر من جاوي نهين،
ڏيسي بن هيڪ جاگا سوني جينوا.

(ٻيا ڪيترائي اچن ٿا، پر منهنجي دل انهن ڏي وڃي ئي نه ٿي (مون کي محسوس ئي نه ٿو ٿئي ته ڪير آيو آهي)، منهنجا ڏيهي جينوا! تو هڪ بنان منهنجي دل جي جاءِ سڃي آهي.)

آنبو اونچي ڏار، هُلسي پڻ پڳي نهين،
ڪچي ڦل ري لار، جي ڏگايو ري جينوا

(انب جي وڻ جا ڏار اونچا هئا، مون انهن تائين پهچڻ (چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڦل واري ٽار تائين نه پهتس، جينوا! مون ( تنهنجي محبت جي) ڪچي ڦل جي لاءِ پنهنجو جيءُ سڪٽو ڪيو.)

ڀهتا جل چوريا، پُسلي پرا پيا نهين،
نانڪڙي ناڙيان، جيءُ نا ڍاپي جينوا.

(جينوا! آءُ تنهنجي پريت جي پرپور دريا مان چاهت جا چرون ( هٿڙيون) پري پي نه سگهيس ( تو پياريو نه) انهن ننڍڙين ندين مان (هاٿي ) اڃايل اندر جي اڃ اُجهي نه ٿي.)

## ڪوي پينگڙ

ڪوي پينگڙ چارڻي ساهتيه جو تمام وڏو نالو آهي ڪوي پينگڙ





شاعري جي فن جو تمام وڏو ڄاڻو هو. هن چند ودِيا ۾ نوان تجربا پڻ ڪيا. ڪوي پينگڙ جي نالي پويان پينگڙسي ڪاليج ڪليو، جنهن ۾ چارڻ شاعرن کي شاعري جي فن جو نصاب پڙهايو ويندو هو. ٿر جي رهاڻ رس ۾ ڪوي پينگڙ جي ڪوتا پڙهي ويندي آهي. هڪ مشهور نظم آهي. جنهن ۾ زمين جي ماپ، جيوت، فطري نظارن جو ذڪر ٿيل آهي.

## جنف چارڻ

جنف چارڻ پنهنجي دور جو مشهور ڪوي ٿي گذريو آهي. عمرڪوٽ جي سوڍن ڪاروڙو چارڻ جي جاگير جنف چارڻ کي ڏان ۾ ڏني هئي. جنف جي زندگيءَ متعلق ڪوي هيمڏان چارڻ (اصل ڳوٺ منڙيو چارڻ هاٽوڪو پتو پاٻوهر) ۽ ڪجهه ٻين سگهڙن جي ٻڌايل روايت مطابق صديون اڳ ڏڪار ورهيه ۾ چارڻن جو قافلو ڪاهوڙ جي ڳوٺن مان لڏي ساڪي گڏ ۾ آسو جي ڳهيلڙو وٽ اچي رهيو. آسي چارڻن جي وڏي خدمت ڪئي. ڪجهه ڏينهن ترسڻ کان پوءِ قافلو ٻئراج ڏانهن وڏڻ جي لاءِ روانو ٿيو پر ننڍڙي جنف جي ماءُ چارڻياڻي اهو چئي آسي جي گهر ترسي پئي ته: منهنجو ننڍڙو ناچاڪ آهي سفر جي پيڙا هن کان برداشت نه ٿي سگهندي ، آءُ اوهان جي ڏيءَ آهيان. مون کي اجهو ڏيو ته ڏکيو وقت ڪٽيان. آسي چارڻياڻي کي ڏي جو رتبو ڏيئي ترسايو وقت گذرندو ويو ننڍڙو جنف اچي وڏي ٿيو. آسي پنهنجي اولاد جي شادي ڪرائي، پر جنف جي شادي نه ڪرائي سگهيو. آسي جو ساهه سڪرات ۾ اچي ڏولچا ۾ پيو. هن کي ارمان ٿيو ته آءُ جنف جي شادي نه ڪرائي سگهيس. راٺو جئه برهم آسي جو ماسات هو. هُن اچي آسي کي وچن ڏنو ته "آءُ جنف جي شادي ڪرائي ڏان وغيره ڏيئي سکيو رکندس، تون سڪون حاصل ڪر. اهڙي تسلي ملڻ سان سڪرات ۾ ستل آسي پراڻ تياڳيو. راٺو جئه برهم جنف کي پاڻ سان گڏ سوڍن جي صاحبي ۾ وٺي آيو. وقت گذرڻ سان راٺي جئه

برهم کي آسي سان ڪيل وچن وسري ويو. هڪ ڀيرو وسڪاري جي رت ۾ گهنگهور گهٽائن ڏسي جنف جو جيءُ جهري پيو. آسو ياد آيو. هن شاعريءَ ۾ ورلاپن جون اچي وڄڙيون چمڪايون. شاعريءَ ۾ آسي جي سار ۽ راڻي جئه برهم کي ميارون هيون. راڻي جئه برهم جي گهر واريءَ جي ڪنن تي چارڻ جو سوز ڀريو سُر پيو. راڻي روئي پئي. جئه برهم کي چيائين ته، "تو ظلم ڪري ڇڏيو آهي، چارڻ جي سار لهو. " راڻي جئه برهم کي آسي سان ڪيل پنهنجو وچن ياد پيو پوءِ راڻي جئه برهم جنف جي شادي ڪرائي. ڪجهه رايا راڻي جئه برهم ۽ آسي ڳهليڙي جي ماسات هجڻ کي رد ڪن ٿا. انهن راين مطابق آسو ۽ جئه برهم جي دوستي هئي.

چيو وڃي ٿو ته :سوڍي راڻي راج ديو عمر ڪوٽ کي هٿ ڪرڻ وقت جنف چارڻ کان مدد ورتي هئي. انهيءَ آڌار چئي سگهجي ٿو ته، آسي وٽان جنف کي وٺي اچڻ وقت جئه برهم کي راڻپ مليل نه هئي ان وقت جئه برهم جو پيءُ سوڍو راج ديو راڻو هو. چارڻي ادب جي هڪ چند موجب جنف کي راڻي جئه برهم جي پٽ جسول سنبت 1291 تي ڪاروڙي جو ڳوٺ جاگير طو رتي ڏنو. جتي اڄ به چارڻ رهن ٿا. پروفيسر شڪتيڏان ڪويا چوي ٿو ته:

مارو ٽٺو ڀوان مهه ترڻ را ٻيٽا آٺ،
اوئان ۾ ڏيٿو پاٽوي، ٿيا چارڻ ٿاٽ،

(مارو جو ڀوان مهه پٽ هو جنهن جا اٺ پٽ ٿيا، جن ۾ ڏيٿو پاٽوي /موڀي هو جنهن جو اولاد ڏيٿا چارڻ سڏجي ٿو.)

ڏيٿي هندو ڏيکرو، نڌر جنف نام،
پايو ڪروڙ پساو ۾ گڻ ڪاروڙو گام

(ڏيٿي جو پٽ جنف نالي ٿيو جنهن ڪروڙ پساو ۾ گڻن پريو ڳوٺ ڪاروڙو پايو)





تاريخ جي ڪجهه ڪتابن ۾ عمر ڪوٽ کي هٿ ڪرڻ ۾ چاچڪ ديو جو نالو آيل آهي، راڻي چاچڪ ديو جنف چارڻ کي ڪاروڙو ڪروڙ پساو ۾ ڏنو هو. هن وقت تائين ملندڙ روايتن ۽ تاريخ جي حوالن ۾ ڪا به ڳالهه حتمي نه آهي جنف جي شاعري وقت جي وير ۾ محفوظ رهي نه سگهي آهي.

## جمن چارڻ:

هي ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي گمبٽ جي ڳوٺ "کهڙن" جو وينل هو وفات ڪانپوءِ پير ڪٽپير جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. سندس پيءُ جو نالو محمد بخش چارڻ هو جمن چارڻ جي جنم جي تاريخ تي سنڌي ادب جي لکت ۾ گهڻي وقت تائين پردو پيل رهيو آهي، جمن جي وفات جي تاريخ ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ جي صفحي 126 تي 115هه ڄاڻائي آهي، سگهڙ لوڪ هن جو زمانو 1668 کان 1738 ٻڌائين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جمن جي آخري آرامگاهه جي ڪتبي تي لکيل وفات جي سال 1193هه ڄاڻائي آهي. جمن چارڻ ۽ جلال ڪٽيءَ ۾ قلات جي خان جي شهادت تي بيتن جي ڏي وٺ ٿي. سندس اها شاعري 'جنگ نامه' ۽ 'بيلاين جا ٻول' ۾ شامل آهي. جمن سنڌي شاعري ۾ مداح جو بنيادي عروضي شاعر آهي. هن مسڪين ۽ نابين چارڻ شاعر جو نرينا اولاد نه هو سير مٽي جي لاءِ سڪندي هن حضرت پيران پير عليه الرحمت جي مداح چئي، جيڪا تمام گهڻي مشهور آهي.

جمن چوي جاهل آهيان، ڪرتين ڪچو ڪاهل آهيان،
تو در سندو سائل آهيان، يا پير پيران بادشاهه!

چون ٿا ته جمن جي دعا اگهجي ويئي ڪيس نور ملڻ سان گڏ نرينو

اولاد پڻ ٿيو. سنڌ ۾ ”جمن وارو سوال“ پهاڪي طور مشهور آهي. هن هڪ سوال ”ماڙيءَ تي ننهن ڏڏ ولوڙيندي ڏسان“ ۾ تي ڳالهيون گهريون هيون. مالڪ هن جي من جي مراد پوري ڪئي.

ڪڇهرين جا ڪويسر چون ٿا ته جمن چارڻ تمام مسڪين ماڻهو هو. سخت بيماري ۾ سڄو جسم ڦٽ ڦٽ ٿي پيو هو. ڪجهه ماڻهو جمن کي جهولي ۾ کڻي اچي سپڙ ڄام جي اوتاري ۾ ڇڏي ويا جتي هن کي اهڙي حالت ۾ ڏسي ڄام سپڙ جي گهر واري بيبي گنجان ڄام کي چيو ته هن فقير جي واسطي پاڻ گڏجي ڏٽي در دعاڳو ٿيون. من ڪا مالڪ جي هن تي مهر ٿي پوي. سخي خاندان جي دعا گهرڻ جي دير هئي. جمن صحتياب ٿي پيو پر ڳوٺ وڃڻ کان اهو چئي انڪاري ڪري ڇڏيو ته ”ڳوٺ ۾ منهنجو ڪجهه نه آهي“ سخي ڄام چيو ته دل نه لاهه چارڻ! پرپات جو آءُ ايترو دان ڏيندس جو گهر وڃي موجون ڪجان. اسر جو سخي ڄام چيو ته چارڻ پنهنجي هٿن سان کڻي سگهين اهو کڻ. جمن گهوڙن جي طنبيلي ۾ وڃي هڪ هٽ اپرندي، هڪ اولهندي ڪِليءَ ۾ وڌو. ڄام سپڙ طنبيلي جا ٿي سو گهوڙا سينگاري جمن جي حوالي ڪيا پوءِ اتان چارڻ نڪتو رستي ۾ ڄام سپڙ جي ساهرن وٽ به ويو جتي به هن کي لاک پساهه ڪيو ويو. ائين هن جي زندگي تبديل ٿي. پوءِ هن شادي ڪئي، ڪين اولاد به ٿيو.

جمن چارڻ سگهڙائي جي ٻولن ۾؛ ’نادانن جا قسم‘ ’پنجئي بدنام‘، ’پنجئي مئي مت‘، ’پنجئي گهوچائي‘، ’پنجئي سهنجي‘ جي عنوانن سان به شعر چيو آهي. هن جو هڪ شعر جو عنوان ”شعر گلن بابت“ اهي. اهو ڪافي مشهور ۽ مقبول آهي جنهن ۾ ڪلهوڙن جو ذڪر آهي. مون ڪافي ڪوشش ڪئي ته جمن جي شعر ۾ سمن جي صاحبي متعلق شعر ملي سگهي پر نه ملي سگهيو. جڏهن هن جي زندگي ۾ ڄام





سپڙ جو اهم ڪردار آهي. ڇا هن ڄام جي سخاوت بابت شعر نه چيو هوندو؟ اتهاس جا ورق انهيِ سوال تي خاموش آهن!

ناليواري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ هنڌ لکيو اهي ته: ”تاريخ ۾ ٽي جمن چارڻ ٿيا آهن. “ڄام سپڙ جي درٻار مان دان وٺندڙ جمن چارڻ ڪهڙوهو؟ ڪا به حتمي راءِ نه آهي.

اول نام الله جو آهي عالم خلق اپائڻ وارو
دين دنيا دوران ڪل دائم، هيءَ سڀ نور نبيءَ جي ڏنهن نظارو
نران پٽ نور محمد، پس پاتشاهين ٿيو پيد وارو
ميان صاحب! جڙ جڳ جيوين درس چڙهيو دستار تمهارو
محمد خان ملوڪ مصاحب پرور سرور صحي سڏارو
غلام حسين ڳڙهان پٽ گياني بانڪا تنهنجو باغ بهارو
دائود خان دليون پٽ دولهه بير سڏير بسنت بهارو
الف انجير انگور، انارو، آمو، املداس، اچار اڪارو
بي بدهر بهم بادامي، بانڪو بخمل بسنت بهارو

(ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا ص40)

## جمن چارڻ [ننڊو]

جمن چارڻ ( ننڍي) جي والد جو نالو جان محمد هو. جيڪو پڻ پنهنجي دور جو نامور شاعر هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطابق جمن چارڻ ننڍي جمن چارڻ وڏي کان 43 سال پوءِ يعني 1193هه ۾ وفات ڪئي. جمن چارڻ (ننڍي) نبي پاڪ جي شان ۾ ’مداح‘ چيون آهن. ٽيون جمن هن جي اولاد مان هو. دادو جي ڳوٺ ڦڪن جو رهواسي هو.

## ميان حسين چارڻ:

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ خاص طور جنگ نامن جي شاعري ۾ ميان

حسين چارڻ مشهور شاعر رهيو آهي.سنڌ تي راڄ ڪندڙ مختلف ڪڙم، قبيلن جي ارڏن جوڌن ڀاران معرڪا مچائڻ ۽ سنڌ تي ڌارين جي لوڌ وقت سنڌي سرويچن ڀاران وطن جو ويڙهو بچائڻ جي لاءِ ويڙهه ڏيڻ ڪي مانائتي انداز ۾ هن بيتن ۾ آندو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب جنگ نامه ۾ ميان حسين چارڻ جي اها شاعري آندي آهي. هن سڀاجهي شاعر جي ٻي پڻ شاعري هوندي. پر اها ميان حسين چارڻ جي زندگي جي خاڪي جيان گمنامي جي ورچڙهيل آهي.

## ڪوي ڪلول چارڻ:

ڪوي ڪلول منڙو ڪوي آهي جنهن جو لوڪ ادب ۾ تمام ذڪر ٿيندو رهيو آهي پر هن جي جيون خاڪي تي پردو پيل آهي . هڪ راءِ مطابق ڪلول ٽر جي ڳوٺ منڙيو چارڻ ۾ جنم ورتو پر ڪي رايا انهي هنڌ کي رد ڪن ٿا، هن جي جنم هنڌ، تاريخ ۽ وفات بابت صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي ڊاڪٽر موتي لال[48] ميناريه مطابق ڪلول ڍولا مارو جي داستان ۾ دوها تخليق ڪيا آهن . محترم باغ علي شوق انهيءَ تصنيف جي ثابتيءِ لاءِ ڪلول جي هيءَ سِٽ ڏي ٿو ته:

"پندري سو تيس برس ڪٿا ڪهي ڳڻ جاڻ"

(پندرنهن سو ٽيهه ۾ اها ڪهاڻي چئي وئي)

ڪلول جي دوهن ۾ مقامي استعارا ۽ تشبيهون سهڻي نموني ڪم آندل آهن:

جَوَ جڏي جڏي، تل جڏي ٽٽي،
ڍولا ٿانري ماروئل وڏيڪ چڙهي وٽي.

48 مارواڙي ۽ هندي ادب جي وڏن دانشورن ۽ ٻولي جي ماهرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هن پهريون ڀيرو پرٿويراج راسو جي صحيح آسان معنيٰ لکي. ڊاڪٽر جا 6 ڪتاب لکيل آهن.





(ڍولا تو مون ڪي جَو جي ڪڻ جيڏي ڇڏي هئي، ان وقت منهنجي ڇاتي تي ٻه تر جا نشان هئا، هاڻي آءُ وڏي وڻ جيڏي ٿي وئي آهيان.)

باب پيوني وَرهنِي، دونون ايڪ سَوَهاؤ
مارو آنبي ڀورجم، ڪر نڪيه ڪُملاءِ

(ڍولا تنهنجي مارل جي ڪهڙِي سونهن ٻُڌائجي، عاج جا اڇا چُوڙا، چاندي جهڙو بدن، سهڻو ۽ سرهو سونهن جي ول وانگر آهي، نفاست ۽ نزاڪت ۾ وري اهڙي جو انب جي ٻور جهڙي، هٿ لائڻ سان ڪُومائجي وڃي.)

اَهر پَيُو هَر زهِ نيڻ، مينا جيها سَڪ،
ڍولا ايسي ماروئل، جاڻي مني ڊڪ.

(ڍولا ماروئل جي حسن جي اُهڃاڻن ۾ اجان هي ٻه آهي ته هُن جون اکيون سدائين خماريل، چپ پريم رس ۾ ٻريل، زبان ماکي جهڙِي مٺي، سارو بدن انگور جي ول وانگر آهي.)

ڍولا هالوا ڪري ڌن هالوا! نه ڏي،
جهب جهب جوئي پاگران، ٽب ٽب نيڻ ڀري.

(جڏهن ڍولي ماروئل جي اهڙي سونهن ٻُڌي اُٿي تيار ٿيو ماروئل ڏانهن ڍولي کي ويندو ڏسي ڍولي جي گهر واري ( مالوڻ) سندس راه روڪي بيهه رهي، ٿڌن ساهن سان ڍولي جي پيرن ڏانهن نهاري، مينهن ڪڻين وانگر اکيون وسائڻ لڳي)

هَنس چَلڻ ڳد ليهَ جنگهه، ڪَٽ ڪيهر جم ڪيڻ،
مُک سهر، ڪنجر نيڻ، ڪچ شري ڦل، ڪنٺ ويڻ.

(ماروئل جو هلڻ هنس جهڙو، چنگهون ڪيوڙي جهڙيون چيلهه ڪيهر جي چيلهه جهڙي سنهڙي، مک چندرما جهڙو نيڻ ڪنجر جهڙا، ڇاتي شري ڦل ( ناريل) جهڙي، ڪنٺ جهڙو ٻيڻ(ٻاوا) جو مڌر آواز آهي.

اُتر آج سون اُتريئہ، پڙسي واهليان،
اُر اوري پِري راکيئہ، مندا ڪاهليان.

(اچ ڪان اتر هوا جي اوتن ۾ سيءُ جا واهہ پيا وهن. اهڙي سمي ۾ منهنجا پرين (اي ڍولا) نازڪ نماڻي نار کي سيني جي ويجهڙي رکجي.)

نرور نل راجا تڻو ڍوليو ڪنور انوپ،
راڻي راءِ پنگل تڻي، ريجهي ڏيکي روپ،

(نرور جي راجا نل جو پٽ (شهزادو) ڍولو حسين هو. جنهن جي سونهن کي پنگل جي راءِ جي راڻي ڏسي ريجهي پئي.)

پنگل پتري پدمڻي ماروئل تين نام،
جوڙي جوئي ويچاريو ڏن وڏاتا ڪام

(ماروئل جا ٽي نالا ماروئل، پنگل پتري ۽ پدمڻي آهن. ڍولي سان ماروئل جي جوڙي ڏسي( هر ڪنهن ) ائين چيو تہ لکي جي ليک کي جس آهي.)

ڍولو مارو پرڻيا، هر دل هوءِ اچل"
او پنگل ري پدمڻي او نرور رو اٽل.

(ڍولا مارو جي شادي تي هر دل خوشي ۾ نچڻ لڳي، مارو پنگل جي پدمڻي ۽ ڍولو نرور جو شهزادو. )

ڏيڍ ورس ري ماروئل ، تين ورسان رو ڪنت،
ٻالپڻ پرڻيان پنيان انتر پڙياءِ انت.

(ڏيڍ ورهيہ جي ماروئل ۽ ٽن سالن جو ڍولو هو ٻالپڻ ۾ پرڻيا، پوءِ وڇوڙي جا وڏا ڏينهن آيا.)

سندر چلي ڏرن پر جل تريو جهاج،
وارون چال مُرار ڪي، سيت پات گجراج.





(سندر ڌرتي تي ائين هلي رهي آهي. جيئن پاڻي تي جهاز ترندو آهي. هُن جي اهڙي هلڻي تان هنج ۽ هاٿي جي هلڻي گهوري چِڙجي.)

پٽاڌر چُوتي پنجري، سونڪل توڙي سار.
سينهڻ نڪلي سيل نا لپٽ ستا ڪر نار،

(جيئن شينهن پنجري کي ٽوري شڪار جي لاءِ نڪرندو آهي، تيئين شينهڻ نار سنيري نڪتي آهي)

هي هتياري پاپڻي، ڏيا نہ آوي توءِ،
مين ڪچون نہ بگاڙيو، مونٽ چلائي موءِ.

(اي هچاري! تون پاپڻ آهي، تون کي مون تي ترس نہ آيو مون تہ تنهنجو ڪجهہ نہ وڃايو هو تو (پنهنجي سونهن جي) وير مٺ مون تي هلائي آهي.)

سر سڪو هسو چبگي، اڏي نهين مت هيڻ،
ڪا تو سرور گڻ آڳرو، ڪا هنسو هي سُڪلڻ.

(تلاءِ سڪي ويو هنجي پٽر ڪائي وينو آهي، مت هيڻ اڏري نہ تو!؟ يا تلاءِ جا ڳڻ گهڻيرا آهن يا هنجهہ بنيادي آهي.)

تڙ گڏڙو اوپر اڇو ليو ساهر ڪو منجهہ،
پانک سُهاري پهہ ڪران اج اڏڻ واڙو هنجهہ

(هن مانسرور جي اندر جو انت وٺي چڙيو آهي، مٿي اڇو آهي، هيٺ ميرو آهي، پنهنجن پکن کي سنواري پهہ ڪري رهيو آهيان، اج هي هنج اڏامڻ وارو آهي.)

هنسا سرور نا ڇوڙيئي جي جل ڪڙوو هوءِ
ڇيلرڇيلر يتڪتان، يلا نا ڪهسي ڪوءِ

(اي هنس! ڪڏهن سر ( مانسرور) نہ ڇڏجان، يلين ڪارو پاڻي

آهي، مٺي پاڻي جي ننڍن ٽوبن تي پٽڪندي ( ٻگهن وانگر ) تو کي کير پلو نہ چوندو)

سجن هم هيڪ هين، اور ملايا همين ليڪ،
آپٽو هينئڙو هيڪ هيءَ پلين ڪاڍي ڏيک

(ساجن هڪ آهيون ۽ پاڻ کي پنهنجي قسمت ملايو آهي. پنهنجو هينئڙو هڪ آهي، پلين ڪڍي ڏس.)

هنسلو هيٺي ذات، ڪاتو ڪڻ رو نا سهان،
پٽڪيا پيني رات، موڙيا موتي چگان،

(هنج تمام حساس ذات، آهي، ڪنهن جو زرو بہ برداشت نہ ڪري، پني رات جو هنجن پٽڪندي چيو تہ اسين مرندي بہ موتي چڳندا آهيون.)

سرور هنس منايلئي، نيڙان ٽڪان ڀهوڙ
جڪان پينان رڙياوٽو، جان سي تاڻ نا توڙ

(اي سرور! هنجن کي پرچائي وٺي آءُ، هي اجان اتيئي ويجها هوندا، هنجن سان ٺي تون سهٽو ٿو لڳين، انهن سان ناتو نہ توڙ.)

اوڏي تو برچون نهين، ٻيسي تو ڀهوڙ
هنسان نا سرور گهڻا، سرور نا هنس ڪروڙ

(مانسرور چوڻ لڳو تہ هنج اڏامي وڃن تہ روڪيا نہ/ ناراض نہ ٿيان، ويهن تہ وينا هجن، ڪا روڪ نہ آهي، هنجن کي سرور گهڻا آهن، تہ سرور کي هنج گهڻا آهن.)

پانکہ سُهاري پهہ ڪران، ڏاڙا رنگ پري،
اوڏڻ وارو هنسلو وڻ وڻ ڏهان ڪري،

(پک (پر) سنواري اڏامڻ جي ارادي سان تياري ڪئي اٿم، اڏامڻ وارو هنج وڻ وڻ ياد ڪري رهيو آهي.)





هنس ڪهي ري ڏيڏرا، ساهر لاهر نہ سُڌ،
جڪان جتو پاڻي تانگيو اوٿان ٻرا تي ٻڌ.

(هنس چوڻ لڳو تہ: اي ڏيڏرا! تو کي سمنڊ جي لهرن جي ڪهڙي خبر؟ جن جيترو پاڻي تانگهيو آهي، انهن کي اوتري سڌ آهي.)

هنس ڪهي ري ڏيڏرا ساهر لهرا نا ڏٺ،
جڪان ناريلائي نا چکيا، جاٽي ڇيڙيانهہ مٺ،

(هنس چوڻ لڳو تہ اي ڏيڏرا! تو سمنڊ جي لهرن کي ڪڏهن ڏٺو ئي نہ آهي، جن ناريلن کي ڏٺو نہ آهي انهن ناريلن کي مٺ ڇير سمجهي نہ چکيو.)

نل راجا بکو پڙيو ڪري گهوڙان پر زين،
نل راجا مجرو ڪيو جڏ نويا ڪنگرا تين.

(جڏهن نل راجا کي مصيبت (ڏڪار) ۾ وڃوڙو پيو، تڏهن گهوڙي تي سنج رکي هلڻ جي تياري ڪري قلعي کي مجرو ڪيائين تہ قلعي جي ٽن ڪنگرن جهڪي مجرو ڪيو)

نل راجا بکو پڙيو گهاتيو گهوران پر پار،
ٻارهي برسي ملسان، نا تو نر هر گڍ جهار[49]

(جڏهن نل راجا کي مصيبت ( ڏڪار) ۾وڇوڙو پيو تہ گهوڙن تي بار وجهي پنهنجي قلعي سان مخاطب ٿيڻ لڳو تہ اي نرهر ڪوٽ! ٻارنهن سالن تي ملنداسين نہ تہ نرهر منهنجو توکي جهار آهي.)

پپهيا پيهي پيهي ڪري پيا نيڙو پرديس،
آپري پيا سين جڏ ملان، جاوان اپڻي ڏيس.

(اي پپهيا! تون پيا پيا ڪرين ٿو منهنجو پيا ويجهو هوندي

[49] ججها ڏج جهار، منهنجا مارو چام کي. (پٽائي)

پرديس آهي، آءُ پنهنجي پيا سان تڏهن ملندس جڏهن پنهنجي ديس وڃين)

پپيها چڙهه ڏونگري، وات وهنتا جوءِ،
اوئا ميهان اپڻا ساجڻا، مانجا ڪڏان ميڙا هوءِ

(اي پپيها! ڏونگر تي چڙهي منهنجي وطن جي مارڳ ڏانهن ڏس ته هن طرف مينهن آهي؟ مينهن جي هن موسم منهنجو ميلاپ پرين سان ڪڏهن ٿيندو!)

سک دک سمپت بي بسو نر ڪاهر مت هوءِ،
مرڻ جيئڻ وجوگتا، ڪلتار ڪري سوءِ

(سک ڏک ۾ بيوس تي مرد کي ڪڏهن ڪاهل نه ٿيڻ گهرجي. مرڻ جيئڻ، وڇوڙو مالڪ جي وس ۾ آهي، جيئن مالڪ ڪندو تيئن ٿيندو)

نل پنگل پيڙا هوئا، پارس پيپل هيٺ،
جڏهن ڪا ٻنڌڻ ٻوليا، ڍولا مارو پيٽ،

(راجا نل ۽ راجا پنگل پپر جي وڻ هيٺيان اچي پيڙا ٿيا. تڏهن (هڪ ٻي کي رشتو ڏيڻ جو) پاڻ ۾ وچن ڪيو ڍولو مارو پيٽ هئا)

ٻاٻل تال پنجائي ڏي، ڪا ڪونجهان ڏي مراءِ،
جب سُوئان هيڪلي، تو منان اناڙءِ ڪرلاءِ

(اي ٻابل! تلاءِ ٺوڙائي ڏي يا ڪونجن کي مارائي ڏي، جڏهن آءُ اڪيلي سمهان تي ته ڪونجون ڪرلاءُ ڪري مون کي اٿارين ٿيون.)"

مارو مين ماڻس نهين، مين هان ڪونجڙيان،
ڍولي ٽٺا سُنديسڙا، لک ڏي مانري پنکڙيان..

(اي مارو! اسين ماڻهو نه پر پکي ڪونجڙيون آهيون، ڍولي جا سنديسڙا ( نياپا) اسان جي پرن تي لکي ڏي ته پهچايون.)





کيجڙ رُونک ڀُرٽ ڪڻ ٿڙيان پيڙا ٿُوس،
ڍولا! تمڻي ماروي هٽ اوهڻي مريو اوس

(اي ڍولا جتي ڪنڊن جا وڻ ڀرٽ جو گاهه ۽ پٽن تي پکڙيل پيلا ٿوهه آهن، اتي تنهنجي مارو (هاڻي) ساماڻي آهي.)

مارو ڏڻ مُرڪو ڪيو ٿي سڄو ڍولا ڪنت،
ڇهون ڏس ۾ چمڪو پيو ٻيج نهين اي ڏنت.

(اي ڍولا! مارو مرڪي آهي، چوڏس چمڪاٽ ٿيو آهي، اها وڄ نه آهي، مارو جا ڏند چمڪيا آهن.)

مارو ڏن رمتي رو، پلو کِس گيو پيٽ مٿا،
نو سو ماريا ٻاٻلا، ڍولا هنسلا ڪروڙ ڪتا.

(اي ڍولا'! (هڪ دفعي) مارو (ويچاري) ڪيڏي رهي هئي، رمندي چني جو پلوءَ پيٽ تا کچي ويس، ان جي اهاءِ سان نوَ سو تپسشي مري ويا، هنج ته ڪروڙ کان به وڌيڪ مئا.)

ٽڻ سينگي، نک سيپلي ڏنت گلابي ڦل،
جگ سارو ڦر جوئيو ڍولا تِريا نا مارو ٽُل.

(ٽڻ سگهن جيان ڇهنبيارا، ننهن سپين جهڙا، ڏند گلابي اهڙا جهڙا گل، اي ڍولا! مون سارو جڳ گهمي نهاريو پر مارو جو مٽ ڪا نار نه آهي.)

ڪرهيا مانري ٻاپ را، مانرو وچن سڻي،
ڍولا سنيري ساسري، تون ڪوڙو پاو ڌري،

(ڍولي جي گهر واري مالوڻ ڪرهي کي چوڻ لڳي ته: تون منهنجي پيءُ جو ڪرهو آهين، تون (مون سان همدردي ڪر) منهنجي ڳالهه ٻڌ! ڍولو (مارو ڏي) ساهرن سنيريو آهي، تون منڊو ٿي پير جهل)

ڪوڙو ٿيوان تو ڏنيسي، ٻاڏو ٻوڪ مران،
جاوان ڍولي ري ساسري، سڦران مونگ چران

(ڪرهي ورندي ڏني ته آءٌ مندو ٿيندس ته ڏنپ ڏيندو ۽ ٻڏل بک مرندس (انهيءَ کان بهتر آهي ته ) ڍولي جي ساهرن ڏي وڃان جتي منگڻ سان پريل ڦريون چران.)

سون سرائي ڏنپسان، چانپان تيل چنبيل،
ٻانڌان ٻڙ ري چانهڙي، چراوان ناگر ويل.

(اي ڪرها! تون کي سون جي سرائي سان ڏنپ ڏيندس ۽ چنبيلي جي تيل سان مالش ڪندس. ٻڙ جي ڇانو ۾ ٻڌي ناگر ويل چاريندس.)

سون سرائي ڏنپسيو ڪارو تيل چنبيل،
ناڌي ٻڙ ري چانهڙي ڪڙوي ناگر ويل.

(اي مالوي! سون سرائي سان به ڏنپ هوندو؟ چنبيلي جو تيل ڪارو آهي، ٻڙ جي ڇانو تمام گهٽي ٿڌي ۽ ناگر ويل ڪڙي لڳي ٿي.)

ڪڻ ڳڙ۽ گهتان گهوگهران، ڪِڻ نڪ گهتان مهار،
ايئان ڪرهان ۾ ڪرهيو ڪوڻ، هون پنگل ڪران جهار.

(ڍولو ائن ۾ اچي چوڻ لڳو ته، ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ ڳاني ۽ نڪ ۾ مهار وجها، انهن ڪرهن ۾ ڪرهيو ڪهڙو آهي، جنهن تي چڙهي آءٌ پنگل ۾ وڃي جهار ڪريان.)

مانري ڳڙ۽ گهاتو گهوگهوا، مانري نڪ ۾ گهاتو مهار،
ايئان ڪرهيان مين هون ڪرهيو پنگل ڪراوان جهار.

(ڪرهيو ٻولڻ لڳو ته: منهنجي ڳچي ۾ ڳاني ٻڌ، منهنجي نڪ ۾ مهار وجهه، انهن ڪرهن ۾ آءٌ ڪرهيو آهيان، هلي تو کي پنگل ۾ جهار ڪرايان.)

بيجا ڪرهيا ٻوليا نهين، تو ڪيان ٻوليو توڙ،
پاسڙ پيري پانچ ڏيان پڙيا چڙسين دوڙ..





(ڪنواٽڙا! ٻين اٺن ورندي نه ڏني تو وچ ۾ اچي ڪاهي پيو آهين تو ۾ ايترو دم آهي!؟ مون سڙون پيڙي زور ڏنو ته پاسراٽيون پچي پونديون. واڻ تي پيا ڪانگ (دوڏا ) ڪائيندا.

جوڏاٽي ۾ جنميو اينڌر مانرو ڪيت،
پاڙان پنگل را ڪونگرا، ٻيسان اِيڌر ٽيڪ.

(جوڏاٽي ۾ جنم ورتو آهي. اينڌر منهنجو ڪيتر ( ٻني) آهي پير جي ٽڌي سان ڪوٽ جا ڪونگرا ڏاهي مٽان ارهه ڏيئي ويهندس.)

ڍولا! تميٽي ڏيس ۾ هيڪ بات ڪِي هوئي،
ٽان ڏنو پگ پاگوڙي، مالوڻ اوئي ٽاٽي مئي

(ڍولا! تنهنجي ديس ۾ هڪڙي ڳالهه ڇا ٿي؟ تو رڪاب ۾ پير وڌو پويان انهيءَ ٽاٽي مالوڻ مري ويئي،)

ناڪ ۾ نٿ نهين ڪا ڳڙئي اڏوڙي هوءِ،
ڪنت وڇوڙي ڪاهٽي، ڍولا موئي نا سٽي ڪوءِ.

(ڍولا! سهاڳڻ نار جو ور جي وڇوڙي ۾ نڪ نٿ کان خالي هوندو آهي يا ڳلي جو هار سنيگار نه ڪندي آهي، پر ڪڏهن ائين نه ٻڌو ته مڙس جي وڇوڙي ۾ عورت مري ويئي.)

هُڙڪ ماٽي، گهاگهر پيٽي، ڪُنج ورٽي نار،
اي مارو ري ڪارٽي ڍولا ڪرهيي ڪانب نه مار.

(ڍولا ! هاٿي جي رنگ جهڙي ماروئل جنهن جو مٿو پوڻ جهڙو ۽ پيٽ گهاگهر جهڙو آهي، انهي ماروئل جي لاءِ ڪرهيي کي ڪانب (لٺ) نه هڻ،)

ايوڙ ۾ ٻيوڙ چري، ٻيوڙ ۾ اسن،
ڍولو چلاوي ساسري، مورڪ پاگو من.

(ڏنار ويچارا مال چاري جهنگ ۾ پيا ڦرندا آهن (تن کي کھڙي

خبر تہ ماروئل ڪهڙي آهي؟) ڍولو پيو ساسري (ساهرن) وڃي، مورڪ ڏنار ڍولي کي (ماروئل متعلق اڻ وڻندڙ ڳالهيون ٻڌائي) اداس ڪري وڌو آهي.)

ڪاجل ٽيٻي، ناڪ سل، خنجر نيڻ ختگ،
ڍولا! تميٽي ماروئل، جاٽي چڙهيو پتنگ.

(ڍولا”! تنهنجي ماروئل جنهن جي پيشاني تي ٽيلڙي، نڪ تي سَر ۽ ڪجل وڏل ڪاريون خنجر جهڙيون ڪهندڙ اکيون آهن. انهن اوصافن سان ماروئل ائين آهي. جاڻ پتنگ ( اپ ڏي) اڏريو آهي.)

ڪاجل ٽيٻي، ناڪ سل، ڏنت ٻتيسي ٻاڻ،
ڍولا! تميٽي ماروئل، روٺو بيٺو پٺاڻ.

(اکين جي ڪجل، پيشاني جي ٽيلڙي، نڪ جي سرن ۽ ڏندن جي ٻٽيھ ٻاڻن ( تيرن) سان ماروئل ائين ٿي لڳي جڻ تہ پٺاڻ ڪاوڙيو بيٺو آهي.)

ڏن گيو ڏري ڏونگري، وهيا، گيا وڻين،
ڪاڙو ڪاوي ڪرهيا، ٻوليو ڪبيهي گٽين.

(سج ڏونگرن جي جهولن پويان لهي ويو، وهيا پکي وڻن ڏي موٽي، ويا. ڪرهيا! تو کي ڪارو (نانگ) ڪائي تو گٽن پريون گهٽيون ڳالهيون ٿي ڪيون!)

ڪاني ٻانڌءِ پاگڙي، ڍيلي ڇڏ مهار،
ڪاڍ پگان را تاڪڙا، پنگل ڪران جهار.

(ڍولا! پنهنجي پٽڪي کي چڪي مضبوطي سان ٻڌ، مهار ڍلي ڇڏ، منهنجي پيرن مان سوئا ڪڍ تہ هلي پنگل ۾ تنهنجو جهار ڪرايان.)

ڪيجڙيو ٻر ڍنڪرو، ڳُونٺ ڪاڇي لوءِ،
هُون ڪاتي ري ڏيوڙي “ ڍولا مارو محلي هوءِ.





(ڪنڊي جي نندي وڻ هيٺيان، ٻني ۾ جهار هڪلي رهي آهيان، ڍولا! آءُ ڪاتي جي ڏيءُ آهيان، مارو تہ محلاتن ۾ رهي ٿي،)

جي تون نہ آويو صاحبا، سرامڻ پهلي ٽيج،
بيجل تني جهبو ڪڙي، منڊ مارسي ڪيج.

(اي منهنجا صاحب! تون ساوڻ جي پهرين ٽيج جو نہ آئين تہ وڄ جا ورا ڪا منڊ ويچاري کي ڪينچي ماري وجهندا،)

ڍولا تم آوجو سرامڻ پهلي ماس،
ماهي ري ولوڙ سان، لارين رهاسي چاس.

(اي ڍولا تون ساوڻ جي پهرين مهيني تي اڇجان، جي نہ آئين تہ (ڏکن ۾ جوين جو) ڏيٹو (ڏهي) ولوڙجي ويندو پويان لسي رهجي ويندي.)

نماٽي، ڪماٽي، ڀهوگٽي ،سُڪو ملي سڪڇچ،
گوري گنگا نير جون، من گروي تن اڇچ.

(مارو گهٽن ڳٽن واري نماٽي ۽ ڪمياٽي (ٻاجھ پري) روح جي راحت ڏيندڙ آهي، گنگا جي پاٽي جهڙي شفاف گوري جو من ۽ تن وڻندڙ آهن.)

اڪ پن سين پتلي، ڏوبو ڏان نہ ڪائي،
ڍولا ايسي ماروئل، ڪيم وساري جائي.

(اي ڍولا ! ماروئل اڪ جي پن ڪان پتلي (سنهڙي)، لپ پريو اناج مس ڪائي ٿي. اهڙي ماروئل کي تو ڪيئن وساري آهي، اهڙي پدمڻي کي وساريو نہ ويندو آهي.)

متان مهلي ٻاپنڻ واٽيان، متان مهلي چارڻ پاٽ،
مهلي گهر رو منگتو، جاگوڙي ڍولي نا اڌ رات،

(اي ماروئل! ڍولي ڏانهن ٻانپڻ واٽيان نہ موڪلجان نہ چارڻ پاٽ،

گهر جو منگٽهار موڪلجان جيڪو ڍولي کي آڌي رات جو اٿاري)

پاوَ پدم، اڌي لسڻ، ڏند گلابي جاڻ،
ڍولا تميٽي ماروئل ڪسوڙو ڪيڪاڻ.

(پيير ۾ پدم، ٿوم جي ڳڙي جيڏي ڪڙي، گلابي ڏند، ڍلا تنهنجي ماروئل ته سنجيل گهوڙو آهي.)

آيا سجن البيلا، ڪرپا ڌڻ پر ڪيڌ،
ايڪ سهيلي اوڙکيا، ٻوڙ وڌائي ڏيڌ

(سجن البيلو مارو تي مهرباني ڪري آيو آهي، هڪڙي سهيلي ڍولي کي سڄاتو هن ٻوڙي وڃي مارو کي وڌائي ڏني.)

مارو ڌن پتلي، جيسي ڏيئي ڪي لوءِ،
ڪانچوي ڪي ڪس ڪولتا، ڍولو رهيو جوءِ،

(مارو اهڙي پتلي آهي، جهڙي ڏيئي جي لاٽ آهي ڪانچوي جي ڪس کولي ڍولو اچرج ۾ ڏسي رهيو آهي.)

مارو ڌڻ پتلي سيپ پريو ان ڪاءِ،
ڍولو امر بيهي رهيو، متي لنڪ ڪڙڪو ڪاءِ،

(مارُو تمام گهڻي سنهڙي آهي، سِپ جيترو اناج کائي ٿي، ڍولو ( ماروئل کي ڏسي سيج تي) ائين ويهي رهيو آهي، جو متان ( مارو) جي چيلهه (رنگ ليلا ۾) ٽٽي پوي.)

ڪڏهان باسنگ بيساسيو، ڪڏ نين ليا مرگهه جهل،
مانسرور ڪڏ هان گئي هتي، مارو! هنسان سڪڻ هل.

(اي مارو! تو ڪڏهن واسينگن کي وس ڪيو؟ ۽ ڪڏهن هرڻ کان اکيون کسيون؟ ڪڏهن مانسرور ويئي هُئين؟ اتان هنجهه کان هلڻ سکي آئي آهين؟"





ٻار هي باسينگ بيساسيو، تيرهي نين ليا مرگهه جهل،
پنڌرهي مانسرور هون گئي، ڍولا! هنسان سڪڻ هل.

(اي ڍولا! ٻارنهن سالن جي عمر ۾ مون واسينگ قبضي ۾ ڪيو تيرنهن ورهن ۾ هرڻ کان اکيون کسيون ۽ پندرنهن سالن جي ڄمار ۾ مون مانسرور وڃي هنجن کان هلڻ سکيو.)

ٻانڌڻ پچرنگ موڙيو ڪنوين ڍڙڪنتي ڍل،
ڍولو پڌاريا آنگٽي، هُون همين نه سيکان هل.

(اي ڍولا! تون پنجن رنگن وارو ڦيٽو ٻڌي ڪلهن کان ڍال لٽڪائي منهنجي گهر پڌاريو آهين، آءُ اڃان به (هنجن واري ) هلٽي نه سکان؟)

ڪيجڙ روُنک پُرت ڪڙ، ڪونيٽ ڪير ڪتا،
ڍولو پُڇي ڌڻ مارو ني، تين ۾ اتو روپ ڪتا.

(ڍولو مارو کان حيرت مان پڇي ٿو ته اي مارو! هي ٿر جتي ڪنڊي، ڪونيٽ ، ڪرڙ جا وڻ ۽ پرت گاهه آهي، اتي تو ۾ اهو روپ ڪٿان آيو!؟)

پاتر پهرڻ، پيل چڙهڻ، پوم ترياں اتم ڪل،
لالچ ڪيٽي نه ليٽا، ڍولا لکيا لاييا ول.

(اي ڍولا"! نازڪ نفيس ڪپڙا پهرڻ ۽ چڙهي جي لاءِ پليون گهوڙيون جن جو ٻڻ روءِ زمين تي ٻڻن ۾ اُتم آهي، اُهي سڀ لالچ ڪندي نه ملن، پر هي ته لکئي جو نصيب آهن.)

مانري ديس ري ٻيجڙي، نيڙي ڪِنوي نهل،
ڪا پنگل گڍ پاڪيڙ ۾ ڪا ماروٽي مهل

(منهنجي ديس جي ڪنوڻ ! تون هن وقت تمام ويجهي چمڪي رهي آهين، پنگل گڏ جي آسپاس ۾ آهي يا مارو جي محل تي آهي."

مارو مانگا آويا، ڍولي را پرڏاڻ،
ڏڻ پتياڻي ماروئل پرماڻي ڍولو ڇهواڻ.

(پتياڻي ڪڙم جي ماروئل جو پرڻو ڍولي ڇوهاڻ سان ڪرڻ جي لاءِ ڍولي جا عزيز رشتو گهرڻ آيا آهن.)

ڍولا! مهيڻڙ تو مانا چلي، توڏڪ ڇيڪا چالي پگ،
ايڻان ناگر ويل نا چکي، چکي سٽيئي ري ٻودي چگ.

(ڍولا! وڏا ۽ متارا اٺ تہ هلڻ ۾ مانا آهن. انهن ڪڏهن ناگر ويل چکي نہ آهي، انهن تہ سڙيل سڻ جون ڇڄون کاڌيون آهن. توڏ ئي ٽکا پير ڪٽندا آهن.)

دوجا دو_وڙڇو_وڙ، اونٺ ڪتالئہ ڪاڻ،
جڻ مک ناگر بيليان، سو ڪرهئہ ڪيڪاڻ.

(ٻيا اٺ ٻہ_ ورا ڇئہ_ ورا، گڏا يا گڏيل سڏيل ذات) جيڪي اونٺ ڪتالي (هڪ قسم جو ٻوٽي جنهن کي وڏي ڪانڊيري ٻہ چئبو آهي) کائين ٿا. پر جن جي وات ۾ ناگر ويل آهي اهي اٺ گهوڙن جهڙا آهن.)

ديس ورنگئہ ڍولڻا، دکي هُيا اِهان آءِ
من گمتا پاميا نهين، اونڪتاليئہ کاءِ

(ڍولڻا! هيءَ ديس ڏاڍو اٽانگو آهي، هتي اچي ڏاڍو دکي ٿيو آهيان. دل گهريو کاڄ ملي ئي نہ ٿو رڳو اونڪتاليءِ وينو کايان)

ڍولئہ چاليئہ هي سکي! واجيا ورهہ نساڻ
پالنکي وِسهر يئي، مندر پيا مساڻ.

(سکيون! ڍولو هليو ويو برهہ نعارا پيا وڄن. پلنگ زهر ٿي پيو آهي ۽ مندر محل ئي مساڻ ٿي پانيان)

ڪرهيا! نيرو جئہ چرءِ، ڪنتالئہ نئہ ڦوگ،
ناگر ويل کهان لهئہ، ٿانرا ٿوبڙ جوگ.





(ڍوولو: اي ڪرهيا! تون جيڪڏهن چرين تہ تو کي ڪانڊيري ۽ ڦوڳ چرڻ جي لاءِ ڏيان باقي تنهنجي ٿوبري لائق ناگر ويل ڪٿان آڻيان)

سڻ ڍولا! ڪرهيو ڪهئہ، مون من موتي آس،
ڪئرا ڪونپل نا چران، لنگهڻ پڙءِ پچاس.

(ڪرهو ٻڌ ڍولا! منهنجي من ۾ وڏي آس آهي، آءٌ ڪرڙ جا گونچ ڪڏهن نہ چرندس ڀوءِ ڇاهي پنجاهہ لنگهڻ ڪيڏا پون.)

ڪرها! ديس سهامڻئہ، جي مون ساسرواڙ
انب سريکئہ اک گڻ، جال ڪيران جهاڙ.

(ڍولو- اي ڪرها! منهنجو ساهراڻو ديس ڏاڍو وڻندڙ اٿئي، اتي جي اڪن کي تون انب ڪري سمجهہ ۽ ڪرڙ جي وڻن کي جار جا جهاڙ سمجهہ)

مارو گونگهٽ، دِٺ تئن، ايتا سهت پٽند،
کير، يمر، ڪوڪل، ڪمل، چندر، گيند، ميند.

(اي ڍولا! مارو کي تون گهونگهٽ ۾ بہ جي ڏسين تہ بہ ايترا گڻ مارو ۾ پسين چتون جي ڇهنب جهڙو نڪ، پونرن جهڙا ڪارا پرون، ڪوئل جهڙو منو آواز، ڪنور گل جهڙيون سهڻيون اکيون، چنڊ جهڙو چهرو شينهن جي چيلهہ جهڙي سنهڙي چيلهہ، هاٿي جهڙي هلڻي آهي.)

مَرو ٽرو سهلياڻ ڪارڻ آپري ري ڪڄ،
ڍولو سنيپريو ساسري، ريڻ بالم ري اڄ.

(اي منهنجون سهليون! مرو هاڻي هتان ٽرو، پنهنجو ڪم ڪار وڃي ڪريو. ڍولو ساهرن ڏي سنيپريو آهي، ( مون کي اڄ ڇڏيو) اڄ رات مون کي منهنجي بالم سان رهڻ ڏيو.)

جا تو ڏن گهر آپري، سانجهہ اُرهيري آو،
بالا سڄڻ گهر پراوڻا، مانري ڏر سچنگا پاو.

(اي سج تون پنهنجي گهر وڃ (لهي وڃ) اي سانجهه تون وسجهي اڄ، منهنجو منڙو ڍولو ٻين جي گهر ترسيل آهي. منهنجي ڏر (محلات) محبت جا پيرَ گهمائڻ جي لاءِ اچي.)

ڪاڙي ماٽي ور مانوي، ڏوڙي ماٽي رو اونٺ،
نگٽي سين گڻ ڪريا، تو تاٽي ٻڏيا ٺونٺ.

(اي ڍولا! تون ڪاري مٽي جو ماڻهو آهين، آءُ ڌونري مٽي وارو اٺ آهيان، تو نگٽي ( اوگڻ واري) سان مون گڻ ڪيا تڏهن تو اچي منهنجا ٺونٺ ٻڏيا آهن.)

ايهي پلي نہ ڪرهلا، ڳلهيا ڪئڪاڻ،
ڪا پري راگان پراڻ ڪر، ڪا نئہ اڇنتي هاڻ

(اڙي ڪرها! هي پلي ڳالهہ نہ ٿي، پنيان گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جو آواز پيو اچي، يا تہ انهن ڪي پنهنجي پراڻن جو موهہ آهي يا تہ اسان کي ڪا وڏي هاڃي ٿيڻي آهي.)

ڍولاماروئل[50] جي داستان تي ٻين شاعرن بہ شاعري ڪئي آهي. چندچاڻ ڪرڻ سان ڪلول جي شاعري کي سمجهي سگهنداسين.

ڪلول جي شاعريءَ تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## سارنگ ڏر:

سارنگ ڏر جو نالو[51] راسو لکندڙ شاعرن ۾ اهم نالو آهي هن

[50] (ڍولا مارو جي دستان تي 1539 تي جيسلمير جي جيني برهمڻ جي خاندان ۾ جنم وٺندڙ ڪشلاپ جي شاعري پڻ لاجواب ملي ٿي، ڪشلاپ جا ڍولا مارو سان گڏ ٻيا ڪتاب پارس ناٿ چند، اگروت را، پيم سين چوپائي پڻ شامل آهن. پر ڪيس شهرت ڍولا مارو تي ملي.
مارو سون من ري پريت،
ڍولو ڏيکي ڏيس ان ريت

[51] راسو کي اسان وٽ سنڌي ۾ راسوڙا چيو وڃي ٿو. ٿر جا ڪولهي عام طور ڳائيندا آهن. اياز چوي ٿو تہ:
(بقايا نوٽ: 157 پيج تي پڙهندا)





چوڏهين صدي عيسوي ۾ جنم ورتو هن امراڻي جي راڻي همير جي حوالي سان بہ ڪتاب "همير راسو" ۽ همير ڪاوِيہ لکيا. اديب باغ علي شوق مطابق انهن جا ڪجهہ ورق ورڪريل ملن ٿا.

## سيٽل چارڻياڻي:

سيٽل ڪهڙي دور جي شاعره آهي ؟ ڪا بہ حتمي راءِ نٿي ملي پر ٿر جي لوڪ قصن ۽ ڪهاڻين ۾ سيٽل جي شاعري ۽ عشقيہ داستان جا ٻول سرد راتين جي مچ ڪچهرين جو موضوع ٿي حاصل ۽ لا حاصل جي وچ ۾ ٻرندا رهيا آهن. ويڏي چارڻ جي ڌي سيٽل سونهن سوڀيا ۾ سندر روپ هئي، هن جو معصوم مکڙو جڻ ٿر ۾ روهيڙو ڦٽو هو. وينجهٽاڏ عرف وينجهو پنهنجو جوڙيل ساز جنتر وڄائيندڙ نوجوان آرٽسٽ ۽ شاعر هو جنهن سيٽل جي سانوڻ گهٽائڻ جهڙن وارن ۾ پاڻ کي ونگڻ چاهيو ٿي پر وقت جي ستم ظريفي هن کان چانڊوڪي جهڙي مرڪ کسي ورتي.

وينجهٽاڏ عرف وينجهو چارڻ ميگهٽاڏ چارڻ جو پٽ هو. سخاوت ۽ سورهيائي ۾ ميگهٽاڏ جو چارڻي سماج ۾ وڏو نالو هو. گوراويلي جو ويڏو چارڻ ڏڪارن ۾ ڏلي جڏهن پيرون ٻنڌ[52] ۾ ميگهٽاڏ وٽ آيو هو تہ هن اناج جا ڍير کولي ها. ڏک ڏولاوو ڏور ڪرڻ جي لاءِ هن هر طرح مدد ڪئي. گڏ راند رمندڙ ننڍڙي ويجهٽاڏ ۽ سيٽل وٽ عشق تڏهن آيو جڏهن هي جاڻن نہ پيا تہ عشق ڪهڙي شيءَ آهي! چون ٿا تہ ٻارن ۾ ايڏو هڪ ٻي جي لاءِ پيار ڏسي سيٽل جي پيءُ ويڏي چارڻ ميگهٽاڏ کي وچن ڏنو تہ " پاڻ نياتي

ٽڏڙي جي رات، ٿر ۾ ڪيئي ڪولهٽيون،
تاڙيون وڳيون اوچتو، چيري چپ چپات،
آئي تنهنجي بات، راسوڙا رڪجي ويا.
لفظ راسو جي بڻ بنياد بابت ڪاشي جي ونڌيشوري پرشاد راج رس"لکيو آهي، راجستان ريسرچ انسٽيٽيوٽ بيڪانير سان لاڳاپيل ناماري محقق موهن لال پروهت راسو سنسڪرت جي لفظ راسڪ مان نڪتل ڄاڻايو اهي راسڪ جي معنيٰ ناچ آهي).

[52] پيرون ٻنڌ تعلقي اسلام ڪوٽ ۾ وٽ جي علائقي ۾ اڄ بہ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي.

آهيون، آءُ سيٽل جو رشتو تنهنجي پٽ وينجهي کي ڏيندس” ورهيہ ورڻ سان ويڙي وارا پنهنجي ڪڪن پيڙا ٿيا. پر پنهنجون سارون سنڀارون ڇڏي ويا. وقت گذرڻ سان ويڙي جو بخت اهڙو وريو جو ويڙو چارڻ علائقي جو وڏو ڀاڳيو ٻڻجي ويو. هوڏانهن ميگهٽاڙ ۽ سندس گهر واري ڪنهن ويا ۾ مري ويا. ويجهٽاڙ ڇورو ڇنو ٿي ڀٽڪندو رهيو. هن وٽ جيئڻ جي جستجو ۾ ٻاروتڻ جي پريتڙي سيٽل جي تڙپ کان سواءِ ڪجهہ نہ هو. ڳوٺ جو مال چاري ڪڏهن ڪنهن جي در تان، ڪڏهن ڪنهن جي در تان مانيءَ ڀُڳيو ماٽيندو هو.

جهنگ ۾ مال چاريندي وينجهٽاڙ سڪل ٻن ڪاٺين، گهوڙي جي پڇ جي وارن، هڪ تار ۽ ڪجهہ ٻين شين کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ساز جوڙيو. جنهن وقت فرصت ملندي هئي تڏهن ويجهٽاڙ ويهي پنهنجي ساز کي وڄائيندو هو. هن جي ساز جي وڄت اهڙي هئي، جو ماڻهو تہ ٺهيو پر پکي پکڻ ۽ پسو موهت ٿي پوندا هئا. چوپايي مال کان بہ چرڻ وسري ويندو هو. وينجهٽاڙ جي ساز تي ريجهي مال چرڻ ڇڏي ڏنو هو. ڳوٺ وارن پنهنجي مال جي اهڙي حالت ڏسي هن کي پنهنجو چوپايو مال چارڻ جي لاءِ ڏيڻ ڇڏيو. ويجهٽاڙ کي چڻ بهانو مليو. هن جنتر ڪلهي تي رکي سيٽل جي ڳولا ۾ گوراويلي جي واٽ ورتي. جنتر جي تار تي درد جا دوها ڳائيندو اچي ڳوٺ گوراويلي پهتو. جتي اڄ اجهائڻ جي لاءِ کوهہ ڏانهن ويو.کوهہ تي پاڻيارين ۾ موجود سيٽل ميرانجهڙي روپ ۾ وينجهي کي نہ سڃاتو پر وينجهي جي وجود ۾ سيٽل وسي رهي هئي. سيٽل سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سيٽل وينجهي کي ڌڪو ڏئي، هن جي داٽن سان پيريل ناريڙي ٽوڙي وڌائين. وينجهو پنهنجا ڳوڙها اگهي کوهہ تان روانو ٿيو. ڪنهن وڻ جي هيٺ اچي ويهي رهيو. شام ويلي ڳوٺ جي ريل ۾ ويهي جنتر تي ڳائڻ لڳو. ماڻهن جو ميڙو مچي ويو. ڳوٺ جي چڱي مڙس ويڙي





چارڻ کي ڪنهن وڃي ٻڌايو تہ اڄ ڳوٺ جي ريل ۾ هڪ اهڙو ڪلاڪار آيو آهي،جنهن کي ٻڌي اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو تہ سرسوتيءَ (علم ۽ فن جي ديويءَ) جو واسو هن جي جنتر جي وڄت ۾ آهي يا هن جي ڪنٺ ۾ سوز هن جي سُر ۾ آهي يا ساز ۾. ويڙي چارڻ سماچار ڏيندڙ کي چيو تہ اهڙي ڪلونت کي منهنجي ڪچهريءَ ۾ آندو وڃي. ويڙي رات جي ٽاڻي وينجهٽاڙ جي محفل جو بندوبست ڪيو. ويجهٽاڙ پنهنجو ساز کڻي ويڙي جي گهر پهتو. محفل شروع ٿي. جنتر جو جادو جاڳائي، هن ڳائڻ شروع ڪيو ٿوري دير ۾ احساس جي اظهار جي قوت معمولي کان غير معمولي پهچ ڏانهن پنڌ ڪري، عروج جي آڪاش کي ڇهي رهي هئي. سيٽل جون اکيون وينجهي جو آواز سڻي آبشار ٿي پيون. وينجهي شاعريءَ ۾ پنهنجو پورو داستان سڻايو. وينجهي جي شاعري ۽ ساز سڻي، ويڙي بي اختيار چيو تہ “نوجوان جيڪو گهرڻو هجي، اهو گهر. تنهنجي سُر ۽ ساز تان سر صدقو ڪري سگهجي ٿو” وينجهي ورندي ڏني تہ “سائين ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، اوهان انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏيو منهنجي ساز ۽ آواز سان توهان جي روح کي راحت ملي، اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي.” پر ويڙي جي گهڻي زور تي وينجهي چيو تہ،“سائين توهان مون کي ڏيڻ چاهيو ٿا تہ سيٽل جو هٿ ڏيو” ويڙي جون اکيون ڦاٽي پيون. ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو تہ،“تنهنجي اهڙي اوقات ڪيئن ٿي، جو تون مون کي ائين چيو. تو وٽ آهي ڇا؟ تو وٽ نہ ٻني ٻارو آهي، نہ چوپايو مال آهي. آءُ لاڏ ڪوڏ ۾ پاليل پنهنجي ڌيءَ توکي ڪيئن ٿو ڏئي سگهان؟ وينجهي هٿ جوڙي چيو تہ”سائين ياد ڪر اُهو وقت، تون جڏهن ڏڪار ورهيہ ۾ ڏلي نڪتيو هئين، تڏهن تو وٽ ڇا هو؟ اتي تون پاڻ منهنجي پيءُ کي وچن ڏنو هو تہ آءُ پنهنجي سيٽل جو وينجهي کي رشتو ڏيندس. اڄ بہ تو پاڻ گهرڻ جي آڇ ڪئي آهي. ٺيڪ آهي، تون پنهنجي وچن کي پاڻي نہ ڏي! مون وٽ منهنجو فن ۽ ذات آهي.

هڪ چارڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي، تہ هُن تي سرسوتي راضي هجي. سيٹل جي سار ڪي آءٌ ڳائيندو رهندس. وجائيندو رهندس.” ايئن چئي وينجهو اتي روانو ٿيو.

ويڌي ڪي سندس ساٿين سمجهايو. ويڏا! تو هي ڇا ڪيو!؟ وينجهو غريب ضرور آهي، پر پنهنجو نياتي آهي. هڪ چارڻ وٽ ڪلا هجڻ گهرجي، اها هن وٽ آهي. ويڌي، وينجهي ڪي وري سڏايو. هن سڱ لاءِ ڏکيو شرط رکڻ جي اٽڪل سوچي. وينجهي ڪي چيائين تہ ”تون 101 نو چندريون مينهون(نو چندي پلي مينهن جو قسم جنهن جي جسم تي نو اڇا نشان هجن). ڏان ۾ گهري اچ، ٻارنهن مهينا توکي اجازت آهي. هڪ ڏينهن بہ مٿي لڳو تہ سڱ نہ ملندءِ. وينجهٽاڌ ڪي شرط ٻڌڻ جي دير هئي. شرط ٻڌڻ سان اتي مينهن جي لاءِ روانو ٿيو. ڳوٺ ڳوٺ ساز وڄائيندو، ڳائيندو نو چندري مينهون گهرندو ويو. پر 101 نوچندري مينهون ڪٿان ملن!؟ وقت گذرندو ويو. سيٹل ڪي پنهنجي پيءُ جي اهڙي شرط تي ڏاڍو ڏک ٿيو. وينجهٽاڌ جي درد فراق ۾ ڳرندي وئي. پيار پيڙا ۾ آس نراس جي ترشنا ۾ سندس من جي تند شاعريءَ جي سٽن ۾ وڄڻ لڳي. انتظار جي اونداهہ راتين جو درد دل ۾ تڙپندڙ تمنا سان بيان ڪندي چيائين تہ:

سيٹل او ڏن چتار، تين والم پٽڪيو واڙ مين،
نريڙي ٽڪرا چار، چڙڪلين ڏاٽا چُگ رهين

(سيٹل! تون اهو ڏينهن ياد ڪر، جڏهن تو پنهنجي محبوب (وينجهي) جو ڪشتو ڪاوڙ مان ڪَسي ڪنڌن ۾ اُڇليو هو ۽ ڪشتي جا چار ٽڪر ٿيا هئا ۽ ڪشتي مان ڪريل ڪڻ (داڻا) هيٺ زمين تي جهرڪين ويهي چڳيا هيا.)

سيٹل هندي ڪاٺ ڪي، چڙهي نہ ڏوجهي وار،
ڏسي گيو ڪاڙي ناڳ جئن، وڙي نہ پُوڇي سار





(سيٹل(چارٽي روايتن ۾) ! پرڻي جي ريت ۾ ناري چوڙو صرف هڪ ڀيرو پائي سگهندي آهي. سهاڳ جو چُوڙو ٻيو دفعو نہ پائي سگهبو آهي. منهنجو محبوب نانگ جيان مون ڪي ڏنگي ويو آهي، هن ڀيهر سار نہ لڌي آهي !!)

من ڪهوي ٻاوڙ هُوئان، ٻيڙنت ري ٽڙيان،
وينجهو پاٽي سنچري، پگ ڏي پاوڙيان.

(من چوي ٿو تہ ٻيڙنت جي پٽن جي وچ ۾ پگ واهہ(ڪوهہ جو هڪ قسم) ٿيان، (منهنجو پريمي) وينجهو پيٻلين(چاڙهين) تي پير رکي پاٽي پري،)

من ڪهوي وڙلو هُوئان. ٻاپڻ ري ٽڙيان،
وينجهو ڍاڙي ڊوليو ٻڙتي چانهڙيان.

(من چوي ٿو تہ ٻاپڻ جي پٽن تي ٻڙ جو وڻ ٿيان، ڏينهن تتي جو وينجهو منهنجي ڇانءُ هيٺان کٽ رکي آرام ڪري،)

من ڪهوي ٻاوڙ هوئان ڀيپڻ ري ٽڙيان،
وينجهو واڍي ڪانٻڙي، ڇٻتي انگڙيان

(من چوي ٿو تہ ڀيپڻ جي پٽن جي ٻائوري ٿيان، وينجهو ان مان ڪانٻڙي(لٺ) وڍي، تہ هُن جي آڱرين جو ڇهاءُ ملندو.)

سيٹل ٻيٽي لاڏڪي، ڇيلر ڏيکي ڏران،
ڪو ٻتاوي وينجهٽاڌ، سامهين تير تران.

(آءٌ سيٹل پنهنجي والدين جي لاڏلي آهيان، پاٽي جو ڇلر(ڇڪ ڏسي ڊڄندي آهيان، پر ڪوئي مون ڪي اهو ٻڌائي تہ وينجهو اچي رهيو آهي. تہ سمنڊ مان ترندي سامهون وڃان.)

سيٹل ٻيٽي لاڏڪي، سنجي سي مران،
ڪو ٻتاوي ويجهٽاڌ، هون ساڙُون سوئيران.

(آءُ سيٽل پنهنجي والدين جي لاڏلي آهيان، سنجهي سيءُ مرندي آهيان، پر ڪوئي مون کي اهو ٻڌائي ته وينجهو اچي رهيو آهي ته، آءُ نفيس اوڍڻ سلجهائي انتظار ڪريان.)

برس(وڙس) وڙيا بادل(وادل) وڙيا، ڌرتي لاٽي،
ورنجهٽاڏ ري ڪارٽي، سيٽل سوڪاٽي.

(ورهيه ورڻ تي بادل موٽيا آهن، ڌرتي سائي ٿي آهي، پر اي وينجهٽاڏ تنهنجي ڪارڻ سيٽل سڪي آهي.)[53]

سنڌڙي جي سارين جا سنگ ساري سيٽل جو نيهنڙو اکين ۾ ڦسي پيو. پنهنجي پرتيم وينجهي کي واهوندي وڻ ڦوٽ ۾ ورڻ جا نياپا اماٽي آڏر ڀاو جي لاءِ جندڙي ٻارهوئي ڏيئي وانگر ٻار رکي. هن سواس سُڳنڌ ۾ وسيل وينجهي جو وشواس کي ڏوراپا ٻڌائي سنڌڙي جي سوداگرن کي چيو ته:

سنڌڙي ري سوداگران سيٽل ري سيٽان،
وينجهي آگڙ وانڇجو وڏ وڏ ني ويٽيان.

(اي سنڌڙي جا سوداگرو! سٽيل جي سڄڻ وينجهي کي تمام گهڻا ويڻ ڏيئي هو هن جي اڳيان منهنجين چنين کي پڙهجو.)

سيٽل امير بخسرو جي گيت"نه نيند نيتان نه انگ چيئنان، نه آپ آوي نه بيجي پتيان" جهڙي گهايل ڪيفيت ۾ چوڻ لڳي ته:

ڪينڱو ورڻ ڪڙايان، چوڙيان راتڙيان،
وينجهٽاڏ گڙءِ لاڳي نهين، باهه ٻانهڙيان.

(گلابي ٻانهن ۾ ڳاڙهيون چوڙيون پاتل آهن، پر جيڪي ٻانهون وينجهي جي ڳلي جو هار نه ٿيون انهن کي باهه ڏيان چا ڪريان!)

---

[53] ٿري ٻولي ۾"ب" و" ۾ تبديل ٿيندي آهي.





ويڏي چارڻ سيٽل کي سمجهائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ته چار لک چارڻن ۾ جنهن گهر چئين ان گهر رشتيداري ڪريان. پر سيٽل کي وينجهٽاڏ ڪٿي ٿو وسري!؟

وينجهٽاڏ ري وڙماڙ اوران گڙءِ اوپي نهين.
چارٽيان لک چار، ٻانڌو کهي ٻولايا.[54]

(وينجهي جي ڳلي جي ور مالها ٻين جي ڳلي ۾ ڪو نه سونهندي، هي چارٽيا چار لک مون سپ پاءُ چئي سڏيا آهن، انهن مان ڪو منهنجو ور ٿي نٿو سگهي.)

وينجهي جي اوسيئڙي ۾ ٻارنهن مهينا پورا ٿيا پر وينجهو نه آيو. وينجهي بنان سيٽل کي هڪ ئي وات سُجهي ته هُو هماليه جي برف جي چِپن ۾ پهاڙن ۾ پنهنجن هڏن کي ڳاري پراڻ تياڳي وڃي. انهي قدم واسطي هن پنهنجي اباڻي گهر کان روئي موڪلائي هماليه ڏي رستو اختيار ڪيو. پويان ٻي ڏينهن وينجهو به نو چندري مينهن سميت پهچي آيو. پر سيٽل جا اهڙا سماچار سٽي هن جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي. ڪجهه دير کان پوءِ پاڻ سنڀالي سيٽل پويان نڪتو پڇائون ڪندي ڪندي هماليه کي رسيو. "سيٽل سيٽل" جي پڪار هن جي وائي وات هئي. سيٽل کي اوچتو محسوس ٿيو ته مون کي ڪوئي سڏي رهيو آهي پر وري چيائين هتي ڪير هوندو! ڪجھ دير پوءِ هن کي اهو آواز ويجهو ٻڌڻ ۾ آيو. هن پنهنجي پيار جي سڏ جو پڙاڏو ٿي آواز ڏنو. او وينجهٽاڏ...او وينجهٽاڏ.. جڏهن هڪ ٻئي جون نظرون مليون تڏهن خوشي جي حد نه رهي. پر سيٽل جا هڏا پهاڙن ۾

---

[54] هي دوهوائين به ملي ٿو ته

چارٽيا لک چار، مين ٻانڌو ڪر ٻولايا،
گرو وينجي بن وار، اوران گر اوپي نهين
چارڻ رڻ چار، مين ٻانڌو ڪر ٻولايا،
وينجها ٿانري ور ماڙ اوران گر اوپي نهين

جهري ڳري رهيا هئا. هن وينجهي کي چيو ته آءٌ هاڻي معذور ٿي چڪي آهيان. تو سان گڏ هلي نٿي سگهان. چڱو ٿيو ته آخري وقت ۾ تنهنجو منهن ڏسڻ نصيب ٿيو. وينجهي جنتر جي تار ڇيڙي جيءُ جهورڻ واري آلاپ ۾ چيو ته:

سيڻل او گهري، ميهي پنگڙا ئي پاڙسان،
کاوڙ کانڌ ڪري، جونا ديو جوئار سان

(سيڻل گهر اچ، آءُ تو معذور کي سنڀاليندس، آءُ پنهنجي ڪلهي جي ڪائونڀي (ڏولي جو قسم) ۾ چاڙهي تيرٿ ياترا ڪرائيندس رڳو تون واپس موٽي هل.)

پر سيڻل روئي چوڻ لڳي ته:

گڙيو آڌو گاٺ، آڌي ۾ پڻ آڌو رهيو،
همي مشڙتان هاٺ، وينجهڻاڌ پاڇا وڙو.

(منهنجو اڌ جسم ڳري ويو اڌ ۾ به ثابت اڌ رهيو آهي، هاڻي ويجهڻاڌ! هٿ مهٽيندو واپس موٽي وڃ.)

پر ائين وينجهڻاڌ ڪٿي ٿو مڃي. هن ڪا بيوفائي جي تهمت پاڻ تي نٿي ڪڻڻ چاهي. پيار جي پنڌ ۾ پوئتي موٽڻ هن جي لاءِ مهڻو هو. هن سيڻل کي جواب ڏيندي چيو ته منهنجو جيئڻ مرڻ تو سان گڏ آهي. آئون انهي وچن کي ڪيئن ٽوڙي ٿو سگهان. جڏهن سيڻل وينجهڻاڌ کي بضد ڏٺو ته هن وينجهڻاڌ کي عرض ڪيو ته منهنجي آخري خواهش آهي ته تنهنجو ساز ۽ راڳ ٻڌندي پنهنجو پراڻ نڪري

وينجهڻاڌ بيڻ وڄاڙ هيماجل هيلا ڏي،

(وينجهڻاڌ بين کي اهڙو وڄاءِ جو هيماجل (هماليه جو پاٽي) اچلون کائي)

ويجهڻا کي رڳ سيڻل جي چوڻ جي دير هئي. سيڻل جي سامهون ٻي ٽڪري تي ويهي هن اهڙو ساز ۽ آواز ڇيڙيو. جو چئني طرف منڊ منڊجي





ويو. پريمين جي اکين مان رڳو لڙڪ وهي رهيا هئا. ڪنهن ٽاڻي راڳ تي ائين روئيندي سيڻل جو ساهه نڪري ويو. وينجهڻاڌ جي جنتر جي تند ٽٽي پئي. پاڻ به آخري هچڪي ڀريندي پرلوڪ پڌاري ويو. وينجهڻاڌ ۽ سيڻل پيار جي پنڌ ۾ پوڄارين جي لاءِ ڀهاڙي پنڌ تي ويا.

سيڻل جي شاعري جي شرميلن سچاين ۽ وينجهڻاڌ جي ساز ۽ آواز جي سار تي پيار ڪندڙ دليون اڄ به ڌڙڪنديون آهن. وڇوڙي جي وڍ ۾ سرجيل سيڻل ۽ وينجهڻاڌ جي شاعري پڙهندي مون کي ايراني لوڪ شاعر جو شعر ياد ايندو آهي ته:

اين هم رفت و آن هم رفت،
از پئي جانان جان هم رفت،
رفت رفت رفت رفت....

ويجهڻاڌ جي به شاعري تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هتي آءٌ صرف هڪ دوهو ڏيئي سگهيو آهيان. سيڻل ۽ ويجهڻاڌ عرف وينجهي جو عشقيه داستان ٻين شاعرن به شاعري ۾ سرجي محبت جي پيتا ارپي آهي. تنهن کي به ميڙڻ جي ضرورت آهي.

## شيو داس چارڻ:

امراڻي سان تعلق رکندڙ شيوداس ريگستاني ادب جي پهرين دور جو شاعر آهي، ماهرن اهو دور 1504ع کان 1640ع تائين مقرر ڪيو آهي هن جي حالت زندگي تي پردو پيل آهي زماني جي گردش ۾ هن جون اڪثر لکڻيون دٻجي ويون، هن جي هڪ ٻن نظمن هن کي زنده رکيو آهي. جن ۾ هڪ "اچل داس کيچي ري وچينڪا" آهي. ڊاڪٽر "تيسي تري" پنهنجي تحقيق ۾ اهو نظم ڏنو آهي. شيوداس جي هڪ چوپائي ريگستاني ادب ۾ تمام گهڻي مشهور آهي، جنهن ۾ هن آزاديءَ جي پيغام

اهڙيءَ ريت عملي زندگيءَ ۾ هڪڙو فيصلو ڪر.").

## ايسرداس:

برصغير جي ريگستاني شاعريءَ ۾ ايسرداس چارڻ جو نالو اهم آهي. ٿر ۾ ٻه سندس شاعريءَ جي وڏي مهانتا آهي. هن جي شاعري ميراثي مڱڻهار ۽ سُگهڙ سياڻا، راجواڙن جا راڻا ۽ ڀڳت گُنگُنائيندا رهندا آهن. هن ڳوٺ ڀدريچ ۾ سوجو جي چارڻ جي گهر ۾ 1538ع تي جنم ورتو. سندس ماءُ جو نالو امر ٻائي هو. ايسرداس جي شرواعاتي تربيت سندس چاچي آشانند ڪئي، پر هن روحاني فيض پيتا مبرپات کان ورتو. ايسرداس جڏهن 18سالن جو ٿيو ته سندس پيءُ سوجو جي پرلوڪ پڌاري ويو. ايسرداس 14 سالن جي نندي ڄمار ۾ شادي ڪئي. سندس گهر واري جو نالو ڏيول ٻائي هو. ايسرداس جو پنهنجي پتني سان ڏاڍو پيار هو. جنهن مان ٻه پٽ ڄاڳو ۽ چوڙو ڄاوا. چون ٿا ته ايسرداس 21 سالن جو ٿيو ته سندس ڏرم پتي ڏيول زهريلي وڇون جي  ڏنگ سبب وفات ڪري ويئي. جنهن جي وڇوڙي ايسرداس کي ملول ڪري ڇڏيو. ايسرداس 12 ڪتاب لکيا آهن. ايسرداس جي شاعريءَ ۾ رواني، پختگي ۽ تشبيهن جي سندرتا سمايل آهي. هي لفظن جو وينجهار ۽ سونارو شاعر هو. هن جي شاعري ۾ آزاديءَ جا اُهڃاڻ، پاڻ سڃاڻڻ، رومانوي راحتون، سونهن جون صورت گيريون ۽ ويدانت جون وايون شامل آهن.

ايسرداس کي سندس چاچو آشانند عرف آسو جي 20 سالن جي عمر ۾ ڄام نگر ڇڏي آيو. جتي هن جي ڏات، ڏانءُ ۽ محنت رنگ لاٿو. ڄام راول لاک پساؤ ڪندي کيس سَچارنو رنگ پور سميت 10 ڳوٺ جاگير طور ڏئي ڇڏيا. ايسرداس جا ڪتاب"هري رس"۽" هالان جهالان ري ڪنڊليا" ريگستاني پٽيءَ ۾ ڏاڍا مقبول رهيا آهن. سندس ڏات توڙي





کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي، چوپائي جي هڪ شعر جي هتي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

شينهن ۽ هاٿي هڪ ئي جهنگ جا رهواسي آهن.
هاٿيءَ جو مُلهه لکن ۾ آهي، شينهن جي ڪا قيمت نه آهي.
هاٿي ڳچيءَ ۾ وڌل رسِيءَ جي اشاري تي هلندو آهي، پر
جي شينهن ٻه ائين ڪيو ته سندس مُلهه ٻه مقرر ٿيندو ۽
پر سندس آزادي کسجي ويندي!

## آشانند عرف آسو جي:

آشانند مشهور شاعر ايسر داس جو چاچو هو هن جي پيءُ جو نالو گيڏاجي هو. هي پاڻ ۾ ٽي ڀائر هئا: هرسيور، سوجو ۽ آشانند سوجي جو پٽ ايسر داس ٿيو. آشانند 1517ع ۾ بار ديس (ڀدريچ) نالي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. آشانند راو مالديو جي ويجهو رهيو. هن ڇهه ڪتاب لکيا. سندس ٻولي مٺي آهي، 'واگهو ڪوٽڙيي' جي ڪردار تي لکيل سندس دوها غم ۽ ڪرب سان ڀريل آهن، جن کي ٻڌي متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ريگستان جي مشهور لوڪ داستان 'رٺل راڻي' جي اهم ڪردار راڻي اماديهه کي ڪوي ايسرداس سرچائي، راءِ مالديو جي ماڳ وٺي آيو. ته ڪوي آشانند حيرت ۾ پئجي ويو هو ته"راڻي ڪيئن آئي!؟" آشانند، راڻيءَ کي چيو ته:

مان راکي، تو پيوَ تج، پيوَ راکي تو تج مانَ،
دو دو گياند نه ٻانڌيي، هيڪو کنڀو ٿانَ.

( اي راڻي! جيڪڏهن تون پنهنجو مان رکڻ چاهين ٿي ته: پنهنجي محبوب(وَر) کي ڇڏ، جيڪڏهن پنهنجو محبوب (ور) رکڻ چاهين ٿي ته مان کي قربان ڪر، ڇو ته هڪڙي مياڻ ۾ ٻه تلوارون نه رکبيون آهن.

شخصيت جو وڏو ڏاڪو رهيو آهي. عام ماڻهن پيار منجهان ساڻس ڪيترين ئي ڪهاڻين جوڙي رکيون آهن. جن ۾ ايسرادس ديومالائي ڪردارا بڻجي وڃي ٿو. هري رس جو سنڌي ترجمو ڪندڙ مهراج شنڪر منسڪاڻي لکي ٿو ته ايسرداس ڏيول جي وچوڙي ۾ پڳتي مارگ جو رستو ورتو. پر لوڪ روايتون چون ٿيون ته ايسرداس جڏهن ڄام راول جي درٻار ۾ پهتو ۽ اتي شعر پڙهيو جنهن تي ٻيا سڀ متاثر ٿيا. پر پيتامبر ڀاٽ ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏيندو رهيو ايسرداس کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته هي ڪير آهي، جو منهنجي شعر تي ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي رهيو آهي؟ منهنجي شعر ۾ هن کي ڪهڙي اوڻائي نظر آئي آهي؟ ڪاوڙ ۾ ايسرداس تلوار ڪڍي، رات جو پيتامبر کي مارڻ لاءِ سندس گهر وٽ پهتو. پيتامبر جي گهر جي ديوار سان ڪن لائي ٻڌائين ته پيتامبر پنهنجي زال کي چئي رهيو هو ته”اڄ هڪ چارڻ شاعر درٻار ۾ آيو آهي، ڇا ته هن وٽ ڏات آهي! پنهنجي ڏات جو ڏيئو مالڪ حقيقيءَ جي ساراهه ۾ ٻاري ته تمام وڏي روحاني درجي تي پهچي سگهي ٿو“ايسرداس اهو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو جنهن شخص کي آءٌ مارڻ آيو آهيان، سو منهنجي لاءِ ايئن سوچي رهيو آهي.

پوءِ ايسرداس، پيتامبر کي سڌي سندس پيرن تي هٿ رکيا. پيتامبر کي پنهنجو گرو تسليم ڪري، ايسرداس روحانيت جي واٽ اختيار ڪئي ۽ پنهنجو مشهور ڪتاب”هري رس“ لکيو.

لاگون هون پهلي لڙي، پيتامبر گرو پاءِ
پيد مهارس پگونت پرامیو جڻ پساءِ

(آئون پهرين ڊوڙي وڃي گرو پيتامبر جي پيرن تي هٿ رکي پرڻام ڪريان، جنهن مون کي مالڪ جي پڳتي جو گس ڏيکاريو.)

ڄام نگرجي ڄام راول ۽ ايسرداس جو گڏيل دوست ناڪر ڪرن سنگهه هو. هُن پنهنجي شاديءَ جي موقعي تي ڄام راول ۽ ايسرداس کي





چيو ته جيڪڏهن”توهان دعوت تي نه آيا ته آءٌ مري ويندس“ ناڪر ڪرن جي دعوت ڪان ٻه ڏينهن اڳ ڄام راول ايسرداس کي چيو ته تون وڃ حاضري لڳائي اچ، آءٌ ڪنهن مجبوريءَ سبب هلي نٿو سگهان. ايسرداس روانو ٿيو. وچ رستي ۾ ساهي پٽڻ لاءِ هڪ ڳوٺ ۾ اوتاري جي پڇا ڪيائين. ڳوٺ جي ريل ۾ موجود ڪجهه اڻ سمجهه نوجوانن مذاق طور ڪيس ڳوٺ جي انتهائي غريب سانگي ناڪر جي اوتاري جو ڏس ڏنو. ايسرداس، سانگي جي گهر وٽ پهچي سڏ ڪيو ته سانگو ٻاهر نڪري آيو. چارڻ چار پل اوتاري ۾ ٽڪ پيچڻ جي ڳالهه ڪئي. سانگو سمجهي ويو ته ڪنهن مون تي ٺٺول ڪندي، چارڻ مون ڏانهن موڪليو آهي، مون وٽ ته اوتارو ئي نه آهي. سانگي هانءُ نه هاريو. چارڻ کي چيائين”توهان اسان جي گهر جا ڀاڳ آهيو، هلي منهنجي گهر رهو“ پوءِ گهر جي ڪڪائين چونئري ۾ ايسرداس جو آڌرمان ٿيو. ايسرداس جي موڪلائڻ وقت سانگي چيو ته”سائين آءٌ غريب ڏنار آهيان. مون وٽ توهان کي محبت جي سوکڙي طور ڏيڻ لاءِ هن وقت ڪا قميتي شيءِ نه آهي. منهنجي امڙ اُن ڪتي اڻڻ جي لاءِ ڏني آهي، ڪتو ٻن ڏينهن ۾تيار ٿي ويندو، مهرباني ڪري واپسيءَ ۾ مون کان ڪتي اوڍاڻيءَ طور ضرور وٺي وڃجان“ ايسرداس واپسيءَ مهل اوڍاڻي وٺڻ جو واعدو ڪري اڳتي روانو ٿيو. ناڪر ڪرن جي ڳوٺ وٽ پهتو ته ڏٺائين ته، سوين ماڻهو روئيندا هڪ لاش مساڻ ڏانهن کڻي وڃي رهيا آهن. پڇا ڪرڻ تي ايسرداس کي معلوم ٿيو ته، ناڪر ڪرن موڪلائي ويو آهي. هن کي ڏاڍو صدمو پهتو ته،جنهن جي پرڻي جي رسم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چارڻ آيو هو. هُن جي مرڻي جي رسم اچي ويئي. چارڻ جي چت جهُري پئي.

ايڪي من اچات، مانوَ نه راڪ ردي ۾،
وڪمي تاڙي وات، سولي ڪري سانولا.

(اي سانوارا سائين! جيڪي چئي نہ سگهن، تن جي اندر جي پڪار کي تون محسوس ڪندي، ڪين رستي لڳاءِ.)

ٻڙتا راکيا ٻاهر، ٻيجي ٻلاڙي ٽٽان،
ساچاڏي ساڏ، ساچان رو ٻيلي سانولا.

(منهنجا مالڪ سائين! رتني ڪنيارڻ جڏهن نهائينءَ کي ٻاهہ لڳائي، تہ هن هڪ ٻليءَ اچي دانهون ڪيون، تہ منهنجا پونگڙا نهائينءَ ۾ رهجي ويا آهن. ڪنيارڻ دعا گهر هئي تہ”منهنجا ڏٽي! انهن کي سلامت رکجان، تو انهن کي سلامت رکيو. تون سچن جو ساٿي آهين اڄ مون کي سڏڏي.“)

ٽاٽي راکي ٽيڪ، تين تيجي پنچاڙي ٽٽي
آپت ماڻهہ هيڪ، ساچان رو ٻيلي سانولا.

(اي سانورا سائين ! تنهنجي پار لنگهائڻ جو ٽيون مثال تنهنجي ان ڀڳت جو آهي. جنهن جو گاڏو رڻ ۾ ڦاٿو هو تو هن جي پڪار ٻڌي، تنهنجيءَ مهر سان پيچاري جوٽي هو رڻ مان ٻاهر نڪتو هو.)

گرهہ ليوڙو گجراج، چوٿي تين چوڙاويو
لٽڪاڙا تين لاج، شيوڪ راکي سانولا.

(سانوارا سائين! تون سدائين پنهنجي شيوڪن جي سار لڌي آهي. هاٿي گهوڙا بہ جتي ڦاٿا، اتي تو انهن کي مصيبت مان ڪڍيو آهي.)

پانچما پهلاج، ٿنڀ ڏيکي جهڪو ٿيو
سٽي ڀڳت نو ساڏ، چلاوي ڪيڙي سانولا.

(منهنجا مالڪ سائين ! هرڻاڪشپ جڏهن پهلاج ڀڳت لاءِ ٿنڀ تپايو هو. ٿنڀ ٻاهہ ۾ ٻاڙهو ٿيل ڏسي پهلاج جو من هِيڻو ٿي پيو هو تڏهن تو ڀڳت جو سڏ سُڻي انهيءَ تپندڙ ٿنڀ تي ڪيڙي(ماڪوڙي) هلائي هئي.





جنهن سان پهلاج کي حوصلو مليو هو تہ ٿنڀ تي ماڪوڙي هلي سگهي ٿي تہ آءٌ بہ ڀاڪر وجهي سگهان ٿو.)

هري وڏاري هاٿ، چني هرڻاڪس چيريو
هري وڏاري ناک، سنهاريو تين سانولا.

(ڇهين شعر ۾ ايسرداس چوي ٿو تہ اي هري ! تنهنجي طاقت سان نرسنگهہ پنهنجا هٿن جا نُهن وڌائي هرڻاڪش کي چيريو هو)

پٿري ٻاڌي پاج، سمندر اوپر ساتمي،
راوڻ والو راج، سگهڙو روليو سانولا.

(منهنجا سانورا سائين! رام ۽ راوڻ جي معرڪي ۾ نل ۽ نيل کي تو همت ڏني، انهن سمنڊ تي پٿرن سان پل ٻڌي هئي. ۽ جنهن سان راوڻ سان جنگ جوٽڻ ۾ آساني ٿي هئي.)

لاکا گهر تي لاج، اينگ راکي انمي.
ڪيڏا اتم ڪاج سهي پانڊو نا سانولا.

(لاک جي ڪوٽ ۾ پانڊوئن کي ٻاهہ کان بچائڻ وارو تون آهين. اي منهنجا سانورا سائين ! پنهنجن پيارن جي پڪار تي تو ڪيترا وڏا ڪارج سنواريا آهن.)

ناگر ليتا لاج، نوَ ۾ نرسنگهہ ٽٽي،
ماميرو تين مهراج، سگهڙو پوريو سانولا.

(اي منهنجا سانورا سائين ! نرسنگهہ مهتي[55] پنهنجي ڀاٽيجي جي شادي جي موقعي تي ماميري جي ڪپڙن جي لاءِ تنبورو کڻي گيتن ۾ عرض ڪيو هو تڏهن هن جي مدد واري تنهنجي طاقت هئي.)

[55] گجراتي ٻولي ۾ ڀڳتي تحريڪ جو ناميارو شاعر

ڏسمي ٿانري دئار، ڪري هٿ ٻيئو ڪوڙيو
ٻڙيي ڦيري ٻاهر، سنمگ ڪيڏو سانولا.

(ڏهين شعر ۾ چارڻ چوي ٿو تہ اي منهنجا سانورا صاحب ! تنهنجي در تي ڪوڙيو درويش ضد ڪري ويٺو تڏهن هُن ڪي سنياڻ وارو تون هُئين.)

نامو پالي نيم اگيارس، راکتو اچل،
اڻ نيما تي ايم، چاجا چانئيا سانولا.

(اي منهنجا سانورا ! نامو ڀڳت چنڊ جي يارهين تاريخ واري ڏينهن اچل ورت رکي تنهنجي تپشيا ڪندو هو. چانءِ جي لاءِ وڻ وڍيندي هن کي قياس آيو هو تہ آءُ وڻ جو رت وهائي رهيو آهيان. هن تي چانءُ ڪرڻ وارو تون هئين.)

آتيان ٿِي اجاڻ، وس هڙا هڙ ٻارهمي،
پوتان والا پراڻ، چوسي ليڏو سانولا.

(ٻارنهن شعر ۾ ايسرداس چوي ٿو تہ اي منهنجا سانورا ! اتيان اڻ جاڻ هئي، پٽڪندڙن کي سڏي رستي تي آٽيندڙ تون آهين. ڏک رسائيندڙن جو پراڻ تو چوسي ورتو هو.)

دريدري ڪيڏي دور، چوڏسمي ساڏامي ٽٽي،
هوتو تو حجور، سنڪٽ سمي سانولا.

(اي منهنجا سانورا سائين! ساڏامي جي غربت تو دور ڪئي. هن جي هر مصيبت ۾ اچي حاضر ٿيندو هُئين.)

ائين ايسر داس 16 دوها ۽ سورٺا چيا آهن. سورنهن دوهي ۾ مالڪ سائين کي ڪرڻ جي عرض ڪري ٿو. واپسيءَ ۾ ايسرداس، سانگيءَ جو ڳوٺ آيو تہ اتي بہ ڪلتار جي ڪرٽي اها هئي، جو سانگو ويٺي نديءَ جو





اوچتو پاڻي اچڻ سبب ڳابا چاريندي ٻڏي ويو. پوءِ هن سانگي جي ورلاپ ۾ شعر چيو تہ:

وهتي جل ويٺو تٽي، سانگا ڏي ساڏ،
مَمَر راکڻ مرجاد، واچان سهيتو ويرائوت.

(ويٺي نديءَ جي تيز وهڪري مان سانگا سڏي ڏي! منهنجي آڏر مان ۾ ڪيل ڳالهين جو ڀرم رکڻ لاءِ پنهنجن ڳابن سوڌو موٽي اچ.)

وڇڙا ڏينو واڙتا، جم راٽا لي جائي،
تو ڏرم پنٿ ڪوڻ ڏائي، واهر ڪري ويرائوت

(سانگو روزانو ڳابا چاري گهر موٽندو هو. هُن کي اڻ وقتائتو جمراج (هندو ميٿالاجي ۾ موت جو ديوتا/يمراج) ماري وڃي. تہ پوءِ نيڪيءَ جي راهہ ڪير اختيار ڪندو. منهنجا مالڪ مهر ڪري سانگي کي موٽائي ڏي.)

ڪاٻڙ هيڪي ڪارٽي، سانگو ستائي،
تو ڏوڙينڌ نهين ڏيکائي ويرائوت واهاٽا سمي.

(سانگا! هڪ ڪتي ڪارڻ توکي سڏي(ستائي) رهيو آهيان. پر تنهنجي ڪٿان صورت بہ نظر نٿي اچي ! منهنجا مالڪ هڪ گهڙيءَ لاءِ ڪٿان سانگو ملاءِ. آءُ رڳو ايترو چوان سانگا! تنهنجو واعدو ڪهڙو هو).

سانگا جڙ ٽڙ سانيڙي، ايسر ٽٽو آواج،
ويگو وڙي سڏ ڪر وچن ڪاٻڙ بخشڻ ڪاج

(سانگا! جر ٽر ايسرداس جو آواز ٻڌي، ڪٿو اوڍائڻ (اوڍاڻي اوڍائڻ) لاءِ جلد اچي پنهنجي وچن کي پاڙي ڏي.)

سانگا ني وڇڙان سهيت ڏيو رجا جدو راج،
شيوڪ ايسرداس ري راکو پت مهاراج.

(مالڪ سائين! (تون اڻ ٿيٽيءَ کي ٿيٽي ڪري سگھين ٿو. سانگي کي گابن سميت موڪل ڏئي پنھنجي شيوڪ(خادم) ايسرداس جي پت رک.)

ايسرداس پنھنجي شاعريءَ جي ڪجھ موضوعن ۾ ديومالائي ڪردار ٻڌجي وڃي ٿو. چيلھار جي مھراج شنڪر منسڪاڻي، ايسرداس جو ڪتاب"ھري رس" سنڌيءَ ۾ خوبصورت ترجمو ڪيو آھي. 1968 ۾ ڇپيل "ھري رس" جي ڪاپي اڻ لڀ ٿي ويئي آھي.

نارائڻ ري نام ري، موڙي پڙي پڇاڻ،
ڪي ڏن گيا ٻالپڻ، ڪي ڏن گيا اجاڻ.

(نارائڻ جي نالي جي دير سان سڃاڻپ پئي، ڪي ڏينھن ٻارپڻ ۾ ويا تہ ڪي ڏينھن جھالت ۾ ڪٽيا.)

ھر ھر ڪرتو ھرک ڪر آڙس مَ ڪر اجاڻ
جڻ پاڻي سين پڏ رچيو پون ولنيبو پراڻ

(اي جيو! جنھن ھڪ پاڻي جي بوند مان ھي سرير پون روپي ساھہ رجھي ٻڌايو آھي، ان ھري جي نالي ونڻ ۾ سستي نہ ڪر، خوشي سان وٺندو رھہ.)

شري نارائڻ تو سمران، اڻ ڪارڻ آج
جڻ ڏن اي جنگ ڇڏڻو تڻ ڏڻ توسين ڪاڄ.

(اي نارائڻ ! تنھنجي نالي کي آئون اڄ انھي جي لاءِ سمري رھيو آھيان، جنھن ڏينھن مون کي ھي جڳ ڇڏڻو آھي، ان ڏينھن تنھنجو ئي نالو سھارو ٿيندو)

ڄام راول جي گھڻي زور ڀرڻ تي ايسرداس ٻي شادي ٻسورا نک جي چارڻ جي ڪنيا راڄٻائي سان ڪئي. جنھن مان ٿي پٽ ڪانھو،





جيسو ۽ گوپال نالي ٿيا. 80 سالن جي عمر ۾ ھي سگھارو ڪوي پرلوڪ پڌاري ويو.

## گرڌر:

ميواڙ گڏ جي مھاراڻي پرتاب سنگھ جي پاءُ شڪسَت جي بھادريءَ جي ڪارنامن کي اجاگر ڪرڻ وارو گرڌر چارڻ، آسيہ گوتر(نُک) سان تعلق رکندو ھو. ھن جو زمانو 1664 جو آھي. ھن 500 شعرن تي مشتمل "شڪسَت سنگھ راسو" لکيو ھو. ھي مارواڙي ادب جي ٻئي دور سان تعلق رکندو ھو.

## ڏونگري سِي:

ھي بوندي جو "ملڪ الشعراءَ" ھو. سندس قادر الڪلاميءَ شاعريءَ ۾ جھلڪا ڪائي ٿي. ھن "ستيہ پال راسو" لکيو. ھن جو تعلق ٻئي دور سان آھي، جنھن جو زمانو 1640ع کان 1846ع تائين مڃيو وڃي ٿو.

## ڪوي پرڏان:

پرڏان ليلاس جو زمانو 1663 کان 1736 جو آھي. ڪوي پرڏان سنت ساڌو طبيعت جو شخص ھو. سندس شاعريءَ ۾ لوڪ دوھا ۽ چند ملن ٿا. سندس شعر تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آھي.

## ڪرپارام:

ڪوتا جي رنگين چمن ۾ پنھنجي انوکي رنگ ۽ خوشبوءِ سان انفراديت رکندڙ ڪرپارام وارياسي جو گل آھي. نينھن جي نياپن، سرت ۽

ساڃاهہ جي ٻولن سان ڀرپور شاعري، ٺڙ جي رهاڻ رس ۾ روزمره جي زندگيءَ جي واقعن ۾ گونججندي رهندي آهي.

ڪرپارام جو جنم 1865ع ۾ ڳوٺ ڪاراڏي ۾ ٿيو. ڪرپارام جي پيءُ جاگارام کي ٺاڪر جالم سنگهہ جا سوڙي جو ڳوٺ جاگير طور ڏنو. ڪرپارام جوانيءَ کان وٺي آخر تائين راجا لڇمڻ سنگهہ وٽ رهيو. هن پنهنجو ڳوٺ آباد ڪيو. جنهن جو نالو”ڪرپارام جي ڍاڻي“ رکيو.

ڪرپارام جي سُڃاڻپ سندس شاعري آهي. پر هن هڪ ”ٻالڪ ناٽڪ“ بہ لکيو هو. ڪرپارام پنهنجي ملازم راجيان سان مخاطب ٿي شعر چيو آهي. سورٺي جي گهاڙيٽي ۾ سندس شعرن جو تعداد 140 آهي. پر هن وقت ريگستاني ماهرن موجب سندس 127 سورٺا ملن ٿا.

ڪرپارام تمام ڏاهو ۽ سنسڪرت جو عالم هو. هن جي ڪوتا ۾ سنسڪرت ۾ مهارت کان متاثر ٿي، راجا لڇمڻ سنگهہ مهاراج پور ۽ لڇمڻ پور جون جاگيرون ڏنيون. ڪرپارام جي سورٺن ۾ راجيا جو نالو ملڻ ڪري ڪن محققن راجيا نالي ڪنهن ٻئي شاعر جي شاعري سمجهي آهي. پر باغ علي شوق موجب راجيا نالي ڪو بہ شاعر نہ ٿيو آهي.

ڪاري گهٽي ڪروپ، ڪستوري ڪانٽي ٽُلي،
ساڪر گهٽي سروپ، روڙا تلي راجيا.

(خوبي ظاهري رنگ روپ سان لاڳاپيل نہ هوندي آهي. ڪاري رنگ جي ڪستوري نفيس ۽ ننڍن ڪانٽن ۾ احتياط سان توري ويندي آهي. ساڪر (مصري) سهٽي رنگ جي آهي، پر وڏن ڪانٽن ۾ بنان احتياط جي توري ويندي آهي.)

پل پل ۾ ڪر پيار، پل پل ۾ پلٽين پرا،
وي مطلب را يار، رهي نہ چانا راجيا.

(هڪ پل ۾ پيار ڪري، ٻئي پل ۾ اجنبي بڻجي وڃي، اهڙي مطلبي





يار کان پاسو ڪجي، اهڙو مطلبي ۽ منافق دوست ڪڏهن بہ پنهنجي فطرت کان لڪائي نٿو سگهي.)

گڻ ڪڻ هيڪ ڀاءُ، گُڻ اوگڻ جاڻي نهين،
اَڻ مورک سون چت چاؤُ راکي ڪڏ مت راجيا.

(جيڪو ماڻهو ڳُڻ ۽ ڪڻ هڪ ملهہ ۾ وڪرو ڪري، جنهن وٽ خوبيءَ ۽ خاميءَ جي تميز نہ هجي، ان مورک ماڻهوءَ سان ڪڏهن واسطو نہ رکجان.)

روگ، آگ اُر راڙ، جاڻ ليا ڪيجي جتن،
وريا پڇي بگاڙ، روڪيا رهي نہ راجيا.

(بيماري، باهہ ۽ روج راڙي (گهر جي کِٽ پِٽ) معلوم ٿيڻ سان هڪدم اُن جو بچاءُ ڳولجي، انهن شين جي وڌڻ سان نقصان ٿئي ٿو ۽ پوءِ ان تي قابو پائڻ ڏاڍو ڏُکيو هوندو آهي.)

نپ چڙهہ ڪئي راس، بن همت لاکان ٻهي،
باج ترپت ڪري واس، راجپوتي سُون راجيا.

(ڪيترا پکي صبح کان شام تائين اُڏري اُڏري ساٿا تي ڪجهہ حاصلات ڪانسواءِ واپس پنهنجي آکيري ڏانهن موٽندا آهن. پر باز اڏين نٿو ڪري، پنهنجي طاقت ۽ همٿ سان پنهنجي ڇهنب تازي ڪري موٽندو آهي.)

همت قيمت هوءِ بنا هميت قيمت ناهين،
ڪري نہ آدر ڪوءِ، رد ڪاگد جيُون راجيا.

(پنهنجي همٿ ڪانسواءِ ماڻهو رديءَ جي ڪاغذ جيان آهي. ماڻهو جڏهن باهمت ٿي بيهندو آهي، تڏهن چار ٻيا بہ اچي گڏ ٿيندا آهن. همت جو قدر آهي، همت جو مُلهہ آهي، انهيءَ ڳالهہ کي ڪڏهن وسارڻ نہ گهرجي.)

پاتا پيرِ اُپاءِ، تن لاڳان تلواريان
هوئي نہ جيب روگهاءِ، رتي اوکد راجيان.

(جسم تي لڳندڙ تلوارن جي گهاون جو علاج مڪمن آهي پٽيون ٻڌڻ سان ڦٽ ڀرجي ويندا آهن پر زبان جي زخم جو ڪو علاج نہ آهي. هڪ ننڍڙو زخم بہ سدائين ڏکندو رهندو آهي.)

ڳڻ او ڳڻ جڻ ڳاؤن، سٽي نہ ڪوئي سانپڙي،
اُن نگري چت ناؤن، روهي آڇي راجيا.

(جنهن ڳوٺ ۾ ڳڻ ۽ اوڳڻ(ڀلي ۽ بري)، دوست ۽ دشمن جي پرک نہ هجي، جتي ڪوئي حق ۽ سچ جي ڳالهہ نہ ٻڌي، اُن نگريءَ تان راجيا دل کڻجي، ان کان روهي (رڃ) سٺي آهي.)

سانچو متر سُچيت، ڪهيوڪام نہ ڪري ڪوسو
هر ارجن ري هيت، رٿ ڳر هانڪيو راجيا.

(هر سچو دوست سدائين سٺو سوچيندو آهي، ڪڏهن بہ چاپلوسي نہ ڪندو آهي، غلط ڳالهہ جي حمايت نہ ڪندو آهي، اختلاف راءِ رکڻ جي هُن وٽ وڏي سگهہ هوندي آهي. مشُڪل گهڙي ۾ ڇڏي نہ ويندو آهي، جيئن شري ڪرشن ڪروڪيترجي ميدان ۾ رٿ هلائڻ لاءِ پاڻ تيار ٿي بيٺو.)

مد وڌيا ڌن مان، اُچو سو آڪڙي اوس،
اَڌن رکي اُن مَان، ريوي ورلا ڪي راجيا.

(دولت ۽ علم هلڪي طبيعت واري کي ويهڻ نہ ڏيندا آهن، هُو راڄن ۾ آڪڙيو هلندو آهي. ڪي ورلي ماڻهو صابر ٿيندي آهن، اُهي بردبار ٿيندا آهن، ڇو تہ اهي علم ۽ دولت جي هوندي بہ طاقت ۾ نماڻپ سان هلن ٿا.)





مُک پر ميناس، اندر ۾ کوٽي گهڙي،
اهڙا سُون اخلاص، ڪڏ رکجي نا راجيا.

(جيڪي ظاهري طرح مٺا هوندا آهن، پر اندر ۾ هر وقت برو سوچيندا آهن، اهڙن سان راجيا! ڪڏهن دوستي ۽ پنهنجائپ جو تعلق نہ رکجي.)

مطلب ري منوار، روج کوڙاوي چورمو
بن مطلب منوار، راب نا پاوي راجيا

(مطلبي ماڻهو پنهنجي مطلب جي ڪارڻ منوار ۾ روز چورمو (حلوو وغيره) کارائيندو آهي، مطلب کان سواءِ اي راجيا ساڳيو ماڻهو منوار ۾ رب نہ پياري.)[56]

ڪوي هيمڏان چارڻ مطابق راجيو ڪرپارام جو ملازم نہ پر هڪ بهادر ڪردار راجسنگهہ چوهاڻ هو. جنهن هنگوڙ جي مشهور ڏاڙيل حيلوجت سان مقابلو ڪيو هو. راجسنگهہ دربار جو لقب مليل هو. هڪ دفعي چارڻ آيو جنهن اچي پڇا ڪئي تہ هي ڳوٺ ڪنهن جو آهي؟ ڳوٺ جي هارين ٻڌايو تہ سائين هي راجسنگهہ چوهاڻ جو آهي. چارڻ پنهنجي موج ۾ چيو تہ راجيو گهر آهي. هارين حيران ٿي چيو تہ اوهان راجيو ڇئي رهيا آهيو؟ چارڻ ورندي ڏني تہ آئون راجيو منهن تي بہ چوڻ جي لاءِ تيار آهيان پوءِ اچي هن شعرن ۾ راجو ۽ راجيو طور ڳايو.

جا جا ڏاڙڌ ٻاپڙي، تين ڪيا ڪمناڻ،
اي جاڳيو مارسي اي راجو ڏر چوهاڻ.

(وج وج ! منهنجي نياڳي بک وج، تو مون کي هتي آندو آهي، هي(ستل شينهن) جيئن جاڳيو تو کي ماريندو، هي راجو ڏر چوهاڻ آهي)

[56] سيروپيلو سکرو، کنڊ رو کاوڻ ۾ لڳي آکرو

هاريو وار هزار، حيلو جت هنگوڙ را
تين سامهين تلوار، ڪو راوَ نہ جهلي راجيا

(اي راجيا ! تو هنگوڙ جي حيلو جت ڪي هزار ڀيرا هارايو، تو سامهون ڪوئي راءِ بہ تلوار نٿو جهلي سگهي)

راجو ڌر هنگوڙ رو، اوئي ايئج موٽو آچار،
پرهہ جيماڙي پنج سو، سانجهہ جيماوي هزار

(هنگوڙ جي راجوڌر جو هي وڏو اهڃاڻ آهي، پرهہ جو پنج سو ڄڻن کي کارائيندو آهي، سانجهي جو راجوڌر جي اوطاري هزار ماني کائي آسودا ٿيندا آهن.)

راجيا جي تخلص سان سنڌي شعر پڻ ملن ٿا.

جن اوتارا اڏيا، ڌرم ٻڌي پاڙ
انهن سندو پريوار، راج ڪندو راجيا
جنين مور ماريا، چڙهي چونٽيا چڪار،
انهن سندو پريوار، راج نہ ڪندو راجيا.

## سورج مل چارڻ:

چارڻ ڪوين ۾ سورج مل جو مقام بُلند آهي. سورج مل جو واسطو ريگستاني ادب جي ٽئين دور سان آهي، جيڪو 1844ع کان شروع ٿئي ٿو. سورج مل 1826ع ۾ چاند ڏان چارڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ڇهہ شاديون ڪيون، پر سندس گهر جو اجھڻ پٽ کان محروم رهيو. هن پنهنجي هڪ عزيز کان مُراري ڏان نالي هڪ ٻار گود ورتو هو.

سورج مل وٽ حاضريءَ جا نوڪر هوندا هئا، پر ڪو ملازم مستقبل بنيادن تي نہ رهندو هو. سورج مل مزاج ۾ ڪرو ۽ رُڪو انسان هو.





وٽس اڪثر شاعراڻي ديوانگي هئي. هن پنج ڪتاب لکيا: (1) "ونش ڀاسڪر"، (2) "ويرسُت سئي"، (3) "بلاولاس"، (4) "چند و ميو" ۽ (5) رام رنجات، شامل آهن.

سورج مل جي شهرت جو ڪارڻ "ويرست سئي" آهي. هن جا خيال اڇوتا ۽ انداز منفرد آهي. سورج مل ريگستاني شاعريءَ ۾ مزاحمت جو وڏو حصو آهي.

گهوڙا گهر ڍالا ڀالا ٽنپ ٻٽائي
جو ٺاڪر ڀوڳي جمين اورڪينون اپٽائي.

(جيڪو راجپوت گهر ۾ گهوڙا رکي ٿو ڍالن کي ڇت ۽ ڀالن کي ٽنپ ٻٽائي ٿو اهو زمين جي حفاظت ڪري سگهي ٿو ۽ ٻين کي بہ پنهنجو ڪري سگهي ٿو.

ست ڏاران رج رج ٽيو، بهو ٻلواجائي
لِکيا ڏونگر لاج را ساسُو ارني سمائي.

(ڪونڌر پٽ تلوارن سان ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. مڙس جي ويرگتيءَ تي زال ستي چڙهڻ لاءِ وڃي رهي آهي، پُٽ کان پوءِ منهنجي ننهن بہ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ لاءِ وڃي رهي آهي، مون کي لڄ جا ڏونگر گهيري رهيا آهن. آءُ اڃان ڏسان ويٺي.)

ليلي مُون پهلي پڙي ڪِيڏ اُتاون ڪائي،
وَالها ڪولا پاليو پڙ تو مُوجهہ پوڳائي.

(جنگ جي ميدان ۾ فاتح ٿي موٽندڙ سُور وِير جي گهوڙي زخمن جا تاب نہ سهندي وچ رستي ۾ مري وئي. مرندڙ گهوڙيءَ سان مخاطب ٿي بهادر چوي ٿو تہ "اي منهنجي پياري گهوڙي! مون اڃا ويرگتيءَ جو جام نہ پيتو آهي، تون ان کان اڳ ڌرتيءَ تي ڪِري پئين، ڪجهہ گهڙيون صبر ڪرين

ها، مون کي ڪنهن ٻي جنگ جي ميدان تي پهچائين ها. مون توکي انهن ڏينهن لاءِ وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو هو.“

پهر چوٿي پوڻيو گهٽتو فوج گريب،
دوئي گهڙي جيب نون، ٻيري آڻ تڪليب.

(جنگ جي ميدان ۾ دهل وڄائيندڙ،ٻه پهر پنهنجي دهل ۾ زبان کي جهل، رات جي آخري پهر ۾ منهنجو سوروير (بهادر) ويرين کي ڪيرائي اچي ستو آهي، ڪيس ٻه گهڙيون ٽڪ پيچڻ نه ڏي.)

## سروپ ڏان

لوڪ شاعريءَ جي سج سان ٻهڪندڙ ۽ جڳ مڳ جرڪندڙ ريگستان جي پٽيءَ ۾ عمرڪوٽ جي ڪوي سروپ ڏان جو وڏو پورهيو آهي. سروپ ڏان 1801ع ۾ مصري ڏان جي گهر ۾ جنم ورتو هو ۽ 1863ع ۾ پر لوڪ پڌاري ويو.

“انسائيڪلو پيڊيا آف انڊين لٽريچر” جي جلد پنجين (انگريزي ڇاپي) ۾ ڄاڻايل آهي ته، سروپ ڏان جو ننڍپڻ جو نالو شنڪر ڏان هو. مصري ڏان، عمرڪوٽ مان لڏي اچي اجمير جي ڳوٺ بادلي ۾ رهائش پذير ٿيو جتي جوانيءَ جي ڏاڪڻ تي پهچندي سروپ ڏان دادوَ پنٿي ساڌُو ٿي ويو. لوڪ روايتن مطابق سروپ ڏان پنهنجي تعليم پنهنجي چاچي امرڏان کان ورتي. تاريخ جي ڪتابن ۾ سندس چاچي جو نالو پريمانند ڏنل آهي. اُستاد ۽ چاچي پريمانند کي سروپ ڏان جي دادوَ پنٿي ٿيڻ تي ڏاڍو ڏک پهتو سروپ ڏان کي علم ۽ ادب جي وڏي مقام تي پهچائڻ تي چاهيو.

ريگستاني لهجن سان گڏ سنسڪرت جو وڏو ڄاڻو هو پر ساڌو ٻڌجڻ کان پوءِ اڪثر “مون ورت” رکي ڏيان ۾ گم رهندو هو. باغ علي شوق





مطابق رتلا ۽ سيتا ماءُ جي راج درٻارن ۾ هن جي وڏي عزت هوندي هئي، اجمير جو ڪنور رتن سنگهه (ستياماءُ جو فرزند) هن جو مريد هو رتن سنگهه جي عقيدت جو عالم اهو هو ته رتن سنگهه پنهنجي ڪتاب “نٽ ساگرونود” جي شروعات سروپ ڏان جي ساراهه سان ڪري ٿو. سروپ (6) ڪتاب لکيا، جن ۾: راسو رتنا ڪر، ويريٺي ٻُوڌ، ڪارڪا پربادنڌا پالنڊ ڪنڊن، پانڊو وشينر وجدرڪار مشهور آهن. پانڊو وشينر وجدرڪار جو وڏي وقت تائين ذڪر ٿيندو رهيو. سروپ ڏان ڪوتا ۾ فلسفي ۽ عقيدي تي خيال آرائي ڪئي آهي.

## بانڪيداس آسيه:

ڪوي بانڪيداس چارڻي اتهاس جو اوچ ڪوٽي شاعر آهي. جنهن جو جنم ڳوٺ ڀاريه واس/ پانڊيا وس ۾ آسيه نک جي چارڻ فتح سنگهه چارڻ جي گهر ۾ ٿيو. بانڪيداس ننڍي ڪنڊ جي وڏي ريگستان جو وڏو عالم تاريخدان ۽ شاعر هو بانڪيداس ڪل 28 ڪتاب لکيا. تن ۾ عمرڪوٽ جي پسمنظر ۾ لکيل چٽيهه دوهن وارو مختصر مجموعو ’همروٽ چٽيسي‘ ڪلاسڪ درجي حيثيت رکندڙ آهي.

امراڻو امرا پُري ڏرُا سرنگي ڍاٽ،
رهي جو سوڍو راجوي، پهه پنوارن پاٽ.

(امراڻو ڌرتيءَ تي امراپُري (دلڪش ماڳ) آهي. ڍاٽ جا هي دڙا، جتي پرمار سوڍن جي صاحبي آهي، ڏسندين ته اتي جي ريت سرڳ سمان آهي.)[57]

[57] شيخ اياز پنهنجي هڪ شعر ۾ ٿر جي فطري حسناڪي سرڳ سمان بيان ڪندي ائين چيو آهي ته :
ساٿي مون دنيا گهمي چونڊيو آهي ٿر،
جڻ ڪنهن سرڳ سمان آ واريءَ تي هي گهر،
سانجهيءَ وير امر، هي رتيءَ ريت تي

کيهر لنکي گوريا، ڊولا چتر سُجاڻ،
ٻڙ جهکيا لانٻي سران، آيو گٻ امراڻ.

(جتي چيتي جي سنهڙي چيلهه واريون سُندر نارييون هجن، جتي مرد سياڻا ۽ ٻهادر هجن، جتي لانٻي جي تلاءَ تي ٻڙ جي وڻن جا جهڳٽا هجن، تہ پڪ ڄاڻجان اهي آثار امراڻي گڊ (قلعي) جا آهن.)

اُر چوڙي کر پاتلي، جيءَ کاري ري ٻاڻ،
جي سک چاهي جي رو تو ڏن يٺ ري آڻ.

(جنهن جي ڇاتي ويڪري، چيلهه سنهڙي، جنهن جي وات ۾ جيءَ جيءَ جي ٻولي آهي. جيڪڏهن جيون ۾ پنهنجي من جو سک چاهين ٿو تہ ڀاٽ جي ناري سان شادي ڪري اچ

ڪوي بانڪيداس پنهنجي شاعري ۾ سچل سائين جيان ريگستان جي عوام کي انگريز جي ننڊي ڪنڌ تي قابض ٿيڻ خلاف پنهنجي مشهور ڇند 'آيو انگريز ملڪ ۾' اتساهيو آهي.

پروفيسر شڪتيڏان پنهنجي ڪتاب رنگ پني ۾ قابل ذڪر چاڻ ڪوين جو ذڪر ڪندي بانڪيداس جو نالو اهم شاعرن ۾ لکيو آهي. سنسڪرت جي ڪوي ڪاليداس جي خوش نصيبي هئي تہ جو هن کي ميليناٿ جهڙو نقاد مليو هو پر ريگستاني ٻولي جي هن مهان شاعر بانڪيداس کي اهڙو نقاد نہ ملي سگهيو آهي.

## مهوڙ جي چارڻ:

بانڪيداس جي وڏي ڀاءُ ٻڌاجيءَ جي پُٽ مهوڙ جيءَ جو نالو ريگستاني شاعرن ۾ اهم آهي. ڊنگل جي بهترين ڪوين ۾ شمار ٿيندڙ مهوڙ جي سور وير ۽ ساڌو پابو جي راٺوڙ جي ڪردارن تي ڪوتا سرجي آهي. پابو پراڪس ۾ 3000 ڪان مٿي دوها موجود آهن. جيڪي مهوڙ جي





چارڻ جي پڙپوٽي شنڪر سنگهه چارڻ جي ڪوشش سان ويهين صديءَ ۾ ڪتابي شڪل ۾ ڇپيا آهي. "چند روپا" ۽ "ديپ مالا" ڪتاب سندس مشهور تخليق ۾ شامل آهن. اهڙيءَ طرح سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "مهڪي پنچسي" ٺوٺ پچيسي" "سنڌل اتهاسڪ گيت" "جهولا پرتاب راءِ، آئينو آدم"،" بات سنگرام جي "،" تخت ونود"،" پيوت سنگهه ورلاپ" بہ شامل آهن.

## آدو ڏراسو اوڏا:

هن چارڻ ڳوٺ چيتران ۾ 1538ع ڌاري جنم ورتو ۽ 1651ع ڌاري وفات ڪئي. آدو راسو چارڻ جو پيءُ اوڏا جي چارڻ سڏبو هو. آدو خوبصورت ڪوي هو، هن جي من جي ڪوتا ڦلواري سدائين سرهي رهندي هئي. راجا اڪبر جي درٻار ۾ هن جي وڏي عزت هوندي هئي. هن جي مشهور تخليق ۾ "ويردُ ڇاهتر" آهي" ۽ ٻين ڪتابن ۾ "جهولڻا را سُرطان را، "مرثيا راءِ سرطان را" جهولڻا راءِ مانسنگهه را، جهولڻا رواٽ ميگهارا"۽" ماتا جي را ڇند "شامل آهن.

آدوجي پنهنجي طبيعت ۾ سچو ۽ کرو هجڻ جي ڪري اڪثر اڪيلائيءَ ۾ گهاريندو هو. راجائن مهاراجن کي سچ چئي ڏيندو هو آخري ڏينهن ۾ پنهنجي پُٽ" اوڏا ڪنسائو"جي گهر ۾ رهيو ۽ اُتي ئي 1651ع ۾ وفات ڪيائين.

پگي ٻڙ نهين پاتشاه، جيوي ٻڙ جاچڪ ٽٺو
سڻ او اڪبر شاه، مين ٻينا ٻينا ٻولسان.

(اي شنهشاهہ! (منهنجي) پيرن ۾ طاقت نہ آهي، (ان ڪري بيهي نہ ٿو سگهان) تون جاچڪ جي جيءَ جي ٻل کي ڏس، اي اڪبر بادشاه ٻڌ! آئون ويني ويني ڳالهائيندس.)

بن ڦل چرڻ، چندن اگسڻ، پاپاسر پيونت
او ڏن چٽاري ڪونجل ڪيون جيونت

(بن جو ڦل (گاهه وغيره) چرڻ، چندن سان پاسا گسائڻ ( بدن مهٽڻ وغير) ۽ پاپاسر جي تلاءُ جو پاڻي پيئڻ جا ڏينهن ساري اجان هاٿي ڪيئن جيئي ٿو!.)

ڪونجليا ريوا نڏي، سپني سرڪ پري
ڪجلي بن را چسڙڪا، ڪجلي بن ۾ لي

(اي هاٿي!ريوا ندي مان پاڻي جي آس سپني ۾ سرڪ پري پوري ڪجان، ڪلجي بن جا مزا ڪجلي بن ۾ رهيا، اهي ڪجلي بن مان (ڪڏهن) ونجان.

## ڪرشن جي چارڻ:

ڪرشن جي چارڻ ننگرپارڪر جي ڳوٺ ويڪاسر جو رهواسي هو. هن جي زندگيءَ جو پورو احوال نه ٿو ملي. پراڻي پارڪر ۾ منگهارام اوجها رو جي سوڍي ۽ ڦول ستي متعلق سند س دوها ڏنا آهن:

ارڪ جانڪو ڪيئن اوگيو، ڪيئن جانڪو ڪرٽال،
مرد گجاوت موندري، پڙ پڙيو پُوپال.

(ڪهڙي نه نياڳو ڏينهن اڀريو آهي، سج جي ڪرڻن ۾ ڪو شعاع نه آهي، جو ته هيءُ موندري جو رهاڪو شينهن جيان گجندڙ مجاهد ميدان جنگ ۾ سمهي رهيو آهي. اج سج ۽ چند ۾ تيج ان ڪري نه آهي، جو موندري جا به روش تارا وسامڻ وارا آهن.)

آءُ ڪانئي ڏل اوهسڙيا، پوم ڏڙڪ سرپار،
روسي وچن ڪهيا روي، پاڙيا سو پرمار





(لڙائيءَ ۾ اهڙيءَ طرح سوروير گرجڻ لڳا، جو ڌرتي به ڌڙڪڻ لڳي ۽ جيڪي وچن رويءَ چيا، سي برابر پرمار پاڙيائين.)

پتياڻي آگم باکيو، جلني اُما جيم،
ڪوپ وچن ڪلياڻ ري، نشچيه ليڌا نيم.

(هن ڪلياڻ جي ڪنيا ڦول ٻائيءَ چارڻ کي جيڪي وچن چيا، سي ان ڏينهن کان نيم رکي، سچا ڪيائين.)

شام سڌارڻ مهاستي، جگت پلي ڪئي جوڙ
ارڌنگا ڦلان اُجلي، ڪهي تيترس ڪروڙ.

(پنهنجي پتيءَ کي سڌارڻ وارو مهاستي، ڦلان جي ڏٽيءَ بهتر جوڙ ٻڌائي هئي. ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتا ائين چون لڳا ته "ڦولان" رويجيءَ جي ارڌانگني، موندري جو ملهائتو موتي هئي.)

## ڪيسري سنگهه ٻارٺ:

ڪيسري سنگهه نئين ڪنڌ جي تاريخ ۾ انقلابي ڪويءَ طور مشهور آهي. هن 21 نومبر 1872ع ۾ ديپورا جي رهواسي ڪرشن سنگهه جي گهر جي جنم ورتو. سنسڪرت بنگالي، مراٺي، گجراتي ۽ ڍاٽڪي ( سنڌيءَ جي لهجي) جي ڄاڻو هن ڪويءَ وٽ علم فلڪيات ۽ علم جوتش جي پڻ وڏي ڄاڻ هئي. هن 1903ع ۾ چيتاوڻي چُگيٽيا ڪتاب لکيو. جنهن تي راجا فتح سنگهه ڪاوڙ جي پيو. پر هن پرواهه ڪو نه ڪئي. پنهنجي شاعري ۾ بغاوت جون ڳالهيون اڳي کان اڳريون ڪرڻ لڳو. هن جي هر شعر جي تاجي پيتي ۾ سونهن، سرهاڻ ڌرتي جي خوشحالي ۽ آجپي جو رنگين ڏاڳو هو. هن جي اندر آس ۽ تمنا هئي ته نئين ڪنڌ جي ڌرتيءَ تي آزاديءَ جون هوائون گهلن 2 مارچ 1914ع تي پنهنجي ارڏي ڪردار ۽ باغي شاعريءَ جي ڪري 20 سالن لاءِ جيل ۾ واڙيو ويو. هن

معافي نامو نہ لکيو. زندان جي ديوارن جي اوٽ ۾ لوهي زنجيرن جي ڇم ڇم تي روح جي رقص سان مٽي ماتا جا گيت ڳائيندو رهيو. 14 آگسٽ 1941ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

## بُڌاجي:

بُڌاجي نامور ڪوي بانڪيداس جو ياءُ هو سندس تخليق "ديوي چريتا" نالي مشهور آهي، جيڪا نامور محقق ايچ سي. چتر ويديءَ ٻن جلدن ۾ 1968 ۽ 1969 ۾ سهيڙي آهي.

## ڪوي رڻ ڇوڙ ڏان:

ڍاٽ جي ڪوين ۾ ڪوي رڻڇوڙ ڏان جو نالو اهم آهي. ڳوٺ ڏاهڪڻ جو رهواسي ڪوي رڻڇوڙ ڏان وٽ ان جو وڏو وڳ هو جهنگ ۾ اٺ چاريندي فطرت جي رنگن جا شعر چوندو هو. هن کي فطرت سُر ڏاڍا وڻندا هئا، راڳ جو ڄاڻو هو.

ڏيسان پٽ مرڌر، شهران پٽ اجيڻ،
راگان پٽ سورٺي، واجا پٽ بيڻ

(ڏيهن/علائقن ۾ مرڌر سهڻو آهي، شهرن ۾ اجين وڻندڙ آهي، راڳن ۾ سورٺي راڳ ۽ سازن ۾ پاوي جي وڄت پياري آهي.)

ڌڻ ٻڪري، کڻ ٻاجهري، اوٺني موٺي آس،
جي چاهين رهان ٿر ڌوري تو تينو رک پاس.

(چوپائي مال ۾ ڌارڻ جي لاءِ ٻڪري، کائڻ جي لاءِ ٻاجهري ۽ چڙهي جي لاءِ اٺ، ۽ اهي ٽئي ٿر ۾ رهڻ واري جي لاءِ ڪارائتيون شيون آهن. جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ ٿر جي پٽن تي رهان تہ اهي پاڻ سان گڏ رک.)

بابليا اِڻ گهر ڏيجو جڻ گهر هوئين سانڍڙيان،
اڙگان نا نيڙا ڪرين جڪان رين لاڀين وڪڙيان.





(هڪ ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳي تہ : بابا سائين! مون کي ان گهر ۾ ڏجان جنهن گهر ۾ انڙيون هجن. انڙين جون ڏگهيون وکون آهن. پري رهندڙن کي ويجهو ڪنديون آهن.)

حقي سين جتو هيٺ، اتو جي هوئي هڙسين،
تو ڪيڙي جاجها کيت، ٻينو ڪائين ٻاجهري.

(حقي سين جيترو هيٺ آهي، ايترو جي هر سان هجي، تہ گهٽيون ٻنيون ڪيڙي وينو ٻاجهري ڪائين).

ڍاٽ نپجي ٻاجهري، موٺ مرڌر هوئي جوار.
ڪنٺي هووين تل مولڪا، مرڌر هوئي جوار.

(ڍاٽ جي علائقي ۾ ٻاجهري، موٺ، مڱ ۽ گوار سٺا ٿيندا آهن. ڪنٺي جي علائقي ۾ تر گهڻا ٿيندا آهن، مرڌر ۾ جوار بہ ٿيندي آهي)

ٻر ٻي ٻروا ٻي، ٻر ٻر ٻي ٻاٽڪيان،
ٽانرو پور و هُون ڪريس، ڪر ڪر ڪاٽيان

(اوتارو/ اوطاق هلائيندڙ سخيءَ جي زال پورهائپ ۾ مڙس کي مايوس ڏسي، سندس حوصلو وڌائيندي چوي ٿي، اڳ جيئن تون اوتارو هلا، ڪاري غنودي ڪٽڪي جون وٽيون پري پيءُ. ساٿيءَ ڪان پرائي پيءُ، الڪو نہ ڪر، (تنهنجي خرچ جو پورائو) آءُ مزدوريءَ تي ارٽ ڪتي بہ ڪنديس.)

شاميري کهيان ڏوبري، ڪيون چنتا ڪري،
ڪا پرديس والمو ڪا سنپت نهين گهري

(اي شاميري تون ڏبري ڇو آهي، تو کي کهڙي ڳڻتي اچي ڳاريو آهي، تنهنجو بالم پرديس آهي يا تهنجي گهر ۾ سنپت (زال مڙس جي هم آهنگي / سڪون) نہ آهي)

سنپت جاجهي، ڪپت موٽي، موٽو پريا ڪو نام،
اس ڪارڻ هون ڏوبڙي، مانهنجو گهلي اوپر گام

(منهنجي گهر سنپت گهٽي آهي، پر ڪمائي گهٽ خرچو وڏيڪ آهي، منهنجي بالم جو نالو وڏو اهي، انهي ڪري آئون ملول آهيان، رستي تي اسان جو ڳوٺ آهي، مهمانن جي اچ وڃ وڏيڪ رهي ٿي.)

ٻارهي ٻڏ نہ اپجي، تيرهي تيج نہ هوءِ،
ٻيسي برسي نا بجيو بات رو مجو نہ ڪوءِ.

(ٻانهن سالن جي ڄمار ۾ جنهن وٽ عقل نہ آيو، جنهن جو تيرنهن سالن جو تيج نہ ٿيو، ويهہ سالن جي ڄمار ۾ جنهن جو نالو نہ وڳو. هُن جي ڳالهہ جو مزو نہ آهي.)

## چمن جي چارڻ:

ٿر جي لوڪ ادب جي مالا مال ڪنڌڙ صدين جي سرجڻهارن ۾ ڪوي چمن جي هڪ آهي. ڪوي چمن چارڻ ڳوٺ ٻرائي ( باراني) ۾ شو ڏان چارڻ جي گوتر ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو لوڌر ڏان هو. ڪوي چمن چارڻ جي شاعري، ٿر جي تاريخ جو ماخذ آهي. ڪوي پنهنجي پيڙهيءَ جي حوالي سان هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

شوڏان ڪُڙ ڪوبون سُجاڻ، واچيا جڻ ايسا وڪاڻ،
جڻ پتا لوڌر ڏان، نام دادا نام پر پٽيو ڪرٽي ڏاڻ،

چمن جيءَ ، مئوا ڪيراج جي سوڍن وٽ رهڻ دوران ڪوتا سرجي، جنهن ڪي "سوڍائڻ" جي نالي سان ڪتاب ۾ پروفيسر شڪتيڏان چارڻ سوڍن بابت تحقيقي مواد سان گڏ ڇپائي آهي. پروفيسر شڪتيڏان جي ڪتاب جو ڪجهہ حصو پروفيسر شيام داس جوشيءَ سوڍن جي تاريخ جي هڪ جهلڪ "جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڪوي چمن





جِي سنبت 1633 ۾ "سوڍاڻ" جي ڪوتا سرجي ان ڪانسواءِ "سمارا جهولٽا" پڻ ڪوي چمن جي تخليق جو اڻ مٽ نمونو آهي.

داتا ني ڪوي ڪو ديا، ڪوي گيا سوڪائي،
ڪوي ني داتا ڪو ديا، جاتي جُگ نہ جائي.

(ڏاتار جيڪو ڪويءَ (چارڻ) کي دان ڏنو اهو ڪويءَ کائي ڪپائي ڇڏيو پر ان جي بدلي ۾ ڏات جي واهڙ مان ونڊ، جيڪا ڪويءَ ڏاتار کي ارپي، سا جُڳن تئين جيئري رهندي.)

سانپر ڪيرت ڏيس ۾، آوي ڪوي اپار،
سوڍي جالم سريڪو، ڏوجهو نهين ڏاتار.

(ٿر جي سخي ڪردار جالم سنگهہ (نانگڙ) جي علائقي ۾ سخاوت جي هاڪ ٻڌي ڪيترائي ڪيرتيا (ڀانَ ڀاٽ ۽ چارڻ) روز اچن ٿا، سوڍي جالم جهڙو ڏاتار علائقي ۾ ڪو بہ نہ آهي.)

سگڙي واتان ساوَ جڻ ملتان آتو جرور،
اڻند واتاري آوَ مينگهاڻي ڏيوا مونگهت.

(اي آنند! رهاڻ رس جي ڪچهري ساري، مهمانن سان اوس ملڻ وارا، تون اوتاري اچ، مينگهاڻي پريوار جا مورا! تنهنجون ڳالهيون هينئڙي منجهہ هُرن ٿيون.)[58]

هن جي هڪ طويل ڪويتا هيٺ ڏجي ٿي:

راج سما ڪت، سامي نج ٿڙ نگر،
جي ڪُل انُڙ جهڙا پڇماڻ انپر،
ننگر نتو نيپٽا ساسڻ دي صدر،
اٺ ڪروڙ دت آپيا، چڙهت ڏن پهر،

58 اڻند :اڻند سوڍو ڪيرتيءَ جو سخي ڪردار هو.

جي ڪل وڪئي جهڙا جنمين جورا ور،
پيلو ڏان سماپيا، ويرت پيران ور،
سما سپڙ سريڪا، پريت پال پرٿوي پر،
چاڙهي پنگا چارڻ، سڪپال ڪويسر ،
جي ڪل راءِ ڪنگهار، سا گرنار ٽٽي گر،
راوَ ڏياچ سريڪا جهونا گڍ شهر،
متا ڏينا منگيا، نهين ڪينا اُتر،
جي ڪُل گاهي جام سا سنڌو پت جبر...

(سمن جو ٺٽر نگر تي راڄ هو، سمن جي راجائي خاندان ۾ ڄام انڙ جهڙو داناءُ ۽ سخي پيدا ٿيو، ننگر ٺٽي ۾ مکيہ راڄڌاني جوڙي، ڄام انڙ سڄ ايرڻ ٽاٽي اٺ ڪروڙ جو سوالين کي دان ڏنو، سمي جي ڪڙم ۾ ڄام وڪيئي جهڙي اڙٻنگ مڙس جنم ورتو. جنهن چارڻ جي گهرڻ تي اڻ منڌائتا پيرون دان ڪيا. هن ڌرتي تي پريت پال جهڙو سخي ڄام سپڙ ٿيو، سمي سپڙ ڄام چارڻن کي ڪلهي تي چاڙهي محلات ۾ وٺي اچي دان ڪيو. جنهن قبيلي ۾ گرنار گڍ جو ڏٽي راءِ ڪنگهار ٿيو، انهي ساڳي آکہ ۾ جهونا گڍ شهر جو سورمو راءِ ڏياچ پيدا ٿيو، جنهن سر جي سوالي منگڻي کي جواب ڏيڻ جي بدران سُر جي صدا ۾ سر وڍي ڏنو، جنهن خاندان ۾ ڄام ڳاهي جهڙا سنڌو جا سپوٽ پيدا ٿيا...)

پڙجاسي پاڪاڻ، حويلي ساٿ نہ هالي،
ڪايا رو ڪمناڻ، چار دن جُڳ ۾ چالي.

(سڀ ڪجہ هتي رهجي ويندو، حويلي ساٿ نہ هلندي، ڪايا جون هي مالهائون چار ڏينهن جڳ ۾ چمڪن ٿيون.)

ڀاگونت مت سين ڀنو، نڙي سِڌ ڪي وات.
ڪوي چمن سڀ تياگ ڪر، نرڀيہ سمرو ناٿ.





(سچ جي ڳالهہ (واٽي) ڪري پنهنجي ڳلي کي ڀاڳونت مت سان پساءِ، اي ڪوي چمن! سڀ تياڳ ڪري بي خوف ٿي مالڪ جي نالي جو ذڪر ڪر.)

ڪايا ڪاچو ڪوٽ، موج مستي تج من ڪي،
چلو سٻڌ ڪي چوٽ، توٽ پڙ جاسي تن ڪي.

(ڪايا ڪچو ڪوٽ آهي، من جي موج مستي دور ڪري هر ڪنهن سان سٻنڌ سان هل، تن ۾ ڪنهن وقت بہ ٽوٽ پئجي ويندي.)

ڏياوي سوئي اُڌري نيچ ڪل ناهين،
ڪهان آس اڻ ديهہ ڪي، ملو ويگ ست ماهين.

(جيڪو ڏيان ڪري سوئي پائي” اونچ نيچ جو ڪو فرق نہ آهي، (اي انسان!) ڪڏهن آس ان ديهہ جي رک. جتي سچ سان ميلاپ ٿيڻو آهي.)

ڪِتائي بيت گيا ڪلپ ۾ چيتن نہ پيو سُچيت،
اوهون شٻڌ اُت پت ڪيو، ٻڙ گيا پاپ سر بيت.

(ڪيترين ڳالهين ۾ وقت گذري ويو، پر چيتن من سچيت نہ ٿيو، پرجڏهن اهو هڪ شبڌ (نام) ذڪر ۾ آندو، تڏهن سڀ (ويچار) ٻري ختم ٿي ويا.)

ڪرتا جگت ۾ شپ ڪِريا، ڀجت ايڪ ڀگوان،
او نر پاوت هئہ اوس، امر لوڪ استان.

(جيڪو جڳ ۾ ستا ڪم ڪري ٿو ۽ صرف هڪ ڀگوان جو ڀڄن ڪري ٿو، اهو ماڻهو ضرور امر لوڪ استان کي پائي ٿو.)

## ريوت ڏان:

ترقي پسند شاعرن ۾ ريوت ڏان چارڻ جو نالو نمايان آهي. سندس

شاعريءَ جو رنگ روپ پنهنجو آهي. هن جاگيردار طبقي سان نفرت ڏيکاري مسڪين ماڻهن جي دکن کي ڪوتا ۾ سرجيو آهي. ريوت ڏان کي ريگستان جو نياز همايوني چئي سگهجي ٿو. "چيت منکان " ۽ ڌرتي راگيت" جهڙا مجموعا ڏيندڙ هن ڪويءَ ڳوٺ متٽانيا ۾ 1901ع ۾ جنم ورتو. ريوت ڏان ڊراما پڻ ڪليا آهن. پر هن جي سُڃاڻپ ڪوتا آهي، جنهن ۾ مظلوميت جي پڪار ۽ پرماريت خلاف مواد آهي. هن جي ٻولي عوامي ۽ مناس پيري آهي. هن گيتن ۽ دوهن سان گڏ پابند نظم پڻ چيا آهن.

## شري ورجمل چارڻ:

شري ورجمل مهروجي، عمرڪوٽ لڳ ڪاروڙي چارڻ جو رهواسي هو. عمر ڪوٽ جي سوڍي حاڪم سان گڏجي جاڙيجا راجپوتن جي علائقي ۾ چام نگر ويو. جتي هن جاڙيجن راجپوتن جي تاريخ تي چام ويو جي اعزاز ۾ "ويو ولاس" ڪتاب لکيو چام ويو شري ورجمل کي جاگير ڏيڻ سان گڏ"چام نگر جي ڪويراج جو لقب پڻ ڏنو هن کي پنهنجي علائقي جا سوڍا ۽ جنم ڀوميءَ جو ماڳ ڪاروڙو ڪڏهن به نه وسريا.

ڪڇوا جهالا ڪم ڏج، جڳ سسوڏيا جو.
مڇري ڪو جادم ملي، سوڍي سمهو نا ڪو.

(ڪڇ جا جهالا. ڪم ڏج (هجن) يا جڳ جا( واڪاٽيل) سسوڏيا نهار، مڇري جا جادم ملن، پر انهن مان ڪو به (منهنجي عمرڪوٽ جي) سوڍن جو ڪڏهن ڪو مٽ نه ٿو ٿي سگهي.)

ڪاروڙي بابت گيت جا ٻول، ڪيسو ڏان چارڻ هن ريت ٻڌائي ٿو:

ڪوڪو ڪارڪ سريڪو پيلو ڏاڙهم ڊاڪ.
هيڪ متيرو چاڪيو آنبا ٻاوڻ لاڪ.
ڪڇ را ڪانهيا سيڪ ڏي، مني ڪاروڙو چت آيو





(ڪنڊيءَ جو ڪوڪو ڪارڪ ۽ چار جا پيلُو ڏاڙهون ۽ ڊاکن برابر آهن. هڪ چپڙ چڪيو جڻ ٻاونجاهه لک انب ڪاڏا. اي ڪڇ جا ڪانهيا! مون کي موڪل ڏي، مون کي منهنجو ڪاروڙو ياد آيو آهي.

جڏهن ته هاشم فقير (اصل ڳوٺ منڙيو چارڻ، حال مني) وٽ هن گيت جا ٻول آهن:

گران ڏيڏران، مور سر گيهڪيا.
گڏين اٽي راڳ ملهار گايو
ابن مان مال ڏي آج ڏي سيک.
ڪانيا جي ڪاروڙو چيت آيو.

## ڏرس ڏان چارڻ:

ڪوي ڏرس ڏان، ڳوٺ جهرڪلي جو چارڻ هو. هن جي شاعريءَ ۾ راجا نوگهڻ جي ڀيڻ جاسل کي همير سومري پاران سنڌ ۾ روڪڻ بابت دوها ملن ٿا.

ڪوئي ڪادو آويا، ندئي ڪتيا نير.
سورٺ سڙتالو پڙيو، ورتوا آويا وير.

(سورٺ (جي علائقي) ۾ اهڙو ڀيانڪ ڏڪار پيو جنهن ۾ ندين ۾ پاڻي ڪتي ويو اي منهنجا ڀاءُ! اسين اهڙي مشڪل گهڙي ۾ لڏي اچي (سنڌ) آياسين.)

نهين موساڙي ماوڙو، نهين ماوڙي جايو وير
سنڌ ۾ روڪي سومري هالوا ڏي نا همير[59]

---

[59] هي دوهو مختلف پڙهڻي سان ائين به ملي ٿو ته:
1.سورٺ سٺر تالو پيو، ورتڻ آيا وير،
سنڌ ۾ روڪي سومري، هلڻ ڏي نه همير.
2.نا مامو ناماماسار، ناهي مائوڙي جايو وير،
سنڌ ۾ روڪي سومري هالوا ڏي نه همير

(مون وٽ نه مال ملڪيت آهي، نه وري پنهنجي جيجل ڄايو ڀاءُ آهي، مون کي سنڌ ۾ سومري حاڪم روڪي آهي، همير سومرو هلڻ نٿو ڏي.)

قابليان نجرون ڪري، مغل ني ميان،
آهيرڻ اُر پيان، نوگهڻ نڪلا هي نهين.

(همير سومري جي قيد ۾ مغل ميان ۽ قابليا (قابل مان آيل) پهريدار مون کي بري نظرن سان ڏسي رهيا آهن. آهيرڻ جي ٿڃ پيئندڙ اي نوگهڻ! تون (اجان منهنجي سار لهڻ جي لاءِ) نڪتوئي نه آهين!!؟)

تون آڏو مين آپيو واهڻ مانهيلو وير،
سمجهيو مانهين سرير، نو گهڻ نو سورٺ ڏٽي.

(تو مون سان گڏ (منهنجي جيجل جي) ٿڃ پيتي، مون تون کي پنهنجو (سدائين جاڙو ڀاءُ) ڀانيو آهي. اي سورٺ جا ڏٽي! منهنجي جيجل توکي پنهنجي وجود جو حصو سمجهيو هو.)

تون نو تون جي نوئي، تون تو هيت هوئي،
ويرماسي جوئي، نوگهڻ نو سورٺ ڏٽي.

(اي منهنجا ڀاءُ نوگهڻ سورٺ جا ڏٽي! تون ٿورو ويچار ڪر. تو جهڙي بهادر ڀاءُ هوندي به اهڙي مشڪلات مان گذري رهي آهيان. ڏک اهو آهي تو اجان تائين نه پهتو آهين.)

ماڏوَ اماري مالتو ٻڌوا ڏيڏل ٻول،
ڪرڪاپڙ ري ڪور، جاهل نا جونا ني ڏٽي.[60]

(اي جهونا ڳڙه جا ڏٽي! چونري جي منڊپ ۾ (منهنجي شادي وقت) ڀاءُ جي حيثيت ۾ مون کي جيڪو رکوالي جو وچن ڏنو هو، اهو ياد ڪري ان

[60] هي دوهوائين به ملي ٿو ته:
ٻانڌو هتو هيڪ، ڏينو تمهاري ايوجي،
ڪر ڪاپڙ ري ڪور، جاهل ني جوني نا ڏٽي.





وقت پنهنجي ڀيڻ جاسل کي اوڊايل چني جي لڄ رک. جلد اچي جاسل جي واهر ڪر.)

چس ڏاري پاٽي چالي، نيڻ نا جهالي نير،
سٽج راءِ سڌير، جاسل ڪهي جوني نا ڏٽي

(اي جهونا ڳڙهه جا ڏٽي! منهنجي نيڻن مان ٽپ ٽپ لڙڪن جو پاٽي وهي رهيو آهي، هڪ پل به نيڻ پاٽي نه ٿا جهلن، تون راءِ سڌير آهين منهنجي پڪار ٻڌ اچ ۽ جلد اچي جاسل جي واهر ڪر.)

## سورو چارڻ:

پارڪر جي پٽن تي ڪوي سوري چارڻ جي نالي پويان ڳوٺ سوراچند ۽ ڳوٺ جي پرسان سوريي جو تلاءُ آهي. چون ٿا ته سينڌل سوڍن پارڪر تي پنهنجي صاحبيءَ دوران مختلف ڪاهن کان بچڻ جي لاءِ اعلان ڪيو ته ماڻهو پنهنجا گهر ڪارونجهر جي اندر ٺاهين، ته جيئن ڪوئي ويري حملو نه ڪري سگهي. سمورن ماڻهن حڪم جي پوئواري ڪئي، پر سوري چارڻ جواب ڏيئي ڇڏيو مون وٽ گهڻو مال آهي آءُ اتي وينو آهيان. هن جي ذهن ۾ هڪ ڳالهه اها به هئي ته آءُ چارڻ آهيان، منهنجو ڪير نالو نه وٺندو ليکڪ مگهارام اوجها پنهنجي ڪتاب پراڻو پارڪر ۾ لکيو آهي ته، پنراج سينڌل ساڙڌري جي مٿئين پاسي ڪارونجهر ۾ پنهنجو گڊ ٺهرايو. ان زماني ۾ گجرات جو حاڪم احمد شاهه پارڪر تي چڙهائي ڪري آيو. پارڪر جي پٽن تي سوُري جي وانڊيئي کان سواءِ ڪو ڳوٺ نظر نه آيو. احمد شاهه جي لشڪر سوري جي وانڊيئي جو گهيرو ڪندي چيو ته، اوهان جو راج ڏٽي ڏيکار يا مرڻ لاءِ تيار ٿي. سُرو لشڪر کان اجازت وٺي پنراج وٽ آيو ۽ چيائن ته راجپوت آهيو مون کي بچايو. مون سان گڏ هلي بادشاهه احمد شاهه وٽ حاضر ٿيو. پنراج چيو ته

چارڻا! ٽڏو ٽي هيٺ ويهہ، بادشاہ وٽ پيش پوڻ منهنجو شان نہ آهي. تنهنجي سر جي بچاءَ ۾ پنهنجو سِر ڪپي ٿو ڏيان وجي بادشاهہ کي ڏي جڏهن پنراج سوري کي سر وڍي ڏنو تڏهن چارڻ جو چِت چُري پيو تہ:

ڦگڻ ماس ورس اٺانو ٽٽ تيرس ٻڌ وار،
سينڌل سر سماپيو، پُڄ ڏاري پنراج.

(سال اٺانوي ڦگڻ مهيني جي ٽٽ تيرهين ۽ اربع جي ڏينهن سينڌل چارڻ کي سر وڍي ڏنو پنراج وڏو پُڄ ڏاري ( رحم دل) آهي.

سينڌل نہ هوي پڇڻا، وانڍي گام رو وير،
جنهن نمايو نيلوئو ڪتيو کند ڪڙ هير.

(وانڍي ڳوٺ جو وير سينڌل ڪڏهن پڇڻو نہ آهي، جنهن اڄل سان سر وڍي ڏئي گهٽن کي مات ڏئي ڇڏي، هن کندہ ڪڙ هير (جس) ڪتيو.

هن وقت تائين سوري چارڻ جا صرف ہہ شعر ملن ٿا سوري تي تحقيق جي اشد ضرورت آهي.

## جڳاجي چارڻ:

ڪوي جڳاجي چارڻ پنهنجي دور جو نمايان شاعر آهي. هن بہ ڪتاب لکيا، جن مان "رتن راسو هن جي شهرت جو ڪارڻ رهيو آهي. "رتن راس" پهريون دفعو ديوناگري لپيءَ ۾ 1809ع ۾ ڇپيو. جڳا جي شاعريءَ ۾ نصيت آميز قول بہ آهن.

مايا جل اِتي وَمل، تاس ڪوئي پار نا پاوي،
لهر لوڀ اوٹڻ، منن جهاج چلاوي
جگ ٻوڊو جم هنسي، پاون ڪرڪهنو نا لگي لاگي،
پيٽ پار نا ڪوئي، پار نہ ڪوئي آگي





(دولت نهايت نرمل پاڻي آهي، جنهن جو پار ڪوئي پائي نہ سگهيو آهي، لالچ جي اٿندڙ لهرن ۾ غور ۽ فڪر سان جهاز هلايو جڳ پوڙهن جيان ڪلي رهيو آهي، ڪٿي هٿ پير نٿو لڳي، پشت تي نہ ڪوئي ڪنارو آهي، نہ اڳيان ڪوئي ساحل آهي.)

## پريو ڏان چارڻ:

پريوڏان چارڻ، تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ ٻگهنو جو رهواسي هو. هن جي شاعري ۾ بہ نپا گفتا بہ شامل آهن. جن ۾ مزاح ۽ طز ملي ٿي. هن سورٺا ۽ دوها بہ چيا آهن. هن ڏٺ جا شعر بہ ڏنا آهن. ٿر جي رهاڻ رس جي ڪچهريءَ ۾ لطف اندوز ٿيڻ لاءِ پريي جا دوها چيا ويندا آهن، جيڪي ڳوٺن جي بيهڪ ۽ ماڻهن جي سياءِ بابت جڙيل آهن. ٿر ۾ پاڻيءَ جي تڪليف جي حوالي سان مشهور دوهو پريي چارڻ جو آهي تہ:

ساڪي رو سوڪان ڪري، بيڏمي رو وِس،
گلو سوڪو ٻاپڙا، تو جاسو ڪهي ڏِس[61]

(ساڪي جو پاڻي اهڙو ڪارو آهي، جو هڪ ڍڪ بہ شوڪارا پرائي ڇڏي، بيڏميءَ جو پاڻي صفا زهر آهي، گلو اُڄ ۾ سڪي ويو تہ ڪيڏانهن وينداوا؟)

هن دوهي ۾ ٿوري تبديلي پڻ ملي ٿي جنهن ۾ ساڪي جي جاءِ تي روهڙ ڳوٺ جو نالو آهي، شاهر چوي ٿو تہ روهڙ جو پاڻي ڍڪ ڳلي ۾ هيٺ لهڻ جهڙو نہ آهي. ٿر ۾ خاص طور تي ڏاٽ واري علائقي ۾ اونهاري جي ڏينهن پاڻي جي وسيلن تي پهرا ڏنا ويندا آهن، پريو انهيءَ درد جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو تہ:

---

[61] اهو دوهو ائين بہ ڳوناٽين ڪچهرين ۾ ملي ٿو تہ:
روهڙ رو رڙهي نهين، بيڏمي رووس،
ٻگهنو سڪو ٻاپڙا جاسو ڪهي ڏس

جاڏا ڪيجڙ جوا گهڻا، ڪتا ڪرين ڪوڪاٽ،
پاڻي مٿي پوهورا ڏين، ڏن تنا جهوني ڍاٽ.

(ڪنڌيءَ جا ٿلها وڻ، جن هينيان چوپائي مال جي ويهڻ ڪري ڇور گهٽيون (ڇوڻا وغيره) آهن، ڪتن جو ن رڙيون آهن. ماڻهو پاڻيءَ تي پهرا ڏيئي رهيا آهن، پاڻيءَ جي پيڙا هتان جي ماڻهن جي حياتي مشڪل ڪري ڇڏي آهي، انهن تڪليفن باوجود منهنجي جهوني ڍاٽ سدائين واکاڻ لائق آهي.)

ستي هتي جتي، هاراڙا ٻولي ڪوڙ
پڪي روٽي پالي، ڏني ڪوڙاوي ڏوڙ

(سَتي سچ ورتا هئي، پر هاڻي صفا ڪوڙ ڳالهائي رهي آهي، پڪل ماني مون کان لڪائي رهي آهي اها ڏني ڏوڙ ڪارائيندي؟)

هن شعر ۾ ڏوڙ جو لفظ چٽي ماني ڪارائڻ جي انڪار جي حد کي بيان ڪري رهيو آهي.[62]

مني ري ٻائي، روٽي ڏي آچي.
ساڪڙي پريو ڏيسي پاڇي.

(مني جي ٻائي (ڏيئاري) سني ماني ڏي، سياڻي پريو اهڙي ماني واپس ڪري ڇڏيندو.)

ڏنجياٽيان ڏنو ڏامو ڪاسو ڪريو ڪوٽي،
پرپيا ايها اُني، ايٽ راٻ نه ڪو روٽي

(ڏنجياٽان دعوت ڏيئي چڱو ڪوٽي ڪيو آهي . اي پريا هتان اٽي هتي رٻ جو آسرو آهي نه روٽي (ماني) جو.)

هڪ دفعو پريو ڪاروڙي آيل هو، هن اتي مڏي جي پٽ پرتاب

[62] ڏني ڏوڙم اڏاڻ اونو جاسي اميداٽيئي.





ڪتري سان مخاطب ٿي شعر چيو ته:

ڪتري جس ڪاٽ، پارس مٽي پرتابا،
تانهنجا سهج هوسين ناٽ، پڙج رمائيس پوترا.

(اي پارس مٽي پرتاب ڪتري جس ڪٽ، هي تنهجو جس ڪٽڻ جو وقت آهي، تون پنهنجا پڙپوٽا رمائي(وندرائي) سمورا سک ماڻيندين)

## جوجهاڏان چارڻ:

ڪوي جوجهاڏان چارڻ، اصل تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ ڪيسرار مڪان جو آهي. جوجهاڏان جا منڙيو چارڻ ۾ ناناڻا هئا. جوجهاڏان جي ماءُ ڪوي هيميڏان چارڻ جي جنم کان پوءِ ترت ئي منڙيي چارڻ ۾ اچي رهيو. جوجهاڏان جي پرورش منڙئي چارڻ ۾ ٿي ان ڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳوٺ منڙي چارڻ کي ڳايو آهي.

منو ڪوي منڙيئي رو، ڏيٽو جوجهاڏان،
پريما ستن ٻڌاپرگهتو جينا راڻا ماني راوَ.

(پريمڏان چارڻ جو پٽ جو جهاڏان ڏيٽو چارڻ، منڙي چارڻ جو منڙو ڪوي آهي، جنهن جي سگهاري ڏاهپ ۽ منفرد ڏات کي راجا توڙي راڻا سڀ مڃن ٿا.

جو جهاڏان جي پيرن ۾ ترائين جو پلر پاڻي واپرائڻ سبب پيدا ٿيندڙ خطرناڪ بيماري "وارو" جا ڪيڙا (جراثيم) نڪتا هئا "وارو" جي پيڙا هن کي ڏاڍو تنگ ڪيو. ان وقت هن موذي مرض جي علاج جي لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ ڪا سهولت ميسر نه هئي. ماڻهو جڙي ٻوٽين جي مقامي ڏَس واري علاج سان گڏ پنهنجي عقيدي مطابق باسون باسيندا هئا. جوجهاڏان ٻه حڪمت وارو علاج ڪرڻ سان پنهنجي عقيدي تحت سَتي جُومان جي آستان تي "واري" کان ڇوٽڪاري جي باس باسي هئي.

ڏگتا وهي ڏانگڙيان، پگي وهي پاڙا،
جومان تون اي جاڻي، آئي ميٺي واڙا.

(اي جو مان! پيرن سان منڊڪائيندو، لٺ جي آڌار تڪليف سان هلان ٿو. ستي تون پنهنجي دعا سان منهنجا وارا (واڙا) ختم ڪر.)

ڪنگهار ڏان جي پنهنجي ڀاءُ جوجهاڏان سان تمام گهڻي محبت هئي. بيماريءَ واري عرصي ۾ هن جو جهاڏان جي وڏي چاڪري ڪئي. جو جهاڏان جڏهن صحتمند ٿيو ته هن جي اندر ۾ شوق جاڳيو ته هو پنگڙ ڪاليج مان شاعريءَ جي فن جو ڪورس ڪري. هن هِتان هُتان ڪري وڃي پنگڙ ڪاليج ۾ داخل ورتي. هڪ ٻه مهينا مس گذريا. ڪنگهار ڏان کي جو. جهاڏان کان سواءِ سک نه اچي. ڪنگهار ڏان بيماريءَ جو بهانو بڻائي ڪوي جو جهاڏان کي خط لکايو ته. منهنجي طبيعت گهڻي نيڪ نه آهي. آءُ مرڻ ۾ آهيان، تون اچ ڏسي وڃ. جو جهاڏان پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي موٽي آيو. پوءِ ڪنگهار ڏان جي پريم ۾ واپس وڃي نه سگهيو.

چارڻي عقيدي ۾ جنهن تي ڏات جي ديوي مهربان هوندي آهي، تنهن کي 'وردائي ڪوي' سڏيو ويندو آهي. جو جهاڏان 'وردائي ڪوي' هو. جوجهاڏان جي شاعريءَ جي موضوعن ۾ مالڪ حقيقي جي ساراهه، چارڻي ديوين جا گيت، ٿر جا سخي ۽ سور وير ڪردار شامل آهن. هن جي روح جي رامڪليءَ جي راه تي هلي شاعراڻي گودڙيءَ ۾ اهڙا ته هنگلاجي هيرا هٿ ڪيا آهن، جن جي ڪن ڦاڙ ڪاپڙين کي سدائين تلاش رهي آهي.

جوجهاڏان سوڍن جي صاحبيءَ تي ڪيترا دوها، ڇند ۽ سورٺا چئي تاريخ کي قلمبند ڪيو آهي. خاص طور تي امراڻ، ڇاڇراڻ ۽ ڪاڻڙ جي ڪردان جون ڪٿائون سندس شاعريءَ جي سونهن آهن. ڌرتيءَ جي نوَ کنڊن ۾ ڇاڇري کي ڇمر ڇايا وانگر محسوس ڪري ٿو.

جوجهاڏان پرٿويءَ تي رهندڙ ماڻهو جي پر ۾ پنهنجي علائقي جي





ماڻهن کي معتبر ڏسي ٿو. تاريخ جي طوفان ۾ هن جي شاعري جا پنا گم نه ٿيا آهن. ديوناگري لپيءَ ۾ مختلف قلمي نسخن جي صورت ۾ هن جي شاعري ملي ٿي. هن جي شاعريءَ جو هڪ اڻ ڇپيل مجموعو ڪاروڙي جي ڪيسوڏان چارڻ کان اپياس ڪرڻ لاءِ مون کي مليو. جيڪو چيلهار جي مهراج گوتم چند (رٽائرڊ پرائمري استاد) مون کي سنڌي ويس ۾ اتاري ڏنو آهي. جنهن ۾ ڪوي جوجهي جي ڪوتا جا موضوع "هنگولاج ديوي،" "ڏيول ديوي،" "پهوچرا ديوي"، "ڏني جي وڏائي"، "نرسي مهتو"، "عمرڪوٽ جو راڻو پيرڏان سنگهه سوڍو"، "سوڍو اڪيراج"، "ڪوي جا سوال جواب"، "سوڍا رتن سنگهه"، "سوڍا سونسنگهه"، " عقل چيتاوڻي" ۽ ٻيا موضوع شامل آهن.

رهاڻ رس جا ڪوڏيا پنهنجي محفلن ۾ هن سگهاري شاعر جي شاعري سڻائي هڪ ٻئي کي داد ڏيڻ سان گڏ سبق آميز سکيا حاصل ڪن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ انوکي لئي ۽ ترنم آهي پروفيسر شڪتيڏان ڪويا، ڪوي جو جهاڏان کي پيٽا ڏيندي لکيو آهي ته :

موٽو تاڪو منڙيو، جوجهو ڏيٽو جاڻ،
پُج پڙيو ڪائب پلي، پرگهٽ ڏاٽ پهچاڻ

## ڪوي ڪنگهار ڏان:

ڪوي ڪنگهارڏان، ڪوي جوجهاڏان جو ننڍو ڀاءُ هو. ڪوي جوجهاڏان وانگر ڪنگهار ڏان کي به واري جي بيماري ٿي. ڪوي ڪنگهار ڏان کي واري جي بيماري پير سان معذور ڪري ڇڏيو هو. منڙيو چارڻ جي سوٿهڙ برادريءَ جي هڪڙي مسئلي ۾ چارڻن، ڏاهليءَ جي سوڍن جي گهرن اڳيان احتجاج ( ڌرڻو ڏيڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تڏهن ڪنگهار ڏان به پنهنجي معذوريءَ باجود سنيري تيار ٿيو ۽ احتجاجي ڌرڻي ۾ شعر چوندي

شينهن وانگر گونجي اٿيو هو. چون ٿا تہ کنگهار ڏان ان موقعي تي سراپ وارا دوها چيا هئا.

جنهن وقت چارڻ ۾ سوٿهڙ منڙي چارڻ مان ڏاهلي وڃي رهيا هئا، ان وقت هن کي گڏ وٺي اچڻ لاءِ تيار نہ هئا. چاڪاڻ تہ هيءُ هڪ پير سان معذور هو پر هن پاڻ کي حوصلو ڏيندي ان قافلي جو پاڻ کي رڪن بڻايو ۽ چيو تہ:

منڊا ٽنڊا ڪر مهل، تون ريڙو پائي رامسنگهہ رو،
او هاٿي ڏي حمل،[63] اي چارڻ پهچي ڏاهلي!

(منڊا ٽنڊا تون مهل ڪر، تون رامسنگهہ جو سڀڳو پاءُ آهن. اي منهنجا مالڪ! مون کي هاٿيءَ واري طاقت عطا ڪر، تہ هيءُ چارڻ ڏاهلي پهچي.)

کنگهار ڏان مختصر دوها(ڇو اکريا) چوندو هو. لوڪ ڪردارن جي تعريف ۾ سندس بہ دوها مثال طور تي ڏجن ٿا:

مڏوا گهر منر هويو. چاندان گهر سلطاڻ،
ڏيٿا گهر پونجل هويو. چاندان گهر سلطان
ڏيٿا گهر پونجل هويو. اٿي ڪڙوو مت جاڻ.

(مڏوا(راجپوتن) جي گهر منر. چاندن (نهڙين) جي گهر سلطان ۽ ڏيٿن ( چارڻن) جي گهر پونجل جنم ورتو. اهڙن نيڪ انسانن جي موجودگيءَ ۾ جڳ کي ڪڙو(ڪارو) نہ سمجهہ.)

انڏاري هيلو آيو. ڪرچي نا راکي پلي ڪوءِ،
پونجو نت ڪا پيڇو لا ڪري، جو نا امل جوءِ

(انڏاري ۾ سڏ ٿيو. پلي ۾ ڪرچي ڪير نٿو رکي، پونجو روز جي رهاڻ ڪري ڪاري غنودي ڪٽڪي ڏي ٿو.)

---

[63] حمل: طاقت، بار کڻڻ وغيره





## ڪوي ڪمڏان چارڻ:

ڪوي ڪمان چارڻ پنهنجي دور جو ناميارو ڪوي رهيو آهي. سندس ڪيترائي شعر ٿر جي سگهڙ سياڻن کي ياد آهن. ڪوي ڪمڏان چارڻ پنهنجي هٿ اکرن سان ڪوتا جا گجراتي لپيءَ ۾ قلمي نسخا تيار ڪري پڏيلي جي سوڍن سورپ سنگهہ وارن کي ڏنا هئا. پر سندس ڪو بہ ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ اچي نہ سگهيو. سروپ سنگهہ اهي قلمي نسخا گڏڙي چارڻ جي رهواسي هرڏان چارڻ جي پٽن گٽيس ڏان ۽ ڪرشن ڏان جي حوالي ڪيا. جتان مطالعو ڪرڻ جي لاءِ مون کي مليا.

ڪوي ڪمڏان چارڻي ڪوتا جو فن سکڻ جي حوالي سان منفرد حيثيت رکندڙ مشهور پنگڙ ڪاليج جو پڙهيل هو. هن شاعري جي ڇند/ ماترا وغيره جي فن بابت هڪ ڪتاب پڻ لکيو هو. جيڪو اڻ ڇپيل آهي.

ڪوي ڪمڏان تعلقي ننگر پارڪر جي ڳوٺ پيماويريءَ جو رهواسي هو. ڪوي ڪمڏان جي والد جو نالو لانگي ڏان هو ڪوي ڪمڏان جو هڪ ڇند ڏاڍو مشهور ٿيو جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ:

ڏيس ڏيوڏر ڏور رهيو. آوڻ جاوڻ نهين هويو.
ٿڙ ٿونبڙ ميگهہ بنا مرجهاٽي رهيو.

(ڏيوڏر جو ڏيهہ دور رهيو . اچڻ وڃڻ نہ آهي، ٿر ٿوهر جو علائقو مينهن بنا مرجهائي رهيو آهي.)[64]

سماج تني رچنا ڪري، وهي پرش ٻڌوان،
يگج ستيہ تاهِي، پڻان، پاشت سپ پڳوان

(جيڪي سماج جي شيوا ڪن ٿا. جيڪي علم وارن جي صحبت ۾ رهن ٿا، جيڪي سچ جو ساٿ ڏين ٿا . جيڪي پڳوان جو نالو سمرن ٿا ، اهي سڀ اتم انسان آهن.)

---

[64] ڪوي هيمڏي مطابق هي ڇند ڪوي ڪيتي ڏان جو آهي.

بنا رُت برسات هوءِ، بنا سميہ ڪي وات،
بنا پاتر ڏيج ڏيوي، ڪاج وئرت ڪهي وات

(بنا رت جي برسات ايتري فائديمند نہ آهي، بنا وقت جي ڳالھ اجائي آهي، بنا پاتر جي ڏيج ڏيڻ جو ڪاج وئرت آهي)

## ڪوي ستيڏان چارڻ:

سگهڙ فقير هاشم (اصل ڳوٺ منڙيو، حال مٺي) مطابق ڪوي ستيڏان منڙيي چارڻ جو رهواسي هو. جڏهن تہ ڪوي هيمڏان چارڻ چوي ٿو تہ ستيڏان منڙيو جو نہ پر تعلق ننگر پارڪر جو رهواسي آهي. چون ٿا تہ صدين پڇاڻان هي جاجڪ ڀيجل جي ريت روايت ۾ صدا هٽي ۾ سر وڻڻ جي جذبي سان پنهنجي ڳوٺان نڪتو هو. ٿر ۾ واري جا دڙا پٽي، جڏهن پارڪر جي پوٺن تي پوڙهي پد ماسر وٽ پهتو تہ تيجمل ويري جي رامجي ورڻ هن جي آس پوري ڪئي.

چارڻ آيو چيتوي، سوئي جوبا سردار،
ڪوئي ايسو ڪڙ جگ مان، ڏي سيس ڏاتار

(چارڻ گهران اهو چت ۾ چيتاري نڪتو تہ هن ڪلجگ ۾ ڪو اهڙو سخي ڏاتار آهي جيڪو ڏان ۾ سر ڏي. ان آس ۾ هن سوين سردار نهاريا.)

نڪ ورڻ نيلي نڪٿ، پتا پاوَ پرمار،
جائي چارڻ جاچوا ڏي سيس ڏاتار.

(راجپوتن جي ناماري نڪ ورڻ جي سپوٽ گهراڻي ۾ سخي ڏاتار (رامجي) جنهن جو پتا پاوَ پرمار آهي، چارڻ اهو پڇائي رهيو آهي، جيڪو سر ڏيندو.) [65]

65 ذات ورڻ موتي نڪتر، پتا پاوَ پرمار
چارڻ آيو چيتوي، منان ڏنو سيس ڏاتار.





آوي پاٽ اوپرا ڪڏو تلڪ ڪيو.
ماتا ٿاڙ مانڊيو ڏاتا سيس ڏيو

(چارڻ جي صدا تي سخي ڏاتار رامجي ڏان ڏيڻ جي ريت رسم پوري ڪري تلڪ وغيره هٽي بينو رامجي جي ماتا ٿال سينگاري اڳيان جهليو تہ اي سخي هن ۾ ڏان جو سيس رک.)

رامجي سيس سماپيو پاڙي ڪوڪت پاڻ،
ڪيرت را ڪمناڻ، راکيا امر جگ رامجي.

(سخي رامجي ڏان ۾ سرڪپي چارڻ جي حوالي ڪيو ڪانئر ماڻهن ۾ ڪوڪارو پئجي ويو تہ سر ڪيئن وڍي ڏنو !؟، رامجي پنهنجي اهڙي سخاوت سان ناموس پريو نالو جگ ۾ امر ڪيو)

وانڪا ڪاڍڻ وانڪ، ڪي ڪي نر چايا ڪري،
آوڙا ميتي آنڪ، رانڪا پاڙگ رامجي.

(شهرت جي اُپ تي چمڪڻ جي لاءِ هر ماڻهو تمنا ڪندو آهي، پر جستجو ڪو ڪو ماڻهو ڪندو آهي، اي رامجي! تون روايتن مان نڪري پنهنجي منفرد سخاوت سان زندھ رهندين.) [66]

## ڪوي روپ ڏان:

موسم جي ادائن تي شعر چوندڙ ڪوي روپ ڏان تعلقي چاڇري جي هڪ ڳوٺ ڏاهڪڻ جو رهواسي ۽ مشهور ڪوي رٽڇوڙ ڏان جو پوٽو اهي. راٽيڏان جي پٽ روپ ڏان جو من پاوڪ شعر چوڻ جو انداز ساري

66 ڪي ڪي نر گايڙ ڪري، توگو سمپي تاگ
سرساتي سوپاگ، راکيا امر جگ رامجي.
تيجل سون تڪرار آريان تي اڙگا بسو،
پاتوان پاڌڙ پاڙست ڏاتا رامجي ستن

ڪاهوڙ جا سگهڙ سياڻا اڄ ٻه يادگيرين جا ريشمي تاڪيا کولي اکيون اشڪبار ڪندا آهن.

آيو چوماسو چٽ رنگ هُو ٿا،
انجس رنگ رنگ رڙلياهٽو
ڏن ڏن ٿيو ڏن
ون ساوا پن
ليلا لاڳي لهر
شهر ڏيدي ساپڙيان
چم چم وسي چنتڙيان
چم چم ويجا چمڪت
ڪرت ڪنوڙ ڪيل
مور پپهيا ٻولي پيارا
ساٽ ڍڙڪنت ڍيل
گهم گهم گاج گهر اندر
آوي ڌر امبر ساڌو سر
هم هم ڪرتو مڪر
ڏم ڏم ڪرتو ڏاڪ وڄت،
تجت ڪيهر ميهر
جهڙ منڏڙ اکنڊ نو اکنڊ
اندر چڙهي واڄ
حڪم هاٿ ۾ لي مينهان ور ساڙو

(چاماسي جي اچڻ سان من مهڪي پيو آهي، هر طرف وسڪاري جا رنگ روپ پڌرا ٿي پيا آهن. هر ڏينهن سياويڪ ايري ٿو سارو جهنگ سائو ٿي پيو آهي، هر ڏس ساوڪ جي لهر آهي. شهر جي رونق وڌي پئي آهي، چم چم ڪري مينهن جون ڦڙيون وسن ٿيون. چمڪندڙ وڄ جي





وراڪن ۾ نوان ڪيل آهن. مور پپهيا پيارا ٻولن ٿا، ڍيلون ٻه ڍوڙي رمت ۾ گڏ ٿين ٿيون. اندر ديوتا جي گهر مان گاج گجگوڙ ڪري ڌرتي تي پڙاڏو پيدا ڪري رهيو آهي، گجگوڙ جو آواز ائين ٿي رهيو آهي، جيئن ڏاڪ وڄندي آهي، ڪيهر شينهن جي گجگوڙ جي آواز تي ڌرتي گونجي اٿي آهي. وڏ ڦڙي جي وسڪار ۾ ڌرتي جي نو ڪنڊن تي برسات جو ديوتا اندر مينهن وسڪاري جو حڪم هٿ ۾ کڻي نڪتو آهي.)

## ڪوي جوو ۽ جالم ڏان:

ڪوي جوو پارڪر جي پٽ جو رهواسي ۽ نيهڙ جي ڪوي جالم ڏان جو پاڻيجو هو. هڪ ڀيري ڏڪار ورهيه ۾ ڪوي جوو چوپايو مال لوڏي پنهنجي ناناڻن جي ڳوٺ ويو. ٻي سال جڏهن چوماسي جا ڏينهن آيا تڏهن جوو سنيرڻ لڳو ته ان وقت مامي جالم ۽ جوو جي وچ ۾ شعرن ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي جيڪا هن ريت آهي:

**ڪوي جالم:**

واجڻ لاڳا واهيرا، ڪيتي نه رکيا هڙ
جووا تون ڪني جيواڙاس، ٻه ڏوڳا هيڪ ڏوڙ

(تيز هوائون لڳڻ شروع ٿيون آهن، ٻنين ۾ هر نه رکيا آهن. اي جووا! اهڙي موسم ۾ تون ٻه ڍڳا ۽ هڪ ڍڳي ڪٿي چاريندين!؟

**ڪوي جوو:**

ٿڙ ڏورا، سرنگي ڌرا، ماٿي جو ونا ميهه،
مين جائون ماڙي والمي ٿان ڪرو ٿيهه.

(ٿر جي ڏڍي واري خوبصورت ڌرتي ۽ ان جي مٿان پلر جي پالوٽ ٿي آهي، آءُ پنهنجي اهڙي محبوب وطن ڏي ويندس تون پنهنجو الڪو ڪر.)

**ڪيو جالم:**

گامون گام سداورتا، مندر گامان مانھ،
نيھڙ ماڻي ونو نهين، تڙ مان ڪيسو ٿانھ

(هتي ڳوٺ ڳوٺ ۾ مندر ۽ سوامي ڀڳت آهن، نيھڙ تي اجان ونو ناهي، تہ ۾ ڪيئن ونو هوندو!؟)

اٺ قطاري آدمي، ڏياڙي رو نہ جائي ڏک،
جوا مين ميھڙو پاڙي، جڏ تڙ ۾ ڏني بک.

(تہ جا ماڻهو اناج جي لاءِ اٺ قطاريندا آهن ڏياري جي ڏن تي بہ انهن جو ڏک نہ ٿو وڃي. اي جوا! جڏهن آءُ ميھڙو چارڻن ۾ (راڻي جي ڳوٺ) پرڻجڻ آيس تڏهن بہ مون تہ ۾ بک ڏٺي هئي!)

**ڪوي جوو:**

گھڻ ڏيٺا، گھڻ ڏاوا، گھٽو اھ تڙ سک
ماڻسان تي منيا متي، جالمو ماري تو جک

(گھٽو ڏيٺو آهي، (ماڻهو) گھٽا ڀاڳيا آهن، تہ گھٽو سک آهي. اي ماڻهوئان! اوهان نہ مڃجو جالمو جک ماري (بڪواس ڪري) رهيو آهي.)

**ڪوي جالم:**

مات وڪاڻي ڏيڪرو، پُرک وڪاڻي نار،
جوو وڪاڻي تڙ نا، منان پوچا لگين پار.

(ماءُ پنهنجو پٽ واڪاڻي، مڙس زال واڪاڻي، (ائين) جوو تہ کي واڪاڻي ٿو مون کي پوچا پار لڳن ٿا.)

## ڪوي ڏيارام چارڻ:

ڪوي ڏيارام چارڻ نصيحت ۽ سبق آميز شاعريءَ جي حوالي سان مشهور آهي. تہ جا سگھڙ، سياڻا ڪڇھرين ۾ ڏيارام جا دوها ٻڌائيندا آهن.





ڪيترائي دوها لوڪ چوڻين جو حصو ٿي چڪا آهن.

آڦي ڪوڻ آوي، پاڙو بھي پنٿيو
لاڻان پھل لاوي ڏاٽو پاٽي ڏيارما.

(پاڻهي پنڌ ڪري ڪير پانڌيڙو ٿي اچي ٿو لٺ جو زور پرڻ کان اڳ ۾ داٽو پاٽي ڏيارام چڪيو اچي ٿو.)

ڪيتي، پاتي، وينتي، چوٿا هري ڪا نام،
آپو آپ ڪريجيئي ڏوجھو نهين ڏيارما.

(اي ڏياراما! (چار ڪم) ڪيتي، استري جي چاڪري، وينتي ۽ هري جو نالو وٺڻ هي ڪم ماڻهو کي پنهنجو پاڻ ڪرڻ گھرجن ،ٻي جي ڪرڻ جو فائدو نہ آهي.)

گھر ۾ جاجھو هيم، بنا ٻيتي لاگي برو،
پتران جيسو پريم، ڏوجھو نهين ڏيارما.

(گھر ۾ گھڻو سون (هجي) پر پٽ (اولاد) کان سواءِ برو لڳندو آهي اي ڏيارام! پٽن جھڙو پريم ٻيو ڪو بہ نہ آهي)

ڪوڏي را سھي ڪام پئسي چاڪر پرٿوي
روپيا تين ۾ رام ، هون ڏيو ڪري پوجان ڏيارما،

(ڪوڏي ( سڪي) جا سارا ڪم آهن، هن ڌرتي تي پئسي جو ڦيٽو ڦري ٿو. روپيا تو ۾ رام طاقت رکي آهي، ڪوي ڏيارمون چوي ٿو تہ آئون ( دنياوي دستور ۾) ديو ڪري پوجان ٿو.)

## ڪيو انچل ڏان:

تعلقي چاچري جي ڳوٺ ڪيسراڙ جو رهواسي ڪوي انچل ڏان پنهنجي دور جو نامور ڪوي هو پر هن جي گھڻي شاعري محفوظ نہ رهي سگھي آهي. ڪوي انچل ڏان نظر سان ٿورو جھڪو هو. ڪانهاڻي جي مهوڙ

چارڻن مان ٻه پيرا پرڻيو هو. ڀاٽ جا سگهڙ چون ٿا ته انچل ڏان رهاڻ رس جو ڪو ڏيو هو. انچل ڏان وٽ سدائين ميڙو متل رهندو هو. ڏات هن تي گهنگهور گهٽا جيئن برسندي هئي.

کانهاٽو ندي ڪير ڪي، ساهر هنڌ سير،
ڪروڙ ڏج ڪوي وسي، وهي آنو هير.

(کانهاٽو ڪير جي ندي ۾ جادو ڪندڙ حسن جو ماڳ آهي، ڪروڙين ڳڻن وارا ڪوي وسن ٿا، جتي اٺ ئي پهر (ڏينهن رات) هير ڳهلي ٿي.)

ڏيٿا مهوڙ مڙتي هينئي ڀهوڙو هيت،
جس ڪتڻ جيوٽهارا، کانهاٽو رهاٽان ڪيت.

(ڏيٿن ۾ مهوڙن (چارڻن جي نکن) سان ملندي هانءُ ۾ وڏو هيت ( پريم پيدا ٿئي ٿو. جيوٽهارا ( جيوٽاٽي ڏيٿا) سپوت جس ڪتڻ وارا آهن. کانهاٽو رهاڻ جي ٻني آهي.)

مين چاهت هون ملڻ ڪو ڪر ڪر ٻمڻ هيت
اشو چرڻ، مين گهر سو ملنت ڪو نهين ڏينت

(اي ساجن !تو سان ملڻ جي لاءِ آئون ٻيڻو هيت ڪري وينو آهيان پر چا ڪريان؟ ( مقدر جو) داٽو پاٽي ملڻ نه ٿا ڏين.)

بيجڙيا هڙ وڙا هوي، وُسودا ڪيو وٽراهه
ڏر منڏڙ ڏر آيو گهر منڏر گهر آوهه

(وج وراڪا ٻڌا آهن، وٽڪار نئون ويس پهريو آهي، ڌرتيءَ جو سينگاريندڙ ڌرتي تي آيو آهي، اي منهنجي گهر جا سينگار گهر اچ.)

هاءِ ڏيهي ڪيسي پئي ، اڻ چاهت ڪي سنگ،
ديپڪ کي من ۾ نهين جلي مريو پتنگ





(هاءِ منهنجي هي ڏيهي ڳري ڪهڙي ٿي آهي، هڪ طرفي عشق جي واٽ تي هلندي چاهت نه ڪندڙ جي ساٿ جي لاءِ سُڪي آهي، جيئن ديپڪ جي من ۾ (محبت جو جذبو ) نه آهي پر پتنگ ويچارو هُن جي لاءِ سڙي مري ٿو.)

ڌرتي تون سياڳٽي ٿانرو اندر جيسو پرتار،
پيهروا ليلو ڪانچورو، گلي ڦولن ڪيسا هار

(اي ڌرتي تون ڀاڳ واري آهين، تون پلن ڳڻن وار سندر آهين، اندر جهڙو پرتار آهي، تنهنجي پهرڻ جي لاءِ سائو ويس ۽ ڳلي ۾ ڦلن جا هار آهن.)

## ڪوي ڪيتي ڏان:

ڪوي ڪيتي ڏان جو نالو پوري ٿر ۾ مشهور آهي. ڪيتي ڏان پارڪر جي ڳوٺ ڏيڏرائي جو رهواسي هو. ڪيتي ڏان شڪل صورت ۾ ٿورو اپرو هو. هڪ دفعي ڳوٺ ۾ شادي جي شڀ موقعي تي رهاڻ ۾ ڪيتي ڏان تي ٺٺول ڪندي ڪنهن هلڪي طبيعت جي ماڻهو چيو ته هي ٻه سياٽي پنهنجي علائقي جو مها ڪوي ٿيندو. ڪيتي ڏان کي انهن لفظن وڏي چڏيو پر هن پاڻ سنڀالي ورندي ۾ ڪو لفظ نه چيو ماٺ ڪري اٿيو. اتان ئي پنگڙ ڪاليج ڏانهن سنيريو. ڪيتي ڏان جي معاشي حالت ڪمزور هئي. پر اٽل ارادو ڪري نڪتو هو ته مون کي ڪوتا جو فن سکڻو آهي. پوءِ هتان هُتان ڪري هن پڙهائي پوري ڪئي. قدرت واري هن جي من جي پڪار ٻڌي ڏات جو تحفو عطا ڪيو. سرسوتي جي مهر جا مينهن هن ڪارونجهر جي ڪوي تي اوڙڪون ڪري وسيا نئين ڏينهن نئون شعر چوڻ لڳو. ٻني جي خوشبوءِ جيان هن جي شاعري جي سڳنڌ صديون سرهيون ڪيون آهن.

امل، اري، اُڏارڻ، وهڻ تپڻ، ٻڪواد
نرپ تريا، سيج آسنگو اي ٿوڙا ٿورا سواد.

(آفيم/نشو دسمني، اوڙر، سفر، گرمي/ڪروڌ/ ڪاوڙ ٻولي ڳالهائڻ راجا ( سان تعلق)، ناري (جو ساٿ)، سيج جي رمت وغيره سڀ ٿورا ٿورا سواد وارا آهن.)

ڏيري ڏيري موري ناڪران، ڏري سڀ ڪا هوئي
ماڙي واڙي سينچري، رت آئي ڦڙ هوئي

(آهستي آهستي منهنجا ناڪرو ڌيرج سان سڀ جو ڪارج پورو ٿيندو آهي، مالهي روز واڙي جي وڻن ۽ ٻوٽن کي پاڻي ڏيندو آهي پر رت اچڻ تي ڦل ٿيندو آهي.)

ساجن ايسا مُر جاڻيئي ، ٿان ٻچڙي موهي چين
جيسي جل بن ماڇلي، تڙپ رهي ڏن رين

(ساجن ائين نہ ڄاڻجان تہ تنهنجي وڇڙڻ سان مون کي چين آهي. آئون آئين تڙپي رهيو آهيان جيئن پاڻي کان سواءِ مڇي ڏينهن رات تڙپندي آهي.)

ڏاڙهہ ڪتوڪي ڪاڪرو، جم رجي ڪتوڪي نيڻ
گيو ڪتوڪي والمو موئي وسري نا ويڻ

(ڏاندن/ڏاڙهن ۾ جيئن ڪڪرو/ پٿر ڪٽڪندو آهي، ائين اکين ۾ رائي/ واري جو ڪڻ بہ ڏکيو لڳندو آهي، وڇڙي ويل پيارو انسان سدائين ياد رهندو آهي. اهڙي طرح ڪنهن جو ڏنل ويڻ/طعنو /اوچوو لفظ مرڻ کان پوءِ بہ نہ وسرندو آهي.)

ساجن پر گهر جاوتان،ڏک نا وانٽيو ڪو
پرم گماوين آپرو ساٿ نا ڏيسي ڪو





(منهنجا پيارا ٻين جي گهر وڃي پنهنجي ڏک جي وارتا نہ ڪڻ، پنهنجو پرم وڃائيندين ڪير ساٿي نہ ٿيندو.)

## صدر الدين چارڻ:

ٿلٿيءَ جي پرسان رهندڙ وٽائي چارڻن سان تعلق رکندڙ صدر الدين پنهنجي دور جو بهترين ڪوي ۽ سگهڙ سياڻو ٿي گذريو آهي. سنڌ جا ٽالپر حڪمران هن جي قابليت ۽ ذهانت جي ڪري ڪيس وظيفو ڏيندا هئا، هن جو حيدرآباد اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. عمر جي آخري ڏينهن ۾ ميرن سان محفل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد آيل هو اُتي بيمار ٿي پيو بيماريءَ سبب وفات ڪري ويو. کيس حيدرآباد ۾ دفنايو ويو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي هڪ مضمون ۾ صدردين جو سُنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجي مشهور ڪتاب “وينجهار” ۾ صدر الدين جي شاعري ڏني آهي.[67] صدر الدين ڏهس[68] جو سنو شاعر هو.

پٻ پاريهر پدمڻيون، دل دامڻيون ڏوراس،
اڳ اليهر اوپسر مُک، مَر مَر موچاراس،
ترنيءَ جا تجلو ڪري، پيا تہ پريان جي پاس،
اُهي سيئي سينگارياس، هو ٿيا سوايا صدر الدين چوي.

(اهي پدمڻيون، جن جا پير پاريهر جهڙا سهڻا، جن جي نظر وڄ جيان گهائيندڙ جن جا وار اليهر (نانگ) جيان ڊگها ۽ ڪارا ۽ منهن سنگ مرمر کان بہ وڌيڪ لسا، سي بہ محبوب جي حسن کي ڏسي، هڪدم (ڪنوڻ جيان) اچي پيش پيون صدر دين چوي هو تہ انهن سمورن سينگارن کان سپرين سوايو آهي).

[67] وينجهار ص. 171
[68] ڏهس: لوڪ ادب جي صنف جنهن ۾ ڏهہ تشبيهون، ڏهہ استعارا، ڏهہ ڪنايا وغيره ڏهہ دفعا ڪم هايل هجن.

## سليمان چارڻ:

سليمان چارڻ دادو ضلعي جي ڳوٺ فتح پور جو رهواسي هو. سليمان چارڻ پنهنجي دو ر جو نامور ڪوي هو. هن جي شاعري سگهڙن، سياڻن جي ڪچهرين جو وڏو وکر رهي آهي. جلال دين ڪٽي، صدر الدين چارڻ ۽ سليمان چارڻ هڪ ٻي ڏي شعرن جون سوکڙيون موڪليندا هئا ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجي ڪتاب"سنڌ جو سينگار"، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب" سنڌي ۽ هندي شاعري جو لاڳاپو " ۾ سيلمان چارڻ جو احوال ڏنو آهي.

سليمان چارڻ جي شاعريءَ ۾ تشبيهون سهڻيون ڏنل آهن.

جبهين گام گلال، ساجن ڪٽي سبيل مان
هنج هاٿي حيران ٿيا، دم تهين در حال
ائنگي ڪان عجيب جو آ قابو ڪر ڪمال
لئون لئون سينڌ صفا گهڻو لب لاڪيءَ ڪان لال
اهو عينن ڪي ڏسي، پيا ڪُرمش منجهه ڪنگال
روَ ڪينچن، ماه، ڪنگور ون، ناهي جوڙ جمال
آهه ڪارو، اودي ٽُٻي تہ ڪي موءِ مثال
قد قامت ڪهڙا پرين؟ صنوبر ڪان سوال
تن جي نام نهال، ڪيو هيءُ سر سليمان چئي

--

تليهر ترنگ، اُڀي جهاري جهاڙ پر
ان جو ورن وساڙان وترو، البهہ جهڙس انگ
ڪنگو ڪونئر ڪرايون پرون پونر پونگ
ڪيسر لڪي ڪامٽي، ڪي انيچا نين ڪُرنگ
تنهنجو جلوو جوبن روپ جڻ ماهہ ڪڙيو سر ڪنگ





سرتيون سليمان چئي جنهن سنواريا سارنگ
وڃون منجهہ مهنگ، ڪنبي پينيون ڪڪريون

--

هو جو پيتم سر پگهار تنهن ياقوتن ڪي ياف ڪيو
نڪري رخسارن تي احمر ٿيا اظهار
آءُ جوبن جا جوهري، تون نرتون ڪر نهار
طرح تماشو تان ڏس، ويهي تون وينجهار
هڪ اڳ ساجن سان سينگار، ٻي وڏي جوت جڙاو ڪي

## ڪوي ڪيلاش ڏان لاس:

ڪوي ڪيلاش ڏان وٺ ڪوتا جي روپ ۾ محبت جي ڪيتڪي گل جون ڪليون ۽ مگرن جون مکڙيون آهن. هن التجا پريل اکرن ۾ ڪڪوريل ڪکرن جهڙي پريت ڪي ملاقات جي منٿ ڪئي آهي.

برس بيت گيا بات هوئي ني،
ٿان سُون ملاڪات هوئي ني.

(ورهيہ گذري ويا آهن، بات نہ ٿي آهي،
تو سان ملاقات نہ ٿي آهي.)

ٿانرو او برسان رو وادو،
پورو هو پڻ ري گيو آڏو
هوتان ميڙ رو پورو ارادو
ڪئي بيت گيا ساوڻ ڀادو
ٿان سون ملاڪات هوئي ني

(تنهنجو سالن جو واعدو هو
اهو اڌورو رهجي ويو،

ملڻ جو پورو ارادو هو

ڪيترائي سانوڻ بدو گذري ويا

توسان ملاقات نہ ٿي آهي.)

لر لر روک بلاوي ٿان ني
ڦرتو چاند چتاوي ٿان ني
سپنا مان لياوي ٿان ني
اونچ نيچ ري انديارِي ري
پڻ اچي پريات هوئي ني

(وڻ ٽڻ هوا ۾ جهومندي توکي سڏي رهيا آهن.
اپ ۾ ڦرندڙ چنڊ توکي چتاري رهيو آهي
خوابن ۾ ڪوئي توکي ڳولي رهيو آهي،
اونچ نيچ جي انڌياري ۾
چٽي پريات نہ ٿي آهي،
توسان ملاقات نہ ٿي آهي)

ليرا ليوي سمندر هلوري
نديان نالا هيت گلوري
نيٻ ڏن ۾ وائرو گهوري
مڙڻ ري ميني بات هوئي ني
ٿان سون ملاڪات هوئي ني

(سمنڊ ۾ موجون لهرون هٽي رهيون آهن.
ندين نالن ۾ پيار پلٽي رهيو آهي،
گگن ۾ مست هوا گهلي رهي آهي،
پر ملڻ جي سهڻي بات ٿي نہ آهي.
توسان ملاقات ٿي نہ آهي.





توسان ملاقات ٿي نہ آهي.)

پوٿيان لک اتهاس بنايا
ڪانون ڪائدا راج چلايا
ڪاري چڪر ري ڪيران لايا
اڊائي اکر گنڻ ري
گڙي ري اوڪات هوئي ني
ٿان سون ملاڪات هوئي ني

(ڪتاب لکي اتهاس بنايو
دستور ٺاهي راج هلايو
تاريڪي جو تحفو آندو
پر ڪجھ لفظ
ڳلي مان اتارڻ جي اوڪات ٿي نہ آهي،
توسان ملاقات ٿي نہ آهن.)

## ڪوي اجت ڏان چارڻ:

ڪوي اجت ڏان چارڻ، تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ منڙيو چارڻ جو رهواسي ۽ ڪوي ڪوج ڏان جو پٽ هو. تعلقي منيءَ جي ڳوٺ پاٻوهر مان پرڏيهو هو. جڏهن تعلقي ڇاڇري ۾ چارڻن جا ڳوٺ خالي ٿي ويا تہ اتان اچي پاٻوهر ۾ رهڻ لڳو. اجت ڏان راڳ جو وڏو ڄاڻو ۽ منڙي آواز جو مالڪ هو. ڳوٺ پاٻوهر ۾ راجپوتي رنگ ۾ رهاڻ رس متل رهندي هئي، شام جو ڳوٺ جي ريل ۾ ميڙو مچندو هو اجت ڏان مهاسينگهہ ، لڇو ڏان، هيمڏان ۽ ٻيا چارڻي ادب جا موتي وسائڻ شروع ڪندا هئا. هر ٻڌندڙ املهہ هيرا ميڙي گهر ورندو هو. ڪوي اجت ڏان وٽ وڏي لوڪ ڏاهپ هوندي هئي، راڳ جو ڄاڻو هو. سندس آلاپ تمام منو هو.

کاهوڙ هيرا ڪاڻ، نت گرڙٽي امل گڙيئي
رنگ هو سُگلي رهاڻ، رنگ جانو هاشماڻي

(ڪاهوڙ هيرن جي ڪاڻ آهي، جتي روز رهاڻ رس رچي ٿي، جس اهڙي رهاڻ ۽ ان جي مک جانو هاشماڻي ڪي آهي.)

مالڪ ست مٽاڏاري، پهچ موٽو پروين،
چاندان گهر چندر اوگو، هاڪارو حسين.

(مالڪ جو اولاد مٽاڏاري ۽ وڏي پهچ وارو سپوٽ آهي، چاندن(نهڙي قبيلي جي هڪ نک ) جي گهر چنڊ اڀريو هاڪارو حسين ٿيو)

سجڻاڻي شينهن نيپنا، ڪڏي ۾ اه خان،
منڙيئي مٽاڏاري وسي، جو آيا ڏي آڏرمان

(سجڻ جي ڳوٺ ۾ شينهن نپيا. تن مان هڪ ڪڏي ۾ خان آيو. منڙيئي ۾ مٽاڏاري وسي ٿو، جو ايندڙ کي آڏر مان ڏي ٿو)

## پروفيسر شڪتيڏان ڪويا چارڻ:

پروفيسر شڪتيڏان ڪويا چارڻي ادب جو تمام وڏو نالو آهي، خاص طور تي چارڻي ادب تي تحقيق جي حوالي سان شڪتيڏان جون خدمتون وساري نٿيون سگهجن. ڪوي چمن چارڻ جي ڪوتا کي ميڙي واڏارن ۽ سڏارن سان سوڍن جي صاحبي تي مشهور ڪتاب "سوڍائڻ" جو علمي ۽ ادبي پورهيو پروفيسر شڪتيڏان ڪيو آهي. پروفيسر شڪتيڏان تاريخ جو ڄاڻو سگهارو محقق، نرالو نقاد ۽ شاعر آهي. ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيل ڪويا جي پرڪاش گرنٿ ۾ "ڏرا سرنگي ڍاٽ"، "لاڪيٽي" "رنگ پني"، "سنسڪرت ري سورم". " ڏنگل ڪي اتهاس" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.





17 جولائي 1940ع تي ڳوٺ ٻرائي ۾ جنم وٺندڙ پروفيسر شڪتيڏان جو ٿر ۽ عمر ڪوٽ سان خاص انس رهيو آهي، هن شادي به ڪاروڙي چارڻ جي ڏيٿن چارڻن مان ڪئي آهي. "ڏرا سرنگي ڍاٽ" ٿر ۽ عمر ڪوٽ جي پسمنظر ۾ لکيل هن جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

گور سريکي گوريان، مرد جٺي منموٺ،
پره نوڪوٽان ۾ پرٿم، ڪيهجي امرڪوٽ،

(جتي جون ناريون سونهن ۾ شو جي استري گور جهريون خوبصورت آهن، جتي جا مرد وڏا سخي ۽ چتر آهن. اهو نوڪوٽن ۾ مکيه ( پهريون نمبر) امرڪوٽ ( عمر ڪوٽ) سڏجي ٿو.)

پروفيسر شڪتيڏان ڍاٽ جي درويش سوڍي بزرگ پير پٿوري کي ڪوتا جي پيٽا ڏني آهي، جنهن مان پٿوري جي ماءُ پيءُ ۽ جنم جي سال جو پتو پوي ٿو.

آيو سونل ري اُدر، سوڍان ونس سڌير،
ماندڻ سُت ڌر ڍاٽ، پرگهٽ پٿورو پير.

(ڍاٽ جي ڌرتيءَ تي سوڍاڻ ونس جي سلڇڻي خاندان ۾ سونل جي ڪُک مان ماندڻ سوڍي جو پٽ پير پٿورو پرگهٽ ٿيو.)

پندري سو ڇپن پٽا، سُڌ مگسر ساتم،
هويو سوم ني ڀاڻ هر، جاڻ پٿوري جنم،

(پندرنهن سو ڇاونجاه تي مگسر نکتر جي ستم تٿ تي سومر جي ڏينهن ڀاڻ جي گهر پٿوري جو جنم ٿيو)

ڪويا جي ڪوتا ۾ لوڪ ڪردار پاٻو راٺوڙ کي به رنگ ( جس) ڏنل آهي:

امر ڪوٽ پرٽيا ايئه مهه ٻانڌي موڙ
ڪنور رامسا پير تيون، رنگ پاٻو راٺوڙ.

(اي پاٻو راڻوڙا! تو کي جس آهي، تون ڪنور راما ٻيير جيان لاڏ ڪوڏ ڪري موڙ ٻڌي امر ڪوٽ (جي سوڍن جي گهر) پرڻجڻ آئين.)

## ڪوي هيمڏان چارڻ:

ڪوي هيمڏان چارڻن جي شاعريءَ جي اتهاس سان گڏ ماڻهپي، مرياده ۽ حب الوطني جو منفرد مثال آهي. هن جي دل ٿر جي واريءَ جي ذرن سان گڏ ڌڙڪندي آهي. سندس خوابن ۽ خيالن ۾ وطن جو پورو وجود مرڪندو آهي. سندس ڪچهرين مان معلوم ٿيندو آهي ته چارڻي شاعري ردم سان گڏ رمز پڻ آهي. هن جي ڳالهين جي ڳهر ۽ نينهن جي نيراڻ ۾ ٻڏندڙ زمان ۽ مڪان کان آجو ٿي احساسن ، جذبن، تصورن ۽ تخيلن جي ساگر ۾ ترندو آهي. هن ڪڏهن پنهنجن ٻڏندڙ جي نيڻن جا ٻيٽ لڙڪن سان ٻوڙيا نه آهن. هن سدائين حوصلي سان حالتن جا هماليه اکرڻ لاءِ اتساهيو آهي. هيمڏان جو اصل ڳوٺ منڙيو چارڻ، تعلقو ڇاڇرو آهي، پر وڏي وقت کان ناناڻن سان گڏ تعلقي مٺيءَ جي ڳوٺ پاٻوهر ۾ رهي ٿو. 1955ع تي جنم وٺندڙ هيمڏان پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ منڙيو مان حاصل ڪري سال انگريزي جا ڇاڇرو هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو پوءِ گهرو مجبورين سبب پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي ڏني، هن کي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏڻ جو ارمان آهي.

هيما هينئون م هار، تين پيڙا شينهن سردار،
ڪيهر ناناڻا ڪارواڻي، مهاسينگهه مٽيادار.

(هيما هانءُ نه هار، تو سان شينهن سردار گڏ آهن. تنهنجا نانا ڻا ڪارواڻي ڪيهر ( شينهن ) آهن، ۽ مهاسنگهه تن ۾ مٽيادار آهي.)

سر گهڙو هاٿ ٻينگهڙي، هيءِ هيءِ ڪرتو آءِ،
او ڏر نا ڇڏين آپري، نا تو ڪُڙ ڪپوتران کهاءِ.





(جبل تي رهندڙ مٿي تي گهڙو پاڻيءَ سان ڀريل هٿ ۾ ٻينگهر سان جانورن کي هڪليندو اچي ٿو اهو به پنهنجي ڌرتي نه ٿو ڇڏي، ڇاڪاڻ ته ڌرتي ڇڏيندڙ کي ڪپوت خاندان سڏيو وڃي ٿو.)

تاج ستن تيج گهڻو جو سدا تمهارو شان،
الگ اوطاق امير وسي، موتو ڏيسي مان.

(تاج محمد جا پٽ تون گهڻي تيج وارو آهين. سدائين تنهنجو شان مٿانهون رهيو آهي، تنهنجي (ونگي ۾) الڳ اوطاق وسي ٿي، تون آئي ماڻهو کي گهڻو مان ڏئين ٿو.)

هال هينئان هڙ سمها هال اوطاق ارباب تڻي،
ڪيڪاڻ ڏي ڪوڏ مان ونڪو ونگي ڏڻي

(اي منهنجا هانءُ وڏي شوق مان ارباب جي اوطاق ڏانهن هل، جتي ونگي جو ڌڻي ڪوڏ مان ڪيڪاڻ (گهوڙا) گهرندڙ کي ڏي ٿو.)

ٿڙ منڏڙ ٿانرو، سنڌ ۾ ٻهت شان،
رعيت ٿڻو راج ڏڻي، مانيو عربستان

(ٿر تنهنجو اباڻو ماڳ آهي، سنڌ ۾ گهڻو تنهنجو شان آهي، رعيت جا راج ڌڻي تو کي عربستان به مان ڏي ٿو.)

اڙسٺ رنگ امير حسن را، ميرل ڪُڙ موڙ
سدا سوپاڙو ونگو وسي، جو اريان سالي اروڙ

(68 رنگ (جس) امير حسن کي جيڪو مير محمد جي خاندان جو شهزادو آهي، ونگو سدائين سوڀارو وسي ٿو. دشمن جي لاءِ اروڙ جي بند وانگر آهي)

ڪوَ هيمو ڪيرت ڪري، هينئن جاجهي هام
سدا سخي امير حسن گيد ونگي رو جام.

(ڪوي هيمون ڪيرت ڪري ٿو هانءُ ۾ گهڻي هام آهي، ارباب

امير حسن سدا سخي ونگي ڳڌ جو ڄام آهي.)

محمد حسن موج مان، ٻڙو آپ مختيار،
آيو تو آسري آپ ري، آپ ڪيجو اُپڪار.

(محمد حسن موج سان ملڻ وارو وڏو مختيار آهي، آءُ توهان جي آسري آيو آهيان، اوهان مون تي مهر ڪجو)

ڪيت ڏيسي ڪرا، ڏيسي ٻوهت اپار،
چارڻ چوڻ چڱت هي، سدا وسي سردار

(سئيون ٻنيون ڏيندو پر ڏيندو بہ گھڻيون، اي چارڻ تون( پڪي وانگي) چوڻ چڱن وارو آهين. (تون الڪو نہ ڪر) سردار سدائين تو تي مهربان آهي.)

ڳڌ ونگو واس ڪهيجي، پڪڙيو پوپت گام
سدا سخي حسن، جو نو ڪوٽي چاوو نام

(ڳڌ ونگو سرهاڻ سڏجي ٿو، پڪڙيو پوپت ڳوٺ آهي، (جنهن جو رهواسي) محمد حسن سدائين سخاوت ۾ نو ڪوٽن ۾ پنهنجو نالو گونجايو آهي.)

نهڙي سميجا، راهمان، چارڻ پائي چار،
سروري ڪي سريڪي، منڙئي لالي مختيار

(منڙيو ۾ رهندڙ نهڙي، سميجا، راهمان ۽ چارڻ چئن ذاتين جا پائر آهن، سمورن جي ٻنين جي لالا محمد حسن بهتر نموني سان برابر سروي ڪئي. ڪنهن سان ريا نہ ڪيو.)

منڙيئي ميگھواڙ ڪاگيو موٿو ڏناٽي
تڙها ڪٽائي خاصا، ڍاٽ نا پايو پاٽي

(منڙيو جو ميگھواڙ ڪاڳيا نک جي موٿو ڏناٽي آهي جنهن کوهہ کوٽائي ڍاٽ کي پاٽي پياريو آهي.)





## عاشق دادوي:

عبدالغفور ولد عبدالڪريم چارڻ تخلص عاشق دادوي، دادو شهر جو آهي. هن 2 مارچ 1958 ع تي جنم ورتو. عوامي شاعر هجڻ سان گڏ سماجي ادبي تنظيمن سان سرگرم رهيو آهي. هي قومي نظم چوندو آهي. سندس شاعريءَ تي استاد بخاريءَ جو اثر آهي

## محمد اسماعيل چارڻ:

محمد اسماعيل چارڻ 12 اپريل. 1950ع شاهاڻي محلي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ جو نالو عباس چارڻ آهي. استاد جي پيشي سان لاڳاپيل محمد اسماعيل چارڻ ادبي تنظيمن سنڌ ادبي سنگت دادو ۽ انجمن آفتاب دادو ۾ پنهنجو سرگرم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن جي سگهاري ڪوتا جو عوامي لهجو آهي.

## عبدالشڪور چارڻ:

عبدالشڪور چارڻ ولد عبدالڪريم 25 آگسٽ 1947 ۾ جنم ورتو استادي جي پيشي سان وابستہ رهيو آهي، شاعري ڪرڻ سان گڏ ڳائيندو آهي.

## ڪوي پور ڏان چارڻ:

پارڪر ۾ هن وقت جي چارڻ ڪوين ۾ ڪوي پور ڏان چارڻ جي مک مان ڏات جي ديوي سرسوتي ٻولي ٿي مئيئن جي ڍائي جي رهواسي ڪوي پور ڏان پهريون شعر سروپ سنگھہ جي سخاوت تي چيو. ڪوي پور ڏان چارڻي ديوين جي مان ۾ بہ چند چيا آهن. 2001ع جي زلزلي تي چيل هن جو شعر ٻڌڻ وٽان آهي.

باب پنجون

# چارڻ ڪوين جي شاعريءَ جا لوڪ ڪردار

ٿر جي هر لوڪ ڪردار ازل جي تازگي اندر ۾ سمائي حرس ۽ هوس کان مٿيرو ٿي ماڻهپي کي برقرار رکيو آهي، اڻ ٽڪ ڪاتار جيان ويساهه اٿيو آهي، لوڪ ڪردارن جي رنگ روپ تي چارڻ ڪوين انوکي شاعري سرجي عام جي روح ۾ رچائي ريتي ڪئي آهي. شاعري جي اهڙي ون واس تي ڪائنات جا نيڻ ننڍاڪڙا ٿيا آهن. بي رنگ جيون جو روح رنگين ٿيو آهي. صحرا جي سڏ پڙاڏي ويڙهيل ۾ لوڪ شاعري تاريخ ۾ آئيني وانگر چٽي رهي آهي. تعصب ۽ تفريق بازي کان آجن لوڪ ڪردارن ذريعي لوڪ ڪهاڻي، تمثيل، محاورن، استعارن ۽ تشبيهن ۾ بي پناهه تخليقي قوت سان صدين جا عڪس اُڀاريا آهن.

## رٽمل جا دوها:

ٿر جي چارڻ ڪوين ۽ ڏاٽ سرنگي گورين جي مڌر آلاپن سان جيڪي ڪردار امرتا پائي نسل در نسل دلين ۾ راحت جو جام بڻجي اُتريا آهن. انهن سون سريکن انسانن ۾ رٽمل رانوڙ جو نالو نمايان آهي، رٽمل رانوڙ تي جڙيل لوڪ ڪوتا رتن جڙوا رکڙي بڏل راڻين کي پيشانيءَ جي ٽيلڙي جيان پياري لڳندي آهي گهاگهرا ۽ پولڪا پاتل پدمڻيون هي ڪوتا حسرت ڀريل آسن سان ڳائينديون آهن. لوڪ ڪوتا رٽمل جي

ڪردار  کي صدين سان ملائي رکيو آهي، پر تاريخ جي صفحن ۾ وڏا الجهيل رايا آهن. جن مان اهو پتو لڳائڻ مشڪل ٿي پوي ٿو تہ روح جي ريلي جهڙو لوڪ ڪوتا جو ڪردار رٽمل ڪهڙو آهي؟ ڪهڙي دور ۾ هو؟ هڪڙو رٽمل هويا هڪ کان وڌيڪ رٽمل ٿيا آهن؟

صحرا ٿر تي حاڪيمت جي حوالي سان سمن، سورمن ۽ سوڍن سان گڏ راٺوڙن جو بہ راڄ رهيو آهي، ڏيو ونس سان تعلق ڳنڍيندڙ راٺورن جون 24 نکون آهن. قنوج جي راٺوڙ قبيلي سان واسطي رکندر سياجي ۽ سيتارام جلاوطن ٿيڻ جي سنڌ آيا. جتي هنن ٿر جي کاهوڙ (ڪاٺڙ) واري علائقي ۾ ديرو ڄمايو. راٺوڙن جي اچڻ مهل عمرڪوٽ ۽ رتوڪوٽ سوڍن جي صاحبيءَ هيٺ هئا. راٺوڙن تعلقي ڪپري جي اڌ حصي کان وٺي منڊور تائين پنهنجو راڄ قائم ڪيو. کاهوڙ (ڪاٺڙ) ۾ راڄ ڪرڻ ڪري کين کاهوڙيا (ڪاٺڙيا) راٺوڙ سڏيو ويندو هو.

تاريخ جي صفحن ۾ هڪ رٽمل راٺوڙ راءِ چونڊاجيءَ جو فرزند هو. جنهن جا 13 پائر ۽ هڪ ڀيڻ هئي. رٽمل جي ڀائرن ۾ سيتو رنڌر، ارنڪوال، پونجو ٻاڪا، ڀيم، ڪانهو راجو رامديو ۽ شيوارام شامل هئا. اهو رٽمل 1488ع ۾ گادي تي ويٺو.

هڪ رٽمل پٽنا جي صوبيدار جعفر خان سان جهيڙيو. انهيءَ واقعي کي مارواڙي ادب جي ڀهرين دور جي شاعر شري ڌر ياٽ (1401ع ۾ 70 دوهن تي مشتمل رٽمل ڇند ۾ ڪوتائي رنگ ۾ آندو آهي.

هڪ رٽمل جو ذڪر شاه لطيف جي آڳاٽن رسالن ۾ سُر ڍول مارو ۾ ملي ٿو:

نگئو نرور سيرئين، راجا رٽمل مليو

—

ساڇي ٿيان سيگڙي، رٽمل هاٿ ڪري،

وڙهندي سر ويريين، ڪوڏ ڪسيسان ڏي،





هڪ رٽمل کاهوڙ (ڪاٺڙ) جي ڳوٺ ليلمي ۾ اچي رهندو هو جتي تاريخ ريگستان جي مصنف رائچند هريجن مطابق رٽمل نئين ڏينهن نئون ڏندن کان استعمال ڪرڻ سان گڏ نئين کوهہ جو پاڻي پيئندو هو. ليلمي ڳوٺ جي هڪ ڀنيءَ ۾ ڪافي کوهہ آهن. جن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي رٽمل جا کوٽايل آهن. تعلقي ڇاڇري ۾ رٽمل ڪوٽ جا آثار بہ مليا آهن. رٽمل ڪوٽ اڏائيندڙ رٽمل کي لوڪ دوهن ۾ کاهوڙ جو روپ جڳمال جو پوٽو پوپتراءِ جو پٽ، ڪونپجي جو پائيتو ۽ پارمل جو پاءُ بہ چيو ويو آهي. هڪ رٽمل سوڍو اهو هو جنهن مخدوم بلاول سان گڏ تلتيءَ ارغونن سان جنگ جوٽي هئي.

بهر حال تاريخ جي صفحن ۾ جيستائين رٽمل بابت ڇنڊ ڇاڻ ٿئي، ڪا حتمي راءِ اچي، تيستائين رٽمل راٺور ۽ نارنگ ديهہ سوڍي جي پريم ڪهاڻيءَ متعلق سرجيل لوڪ ڪوتا جي حسناڪي روح اندر اتاريون ٿا. هي ڪوتا جيڪا صديون گذرڻ باجود نئين نڪور ڪوتا وانگر تازي تواني آهي. چارڻ ڪوي باڪمال فنڪار وانگر نارنگ ديهہ جي من ۽ تن جي تونس چٽي آهي. ڪنهن سٽ ۾ سوڍي نارنگ ديهہ سسئي وانگڙ ڪامان پچان پچرا، لڇان ۽ لوڇان“ جي ڪيفيت  ۾ آهي، ڪنهن سٽ ۾ مومل وانگر ڪٽن تي ڪيهہ ۽ پلنگ پراٽا ٽيندا ڏسي روئي ٿي. ڪنهن سٽ ۾ سوڍي، ريگستاني شاعره ميران ٻائيءَ وانگر پيا جي جوت کان سواءِ من جي مندر ۾ اوندهہ ئي اونده محسوس ڪري ٿي. هي لوڪ ڪوتا عشق جي آڌوتين لاءِ جذبن جي گرمائش جهڙي جوت آهي.

اسان وٽ سنڌ ۾ لکت جي شڪل ۾ انهن دوهن تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، پر ٿر جي رهاڻ رس جي ڪوڏيلن، سگهڙن ۽ ڇوڙيلين هن لوڪ ڪوتا کي ياد رکيو آهي.

مارواڙي ادب ۾ پدم شري لڪشمي ڪماري چونڊاوت[69] ريگستاني پريم ڪهاڻين ۾ نارنگ ديهه رٽمل جي قصي کي ٻه قلم بند ڪيو آهي، دوهن جي شروعات روايتي قصن جي بيتن وانگر آهي، پر ٻن دوهن کان پوءِ هر سٽ روح جي پاتار ۾ پيهي وڃي ٿي. اهڙي ريت رٽمل تي جڙيل گيت به نفيس جذبن جي عڪاسي آهي.)

جاجم ڍاڙي چوواتي، سائيٽا جوئين واٽ،

ايڪ رٽمل واهيرو، سهي سلوٽو ساٿ.

(ڪاهوڙ (ڪاٽڙ) جي راوت پارمل جي ڄڃ تيار ڪري ڳوٺ جي ريل ۾ چوواتي تي پال ( گلم) وڇائي سڄو سٿ اچي ڳڏ ٿيو آهي، پارمل جي ننڊي پاءُ رٽمل جو انتظار آهي، نوجواني جي نينهن جهڙي شخص رٽمل جي اچڻ سان محفل ۾ چار چنڊ لڳي ويندا.)

ڪاهوڙيا (ڪاٽريا) رانوڙن جو وڏو سٿ راوت رانوڙ کي پرڻائڻ لاءِ امراڻي جي قلعي ۾ پهتل آهي، عمر ڪوٽ جي سوڍن پنهنجي روايت موجب چترائي ۽ سورهيائيءَ جو امتحان وٺڻ جي لاءِ انگ اڇليا، راوت پارمل جو وس نه پڄو سندس ننڍو ڀاءُ سوڍن جي هر امتحان کي جيتي ويو.

سوڍي ماٿو ڌوئيو، گڙيان ماچيو ڪيچ،

پارمل پرڻيجي تروٽي، رٽمل محلان بيچ.

(راجڪور (شهزادي نارنگ ديهه سوڍي پنهنجا وار سنواري رهي آهي. سندس سهليون گيت ڳائي رهيون آهن. ڏاهپ ۽ بهادريءَ سبب راجڪور رٽمل کي پرڻائي وئي ۽ راوت پارمل سوڍن جي وچولي گهر ۾ پرڻيو)

شهزاديءَ جو وهانءُ رٽمل سان ٿيڻ تي پارمل کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي،

---

[69] لڪشمي ڪماريءَ جي قلم بند ٿيل دوهن کي سنڌي ويس ۾ آڻڻ توڙي سنوارڻ ۾ منگل سنگهه ڏانڌل جو ساٿ وڏي وٿ وانگر رهيو..





پر هن اها ڪاوڙ عمر ڪوٽ ۾ محسوس ٿيڻ نه ڏني، جيئن واپس ڳوٺ پهتا، ته پارمل رٽمل کي اينڌر ڳڍ جي نوڪريءَ تي وڃڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو رٽمل جي وڃڻ جو ٻڌي سوڍيءَ جو هانءُ هيرڻ ٻن جيان ڦٽي پيو، چوڻ لڳي ته:

ڪيسريا واگا ڪيا، سُوڌن انگل گائي،

ٽهج واگي صاحبو، اُمنگان اوڙگ جائي.

(سوڻن سائن سان هار سينگار ڪري، مندپ ( شادي جي رسم) لاءِ جيڪي ڪپڙا پاتا هئاسون، اُهي اسان ٻنهي جڻن اجا لاٿا نه آهن. ساڳين ڪپڙن سان منهنجو رٽمل امنگن، آسن کي اڌ ۾ ڇڏي مون کان پري وڃي رهيو آهي.)

گهر جي پيڊليءَ (چائنٽ) تي اکين جو ڪارو پاڻي پيئندي، سوڍي اينڌر ڳڍ ڏانهن ويندڙ رٽمل ڏانهن نهاري چوڻ لڳي ته:

ڦرهر ڦوندو پاگڙي، رٽمل اوڙگ جائي،

ايڪ گهڙي نهين ڪوليو اُر سين ار لگائي

(گهوڙي سوار رٽمل جي رنگين پٽڪي جو ٽُرو هوا ۾ ڪيئن لُڏي رهيو آهي. ڪاهوڙ جي ڏٽيءَ پرڻي مهل جيئن پٽڪو ٻڌو هو. ڪيس اجان تئين ٻڌل آهي، هڪ وراڪو به کليو نه آهي، مون پريت جي راند اجان شروع به نه ڪئي سيني سان سينو به نه ملايو هو منهنجو رٽمل گهوڙي جي ڪيهه اُڏائي مون کي ڇڏي وڃي رهيو آهي.)

رٽمل جي فراق ۾ ڳرندڙ نارنگ ديهه جي لاءِ وسڪارا وهه تي پيا، سانوڻ سکن بدارن ڏُکن جا ڏنڀ ڪٽي آيو:

ٽيجس کيلين تيجڻي، کهه کهه ليل ولاس،

جيان را صاحب گهر نهين، سا نت رهي اداس.

(پنھنجن پرين سان گڏ گھاريندڙ گوريون ھار سينگار لاڏ ڪوڏ ڪري ٿھڪن سان تڙي تيج رمڻ لڳيون. پر سوڍيءَ کي وڇوڙي وڍي ڇڏيو ھر بار ڇپن مان پٽڪو اپري رھيو آھي. تہ جن جا بالم گھر نہ ھوندا آھن، تن جي مقدر ۾ اداسي لکيل ھوندي آھي.)

ورسڻ لاڳو بادليو، چمڪڻ لاڳي بيج،
جيان را صاحب نوڪري، وہ ڪيون کيلي تيج.

(ساوڻ جي گھنگھور گھٽا ڇانئي آھي، ڪارن ڪارونڀارن سان ڪنوڻ رنگ لائي رھي آھي، اھڙيءَ مينھوڳيءَ رت ۾ ساوڻ تيج جي ڏينھن بہ جن نارين جا محبوب گھر نہ آھن. انھن ڪامڻين جي راند ۾ ڪھڙو رس ھوندو. اھي تيج رمڻ جي لاءِ ڪھڙي دل سان ويندي ھون.)

رٹمل لاءِ روح تڙپائيندي نارنگ ديھہ جي اندر ۾ ھڪڙي جلي ٻي اجھامي، من جي سَوَ ڪيفيتين ۾ ڪنھن مھل ھن کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ:

سائوڙي ڪيان نہ سرجيان اوپي اينڏر جان،
وات واھنتي صاحبي اوپر ڇانءِ ڪريان

(آءُ پکي ھجان ھا تہ اڏامي پنھنجي پرينءَ وٽ پھچان ھا. انھيءَ ڪيفيت ۾ چوڻ لڳي تہ منھنجا مالڪ مون کي سوئنڙي ( پکيءَ جو ھڪ قسم) چو نہ پيدا ڪئي؟ آءُ پکي ھجان ھا تہ پنھنجي پرن سان اينڏر گڍ جي واٽن تي محبوب تي ڇانوَ ڪريان ھا.)

بادليان ھي سرجيان، آپي لاگ رھنت،
وات وھنتي صاحبي اوپر ڇانءِ ڪرنت.

(رٹمل جي ياد ۾ من کي ريجھائڻ جي ڪيفيت ۾ سوڍي چوڻ لڳي تہ منھنجا خالق مون کي ڏور آڪاش جي بادلن جو وجود ڏين ھا تہ ڇا ٿئي ھا؟ آڪاش تي رھان ھا ۽ اينڏر جي رستن تي منھنجي بالم تي ڇانءُ ڪريان ھا.)





سوڍي نارنگ ديھہ اندر جي اولا ڪين ۾ وري ائين محسوس ڪرڻ لڳي تہ:

مالھڻ ڪاھين نہ سرجيان، اينڏر جائي رھنت،
باگان ميڙي ڦولڙا، حاضر جائي ڪرنت.

(اينڏر گڍ جي باغن جي رکوالي ڪندڙ مالھڻ ھجان ھا تہ ڪيڏو بھتر ٿئي ھا مالڪ! مون کي مالھڻ پيدا ڪرين ھا تہ اينڏر جي باغن مان ڦولڙا ميڙي، سون سريکي محبوب کي پيش ڪريان ھان.)

رٹمل سان گڏ ويندڙ گھرو نوڪر نيلو جي گھر واري کي ھار سينگار ۽ ٿھڪن سان ٽرندڙ ڏسي نارنگ ديھہ چوڻ لڳي تہ آءُ روز ٿي ڳرندي وڃان . تون ايتري خوش ڪيئن آھين؟

ڪڻ ڪڙي انجن ڪيو، ڪڻ ڪڙي سينگار،
اھر اکڙيان ڪنڏيان، کھين ڪھڙي پرتار.

(روز ھار سينگار سان تنھنجون ڪاريون ڪجريون اکيون تلوارن جھڙو گھاءُ وجھن ٿيون. انھن ڪنھن وات ويندڙ مسافر کي وڍو آھي يا پيو ڪوئي را ز آھي!؟)

نيلو جي گھر واريءَ کان معلوم ٿيو تہ نيلو رٹمل جي گھوڙي تي رات جو لڪيو گھر اچي ٿو ۽ پرھہ جو واپس ھليو وڃي ٿو تڏھن سوڍي نيلو جي ذريعي رٹمل جي لاءِ نياپو ڏيڻ لڳي تہ:

نيلو رٹمل نا کھي سوڍي ٽٺو سنديس،
ٿي اينڏر گڍ ري نوڪري، سائيڏڻ ٻائي ويس.

(نيلو منھنجو ھي نياپو رٹمل کي ڏجان تہ منھنجا بالم تون اينڏر گڍ جي نوڪريءَ ۾ مصروف آھين پويان سوڍي تنھنجي فراق ۾ بيواھن جھڙا حال ڪري ڇڏيا آھن.)

سوڍي آخر ۾ نيلوءَ ذريعي اينڏر گڏ جي راڻين ڏانهن نياپا موڪلڻ لڳي تہ:

اينڏر گڏ ري راڻيان آپا ڪُڙليانهہ،
اوڻج رٺمل اوڙگي ويگهو موڪڙيانهہ.

(اوهين تہ منهنجو درد محسو ڪريو اوهين تہ مون وانگر عورت ذات آهيو، منهنجي تڙپ کي سمجهو. منهنجو محبوب مون کان وڇڙي اينڏر گڏ آيل آهي، هن کي جلد مون ڏانهن موڪلڻ جي عنايت ڪريو.)

اينڏر گڏ جي راڻين نارنگ ديهہ لاءِ چوائي موڪيلو تہ اي سوڍي هي اينڏر گڏ جي بادشاهي آهي، ڪنهن ننڍي رجواڙي جي ڳالهہ نہ آهي:

اينڏر آنبا انبلي، اينڏر ڏارم ڍاک،
اينڏر گڏ ري نوڪري، رٺمل سو لاک.

(جيئن باغن ۾ انبن، انبڙيون، ڏاڙهون ۽ انهن جي داڻن کي ڳڻن ڏکيو آهي، تيئن هتي لکين رٺمل نوڪري ڪن ٿا، تون ڪهڙي رٺمل جي ڳالهہ ٿي ڪرين.)

ڪاڪو جيرو ڪونپجي، پائي پارمل،
گهوڙو وانرو نوَ لکيو راوتيو رٺمل.

(نارنگ ديهہ جواب موڪليو تہ اينڏر گڏ جي راڻي! منهنجو رٺمل سدا سهڻو سورمو لکن ۾ پڌرو آهي، جنهن جو چاچو مشهور بهادر ڪونپجي آهي، جنهن جو پاءُ پارومل آهي. رٺمل (جنهن جو) هوائن وانگر تيز هلندڙ نو لکو گهوڙو آهي، اهو منهنجو محبوب رواتيو رٺمل آهي.)

جڳ پتي جڳمال رو، پلو ٽيئڙو پوپ
تان کو ڏينو رٺمل، مانري ڪاهوڙي رو روپ.

(جڳ مشهور جڳمال جو پٽ پوپٽ راءِ پلو انسان ٿيو اهڙي





خاندان ۾ جنم وٺندڙ منهنجو محبوب رٺمل توهان کو ڏنو؟ جيڪو منهنجي ڪاڻڙ جو روپ آهي.)

رت آئي بادل هويا، رت آئي برسنت،
اب رت آئي گورڙي پيو بن ڪيم رهنت.

(هر رُت پنهنجي مقرر وقت تي موٽي ٿي، وسڪاري جي رُت ۾ بادل برسڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. هن مينهوڳي رُت ۾ گوري پنهنجي محبوب بنا ڪيئن رهي؟

برس برس اي بادليا، برس پري جا مگ،
آج هي پوهنچي صاحبو، گوري ري لگ.

(ڪڪر ڪارونڀار ڪري وسو! هر طرف جل ٿل ڪريو ساوڻ من پانوڻ ڏسي اڄ منهنجو محبوب گهڙيءَ ۾ مون کي ڳل ڳراٽڙي پائڻ لاءِ پهچي وڃي.)

آج سُون بادليا اُمڙيا، واجڻ لاگو واءِ،
اينڏر گڏ را اوڙگو پنجتو گهر آءِ.

(اڄ کان بادلن برج ڪڍيا آهن، هوائن بہ هوڏ ڪئي آهي، وڻ وڻ واجو ٿي ويو آهي، مون کان وڇڙيل اينڏر گڏ جا مسافر تون پلر سان پسندو پنهنجي گهر اڄ.)

آنک ڦڙوڪي اي سکي، ڪس ڪانچوڙي چوٽنت،
ناب منڏر جُون ڦونٽي سنجها ناهين ملنت،

(اي سکي! منهنجي اک ڦرڪي ٿي. منهنجي ڇاتي پريم رس ۾ پرجي آئي آهي، منهنجو پولڪو اهڙو ڪاٺو ٿيو آهي، جو انهي جي ڪس ٽٽي ٿي، منهنجي سونٽي (ڏُن) ائين ڦلهجي چڪجي ٿي جڻ سنجها ٽيڻي نہ آهي.)

ڏن ڏهاڙي ڏن گهڙي، ويڙا ڏن واس،
نيڻا سائيڻا نهاريا، ويڙا ڏن واس،

(پلو هي ڏنهن اُپريو سهڻي هيءَ گهڙي آئي، هوائن ۾ هڳاءُ ٽي ويو آهي، منهنجن نيڻن پنهنجو پرين ڏٺو منهنجي نيڻن جي آس پوري ٿي.)

صاحب آيا هي سکي، ڪجا سهي سريا،
پونم ڪي ري چندر جُون، دن چارون ڦريا.

(سکي منهجو بالم آيو آهي، منهنجا سڀ ڪاج ۾ پورا ٿيا آهن، ڏکن ڏينهن ڦري ويا، اڄ مون ڪي مقدر پونم جي چنڊ وانگر مڪمل ڪيو آهي.)

## واگهجي جا دوها ۽ سوٺا:

ريگستاني شاعري جي دلبر ڪردارن ۾ واگهجي رائوڙ به هڪ آهي. لوڪ شاعريءَ جي سهڻي صورت ۾ ريگستان جي قادر الڪلام شاعر آشانند عرف آسو جي چارڻ جا واگهجي بابت سرجيل لوڪ دوها من جي پيڙا جا مجسما آهن. ٿر جي رهاڻ رس ۾ ڪنهن سگهڙ سياڻي جي پرڪ وٺي هوندي آهي ته هُن ڪان واگهي جا دوها پڇيا ويندا آهن.

واگهجي واريءَ جي دڙن جو نه راجا هو نه مهاراجا، نه راڻو هو نه راءِ، پر هڪ سادو سودو ڳوناٺو هو جنهن جي ٻانهن جي ٻَل ۾ پرم هيو. رائوڙڪي راج جي راءِ مالديو، جادم ونس جي پاٽين ۾ راجڪماري اُماديهه پٽياٽي سان پرڻي مهل ريگستاني رعيت ۾ نينگري پارملي ڪي ڏنو ته هُن جي حسن ڪيس حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. راءِ اڳتي وڌڻ جي بدران ٽڪ ٻڌي پارملي ڪي نهارڻ لڳو. راءِ جي اهڙن پارن تي راڻيءَ اماديهه انهيءَ ويلي رُسي وئي، هن پرڻي ڪان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو. راءِ مالديو ڄڃ واپس وٺي موٽيو





ڪجهه وقت رکي هنن ويچاريو ته ڪيس اُماديهه نه ملي ۽ پارملي جو پتو پيو ته هو واگهي جي ويڙهي وئي هلي، جتان پارملي کي ماڻڻ ۾ به وڏا جوکا آهن. راءِ ويڙهه جي راه اختيار ڪرڻ جي بدران وقت جي وڏي چارڻ ڪوي آسو جي چارڻ کي تيار ڪري موڪليو ته هُو دان ۾ واگهي ڪان پار ملي گهري وٺي اچي. چارڻ کي رڳو پاڳوڙي ۾ پيير وجهڻ جي دير هئي. هن واگهي کي نياپو ڪيو ته آءُ تنهنجي اوتاري دان وٺڻ اچان ٿو. ڪوتڙي پهچڻ تي پارملي ۽ واگهي کي سواڳت ٽاڻي جوڙي ۾ ڏسي چارڻ جي زبان مان بي اختياري مان نڪري ويو ته اوهان جي جوڙي شال سلامت رهي. چارڻ نڪتو ڪهڙي نيت سان هو پر چئي چا وينو! پوءِ راءِ مالديو اتي ئي رهيو آسو جي واگهي سان دوستيءَ جو وچن ڪري زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا واگهي جي صحبت ۾ گذارڻ لاءِ رهي پيو. ڪلتار جي پنهنجي ڪرٽي آهي ڪجهه وقت اندر پارملي پرلوڪ پڌاري وئي. پارملي جي وڇوڙي واگهي جي وجود کي به ويڙهي ورتو. واگهي جي موت چارڻ جي چت کي چوري ڇڏيو آسي جي رڳ رڳ جي آڳ ساري ريگستان ۾ صدين جا شعلي ٻڄي پڙڪڻ لڳي، جنون جي بي انتها جوش سان آسو جي چارڻ واگهجي جي لاءِ اکين ۾ آس جا موتي ۽ پانڌ ۾ روهڙي جي گلن جون ٽاريون کٽي گهمندو رهيو. واگهي جي وڇوڙي جي ورلاپن ۾ آسي چارڻ درد جا جيڪي دوها چيا، اهي "واگهي جا دوها" سڏجن ٿا. جن ۾ اندر جي آڳ آهي ته ڳوڙهن جي ڳوڙهائي به آهي. وڇوري جا وِڍ آهن ته پريت جي پيڙا آهي. زر جي زماني ۾ دوستيءَ جو دڳ آهي ته محبت جو مثال به آهي.

جهان ترو تهان موريا، جهان سرور تهان هنس،
جهان واگهو تهان پارملي جهان دارون تهان مس.

(ريگستان ۾ جتي وڏا ۽ گهاٽا وڻ هوندا آهن اُتي مورن جا ٽڪاٽا هوندا آهن. جتي گهرا ۽ نيرا سمونڊ هوندا آهن، اُتي هنجن جي رهائش

هوندي آهي، جتي ڪباب اتي شباب جي محفل رچندي آهي، ائين جتي واڳهجي وسي ٿو اتي پارملي جي سونهن پلي لڳي ٿي.)

واڳهي جي وڇوڙي تي آسي چارڻ جو اندر اڌ ٿي پيو چارڻ جي دل وندرائڻ لاءِ وارث ڪيس سوداگرن وٽ وٺي ويا. پر سوداگرن کي ڏسي چارڻ جو چِت چري پيو چوڻ لڳو تہ:

لاکان ٻڙد لائي ڪيرت رو سودو ڪريو،
ايکر سوُن ڦر آئي، وڻجارو ٻڻ واڳهجي.

(واڳها تو لکين ڍرو ڍڳا ورتا. سوداگر جي حيثيت ۾ بہ ڪو تنهنجي جوڙ جو نہ آهي، واڳها تون سوداگر ٻڻجي بہ هڪ پيرو تہ اچ.)

واڳهجي جي وڇوڙي تي چارڻ جي ملول من ۾ صبر جي ساعت پيدا ڪرڻ لاءِ چارڻ کي بازار وٺي ويا پر چارڻ کي واڳهجي ڪٿي ٿو وسري؟! بازار ۾ هن جي دل پرجي آئي، آسو جي دڪانن جي درن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو تہ:

هاٽان پڙي هڙتال، همين مڏ سون گهاءِ هوئا،
ڪوڪين گهٽا ڪلال ، وڪرو پگيو واڳهجي.

(هي دڪان سڀ بند پيا آهن، ڇا اهڙو بہ ڪو ظلم ٿيندو آهي! ڪلالن جون رڙيون ڪير ٻڌي؟ سوم رس بہ روح کي زخمي ڪري رهيو آهي، واڳهي کان پوءِ وڪري جي واٽ سُڃي ٿي وئي آهي.)

ڪستوري جهنڪي پئي، ڪيسر گهٽيو آگهہ،
سڀ وسٽو مونڏي پئي، گيو وٽاءُ واگهہ.

(ڪستوري ۽ ڪيسر جا بہ ڪهڙا اگهہ!؟ هر شيءِ لاٽ ۾ اچي وئي آهي، هُو ونڻ وارو واڳهجي هليو ويو آهي.)

ڪوڪي ڪوئليانهہ، مينا ٻولين موريا،
راچي رنگ رڙليانهہ، باگان وچ واڳهجي،





(باغن جي رنگ روپ ۾ موهت ٿي وڃڻ بدران آسي جو اندر واڳهري لاءِ اٿلي پيو. واڳها او واڳها! منهنجي دل جا واڳها ڪٿي آهين؟ هي باغن جا رنگ روپ ڏس، گل ڦل، ڪوئل جي ڪوُڪوُ ، مورن جون مٺيون ٻوليون تہ آهن، پر تون ناهين...!)

مارگ مڙهي ڪريهہ، سُڌ پڇون سياٽان ٽٽي،
نيلو نيساسيهہ، ٻن سهہ ڏاجيا واڳهجي

(جهر جهنگ ۾ گهاڙو گهاٽ جهيلو هر ڪنهن کان ٽڌ ساه پري واڳهي جو ڏس پڇي رهيو آهي، ان واڳهي کان سواءِ هر گهڙي گهائي ٿي.)

هر راج ڀاڳ ۾ هي چوٻول ٿي ويو آهي تہ” آسي جي چارڻ کي واڳهجي نہ ٿو وسري، ڪو اهڙو راجپوت نہ آهي، جو سخاوت جو دان ڪري چارڻ جي چت تان واڳهجي جو نالو ڪٽائي، اهڙن ٻولن جو پڙلاءُ آسي جي ڪنن تي پيو تہ چوڻ لڳو:

نام رهندا ناڪران، ناٽا ناهين رهند،
ڪيرت انڌ ڪوٽڙا پڙيا ناهين پڙند،

(اي راجپوتو ! مايا ڇايا آهي، آئي وئي ٿي وڃڻي پر ناموس جو قلعو برقرار رهڻو آهي، تاجن وارا ڪيترائي مٽي ٿي ويا ، پر ڪي راجن وارا صدين جي سونهن آهن.)

آسي چارڻ جي چت تان واڳهو لاهڻ راجپوتي کي للڪار ٿي پيو پرامرڪوٽ جي راٺي هام هڻندي چيو تہ هي جس بہ امرڪوٽ جو راٺو ماٺي سگهي ٿو. هن آسي جي پٽ کي تيار ڪيو تہ پيءُ کي مجاءِ تہ هڪڙي رات واڳهي کي وساري تہ رات جي هڪ هڪ پهر جا لک رپيا ڏيندس. آسي جي پٽ وڏي ڪوشش ڪئي، پر رات جو پهريون پهر گذرڻ تي آيو تہ آسو جي تڙپي اٿيو:

واگھا آ وڙي، ڏر ڪونڙي ٿُون ڏٽي،

جاسين ڦول ڇٽي، واس نہ جاسي واگھجي.

(اي ڪونڙي جا ڏٽي واگھا تون ڪٿي آهين!؟ موتي اچ، اي واگھجي هر گل ڦل تڙي ڇٽي ويٺو آهي. پر تنهنجي خوشبوءِ ناهي ويٺي، تو صديون سرهيون ڪيون آهن.)

ٻيو پهر پورو ٿيو تہ آسي جي پٽ چيو تہ بابا هاڻي خاموش رهجان پر آسي کي چين ڪٿي ٿو اچي؟ پنهنجي پٽ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ:

نوڙہ نوڙہ پگ ڊوڙ ڪر ليسان پيتج ڪارٽي،

رات دوس رانوڙ وسريا نهين واگھجي.

(تون لالچ ۾ اچي ويو آهين هن پيٽ لاءِ در در پنداسين تہ پيٽ پرجي ويندو، پر واگھو ڪٿي ملندو !؟ رات ڏينهن جي ڪنهن بہ پهر ۾ واگھو نٿو وسري سگھي.)

رات جي ٽئين پهر ۾ واگھي جي اک لڳي پر ڪڪڙن جي آواز جاڳائي وڌو. بي اختياريءَ سان چوڻ لڳو تہ:

تون ڪوڪين ڪوڪڙا، گڙتي مانجھل جوڳ،

وهيگ تني وينتيو، واگھي ٽٽو وجوگ[70]

(اي ڪڪڙ تون گذرندڙ رات جي پوئين پهر ۾ چو ڪوڪي رهيو آهين !؟ ڇا تو کي بہ مون وانگر واگھي جي وڇوڙي ورايو آهي.

پرهہ باکون ڪڍيون (آسو جي اٺي پنهنجي پٽڪي جا ور

[70] هي دوهو ٿر ۾ ائين بہ چيو ويندو آهي:

ڪڪڙيان تم ڪيان ڪراگيو مانجھم گڙتي رات

مين لاگوٿان لاگسي، راڻي واگھل رو ويراگ.

(اي ڪڪڙ ! تون چو ٿڌي مٺي گذرندڙ رات جو ڪوڪي رهيو آهين. مون کي راڻي واگھل جو ويراگ لڳو آهي، پر هاڻي توکي بہ لڳندو.)





ٺاهيندي چوڻ لڳو تہ:

واگھي بن ڪونڙو، جاڻان ڏهاگڻ نار،

امل ڪسونبا منگھا هويا، ڪا ملاوڻ گيو هار.

(واگھي کان سواءِ ڪونڙو ائين لڳي ٿو ڄڻ بيواهہ نار جو روپ هجي ! منهنجو واگھو ڪيڏانهن ويو آهي؟ رهاڻ رس جو سيڌو (آفيم) مهانگو ٿي ويو آهي يا منهنجي لاءِ هار خريدڻ ويو آهي.)

عمر ڪوٽ جي راڻي صبح جو اٿي اچي پيچا ڪئي تہ چارڻ جي چت تان رات جي ڪنهن پهر ۾ واگھو وسريو يا نہ. آسي جي ڪنن تي اها پيچا پئي تہ وڏي آواز سان چوڻ لڳو تہ.

چوڌڻ چالويانهہ، کيران ماهين ڪنڪيريان،

راٽا راک ٿيانهہ، وسريا جڏ نہ واگھجي.

(راٽا) ساهہ جو پکيئڙو اڏري وڃي، منهنجي ارٿي چکيا تي چاڙهي، منهنجو وجود کي ساڙي رک ڪيو وڃي تڏهن بہ مون کان واگھو نہ وسرندو.)

ٽڙي مساڻان ٿيانهہ، آتم پد پگان الک،

گنگا هاڏ گيانهہ، ويسريان جڏ نا واگھجي.

(منهنجا پراڻ ڏٽي در پهچن ۽ منهنجي ارٿي مساڻ ۾ چکيا تي چڙهي، وارث هڏيون گنگا ۾ لوڙهين تڏهن بہ واگھو نہ وسرندو) [71]

چارڻ راڻي کي چيو تہ راٽا هل تہ تلاءَ تي وهنجي اچون. تلاءَ تي راڻو ۽ چارڻ ٻئي وهنجڻ لڳا، چارڻ وهنجندي جلدي ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي راڻي جا ڪپڙا پائڻ لڳو تہ راڻي هڪل ڪري چيس تہ هي منهنجا آهن.

[71] هي دوهي جي پڙهٽي ائين بہ ملي آهي تہ :

مڙهہ مساڻ گيانهہ، الل لي پونچيا الک،

(مانرا) گنگا هڏ گيانهہ، (هون) توئي پوُلون واگھي نا

چارڻ موقعي جي تلاش ۾ هو موقعو ملڻ تي ٽڏو ساهه پريندي چوڻ لڳو ته:

ڪي ڪهي ڪي ڪهون، ڪي ڪهي ڪرون واڪاڻ،
ٽانري مانري نا ڪري، او واگهي را اهناڻ.[72]

(راڻا ڇا چئي ڇا چوان، ڪهڙن لفظن ۾ واگهي جي تعريف ڪريان”تنهنجي منهنجي“ نه ڪرڻ وارا واگهي جا اهڃاڻ آهن.)

چال منا ري ڪونڙي پگ ڏي پاوڙيان،
واگهان سون واتان ڪران، گل ڏي ٻانهڙيان.

(اي منهنجي دل ! واپس واگهي جي ڪونڙي ڏانهن هل، واگهي جي اوتي جي پيبدلين تي ڏيري ڏيري پير رکي واگهي سان ڳل ڳراٽڙي پائي روح رهاڻ ڪريان.)

لوڪ ساگر جي ڏاهن وٽ هي دوهو هيئن به ورجايو ويندو آهي ته:

من ڪهي ميڙي چڙهان پگ ڏي پاوڙيان،
واگهل سون واتان ڪران ڳل ڏي ٻانهڙيان.

(منهنجي دل چوي ٿو پيبديلين تان پير رکي ماڙيءَ چڙهي وڃان، اتي واگهي سان ڳل ڳراٽيون پائي هانءُ جون حال اوريان.)

ڏن ڏوهيلو ڏوڏا هرا، ريڻ ڏوهيلي راج،
واگهه بن ڪوٽرو، ڪارو لاگي آج

(ڏوڏي جي پٽ ڪانسواءِ ڏينهن ڏک ڏيئي گذري ٿو ته رات به پوري راج ڪي رنج ڏي ٿي، واگهي بن ڪونڙو مون ڪي اج ڪارو لڳو آهي)

---

[72] هي دوهو هن ريت به ٿر ۾ ملي ٿو ته:

واگهو نا واگهجي نه واگهل رو جوڙ،
ٽانري مانري نه ڪرتو، واگهجي رانوڙ.

(عمرڪوٽ جا راڻا تنهنجي واگهي سان ڇا پيٽ ڪريان ! تون هن جي هوڏ ڇا ڪندين؟ هتي ڪو واگهو آهي نه واگهجي، نه وري واگهل جي جوڙ جو ماڻهو آهي. واگهجي رانوڙ تنهنجي منهنجي نه ڪندو هو.)





واگهو واگهو ڪري رهي، واگهو ڇٽ نه ٻارهو ماس
آنڪيئي ڪاجل ڇوڙيو پر هيئون نه ڇوڙي آس

(آئون واگهو واگهو ڪري رهيو آهيان، واگهو ڇهين، نه ٻارهين مهيني اچڻو آهي، اکين ته ڪاجل پائڻ ڇڏي ڏنو پر هيئون واگهي جي آس نٿو ڇڏي)

ٻڙ ٻاوڙي ٽڻانهه، نماڻا نيلو ٿيوه،
واگها وڇڙتانهه، شاخ ٽڻو سڪو نهين.

(آسو جي چارڻ انهيءَ ترائيءَ جي ٻڙ هيٺيان اچي شوڪارا ڀري اچي وينو جتي واگهي سان روز ڪچهري ڪندو هو ورلاپ ڪرڻ لڳو ته، ٻڙ جا وڻ تون اسان جي ساٿ جو ساکي آهين، آءُ واگهي جي فرق ۾ ملول ٿي ويو آهيان، تون واگهي جي وڇوڙي ۾ هڪ ٽاري ۾ به سڪو نه آهين.)

## لاکي ڦلاڻي جي جنم ڏينهن جو دوهو:

سخي ۽ سورهيه ڪردار لاکي ڦلاڻي کي چارڻ ڪوين وڏي چاهه سان ڳايو آهي، سمنگ چارڻ جي لاکي ڦلاڻي بابت شاعري اسان وٽ مشهور رهي آهي. ٻين چارڻن جي چت ۾ لاکو سدائين چرندو رهيو آهي، انهي شاعر کي ميڙڻ جي ضرورت آهي.

سنبت نوَ سؤ چاهتر، ٻيج تٿ ڪارڪت ماس
اِڻ ڏن لاکو جنميو، سورج جوت پرڪاش.

(سنبت نوسو چاهتر ڪتي مهيني جي ٻيج تٿ تي سج جي روشن ڪرڻن جهڙو لاکو ان ڏينهن ڄائو.)

لاڇان لاکو جنميا، ٻارس ٻڌ وار
لاکو پوت سمندر ڪو ڦل گهر اوتار.

(لاچان لاکي کي ٻارس تٿ جي اربع ڏينهن تي جنم ڏنو لاکو سمنڊ جو اولاد آهي، ڦل جي گهر اوتار ٿيو آهي.)

## جيسي قادواٽي جا دوها ۽ سورٺا:

جيس قادواٽي، راهمن جي ڏيٽا پاڙي سان تعلق رکندڙ سخي، سورهيه ۽ چتر کردار هو جنهن جي نالي پويان کاهوڙ جو ڳوٺ جيسي جو پار سڏجي ٿو. جيسي جي اولاد ۾ ڇهين پيڙهي وڏيرو ابن راهمون پيدا ٿيو.

سهه باتان را ٺاٺ، اتري مک بانکيو نهين،
جيسا جس ري رات، قادواٽي جايو پلين.

(سمورين ڳالهين جا جنهن وٽ سک آهن، هُن کڏهن منهن سان کنهن کي جهڙپ نہ ڏني، سواليءَ لاءِ کڏهن انکار لفظ هن جي چپن تي نہ آيو. اي جيسا! تنهنجي جنم جي رات جس پري هئي، اهڙي سياڳي رات قادواٽي! تو پلي جنم ورتو.)

گائي سگهان نہ وجائي سگهان آٽي ٻينو هان ٽونٽ،
جي هوئين جيسو قادواٽي تو تاٽي ڏي رو اونٺ.

(هک چارڻ سوالي جيسي وٽ اچي چوڻ لڳو تہ، آءٌ ڳائي سگهان ٿو نہ وجائي سگهان ٿو. مون وٽ کو فن نہ آهي، آءٌ ڏڏ اچي ٻينو آهيان، جيکڏهن تون جيسو قادواٽي آهين تہ مون کي اُٺ مهار سميت سخاوت ۾ تاٽي ڏي.)

ٻيجا پوڄين پير، هون تين لگ آويو جيسا،
هينئڙي آوي هير، کروڙ پوترا قادواٽي.

(ٻيا پيرن کي پوڄين ٿا، پر آئون وٽ جيسا آيو آهيان، منهنجي هينئڙي ۾ هير آهي تہ اي قادواٽي تنهنجا کروڙ پوٽا ٿيندا)[73]

[73] هيکي مان ايکويس، کروڙ پوترا قادواٽي





## چندر راڻ جا دوها ۽ سورٺا:

راٺو چندن گووند راءِ جو پٽ هو. ناميارې ليکک منگهارام اوجها پنهنجي ڪتاب "پراٺو پارڪر" ۾ لکيو آهي تہ: "راٺو چندن، مها اُپڪاري ۽ ملڪان ملڪ مشهور ٿي گذريو آهي."[74]

هوڏ نہ ڪئي هندن، سمو نمايو سيس،
کروڙ ڏيئي ڏنڊڻ ڪري چندن ورس چوويس.

(چندن جي سخاوت اڳيان ڪنهن هندوءَ هوڏ نہ ڪئي، سمي بہ هُن جي مجتا ۾ پنهنجو سيس نمايو. راٺو چندن چوويهہ ورهيہ روز اٽي کروڙ پساهہ دان ڪري پوءِ ڏنڊڻ ڪندو هو.)

ايڪ چندر پاڻ، جانکو ڏيسي جو وتوان،
ٻيجو چندر راڻ، اوگي اجوارو کريو.

(هڪ چنڊ، جنهن کي سڄ روشني ڏئي چمڪائي ٿو ٻيو چندر راڻ ٿيو جنهن اپرندي روشني ڪئي.)

## ڏيسڙ جاڙيجي جا سورٺا:

اسپت را ڏڙ اپڙيا، ڏمڙ روپ ڏري،
مين ڏيکيو ڏيسڙا، او ڪاڇو سمندر ڪري.

(اميدن جا ڪکر، گهنگهور گهٽا ٿي ڇانئيا آهن. ڏيسڙا! مون (سخاوت ۾) ڪاڇو سمنڊ جو روپ ڏٺو.)

ساڪر روتي سار، جاڙيجي پاسڙ جڙي،
او ڏيسڙ را ڏيڏار، ڪوٻڻ پرياتي ڪري.

(جاڙيجو وڏو مهمان نواز آهي هر آئي وئي کي مان مرتبي سان

[74] پراٺو پارڪر ص 45

اوتاري ۾ مصريءَ جهڙي مٺي ماني ملندي اهي. ڏيسر جي پرجهلي جاڙيجي جي سخاوت جي ساراهه، پرياتيءَ ۾ ڪري ٿو.)

هل هينئان چڙهه پاڪڙي ڏيڪان ڪاڇو ڏيس،
ڪايون جيماڙي ڪيڪوئان نرمل پريو نريش.

(اي منهنجا من تيار ٿي! اٺ جي پاڪڙي تي ويهي هلي ڪاڇي جو ڏيهه ڏسون، جتي ڪايون جاڙيجو وڏي نوڙت ۽ نهٺائيءَ سان گهرجائن کي ڪارائي ٿو.)

## لڇي سوٿهڙ جا دوها ۽ سورٺا:

لڇو سوٿهڙ ٿر جي سخي ۽ سورهيه ڪردار ٿي گذريو آهي. جنهن جي رهاڻ رس مشهور رهي آهي. هنرمند قبيلي جي هن لاڪيٽي لڇي کي ڳائيندي چارڻ ڪوين جي تخليق جو تجلو صدين کي روشن ڪري ٿو.

سوٽراڙان سم وڙيان، مانڊي راجوبان ني ريت،
پني راٽي پردي وسي، ڳائجي گڊ پتيان گيت.

(سوٿهڙ جي پرمپرا راجوي ريت آهي، پني راٽي ( گهرجي استري) پردي ۾ وسي ٿي. انهن جا گڻ ڳائجن ٿا جيئن گڊ ڏٽين جا گيت ڳائجن ٿا.)

مهور ڪري منوار، ڪسڙات پڇي پوڇي،
سانفڙتي سُوتراڙ ڪهان لاکو قلاٽي لڇا.

(پهرين منوار ڪري (ڪارائي، پياري) پوءِ ڪسترات (خوش خيرت) پڇي ٿو اي لڇا تو کي "لاکو قلاٽي" چوان!؟)

بانڪا ٿي بنڪو ڏنڪو ٽانرو ڏيس ۾
ساهُو ماني سنڪو وشوپتر ويس ۾.

(اي لڇا ! تون وڏو سورهيه آهي، ڏيهه ۾ تنهنجي ناميا چاري آهي، اي





وشوڪرما جا پٽ تنهنجي اڳيان ساهُو(جاگيردار) سنڪو (حجاب) محسوس ڪري ٿو.)

## ڪاپڙي خان ۽ جلال خان جا دوها:

جلال خان ڪوسو ننگر پارڪر جي ڳوٺ ڪپڙي جو رهواسي هو انگريزي دور جي اڏول انسان ڪاپڙي خان ڪوسي جو فرزند هو. ڪاپڙي خان کي تروٽ جون آچون ۽ اٽڪلون جهڪائي نه سگهيون هيون. پارڪر جي پٽ ۾ ڪاپڙي خان جي بهادري ۽ جلال خان جي سخاوت مشهور رهي آهي.ڪاپڙي خان جر سخاوت ۽ بهادري تي چارڻ ڪوي چوي ٿو ته:

ڪوَ ورتايا ڪاپڙي، شولو ڪيڏي سنڌ،
هاڪي ڪوسو هڙان، ڪانئران پانجي ڪنڌ!

(ڪپڙي خان ڪوي (چارڻ) جي اهڙي خدمت چاڪري ڪئي، جو شولي جو ڳوٺ سنڌ (بڙاج) جو علائقو (سڪيو ستابو ) ڪري ڇڏيو آهي، (اناج جا انبار ڪنهن به شيءِ جي ڪوٽ نه آهي) وڏي هاڪ وارو ڪوسو ڪانئرن جا ڪنڌ پڇي ٿو)[75].

چارڻ ڪوين جلال خان جي سخاوت کي جس ڏيندي چيو آهي ته:

نانو جي رو شيرسنگهه، ڏاڏو خان ڪمال،
موتي سيپان مانهلو، جس ڪٽڻ جلال.

(جنهن جو نانو شير سنگهه ڏاڏو ڪمال خان آهي، اهو سپن ۾ سرجيل موتين جهڙو مٽيادار ماڻهو جس ڪٽڻ وارو جلال آهي.)

---

[75] ڪاپڙي خان (پهرئين) جي ڪردار کي چِٽيندي استاد بخاري "ڪرنل ٽائر وِٽُ Colonel Tyrr Whit عرف عام ۾ تروٽُ سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

تون پلين خيمن جا دَر هيٺ ڪر،
مان به ڪوسا ڪاپڙي ڳوليان پيو.

اونچو ٻيسي ڪيهر جون، گينور چالي چال،
موتي سيپان مانهلو، جس ڪٿڻ جلال

(جيڪو مٿانهو ڪيهر جيان ويهي ٿو، هاٿي جهڙي جنهن جي هلٽي آهي، اهو سپن ۾ سرجيل موتين جهڙو مٽيادار ماڻهو جس ڪٿڻ وارو جلال آهي.)

## جوجهار سنگهه جا دوها ۽ سورٺا:

چيلهار جي ساڏور سوڍن ۾ جهُوجهار سنگهه ناليوارو سخي ٿي گُذريو آهي، جنهن جو نالو پُوري صحرا ۾ ڳائجي ٿو. پروفيسر شڪتيڏان جي لکيل ڪتاب"سوڍائڻ" ۾ ان جو چڱو ذڪر ڪيل آهي. جُوجهار سنگهه جي پيءُ جو نالو مانسنگهه هو. جونجهار سنگهه جو پُٽ چهنسنگهه ٿيو جنهن جو پٽ آپنجِي هو.

جُوجهار سنگهه تي سِرجيل لوڪ ڪوتا مان ڪوي چمن چارڻ جِي شاعري لوڪ ۾ مقبول رهي آهي. اهڙيءَ ريت ٻين چارڻ ڪوين ٻه جوجهار سنگهه کي ڳايو آهي:

جاچڪ پالتو، جوجهو، امر مڇ پالتو مهراڻ،
ڪوَ آيا ريجهان ڪرين، انجسي گيډ امراڻ.

(جوجهو جاچڪ ائين پالي ٿو، جيئن مهراڻ دريا مڇ پالي ٿو، ڪوي(چارڻ) اچي ريجهي رهاٽيون ڪن ٿا. گيډ امراڻ(پنهنجي سپوت سوڍي تي) فخر ڪري ٿو) [76]

هل هنئان ڪر هام، هلي جوجهو جانچسان،
منگتا ٽٺو وسرام، موٺو سُت مهاسينگهه رو.

[76] سوڍو سورج سريکو، انجسي گيډ امراڻ





(اي منهنجا جيءُ! هلڻ جي ڪر، اُتي هلي صدا هڻ جتي جوجهي جِي جوءِ آهي. اها جوءِ ڳولي جوجهي کي ڏسنداسين. جُونجهار سنگهه، ماسينگهه جو سَپُوت پُٽ، ڏاتار ۽ گهرندڙن جو وڏو آسرو آهي.)

ڪوٽان اوپر ڪوٽڙي، ڪوٽڙي اوپر جاڙ
جوجها ٿانري ذات، جايو نہ جنمسي.

(ڪوٽن کان جونجهار سنگهه جي ڪوٽڙي (اوطارو) مٿي آهي، اوطاري کان وري اها ڄار مٿي آهي، جنهن جي هيٺيان جوجهار سنگهه سخاوت ڪري ٿو. جوجها تنهنجي ذات مان اڳ نہ اهڙو سخي جنميو آهي، نہ وري اهڙو پيدا ٿيندو.)

ٿي ڏهي وڙ ٿاٽ، نت گرٽي امل گڙئي،
رنگ هو سگلي ڍاٽ، تنان رنگ جوجها راجوي.

(جوجهار جي اوطاري ۾ ڏهي جون وٽين ڀري ماڻهو پيئن ٿا. روز ڪاري غنودي ڪٽڪي ڳري ٿي. اي ڍاٽ تنهنجي سياڳي ڌرتي کي جس آهي، جس جوجها راجوي توکي آهي.

## رامي ٻوچيئي جو سورٺيو

چارنور جي رهواسي ٻوچيئي نک جي رامو مينگهواڙ سخت ڏڪار ۾ غريب ماڻهن کي رٻ پياري ورهيہ ڪٽايو ويو. چارڻ ڪوي رامي جي مهمانوازي کي ساراهيندي چيو آهي تہ:

ٻيتاليهہ ۾ ٻوچيئي رامي پياڙي رٻ
سيري ري سمتول، راٻ ٿانري راميا

(سخت ڏڪار ۾ رامي ٻوچيئي(ماڻهن کي) رٻ پياري، اي راميا! تنهنجي رٻ سيري (حلووي) جي برابر هئي)

## جئهليو سمي جو دوهو

راءِ ڀارو سمو تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ڪاروڙي مان پرڏيو هو هُن جو

پٽ راءِ جئهليو وڏو سوروير ۽ سخي هو. چارڻ ڪوي ساک ڏيندي چوي ٿو ته:

جئهليان پاري ٽٽان، جگ ڦري جوئي،
ذات سموڙ سيڪو رات سموڙ نہ ڪوئي

(سارو جڳ ڦري ڏسجان پر پاري سمي جي پٽ جهليئي جي جوڙ جو ڪوئي نہ آهي، هن جي ذات جا سوين ملي ويندا پر هن جي جنم جي رات پنهنجي آهي. )

## لاڏو ۽ لکمڻ ڪولهي جو دوهو

پارڪر جي پٽ جا رهواسي لاڏو ۽ لکمڻ وڏا بهادر ۽ اوطارو هلائيندڙ هئا. چارڻ ڪوي سخاوت ۽ مهمان نوازي ڳائيندي چيو ته:

مکواٽي ني ڪونڙي، آئي ورڻ ٿانري آڏار
لاڏو لکمڻ ورچي نهين، ڪولهي ساک ٽٽا سردار

(مکواٽي ڪولهي جي ڪونڙي (اوطارو) اي آئي (شڪتي) ورڻ تنهنجي آڌار آهي. (اوطاري ۾ مهمانن جي آڌر مان ڪندي) لاڏو ۽ لکمڻ ڪڏهن ورچيا نہ آهن، هي ڪولهي ذات جا سردار آهن)

## ڪيسر ڪولهڻ جو دوهو

پارڪري ڪولهين ۾ ڪيسر ٻائي جو نالو مهمان نوازي ۾ مشهور آهي، ٻائيتاليهہ جي ڏڪار ۾ ڪيسر ٻائي چارڻ ڪوين جي سار لڌي هئي:

ڪيسر ٻائي ڪوبان ني پترو جيم پالي،
مامسال پيئر آن ساسرو، ترٽيئي اجالي

(ڪيسر ٻائي ڪوبن(چارڻن) کي (ڏڪار ۾) پٽن جيان پالي رهي آهي، ناناڻا، ڏاڏاڻا ۽ ساهراڻو گهر ٽنهي کي هن (پنهنجي سخاوت سان) اجاري ڇڏيو آهي)





## مدي ڪتاب ۽ ماڻهو:


1. تاريخ ريگستان(سنڌي) رائچند هريجن، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1956ع
2. راجستاني زبان و ادب (اردو) باغ علي شوق، ڇاپو پهريون، چوهاڻ پبلشرز چوهاڻ بلڊنگ گز درآباد، ڪراچي، 1992ع
3. سوڍائڻ(هندي: ڪوي چمن چارڻ جي ڪوتا)، تحقيق ۽ ترتيب: پروفيسر شڪتي ڏان ڪويا.
4. جُونجهڻو منڊل ڪا اتهاس"(هندي) ڪنور رگهناٿ سنگهہ
5. ويرونود(هندي) شيامداس
6. چارڻون رين واتان (هندي) ناڪر نارسنگهہ جسول
7. پراڻو پارڪر ليک مگهارام اوجها سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2006ع
8. تاريخ راجستان حالات مارواڙ ليک ڪرنل جيمس ٽاڊ، انڊس پبليڪيشنز فريد چيمبرز عبدالله هارون روڊ ڪراچي. 1991ع
9. شاهہ جو رسالو هوتچند مولچند گربخشاڻي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع
10. رنگ پني (هندي)، پروفيسر شڪتي ڏان ڪويا.
11. ڏر مجلان ڏر ڪوسان(هندي): ظهور خان مهر
12. ڇهہ ماهي تحقيقي جرنل ڪارونجهر ايڊيٽر ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري جلد 8، شمارو: 15، ڊسمبر 2016ع سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪيمپس، باباءِ اردو روڊ، ڪراچي.
13. لوڪ ساگر جا موتي، پارومل "پريم" پارڪري، پارڪري آڊيوويزل، ميرپورخاص.2000ع
14. سنڌي لوڪ ادب مضمون ۽ مقالا، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع
15. سنڌ جي سوڍن راجپوتن جي اتهاس جي هڪ جهلڪ، پروفيسر شيام داس جوشي. سندر رليجس بڪ ٽرسٽ مٺي، 2011ع.
16. ڪڇ جو رڻ، محمد سومار شيخ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2006ع
17. هري رس، مهراج مولچند منسکداس، مفيد پرنٽنگ پريس، رشي گهاٽ روڊ،

قليلي حيدر آباد. 1968ع

18. وينجهار، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو آزاد ڪميونيڪشز ڪراچي. 1992ع

19. سڏونت سارنگاهه(سنڌي) محمد عثمان ميمڻ"اديب" سال 1978ع. پاپولر پرنٽر س، عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

20. ڍولامارو/دهولا مارو(سنڌي/اردو) آغا سليم، اپريل 1985ع، لوڪ ورثا اشاعت گهر اسلام آباد.

21. 'In the praise of Death' Writer Janet kamphorst Leiden University press 2008

22. Asian Folklore Studies, Volume 59,2000

23. مهراڻ رسالي جا مختلف پرچا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

24. ڪاوش دنيا مئگزين جا مختلف پرچا.

25. هفتيوار ٿر نيوز مٺي(مضمون:"عمرڪوٽ" 10 فبروري 2003ع)، ليڪ: حليم باغي

26. هيمراج سوٿهڙ ۽ سترام داس سوٿهڙ ; هي لوڪ ڏاهپ جا وينجهار چيلهار جا رهواسي ۽ رقم الحروف جا چاچا آهن، هيمراج 2003 ۾، سترام داس 9 فيبروري 2016 ۾ وفات ڪري ڪيو آهي. هيمراج سگهڙ 7 سترام داس پڳتي راڳ ڳائيندو هو. خاص طور ڏونگر پري، ڪبير پڳت ۽ روحل فقير جو راڳي هو.

27. نارائڻ ڏان چارڻ، گڱيس ڏان چارڻ ۽ ڪرشن ڏان چارڻ، گڊڙي چارڻ جا رهواسي آهن جن مون کي پنهنجن پائرن جيان پانيو هر وقت منهنجي رهنمائي ڪئي.

28. ڪيسو ڏان چارڻ ڪاروڙي چارڻ جو رهواسي آهي. عمرڪوٽ جي هن نامياري سگهڙ سان ڪڏهن ڏيول ديوي جي آستاني تہ ڪڏهن سنڌس اوطاري تي ڪچهري ٿي. سائين ڪيسوڏان جو پٽ، پورڏان هر ويلي مون کي آڌر مان ڏيندو رهيو.

29. جڳت ڏان چارڻ ڪوي ڏيسر جو فرزند آهي. هن وقت نيو ڇور رهي ٿو.

30. منگل سنگهہ ڏانڌل رانوڙ 16 مارچ 1955ع تي تعلقي مٺي جي ڳوٺ ڪڪراڙيو ۾ جنم ورتو ۽ ريگستان جي تاريخ، ثقافت ۽ لوڪ ادب جي





وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي ميدان جو شهسوار آهي. چارڻ جي دوهن توڙي جيون خاڪن کي هندي ڪتابن سان پيٽڻ ۽ انهن تان اُتار ڪري ڏيڻ ۾ هن پنهنجي اوتاري جا در منهنجي لاءِ کولي رکيا. منگل سنگهہ جي تعليم ايم اي ۽ ايل ايل بي آهي. سماج سڌارڪ سرگرمين سان گڏ ڪتاب گڏ ڪرڻ سندس دل گهريو ڪم آهي.

31. ڪيتو جو سوٿهڙ جي گهر ۾ 12 آگسٽ 1935ع تي جنم وٺندڙ سائين گرڌاري لال ٿر جو نامياري استاد ۽ ترجمي نگار آهي. سائين گرڌاري لال 1950ع ۾ فائينل پاس ڪيو. 1مئي 1951ع تي پرائمري استاد طور پڙهائڻ شروع ڪيو. 12 آگسٽ 1982ع تي سرڪاري ماستر طور رٽائرمينٽ ڪئي پر ذاتي طور تي اڄ بہ هڪ استاد جي حيثيت ۾ پاڙي جي ٻارن کي پڙهائيندو رهي ٿو. هندي، مارواڙي، گجراتي مواد کي ترجمو ڪرڻ ۾ هر وقت منهنجي لاءِ پنهنجي اوتاري جو در کولي رکيو.

32. ڪوي هيمڏان چارڻ جو هن ڪتاب ۾ ڪافي تذڪرو ٿي چڪو آهي، پاپوهر وچڻ ڪان پوءِ وڪيل راءِ سنگهہ سوڍي جو اوطارو اسان جي آجيان ۾ رهيو. راتين جون راتيون هيمڏان سان ڪچهريون ڪيون آهن، رائسنگهہ ۽ پريم سنگهہ جو پيارو ساٿ وڏي وٿ رهيو.

33. هاشم فقير، ٿر جو سگهڙ ۽ شاعر آهي، سندس اصل ڳوٺ منڙيو چارڻ آهي، پر هن وقت مٺي ۾ رهي ٿو. هن نوجوان سان منهنجي ملاقات نرسنگهہ سوڍي ڪرائي.

34. مهراج آتم چند ولد سروپ چند اوجها چيلهار جو رهواسي آهي، هن مانائتي استاد هندي ۽ گجراتي مواد کي سنڌي ويس ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪئي.

35. ماستر جمال دين مڱڻهار، ٿر جو ناميارو سگهڙ ۽ استاد آهي. اصل ڳوٺ جيسي جو پار آهي. هن وقت عمرڪوٽ لڳ پنهنجي نالي سان"جمال دين جي ڍاڻي" نالي ڳوٺ آباد ڪري رهي ٿو. ملير جي مهڪ ۾ رچيل جمال دين سان ملڻ ۾ مون کي دير ٿي وئي. آئون جڏهن مليس فالج جي حملي سبب هن کي ڳالهائڻ ۾ تڪليف هئي. پر پوءِ ڊاڪٽر عبدالعزيز جي اوطاري ۾ هن سا ڀرپور ڪچهري ٿي. هر دوهي تي گوندر گنگهرو ٿي هن جي زبان تي وجي رهيا هئا.